ڪوالالمپور
ڪجھ ڪوھ

(سفرنامو)

كوالالمڤور كجم كوم

ڪوالالمپور ڪجهه ڪوهه

(سفرنامو)

الطاف شيخ

نيو فيلڊس پبليڪيشنس
ٽنڊو ولي محمد حيدرآباد سنڌ.
1998ع

نيو فيلڊس پبليڪيشنس جو ڪتاب نمبر اٺاسي

ڇپائيندڙ	نيو فيلڊس پبليڪيشنس ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ.
ڇپيندڙ	القادر پرنٽنگ پريس، ڪراچي.
ٽائيٽل ڪئليگرافي	فتاح هاليپوٽو
ڪمپيوٽر ڪمپوزنگ	بشير احمد جمالي
پهريون ايڊيشن	نومبر 1986ع
ٻيو ايڊيشن	آگسٽ 1998ع
قيمت	[redacted]/- رپيا
پڪي جلد سان	[redacted]/- رپيا

150

(سڀ حق ۽ واسطا قائم)

KUALALUMPUR KUJH KOH (Travelogue) Written by ALTAF SHAIKH. Published by New Fields Publications, Tando Wali Mohammad, Hyderabad Sindh. Pakistan. First Edition November 1986. Second Edition August 1998. Price per Copy Rs. [redacted]/-
Book No. 88

فهرست

ڪوالالمپور ڪجهہ ڪوهہ

1- انتساب ـــ سلطان صديقي نالي 7

2- ملئي زبان جي ڪجهہ لفظن جي سمجهاڻي 14

3- ڪوالالمپور ۾ هڪ رات 19

4- ڪوالالمپور پهچي ڇا ڏسجي؟ 41

5- ڪوالالمپور ـــ هڪ ماڊرن شهر 51

6- ”ملائيشيا ـــ دنيا جو وڏو پيلو“ 62

7- ڪوالالمپور ۾ ميلو ۽ گلدستو 68

8- ملائيشين جي ’انگلش لا‘ (English -Lah) 71

9- ٻي جوءِ ونيو پيو اچي.... 74

10- تصويرون 81 کان 96

11- انتوق ڪيريتا اندا..... 98

12- ملائيشيا جو حڪومتي نظام 104

13- ”نون ديوتائن جي ولادت“ 107

14- مغرب مشرق کي غلط سمجهي ٿو 112

15- ڊبلي ڇاپ اڪٽر 130

16- منهنجو فوٽو نہ ڪيندين ڇا؟ 136

17- رستن تي چڪر.... 142

18- ”ملئي ماڻهو منائين جا شوقين“ 153

19- "ناريل ـــ ملئي ماڻهن جي جيءَ جو جياپو" 157
20- "ٿائيپوسام ۽ پونگال" 164
21- ڪوهه اچي چتي ٿي آهين.... 175
22- سنڌي سئيڊن ۾ 179
23- چيني ـــ سياٽا واپاري 181
24- موت ڪان پوءِ ملاڪا ڪان مچر 183
25- موت ڪان پوءِ.... 187
26- تصويرون 193 ڪان 208
27- سنگيتا، شاهين، چڪوري ۽ آسيم ڪي جيئن وٽي تيئن ڪن 209
28- ڪانگ ـــ عاشقن جو فئوريٽ پکي 211

انتساب

پياري ڀيڻ

سلطانه صديقي نالي



آپاسلطانه جون ڪجهه Plus Points جن جو قدر ڪرڻ ضروري سمجهان ٿو: هوءَ بيحد محنتي آهي. هر ڳالهه صاف ۽ ڪري چوي ٿي، چاهي ڪنهن کي پسند اچي يا نه ـ منافق ناهي. هوءَ Self Made ماڻهو آهي. هن جي سوچ انفرادي ناهي. هوءَ خود غرض ناهي ۽ هر وقت ٻين جو به خيال رکي ٿي. هن نه رڳو قول سان پر فعل سان پڻ اهو ثابت ڪري ڏيکاريو آهي ته انسان جي قسمت ناهڻ ۾ هن جو هٿ پڻ رهي ٿو ۽ الله به انهن جي مدد ڪري ٿو جيڪي پاڻ به سچي دل سان ڪوشش ڪندا رهن ٿا. پاڻ پنهنجن ڏکن کان وڌيڪ ٻين جا ڏک پنهنجا سمجهي ضرورتمندن جي مدد ڪري ٿي. هن وقت الله جي فضل سان هوءَ پئسي ڏوڪڙ، عزت، مان، درجي ۽ نوڪريءَ ۾ ڪيترن کان مٿاهين آهي پر سندس وهنوار، اڄ به، غريب توڙي امير سان اهوئي ساڳيو آهي جيڪو

پهرين هو. سلطانہ پنهنجي والدين ۽ پاڻ پينرن وانگر بيحد Religious آهي ۽ سندس دل ۾ هر وقت خدا جو خوف رهي ٿو. تيزي، مغروري، وڏ ماڻهپي جهڙين شين کان هر وقت پري رهي آهي ۽ بيحد Humble قسم جي عورت آهي. Face Value ۾ يقين رکي ٿي پر ساڳي وقت ماڻهوءَ ماڻهوءَ جي پرک پڻ اٿس. سٺن، نيڪ ۽ محنتي ماڻهن جو قدر ڪري ٿي.

آپا سلطانہ سان منهنجي ڏيٺ ويٺ تڏهن کان آهي جڏهن کان هن جي شادي بہ نہ ٿي هئي ۽ چاچي امداد قاضيءَ جي ڌيءَ يا اسان کان سال بہ ننڍي دوست جهانگير صديقي جي پيڻ سڏبي هئي. هو حيدرآباد جي گاڏي کاتي ۾ رهندا هئا. منهنجي ناني جو گهر بہ اتيئي هو. هندو عامل فئملين بعد حيدرآباد جي گاڏي کاتي جون ڪجهہ سنڌي مسلمان فئمليون پڻ بيحد Disciplined سمجهيون ويندڍيون هيون جن جي ٻارن اڳتي هلي تعليم توڙي واپار وڙي ۾ نالو پئدا ڪيو. اسان جي نانيءَ جو پاڻ مرزا عبدالرحمان (جسٽس حامد عليٰ مرزا جو والد صاحب)، ٽنڊو ڄام جو چاچو ماستر محمد يعقوب ميمڻ (سراج ميمڻ، ڊاڪٽر فهميده حسين ۽ منهنجي ڪلاس ميٽ مصباح الحق جو والد صاحب)، سائين حاجي نور احمد انصاري صاحب (ڪئپٽن سڪندر بخت 'بادشاهہ' ۽ فاريسٽ ڪنزرويٽر محبوب عالم جن جو والد صاحب)، چاچو محمد صالح ميمڻ (خالد، طارق، ڊاڪٽر فهميده ـ مسز اقبال جماڻي جن جو والد صاحب)، علي حسن قادري صاحب، ان کان علاوه ڊاڪٽر قمر گاڻاڪالاجسٽ، سنڌ سيڪريٽري ماهتاب (چنہ)، ٽي وي جو فنڪار فريد نواز بلوچ وغيره وغيره جهڙن مشهور شخصيتن جا والدين پڻ اتي ئي رهيا ٿي. آپا سلطانہ وارن جي فئملي پڻ انهن مان هڪ هئي. اهي سڀ نہ گهڻي ملڪيت وارا هئا نہ ڪين محل بنگلا هئا. سڀ پورين پنين نوڪرين ۾ هئا. ايمانداريءَ سان پورهيو ڪري حق حلال جي روزي حاصل ڪندا هئا ۽ سڀ نهايت سادگيءَ سان رهيا ٿي. منجهن ڪنهن بہ قسم جو ڏيک يا شوبازي نہ هو. ۽ نہ هنن ڪنهن جي دل آزاري ڪئي ٿي. هنن لاءِ اولاد جي تعليم ۽ تربيت ڏي ڌيان ڏيڻ سڀ ۾ اهم هو.

پاڙي جي ٻين مسلمان عورتن وانگر آپا سلطانہ جي والده وٽ پڻ ڪي يونيورسٽي جون ڊگريون ڪٿي نہ هيون، پر علم، اخلاق ۽ مذهبي ڄاڻ ۾

ھوءَ پڙ ھئي. ھن پنھنجي اولاد ۾ ھر سٺي ڳالھہ ڏسڻ چاھي ٿي. ھن، ھنن جي اٿڻي ويھڻي، ڳالھائڻ ٻولھائڻ تي نظر رکي ٿي. ھنن کي پابندي سان، روزانو اسڪول مان موٽڻ ۽ ماني کائڻ بعد ھوءَ پنھنجين نظرن ھيٺ وھاري کين پڙھڻ لاءِ چوندي ھئي. مُنو (ايئر ڪموڊور منور) تہ تمام ننڍو ھو. ٻھرين ٻا ٻئي ۾ پڙھندو ھوندو، راجا (جھانگير)، ڪِڪي (ڊاڪٽر خورشيد) توڙي سلطانہ ۽ شمس ٽيبل جي چوڌاري گڏ ٿي ويھي پڙھندا ھئا.

”ان مان اھو فائدو ٿيو،“ سلطانہ اڄ بہ مڃي ٿي، ”تہ ڪڏھن ھوم ورڪ نہ ھوندو ھو تہ بہ وقت گذارڻ لاءِ ڪجھہ نہ ڪجھہ پڙھڻو پوندو ھو. ساڳي وقت ڪا ڳالھہ سمجھہ ۾ نہ ايندي ھئي تہ اتي موجود وڏي ڀاءُ يا ڀيڻ کان پڇي وٺبي ھئي.

سلطانہ جي وڏي ڀاءُ مظھر صديقيءَ ائين محنتون ڪري، ملڪ جا اعليٰ امتحان پاس ڪري صوبائي ۽ فيڊرل سيڪريٽري ٿيو، وائيس چانسلر ٿيو ۽ ھينئر پبلڪ سروس ڪميشن جو چيئرمين آھي. اھڙي طرح ٻيو ڀاءُ ڊاڪٽر قمر صديقي نہ فقط ڊاڪٽر ٿيو پر شروع کان محنتي، ھوشيار ۽ نيڪ ڊاڪٽر سمجھيو وڃي ٿو. ماڻھو چون ٿا تہ قدرت ھن جي ھٿن ۾ شفا رکي آھي. منھنجي خيال ۾ قدرت سندس ھٿن ۾ تڏھن ئي شفا ڏني آھي جڏھن ھو ايماندار ۽ محنتي آھي. غريبن جو ھڏ ڏوکي آھي. ھو غلط دوائون ۽ سُيون ھڻي پئسا ڦري شراب ڪواب ۽ ناچ گانن پٺيان نٿو وڃائي. پئسي جي لالچ نہ اٿس ۽ نيت صاف اٿس. ھا، ڊاڪٽر قمر توڙي آپا سلطانہ جي ٻين ڀائرن ڀينرن لاءِ اھو چيو وڃي ٿو تہ ھو سخت طبيعت يا شوخ مزاج جا آھن. جيڪا سندن وڏ ماڻھپي يا تيزي ناھي پر ھو، جيئن تہ مٿي لکي آيو آھيان، ننڍپڻ کان ھڪ Disciplined زندگي ۾ رھيا آھن ان ڪري پاڻ بہ ان ئي قسم جو Discipline چاھين ٿا. چيڙاڪي يا ترڙپائي کي پسند نٿا ڪن. ھنن وٽ ھر ڳالھہ سٺائي ۽ خرابي تي پرکي وڃي ٿي. سچ سچ آھي ڪوڙ ڪوڙ آھي. ادا مظھر صديقي کان ٿي سگھي ٿو ڪجھہ پنھنجن کي بہ شڪايت ھجي تہ ھن انھن جا ڪم نہ ڪيا ھجن. ھن اھي ضرور نہ ڪيا ھوندا جو اھي انصاف موجب ڪرڻ جھڙا نہ ھوندا. ۽ جي ڪرڻ جھڙا ھوندا ـ سچ تي مبني تہ پوءِ ھن ڏارين جا بہ ڪيا ھوندا. سٺي ڳالھہ کي ھو سٺوئي چون ٿا پوءِ اھا

سٺي ڳالهہ ڪٿي ڪنهن بہ چئي هجي. هندو مسلمان، سنڌي مهاجر پنجابي يا شيعو سني پنهنجي جاءِ تي پر جيڪو نيڪ ۽ سچار آهي، هنن ان جي گڻن کي ضرور مڃيو ۽ ساراهيو هوندو. هو هميشه سٺيون ڳالهيون پنهنجو پاڻ ۾ ۽ پنهنجن ۾ پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. هنن ڪڏهن بہ انسان ذات يا زبانن سان نفرت نہ ڪئي آهي. ائين جي هجي ها تہ سنڌن هڪ پيڻ آپا شاهجهان ڪڏهن بہ غير سنڌين مان شادي نہ ڪري ها. ۽ ڇا اها حقيقت نہ آهي تہ سنڌس مڙس اقبال جعفر ڪيترن ئي ضرورتمند سنڌين جي مدد ڪئي هوندي جيڪا ڪنهن پنهنجي سنڌي وڏيري، پير، ايم اين اي بہ پنهنجي علائقي جي غريب عوام سان نہ ڪئي هوندي.

سلطانہ تي وي تي هڪ وڏي عهدي تي پهچڻ کان علاوه ڪيترن ئي فلاحي ادارن ۾ پڻ ڪم ڪري ٿي. پاڻ سنڌ گرئجيوئيٽ (SGA) جي عورتن جي شاخ جي وائيس پريزيڊنٽ آهي. سگا جي عورتن جي برانچ هن سال پن ۾ جيڪڏهن گهٽو نہ تہ مردن جي مقابلي جو ڪم ضرور ڪيو آهي. ان تان مونکي ياد ٿو اچي تہ جڏهن سگا ناهي وئي هئي تہ شروع شروع ۾ ڪراچي جهڙي شهر ۾ بہ عورتن جو فقط نالوهو. ميٽنگ يا فنڪشن اٽينڊ ڪرڻ وارا هوندا فقط مرد هئا. ڳالهہ هرڪو ڪندو هو پر ڪوبہ پارن ٻچن کي وٺي نہ ايندو هو. پوءِ ماحول ڪجهہ ڪجهہ اوطاق وارو ٿيڻ لڳو هو. ڪجهہ ڪم جون ڳالهيون ٿينديون هيون تہ باقي چرچا پوڳ - جيڪي چرچا گهٽ گارگند، گلا ۽ Loose Talk وڌيڪ هئا. ظاهر آهي تہ اهڙين محفلن ۾ (يعني تن ڏينهن ۾، ستر جي شروع وارن سالن ۾) ڪوبہ فئملي سان اچڻ سٺو نہ سمجهندو هو. ساڳي وقت ڪيترا دوست هئا - شمشير حيدري، ڊاڪٽر سليمان، نذير چنا، بخش علي لاکو، محمد بخش شاهاڻي، خان محمد پنهور، حضور بخش آزاد جتوئي جهڙا جيڪي هميشه 'مليل گڏجاڻين' جي وڪالت ڪندا هئا پرجڏهن بہ دعوت ٿيندي هئي تہ هرڪو اڪيلي سر ايندو هو.

ان قسم جي هڪ دعوت، 1976ع جي لڳ ڀڳ، ڪراچي جي هوٽل انٽر ڪانٽينينٽل (هاڻوڪي پرل) ۾ ٿي. ان ۾ پنجاهہ سٺ کن سگا جا ميمبر هئا. عورت ڪابہ نہ هئي. دستور موجب **هڪ** ملاڪڙو متل هو. اڄ ڪو مڃي يا نہ پر مونکي چٽيءَ طرح ياد آهي تہ ميٽنگ شروع ڪرڻ

لاءِ ڊاڪٽر سليمان شيخ راسٽريوم ڪي رکي رکي بيدرديءَ سان ڪُنِي رهيو هو تہ جيئن هال ۾ ماٺ ٿئي. ايتري ۾ ادا مظهر صديقي هال ۾ داخل ٿيو. ساڻس گڏ سندس زال پاڄائي اختر ۽ ڀيڻ سلطانہ هئي. هال ۾ خاموشي ڇانئجي وئي. ميٽنگ شروع ٿي. پڪ اٿم تہ مون وانگر ڪيترا احساس جرم محسوس ڪري رهيا هوندا تہ ادا مظهر ڪي شاباس هجي جيڪو فئملي سان آيو آهي ۽ دعوت هوندي بہ اسان مان ڪوبہ فئملي وٺي نہ آيو. منهنجي پرسان، ان وقت، لاڙڪاڻي جو اختر عباسي (پي پي جي وزير حاجي منور علي عباسي جو پاءُ) ويٺل هو تنهن مونکي آهستي چيو: ”اسين سنڌي جيسين سڄي گهر جي سوچ ۾ تبديلي نہ آڻينداسين تيسين اسان جو اڳتي وڌڻ ڏکيو آهي. اسان مان هر سنڌيءَ کي رڳو پنهنجو پاڻ کي وڏيرو نہ سمجهڻ کپي. عورتن کي بہ اهميت ڏيڻ کپي جيڪي اڳتي هلي اسان کان بہ وڌيڪ بهتر رول ڪري سگهن ٿيون، پيو نہ تہ پنهنجن ٻارن جي ئي بهتر رهنمائي ڪري سگهن ٿيون. اڄ ادا مظهر وڏي همت ڪئي آهي.“

پر ان ڏينهن ادا مظهر کان وڌيڪ همت آپا سلطانہ ڪئي جنهن ميٽنگ ختم ٿيڻ ۽ چانهہ پيئڻ لاءِ ٻاهر نڪرڻ وقت اڳيان وڌي اچي سيني کي شرمايو تہ ”هي گڏجاڻي جڏهن فئملي گڏجاڻي هئي تہ پوءِ منهنجا ڀائر پنهنجين زالن ۽ ڀينرن کي ڇو نہ وٺي آيا.....“ وغيره. سندس تقرير جادوئي اثر ڪيو. ان ئي وقت سندس پر ۾ ويٺل ڊاڪٽر سليمان ۽ هڪ ٻن ٻين مائيڪ ذريعي اعلان ڪيو تہ هو وعدو ٿا ڪن تہ آئندي سلطانہ صديقيءَ جي ڳالهہ تي عمل ڪندا.

سلطانہ جي مٿين مختصر تقرير، نصيحت يا ٽوڪ بم ثابت ٿي ۽ اسان جي سوچن ۾ انقلاب آندو جو پي ميٽنگ کان مون ڏٺو تہ سگا جي ميٽنگن ۾ عورتن جو تعداد وڌندو رهيو. اسان جا ويندي اهي ميمبر جن جون زالون ڏورانهن ڳوٺن کان ڪراچي جهڙي شهر ۾ پهريون دفعو آيون هيون انهن بہ اچي شرڪت ڪئي ۽ اهو سلسلو وڌندو رهيو. اڄ ويهارو سالن بعد اهو معلوم ڪري خوشي ٿي ٿئي تہ انهن عورتن مان ڪيترين سگا لاءِ ـ يعني پنهنجين ضرورتمند ڀيڻن لاءِ، زندگي جي ڪيترن ئي شعبن ۾ خدمتون ڏنيون آهن. تعليم جي ميدان ۾، صحت جي ميدان ۾ ۽ ٻين سماجي ڪمن ۾. اڄ اسان جي ٻي پيڙهي ـ يعني سندن اولاد پڻ

نيڪ ڪمن ۽ سوچن ۾ اڳيان اڳيان آهي. ڊاڪٽر فهميده حسين، سلطانہ وقاصي، ماهتاب راشدي، زبيده ميتلو، شيرين قريشي، شبنم موتي، عاليه سومرو، حميده، مارئي وغيره شروع جي ۽ بعد جي ميمبرن مان ڪجهہ مثالي شخصيتون آهن. سو سگا جي پراڻن ماڻهن جي اڄ بہ ملاقات ٿيندي آهي تہ سلطانہ صديقيءَ ڪي سٺن لفظن ۾ ياد ڪيو ويندو آهي.

سلطانہ صديقي سِگا کان علاوه ڪراچي جي آرٽس ڪائونسل جي بہ نہ فقط ميمبر آهي پر سالن کان ان جي مئنيجنگ ڪميٽي تي آهي ۽ ملڪ جي اديبن، شاعرن، آرٽسٽن ۽ فنڪارن جي همت افزائي ۾ سندس هٿ رهيو آهي. پاڻ پهرين سنڌي عورت آهي جيڪا بزنيس ائنڊ پروفيشنل وومن ائسوسيئيشن جي ميمبر ٿي جيڪا عورتن جي هڪ بين الاقوامي ائسوسيئيشن آهي. سندس ميمبر ٿيڻ کان اڳ هن اداري جي سنڌ ۾ ڪابہ شاخ نہ هئي. هاڻ سڄي سنڌ ۾ ان جون برانچون آهن جن کي قائم ڪرڻ ۾ سلطانہ لڳاتار جاکوڙ وني ڪاميابي حاصل ڪئي.

سنڌ يونيورسٽيءَ مان گرئجيوئيشن ڪرڻ بعد سلطانہ پيڻ جي شادي ٿي. ڪجهہ عرصي بعد 1973ع ۾ اسان سندس علحدگي جي بئڊ نيوز ٻڌي. هتي آئون اها وڪالت ڪرڻ نٿو چاهيان تہ آيا آيا سلطانہ صحيح هئي يا غلط. هي ذاتي معاملا ۽ اڻ ٻٽون اسان جي معاشري جو هڪ حصو آهن. اها ٽرئجڊي ڪنهن جي بہ پيڻ يا ڌيءَ سان ٿي سگهي ٿي. ان ۾ ڪنهن کي خدائي فوجدار ٿي پنهنجا چڙواڳ رايا ۽ فيصلا نہ ٺاڦڻ کپن. سلطانہ توڙي هن جي مائٽن ان قسم جي صدمي واري ڳالهہ کي برداشت ڪري ان کي وساري ڇڏڻ ئي چاهيو ۽ هن کي ذهني طرح مشغول رکڻ لاءِ ٽي وي وغيره تي ڪم ڪرڻ لاءِ همٿايو.

آئون سلطانہ کي اهم، دلير، قابل تعريف ان ڪري نٿو چوان تہ هن سان اها بدقسمتي ٿي پر منهنجي نظرن ۾ هوءَ ان ڪري هڪ اهم شخصيت آهي جو هن پنهنجي ان بدقسمتي لاءِ ڪنهن کي بہ ڏوهاري نهرائي دنيا جهان سان لڳ لڳاپا نہ لاٿا. هن جنهن همت سان پنهنجو پاڻ سنڀاليو، ماڻهن ۽ معاشري کي منهن ڏنو ۽ Single Parent جي حيثيت سان ٻارن جي تعليم ۽ تربيت ڏي ڌيان ڏئي ڪين وڏو ڪيو اها اسانجي معاشري جي عورت لاءِ هڪ مثالي ڳالهہ آهي. علحدگي وقت سندس

ننڍو پٽ دريد ٻن سالن کان جو مس هو ۽ اڄان هاڻ اسڪول وڃڻ شروع ڪيو هئائين. اڄ سندس ٽئي ٻار تعليم پوري ڪري وڏا ٿي ويا آهن. وڏي پٽ شنيد قريشيءَ مهراڻ انجنيئرنگ يونيورسٽي مان انڊسٽريل انجنيئرنگ ۾ B.E ڪئي ۽ سڄي يونيورسٽي ۾ فرسٽ ڪلاس فرسٽ آيو ۽ هينئر پنهنجو بزنيس ڪري ٿو. (پاڻ العباس شگر مل جو مئنيجنگ ڊئريڪٽر آهي). ٻيو نمبر پٽ جنيد قريشي گذريل ڏهاڪو سالن کان آمريڪا (USA) ۾ آهي جتان ڪمپيوٽر انجنيئرنگ (Hard Ware) ۾ تعليم پوري ڪري هاڻ پنهنجو ڪاروبار هلائي ٿو. ۽ ننڍي دريد هاڻ MBA ڪئي آهي ۽ هو به پرائيويٽ بزنيس ڪري ٿو. شنيد جي شادي ڪجهه سال اڳ اسان جي اديب دوست مرحوم اشفاق قاضي جي ڌي ۽ ابرار ۽ امتياز قاضيءَ جي ڀائٽي مومل سان ٿي ۽ کيس ٽي ٻار آهن: شاهه مير، شاهزيب ۽ ڌيءَ شانزيح. جنيد ۽ دريد جي شادي هن سال ٿيڻ واري آهي.

سلطانا صديقي کي ڪيترائي قومي ۽ بين الاقوامي قسم جا ايوارڊ (انعام) ملي چڪا آهن. ڪجهه، جيڪي هن وقت منهنجي ڌيان ۾ آهن:

- پي ٽي وي ميوزڪ ايوارڊ.
- گرئجيوئيٽ ايوارڊ.
- پي ٽي وي سلور جوبلي ايوارڊ.
- سنڌ گرئجيوئيٽ ائسوسيئيشن گولڊ ميڊل.
- جرمن ٽي وي اسپيشل ايوارڊ، وغيره.

الطاف شيخ

2- مئي 1998ع

ملئي زبان جي ڪجھ لفظن جي سمجھاڻي

هن ڪتاب ۾ ڪيترائي ملئي زبان جا لفظ اچي ويا آهن جن مان ڪيترن جي معنيٰ يا سمجھاڻي اتي جو اتي لکي اٿم. بهرحال پڙهندڙن جي دلچسپي ۽ سهوليت لاءِ هتي انهن سيني لفظن ۽ ملائيشيا سان واسطو رکندڙ ڪجهہ شين/ ڳالهين جي معنيٰ/ مطلب هتي ڏيڻ ضروري سمجهان ٿو:

رنگٽ: ملائيشيا جي رپئي کي ڊالر بہ سڏجي ٿو تہ رنگٽ (Ringgit) بہ. هڪ رنگٽ ۾ هڪ سؤ سينٽ ٿين جن کي ملئي زبان ۾ سين (Sen) سڏجي. ڪو زمانو هو جو ملائيشيا، برونائي ۽ سنگاپور جو ڊالر هڪ ٻئي جي برابر هو پر هاڻ برونائي ۽ سنگاپور جو ڊالر مهنگو ٿيندو ويو. اها بي ڳالهہ آهي تہ ملائيشيا جو رنگٽ بہ اسان جي رپئي کان مهنگو ٿي ويو آهي. 1968ع تائين ملائيشيا جو ڊالر ۽ اسان جو روپيو برابر هو. ان بعد اهو ٻہ رپيا ٿيو. 1978ع ڌاري چار رپيا ٿيو. 1983ع ۾ جڏهن آئون نوڪري لاءِ پهتس تہ اهو پنجين رپئي کن هو ۽ 1990ع ۾ ملائيشيا ڇڏڻ وقت هنن جو ڊالر اسان جي نون رپين برابر هو جيڪو وڌندو وڌندو 1996ع تائين ارڙهن رپيا کن وڃي ٿيو. هاڻ تازي معاشي حادثي بعد اهو ٻارهن رپين تي وڃي بيٺو آهي.

بهاسا (Bahasa): معنيٰ 'زبان' جيڪو ڀاشا لفظ مان شايد نڪتو آهي. بهاسا ملايو يا بهاسا ملائيشيا معنيٰ ملائيشيا جي زبان - جنهن کي پاڻ ملئي سڏيون ٿا.

جالان: ملائيشيا پهچي توهان کي 'جالان' سان واسطو پوي ٿو.

جالان معنيٰ رستو. اهو لفظ هر روڊ تي لڳل بورڊ تي نظر ايندو. جالان تنڪو عبدالرحمان، جالان سلطان احمد، وغيره. هونءَ جالان معنيٰ 'هلڻ' بہ آهي. خدا حافظ چوڻ مهل گهر جا ياتي ويندڙ کي 'سلامت جالان' چوندا آهن معنيٰ رستي جي سلامتي هجنئي. ملئي زبان ۾ لفظن جي اڳيان PER، BER ۽ MEN ۽ پٺيان KAN ۽ AN ڳنڍڻ سان بيا بہ لفظ ٺاهي سگهجن ٿا. جيئن تہ Perjalanan معنيٰ سفر، مسافري.

Perjalanan dari Singapura ke kualalumpur mengambil masa 6 Jam.

(سنگاپور کان ڪوالالمپور تائين جو سفر ڇهہ ڪلاڪ وٺي ٿو)

ملئي زبان ۾ سنگاپور کي سنگاپورا سڏين. ۽ ڪلاڪ کي جام سڏين. پيٽرول پمپن تي اڪثر وڏن اکرن ۾ لکيل هوندو آهي. 24 JAM يعني چوويهہ ڪلاڪ کليل آهي. ان تي هڪ ڪارٽون ڇپيو هو تہ يورپ جو هڪ ٽورئرسٽ ان جو مطلب اهو سمجهي تہ هتي 24 قسمن جون جئمون وڪامن ٿيون. پيٽرول پمپ واري کي چوڻ لڳو:

"Please show me some Jams."

ڪمپونگ (Kampong) معنيٰ ڳوٺ، گهر، چار ديواري. ڪمپونگ بارو معنيٰ نئون ڳوٺ، ڪمپونگ لاما معنيٰ پراڻو ڳوٺ.

نگارا ـ ڪوالالمپور ۾ نگارا لفظ بہ گهڻو ٻڌڻ ۾ ايندو. نگارا (Negara) معنيٰ قومي. مسجد نگارا معنيٰ قومي مسجد، زور نگارا معنيٰ قومي چڙيا گهر. اهڙي طرح بئنڪ نگارا، ميوزيم نگارا، وغيره.

تُن، داتڪ وغيره ـ اهي هتي جي بادشاهہ طرفان ماڻهن کي مليل خطاب آهن جيئن خانبهادر، راءِ بهادر، سر وغيره.

تمن ـ باغ، چمن.

آير ـ پاڻي.

آير باتو ـ برف جو ڳوڙهو. باتو معنيٰ پٿر.

آير باتو چمپور (Air Batu Campor) ڳنڍيا ڪلفيون.

ناسي (Nasi) معنيٰ ڀت. سڪل چانورن کي Beras سڏجي ٿو.

ناسي ايام معنيٰ ڪڪڙ پت. ناسي ڪوسونگ معنيٰ ٿلهو پت.

ڪوسونگ ــ ٻڙي، صفر، خالي.

ڪوسونگڪان ــ (Kosongkan) معنيٰ خالي رکو. پارڪنگ جي جاين تي ڪن ٽڪرن تي لکيل هوندو آهي. معنيٰ اتي گاڏيون نہ بيهاريو. شروع جي ڏينهن ۾ مون سمجهيو تہ ڪوسونگ فقط انگ آهي ٻڙي (زيرو). ڪار پارڪنگ ۾ ڪوسونگ ڪان لفظ پڙهي تعجب لڳندو هو تہ ان جو مطلب ڇا ٿي سگهي ٿو. ٻڙي ڪريو ـــ ! ڇو تہ ملئي لفظ جي آخر ۾ Kan وجهڻ سان معنيٰ ائين ڪريو. پوءِ شايد هڪ ڏينهن پوليس واري چالان ڪيو، تڏهن خبر پئي تہ ڪوسونگ جي معنيٰ خالي پڻ آهي. ۽ ان هنڌ تي گاڏي نہ بيهارڻي آهي. هڪ ٻيو لفظ آهي ماتي (Mati) معنيٰ موت. ۽ ملائيشيا جي هر پيٽرول پمپ جي ٻاهران لکيل نظر ايندو آهي Matikan Injin جنهن جي لفظي معنيٰ ٿي انجن کي ماري ڇڏيو ــ موت ڏئي ڇڏيو. يعني پيٽرول وٺڻ مهل انجڻ کي بند رکو.

روٽي ــ ماني، اٽڙاٽو.

روٽي تلور ــ بيضي واري روٽي.

روٽي ڪوسونگ ـ رُکي روٽي، خالي ماني (بنا بيضي يا ڀاڄيءَ جي).

مندي ـ (Mandi) معنيٰ وهنجڻ.

Tiap Tiap Pagi saya Mandi.

(روز روز صبح جو آئون وهنجان ٿو.)

بِلڪ ـ ڪمرو.

بلڪ مندي ـ وهنجڻ جاءِ.

بلڪ دودوڪ ـ وهڻ جو ڪمرو، ڊرائنگ روم.

دودوڪ ـ وهڻ. آفيس يا گهر ۾ ملڻ لاءِ ڪو مهمان ايندو آهي تہ ملئي ماڻهن جي 'دودوڪ' 'دودوڪ' شروع ٿي ويندي آهي. جيئن پاڻ چوندا آهيون: سائين وهو وهو.

هري رايا ـ وڏو ڏينهن ـ يعني عيد.

هري ـ (Hari) ڏينهن.

رايا ـ وڏو. بنگارايا (وڏو گل)، جالان رايا (وڏو رستو).

سُوسوـ (Susu) کير.

سمياپانگ ـ (Sembhyang) نماز

پئاسا ـ (Puasa) روزو.

سرونگ ـ (Sarong) گوڏ، وھائي جي چوَ، بندوق جو پوش ـ ويندي ڪندومر لاءِ سرونگ لفظ استعمال ٿئي ٿو.

ٽنداس ـ سنداس، ڪاڪوس.

وقتو ـ (Waktu) وقت.

آپا ـ ڇا. آپا خبر معنيٰ ڇا خبر، آپا وقتو (ڇا وقت آھي)

سبانگ ـ ھيرو. ڪئالالمپور جي ھوائي اڏي جو نالو سبانگ ايئرپورٽ آھي.

باگوس ـ خوش، سٺو، سھٽو، بھتر.

آيرتيبو ـ (Air Tebu) ڳني جو رس.

ساتي ـ (Satey) ھوٽي ڪواب. پر ھتي جي ساتي ۾ ڪنڊ بہ پُرڪين.

مرتباڪ ـ قيمي وارو اڦراٽو.

ڪندوري ـ دعوت.

ناسي گورينگ ـ فراءِ ٿيل چانور.

ايامر گورينگ ـ فراءِ ٿيل ڪڪڙ.

بيف ريدانگ ـ پُڳل ھوڙ (ڳائي جو).

ادانگ ـ گانگٽ.

ادانگ چُرچو ـ ننڍو گانگٽ (چُوچوُ ـ ٻوٽو ڏھتو).

مي، بي ھون ـ سوين ۽ اسپاگھيٽي جا قسم.

منگو ـ ھفتو. منگوـ اِني (ھي ھفتو)

ٽنگال ـ رھڻ (ٽنگالڪان ـ رھي پوڻ)

Saya Tinggal di Sini

(آئون هتي ئي رهان ٿو)
پسانگ ـ ڪيلو. پسانگ اِماس (سون ورنو ڪيلو)
ناناس ـ اننا‎س.
بوليح ـ يلي، ائين ڪري سگهين ٿو.
Bolch Cakap Mclayu
(ڇا تون ملئي ڳالهائي سگهين ٿو).
UMNO = يونائيٽيڊ ملئي نئشنل آرگنائيزيشن (ملئي ماڻهن جي سياسي پارٽي)
داتنگ ـ اچڻ.
سلامت داتنگ ـ ڀلي ڪري آيائو.
ڪوالا ـ ندي.
لمپور ـ گپ واري.
اورانگ ـ ماڻهو.
هُتان ـ جنگل.
چپات ـ جهٽ ڪر.
تاق ماهو ـ سچو لفظ 'تيداق ماهو' آهي معنيٰ 'نہ کپي'.
انتوق ڪيريتا اندا ـ توهان جي ڪار لاءِ.
ديوان رعيت ـ عوام جو هائوس (نئشنل اسيمبلي).
ديوان نگارا ـ نئشنل هائوس (سينيٽ).
باجو ـ قميص.
باجو ڪورونگ ـ زناني قميص، چولي جو قسم.
صديقت صديقت ـ ٿوري ٿوري. (سڪت سڪت پڻ چون)
جنگن ـ متان، هرگز نہ.
درپيادا ـ کان From
ڪپادا ـ ڏانهن To

ڪوالالمپور جي هڪ رات

آفيس ۾ چانهه تي ڳالهه اچي نڪتي مسافري ۽ پرديس ۾ رهڻ جي. اسانجي پاڪستاني ڪئپٽن فاروقيءَ چيو: ”اڄ چنچر آهي. هڪ بجي جيئن ئي موڪل ٿيندي ته ڊاڪٽر نرگس (زال) کي ملاڪا اسپتال مان کڻي، ڪار ذريعي سنگاپور هليو ويندس. ڪيس چئي آيو آهيان ته رستي تي کائڻ لاءِ سئنڊوچون وٺي ڇڏي.“

انڊيا جي ڪئپٽن تيجپال سنگهه چيو: ”اهو ته اجايو آهي. ملائيشيا ۾ رستي تي هر شهر ۽ ڳوٺ ۾ هوٽلون آهن جن تي هر قسم جو کاڌو ۽ شيءِ شڪل ملي ٿي ـ خاص ڪري روٽي چنائي (اٽراٽو) ته عام آهي ـ جيڪو رکو به کائي سگهجي ٿو ته ڪنهن پوڙ يا چانهه سان به.“

”پر فاروقيءَ کي اُٽراٽا يا ٻي ڪا اهڙي گيهه واري شيءِ نٿي وڻي.“ آصف ٻڌايو. آصف جهازن جو چيف انجنيئر آهي ۽ اهو پڻ ملاڪا جي اڪيڊمي ۾ اسان وانگر پڙهائي ٿو.

”پوءِ اهو واقعي مسئلو ٿيو. ڪئپٽن مڪڙيءَ سان به سفر ۾ اهوئي مسئلو آهي. هو ته هوٽل ۾ صفا رهي نٿو سگهي. هر وقت گهر جي ماني کائي. ان ڪري ٻئي شهر ۾ وڃڻ جو به تڏهن سانگو ڪڍندو جڏهن پڪ هوندس ته ان شهر ۾ سندس ڪو پاڪستاني يا هندستاني دوست رهي ٿو. جيئن هن جي گهر ماني کائي سگهي.“ دربيلي جي ڪئپٽن مخدوم چيو.

”پر يار اسان کي وري ڪنهن جي گهر رهڻ ۾ سخت مونجهه ٿئي.“ ڪئپٽن تيجپال چيو، ”چاهي ڪنهن دوست جو هجي يا مٽ مائٽ

جو. ان ڪان هوٽل جو ڪمرو وڌيڪ سهوليت وارو آهي.“

ان تي مون بہ ڪيس وارو ونرائيندي چيو: ”واقعي يار هوٽل ۾ رهڻ ۾ آزادي آهي. وڏي ڳالهہ تہ پاڻ هاڻ سڀ اهڙي عمر جي پيٽي ۾ اچي ويا آهيون جو پاڻ مان هر هڪ جنهن جنهن نموني سان رهيو آهي اهوئي هن کي بهتر لڳي ٿو ۽ ان تي ئي هو هريل آهي.“

پوءِ ڪلندي مون پنهنجي ويجهڙائيءَ جو هڪ تجربو کين ٻڌايو:

بہ هفتا کن اڳ ڪوالالمپور اڪيلو ويو هوس. ان ڪان اڳ جڏهن بہ اڪيلو يا فئمليءَ سان ويو آهيان تہ هوٽل ۾ ئي رهڻ ٿيو آهي. جيتوڻيڪ هاڻ ڪوالالمپور ۾ ڪيترائي ڄاڻ سڃاڻ وارا آهن پر انهن وٽ رهڻ ڪان نٽائيندو رهيو آهيان. خاص ڪري هڪ ملئي فئملي تہ ڏاڍو چوندي آهي تہ هوٽل ۾ رهي چو ٿو اجايو خرچ ڪرين ـ جيڪو واقعي گهڻو اچي ٿو ۽ هڪ ڏينهن جا سؤ کن ڊالر ڏيندي ڏک ٿئي ٿو سو بہ هوٽل ۾ رات جا چند ڪلاڪ گذارڻا ٿا پون، باقي وقت شهر ۾ ڪمن ڪارين پٺيان گذري ٿو.

هڪ دفعي تہ ڪوالالمپور ڇڏڻ وقت هن ملئي فئمليءَ جو گهر بہ ڏسي آيس تہ جيئن ٻئي دفعي هوٽل ۾ رهڻ بدران سندن گهر رهي پوان. سندن گهر ٻين عام ملئي گهرن ڪان وڏو هوـ اٽڪل چار ڪمرا هئس ۽ فئمليءَ ۾ زال مڙس ۽ پنج کن ٻار هئا. پاڻ ڏاڍيون منٿون ڪيائون تہ کين ڪابہ تڪليف نہ ٿيندي جو هڪ ڪمرو تہ هميشہ خالي رهي ٿو. ٽئن ڪمرن مان هڪ ۾ هو زال مڙس رهن ٿا، هڪ ۾ ٻئي وڏيون ڌيئون جن مان هڪ ڪنهن آمريڪن انشورنس ڪمپنيءَ ۾ ۽ ٻي ايئر انڊيا جي آفيس ۾ نوڪري ڪري ٿي ۽ ٽئين ڪمري ۾ ٽيئي پٽ رهن جيڪي اڃان اسڪول وڃن ٿا ۽ هونءَ بہ ڇوڪرا تہ ڊرائينگ روم ۾ وڇايل گلم تي بہ سمهي سگهن ٿا.

پر ان هوندي بہ مونکي اهو خيال رهيو پئي تہ متان کين تڪليف ٿئي. گذريل مهيني پاڪستان ايمبسي ۽ ٻين آفيسن ۾ ڪم سانگي ڪوالالمپور اڪيلو وڃڻ جو پروگرام ٿيو ۽ سوچيم تہ هوٽل ۾ رهڻ

بدران هنن جي گهر رهي ڏسان. جي ڪين واقعي تڪليف نہ ٿي تہ پوءِ ٻئي دفعي فئمليءَ سان بہ ڪوالالمپور هنن وٽ ئي رهبو. بلڪ ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن ڏورانهين سفر تي پينانگ يا الور اسٽار وڃڻو ٿيو تہ ڪوالالمپور هنن وٽ رات ترسي، وڌيڪ سفر لاءِ ٻئي ڏينهن صبح جو نڪربو- جو مٿيان شهر ملاڪا کان پنج ۽ ست سؤ ڪن ڪلوميٽر پري آهن ۽ يڪ ساهيءَ اتي پهچڻ ڏکيو آهي.

ڪوالالمپور وڃڻ کان بہ ڏينهن اڳ هن ملئي فئمليءَ کي اطلاع طور هتان ملاڪا کان فون ڪيم. فون مسز سفوران ئي ڪنيو. دراصل منهنجي پهرين ملاقات بہ سفوران سان ئي ٿي هئي. ملائيشيا پهچڻ کان پوءِ پهريون دفعو ڪوالالمپور ۾ اچڻ وقت هڪ سنڌيءَ جي ڊپارٽمينٽ اسٽور - گلوب سلڪ سينٽر ۾ ساڻس گڏجاڻي ٿي هئي. سندس عمر پنجيتاليهہ کان پنجاهہ سال ٿيندي. ساڻس گڏ پندرهن سورهن سالن ڪن جو ڇوڪرو هو. پاڻ ٻڌايائين تہ هوءَ اصل ملاڪا جي آهي جتي اسان رهون ٿا. سندس مڙس جو واپار ڪوالالمپور ۾ آهي ان ڪري ڪوالالمپور جي ئي هڪ علائقي ڪمپونگ - پاندان ۾ رهن ٿا.

ملاڪا موٽڻ بعد پاڻ هڪ بہ دفعو فون بہ ڪيائين پر ڪيس انگريزيءَ جو هڪ لفظ بہ نٿي آيو ۽ مونکي اجان اهڙي ملئي زبان نٿي آئي جو ساڻس ڳالهائي سگهان. سندس مڙس مسٽر ذولقفليءَ کي پاڻ ٿوري گهڻي انگريزي آئي ٿي يا وري وڏي ڌيءَ رحيما کي. ان ڪري اهي ترجمو ڪري خيريت پڇندا رهندا هئا ۽ سال اندر سٺي فئملي دوستي ٿي ويئي هئي. هنن کي هر وقت اهو خيال هوندو هو تہ آئون پرديسي ٿي هوٽل ۾ ڇو ٿو رهان جڏهن تہ هنن جو گهر ڪوالالمپور ۾ موجود آهي. سو چاڻ سڃاڻ کي سڄو سال گذرڻ بعد ان ڏينهن فون تي مسز سفوران کي خوش خبري ٻڌايم تہ اربع ڏينهن ڪوالالمپور اچان پيو ۽ رات توهان وٽ رهي ٻئي ڏينهن ملاڪا موٽندس.

”سو سائين ڪوالالمپور ويس ۽ رات رهي ٻئي ڏينهن وريس.“

ڪئپٽن تيجپال پڇيو تہ پوءِ ڇا ٿيو.

”پوءِ ڇا ٿيو-؟“ مون وراڻيو. ”ٿيو ته ڪجهه ڪونه. ٻين ملئي ماڻهن وانگر هي به تمام سادا ۽ مهربان هئا ۽ هنن ويچارن ته منهنجي تمام گهٽي ٿهل ٽڪور ڪئي پر سائين مون لاءِ ته جڻ سزا ٿي پيئي، ۽ آئنده لاءِ توبهه ڪري واپس ملاڪا کان اچي نڪتس ۽ سوچيم ته ڪنهن هوٽل، سي مئن ڪلب يا واءِ ايم سي اي وغيره ۾ رهبو، يا ته وري انهيءَ ڏينهن موٽي اچبو، باقي ڪنهن گهر ۾ نه رهبو.“

”ڇو ڀلا -؟“ آصف پڇيو.

”بس چڪر اهوئي عادت جو. مثال طور منهنجي عادت سوير سمهڻ جي پر منهنجي وندر لاءِ هي ويچارا وينا ڪچهري ڪن يا ٽي وي هلائين - اڄان ته ڪين وي سي آر جي فلم نه ملي جيتوڻيڪ منهنجي لاءِ ڪري هنن پنهنجي وڏي پٽ بحرالدين کي گهٽوئي ڊوڙايو ته ڪٿان پي - راملي‌ءَ جي فلم جو وي سي آر ڪئسٽ وٺي اچ. آئون گهڙو ئي چوان ته مون کي فلم ناهي ڏسڻي پر هو ويچارا سمجهن ته شايد مون کي ڏسڻي آهي پر تڪلف پيو ڪريان. بهرحال خير ٿي ويو جو گهڻا تڻا دڪان بند ٿي ويا هئا ۽ پي - راملي‌ءَ جي اها فلم جيڪا هنن گهرائڻ چاهي ٿي اها ملي نه سگهي نه ته ان خوف ۾ هوس ته جي فلم اچي ويئي ته به اڍائي ڪلاڪ ٻيا به جاڳڻا پوندا. (پي - راملي ملئي فلمن جو وڏو اداڪار ٿي گذريو آهي جيئن تنڌي ڪنڌ ۾ دليپ ڪمار مشهور آهي. دليپ ته وري به فقط ائڪٽر آهي پر راملي صاحب ائڪٽر هجڻ کان علاوه ڳائڻو، گانا لکڻ وارو، گانن جي ميوزڪ ناهڻ وارو، ڊئريڪٽر، هيرو ۽ مسخرو ٿي گذريو آهي. سندس نالي ڪوالالمپور ۾ هڪ رستو پڻ آهي.)

هن ملئي نئملي‌ءَ جو گهر ته وڏو ئي هو پر عام ملئي گهرن وانگر سڄو ڪاٺ جو ٺهيل هو جيڪو بنا ڪنهن شڪ جي هتي جي موسم لاءِ آئيڊيل گهر آهي جنهن ۾ نه گهڻي گرمي ٿئي ٿي ۽ نه سيءُ. سيءُ ته هتي ڇا خاڪ ٿي سگهي ٿو جو هنن ٽراپيڪل ملڪن ۾ ٻارهوئي سج چوٽي وٺي لنگهي ٿو ان ڪري گرمي رهي ٿي پر هر وقت جهڙ ۽ گهٽي مينهن پوڻ ڪري ڏينهن جو ڳپل حصو، موسم سٺي رهي ٿي. خاص ڪري

مينهن جي وسڪاري بعد ٿوري دير هلڪي ٿڌڪار ٿئي ٿي جيڪا هتي جي ماڻهن لاءِ ڇڻ ٿڌ ۽ سردي ٿي. ان وقت يڪدم سئيٽر نڪري ايندا. نڪ ۽ ڇاتين تي وڪس يا ٽائيگر بام پيو لڳندو تہ متان ٿڌ نہ لڳي. متان ڇاتي نہ ونجي. يعني اسان وٽ سيارو سال بعد اچي پر هتي هر هفتي بہ اچي سگهي ٿو تہ ڪڏهن ڪڏهن ڏينهن ۾ ٻہ دفعا بہ ـ مينهن وسڻ بعد. هتي ملائيشيا ۾ ڪڪر تہ هر وقت آسمان ۾ رهن ٿي رهن ٿا ۽ جهڙ ڪري ظاهر آهي ايڏي گرمي نٿي ٿئي ـ خاص ڪري ماڻهو جيڪڏهن اندر ڪمري ۾ وينو آهي تہ موسم وٺندڙ لڳي ٿي. پر ايتري ٿڌڪار بہ نٿي ٿئي جو پنکو بہ نہ هلائجي. پر هتي جا رهاڪو بنا پنکي جي عادي ٿي ويا آهن. ان ڪري هتي جي گهرن ۾ ڇت وارو ڪو ورلي پنکو نظر ايندو. ڪنهن ڪنهن گهر ۾ ڊرائنگ روم ۾ ڪٿي پنکو هوندو يا وري ڪو ٽيبل جو پنکو هوندو جيڪو ڏينهن جو گهرج موجب ـ ڪڏهن ڪنهن کي گرمي محسوس ٿئي تہ ـ هيڏانهن هوڏانهن ريڙهيو وڃي ٿو. سو اهڙيءَ طرح ڪوالالمپور جي هن گهر ۾ بہ ـ جنهن ۾ آئون مهمان ٿي رهيس پٽ ڪان پٽ تائين غاليچا، ٽي وي، وي سي آر ۽ ٻيو سهوليت ۽ آسائش جو سامان تہ ضرور هو پر پنکو فقط ڊرائنگ روم ۾ هوـ سو بہ وچ تي رکيل ڊائننگ ٽيبل جي مٿان. يعني ويهڻ لاءِ صوفا سيٽ جيڪي پري پٽ سان لڳل هئا تن تائين پنکي جي هوا جو پهچڻ محال هو. گهر جي ماڻهن کي تہ گرمي نہ پئي ٿي پر مون کي سو ان ڏينهن ڪجهہ زياده ٿي لڳي رهي هئي جو ملاڪا ۾ سڄو سال ايئرڪنڊيشنڊ آفيس جي ٿڌي ڪمري ۾ ويهڻ ڪري عادتون خراب ٿي چڪيون هيون. اسان جي ملاڪا واري گهر ۾ جيتوڻيڪ ايئرڪنڊيشنر جهڙي شيءِ لڳل نہ هئي پر اهو ملاڪا نار جي ڪناري تي ۽ مٿاهينءَ تي اڏيل هجڻ ڪري سخت گرميءَ ۾ بہ ٿڌو رهي ٿو. سو اهوئي سبب هو جو هتي مون کي ڪجهہ زياده ٿي گرمي لڳي رهي هئي ۽ ذري ذري پٽ جي پاسي ۾ رکيل صوفن تان اٿي وچ تي رکيل ڊ ائننگ ٽيبل جي ڪرسين تي اچي ٿي وينس ـ جنهن مٿان ڇت جو پنکو شايد ٻن يا ٽن انگن واري ڍري رفتار تي ادل ڇاڪيءَ جي گهاٽي ۾ جوٽيل ڍڳي وانگر آهستي آهستي گول ڦري

رهيو هو.

گهر جيئن تہ ڪاٺ جو هو ـ يعني ڇتيون پيتيون تہ سهي پر پٽ بہ ڪاٺ جو هو۔ جڻ گهر نہ هجي پر پراڻي زماني جو سلطاني ٻيڙو۔ جيڪي ايئن ڪاٺ جا نهيل هوندا هئا ۽ درن مٿان ۽ درين تي ڳاڙها، آسماني ساوا بيلجمي شيشا لڳل هوندا هئا. اهڙن ٻيڙن مان ڪجهہ اڄان تائين ڪن ڪن بندرگاهن ۾ نمائش طور موجود آهن. جهڙوڪ هانگ ڪانگ ۾، اسپين جي بندرگاهہ بارسلونا ۾، آمريڪا جي بندرگاهہ نيو اورلينس ۾. سو ان ڪاٺ جي فرش تي هلڻ وقت گهر جا ڀاتي تہ پير ڪپائي ڪپائي آهستي هليا ٿي يا تہ سندن نٽدي قد ۽ گهٽ تور ڪري ايترو آواز نٿي ٿيو پر مون ڏٺو تہ منهنجي هلڻ ڪري ـ شايد ڪڙين تي زور ڏيئي هلڻ ڪري هڪ تہ آواز ڪجهہ گهٽو ٿيو ٿي ۽ سڄو فرش ڪمزور ڪاٺ جي بند وانگر لڏيو ٿي ۽ ٻيو تہ منهنجي هلڻ وقت گهر جي سيني ڀاتين جو ڌيان مون ڏي ڇڪجي ويو ٿي. جيڪي ڳالهين ۾ مشغول هئا سي بہ منهنجي هلڻ وقت ماٺ ڪري مون ڪي ڏسڻ لڳا ٿي. ٽين ڳالهہ تہ گهر جيتوڻيڪ ڪو گهڻو پراڻو نہ هو پر ڪاٺ جي فرش ۾ ڪٿي ڪٿي اڌوهي لڳڻ يا پور ٿيڻ ڪري اهي هنڌ ڪمزور ٿي چڪا هئا. گهر جا ڀاتي تہ انهن هنڌن کان ائين واقف هئا جيئن گهر جي عورت پنهنجي رڌڻي مان اوندهہ ۾ بہ لوڻ مرچ ڳولي ڪڍي اچي. سو هو آٽوميٽيڪلي صحيح هنڌن تي پير رکي هلي رهيا هئا پر مون کي نہ خبر هئي ۽ نہ ڏسي ٿي سگهيس جو فرش مٿان غاليچو وڇايل هو. سو جهڙو منهنجو پير انهن ڪمزور ٽڪرن تي آيو ٿي تہ سڄو جهڪي ٿي ويس ۽ انهن اڌوهي کاڌل هنڌن جو ڪاٺ چيچاٽ ڪري وڏيڪ چيٽيون چيٽيون ٿي ٿيو۔ جنهن جو افسوس مون کي هينئر بہ ٿي رهيو آهي. (هڪ ڳالهہ هتي ٻڌائڻ ضروري چاهيان ٿو تہ ملئي اسٽائيل جي ڪاٺائي گهر جو پٽ زمين کان ٿي فوٽ ڪن مٿي رکيو وڃي ٿو جيئن مينهن ۽ ٻوڏ جو پاڻي هيٺان لنگهي وڃي.)

ڪوالالمپور ملاڪا کان سؤ ميل کن مس آهي. ملاڪا ۽

ڪوالالمپور جي اڏ تي سريمبان شهر آهي. سريمبان کان ڪوالالمپور تائين رستو پنهنجي سپر هاءِ وي وانگر آهي ـ بلڪ ان کان بہ ويڪرو ۽ ايندڙ ويندڙ گاڏين لاءِ الڳ الڳ رستو آهي. باقي ملاڪا کان سريمبان تائين جيڪو رستو آهي اهو هڪ تہ ڀڻو ناهي، ساڳي رستي تان گاڏين جي اچ وڃ آهي، ان ڪري ايترو تکو نٿو هلي سگهجي. رستو بہ سڌو هجڻ بدران ور وڪڙن وارو آهي ۽ ٽن چئن ڳوٺن مان ٿيندو وڃي ٿو: جهڙوڪ: لبوڪ چينا، لنگي، رنتائو وغيره. سو ڳوٺن مان لنگهڻ ڪري ڪار خيال سان هلائڻي پوي ٿي. بهرحال ٻن ڪلاڪن ۾ ملاڪا کان ماٺهو ڪوالالمپور پهچيو وڃي ٿو. آءُ ڪوالالمپور پهچي ڪجھ شهر جا ڪم لاهي منجهند جي ماني بہ هوٽل تان کائي پوءِ هن ملئي فئمليءَ وٽ ٻي بجي ڌاري پهتس. منهنجو ارادو هو تہ سندن گهر پهچي کين اطلاع بہ ڪريان تہ آئون ڪوالالمپور ۾ ئي آهيان ۽ جي موقعو لڳي تہ اڌ ڪلاڪ ڪن اتي آرام ڪري پوءِ ٻين ڪمن لاءِ شهر ڏي نڪران جو ٻين عادتن سان گڏ منجهند جو، گهٽو نہ تہ ڏهہ منٽ، ننڊ ڪرڻ جي عادت تہ اهڙي پيل آهي جو بس. پوءِ آفيس ۾ بہ روزانو ٽيبل تي ئي مٿو رکي ڏهہ منٽن لاءِ اها ننڊ ضرور ڪرڻي پوي ٿي. ويندي جهاز هلائڻ وارن ڏينهن ۾ باٿ روم جو بهانو ڪري ڪنڊ پاسي ۾ ڪنهن بند ٽيل انجڻ يا پائيپ تي، يا جهاز جي پيچ وٽ نهيل ٻنوڙي تي مٿو رکي اها ڏهہ منٽ ننڊ ضرور پوري ڪرڻي پوندي هئي. بهرحال گهر پهتس. مسز سفوران پاڻ تہ ڪمري ۾ ستي پيئي هئي. سندس ننڍي پٽ کي سمجهايم تہ کيس اٿاري نہ. آئون هن وقت رڳو سامان رکي ٿوري دير بعد وڃان ٿو ۽ وري پوءِ ايندس. پاڻ مون کي منهنجو رهڻ وارو ڪمرو ڏيکاريائين جيڪو گهر ۾ گهڙڻ سان ڀريون ۽ در وٽ هو.

آندل هڪ وڳو، توال، شيونگ جو سامان، پنهنجي ملڪ جي ايمبسيءَ مان ڪنيل پراڻيون جنگ، نواءِ وقت ۽ مشرق اخبارون ڪار مان ڪڍي ٽيبل تي رکيم ۽ رب جا ٿورا مڃي دل ئي دل ۾ خوش ٿيس تہ ڏکهي کيڪار ڪڙيءَ کان جان بچي ۽ هاڻ اٺين ئي پينٽ ۾ ئي ٿوري دير

لاءِ منجهند واري ننڊ ڪري وٺان ٿو. پر ايتري ۾ سفورن جو پٽ، جيڪو مون جهڙي ولائتي مهمان کي ڏسي خوشيءَ ۾ اهڙو تہ ڪو منجهي پيو جو وچي پنهنجي ماءُ کي اٿاري منهنجي اچڻ جو ٻڌاياءِين. (پاڻ وٽ گذريل ٻن ٽن صدين تائين يورپ ۽ انگلنڊ جا ماڻهو ٻاهر نڪرڻ ڪري اهي ولائتي ۽ فارينر سڏبا هئا پر هاڻ جڏهن کان اسان جهڙي ٽين دنيا جي غريب ملڪن جا ماڻهو يورهئي ڪارڻ هيڏانهن هوڏانهن نڪرڻ شروع ٿيا آهن تہ اهو ولائتي ۽ فارينر لفظ جو استعمال ـ صحيح معنيٰ ۾ ٿيڻ لڳو آهي ۽ نائيجيرين توڙي انڊين کي، سري لنڪن توڙي اسان کي ڌارين ملڪن ۾ فارينر، ولائتي ـ يعني ڌاريون سڏيو وڃي ٿو) بلڪ هاڻ تہ يورپين کان وڌيڪ اسان جهڙن ملڪن جي ماڻهن جي نڪرڻ ڪري فارينر سان ڏيان ۾ ڪو گورو نہ پر اسان جهڙو ڪارو اچي ٿو.

ماڻس ويچاري مهمان جو ٻڌي ٽپ ڏيئي اٿي ۽ هٿ منهن ڌوئڻ تي بہ وقت وڃائڻ بدران سڌو مون ڏي "هيلو! هيلو! سلامت داتنغ" (ڀلي ڪري آئين) چوندي آئي. ۽ آئون لاچار سمهڻ جو ارادو لاهي ٻاهر ڊرائنگ روم ۾ اچي ويٺس ـ جنهن جي اولهہ ۾ منهنجو ۽ ٻيا بيڊ روم قطار ۾ هئا. پنج ڏهہ منٽ هوءَ خبر چار پڇندي رهي ۽ ڪيس مون ڀڳل سڀل ملئي زبان ۾ پنهنجو سڄو پروگرام سمجهايو تہ شهر جا ڪجهہ ڪم ڪار لاهي آيو آهيان. هينئر وري شهر ٿو وڃان ۽ شام جو پنجين ڇهين بجي ڌاري موٽي هتي اچي رهندس. ملاڪا واپس سپائي ويندس.

مانيءَ لاءِ ٻڌايومانس تہ هينئر هينئر ٻاهران کائي آيو آهيان ۽ هوءَ رات جي مانيءَ جو بہ منهنجو فڪر نہ ڪري.

"نہ ائين وري ڪيئن ٿي سگهي ٿو. تون پنهنجي گهر ۾ رات جي مانيءَ ۾ ڇا ڇا کائيندو آهين تہ ڪوشش ڪري اهو هتي بہ تيار ڪريون."

ڪيترا ماڻهو کاڌي پيتي جا شوقين ٿيندا آهن. ان ڪري ڪين پرديس ۾ رهڻ ۾ بہ ڏکيائي ٿيندي آهي. ويندي مانيءَ جي وقتن جا بہ پابند هوندا آهن ۽ هڪ ويلو بہ بنا ڀوڙ مانيءَ جي رهي نہ سگهندا آهن.

مون سان ائين ناهي. پر هن وقت ڪين جيڪڏهن ٻڌائيندس ته مون مست جي نه ماني مقرر آهي ۽ نه مانيءَ جا وقت ته هوءَ هرگز يقين نه ڪندي. مون لاءِ ست رڃي يا ٺلها آراڙا پڳڙا ڳالهه ساڳي آهي. پر هتي هنن کي ڪجهه ٻڌائڻ تي چاهيم جيئن گهٽي تڪليف ۾ نه پون.

”آئون گهر ۾ ناسي (چانور) يا ٺلهي روتي ڪوسونگ (هتي ملندڙ ٿيهه چاليهه سينٽن جو ملئي اڦراٽو) کائيندو آهيان.“

”روتي ڪوسونگ (ٺلهو اڦراٽو) يا روتي تِلور (بيضي وارو اڦراٽو) ته هتان به ملي ويندو- پر واري گهٽيءَ ۾ هوٽل آهي. منهنجي وڏي ڏي رحيمان ڏني آهي. اها وٺي ايندي.“

مون کي ڏاڍي خوشي ٿي ته اهڙا ميزبان سٺا جيڪي هڪ ئي دفعو ڳالهه ٻڌي، سمجهي ۽ ميچي وڃن.

”يلا هينئر ڪجهه ته کاءُ -؟“

”هينئر ته بلڪل ضرورت ناهي.“

”يلا منڊي -؟“ (منڊي ملئي زبان جو لفظ آهي - معنيٰ وهنجڻ).

”ها.“ ان لاءِ انڪار ڪرڻ خراب ڳالهه ٿيندي.

ملئي ماڻهن ۾ وهنجڻ ايترو عام ۽ گهڻو آهي جو اسان رڻ پٽن جي رهاڪن کي ته حيران ڪندڙ ۽ حسرتن ۾ وجهندڙ آهي. قدرت طرفان پاڻي ايترو گهڻو مليل اٿن جنهن جو ڪو ڪاٿو ئي ناهي. هڪ ته سڄو ڏينهن آسمان مان پاڻي ٿو وسي، پيو بنا گرُ ۽ مٽيءَ جي ندين نارن جو شفاف پاڻي. گهڻو ڪري ٻهاريءَ بدران به پاڻيءَ جي پائيپ سان گهر کي ڌوئي ڇڏيندا آهن. صبح ۽ سڄ لٿي مهل ته هر هڪ لاءِ وهنجڻ (منڊي — Mandi) جڻ ضروري آهي. سڄ لٿي ڪان ٿورو اڳ تائين هر ڪو ٿوال جهليو بيٺو هوندو. پڇبو ڪيڏانهن -؟

ورائيندو: ”منڊي.“

۽ وهنجڻ به ڪو اهڙو تهڙو. هڪ اڌ بارديءَ مان نه پر گهٽ ۾ گهٽ هڪ اڌ وڏي ڊرم کي خالي ڪري وٺندا ۽ هتي جا ماڻهو وهنجڻ

وقت جنهن ’ڪريءَ‘ سان پاڻي نائين ٿا سا بہ اسان جي ڪريءَ کان ٿيٽي چوڻي ٿيندي ـ (يعني ان ۾ گهٽ ۾ گهٽ بہ يا ٽي ليٽر پاڻي اچي ٿو). ان سان جڏهن وهنجندا آهن تہ اوڙي پاڙي ۾ پاڻيءَ جو شپڪو پڌبو آهي. اسان جهڙا ماڻهو جيڪي ننڍي هوندي سنڌ جهڙي وارياسي علائقي ۾ رهيا يا جهاز تي ـ جتي هر وقت مٺي پاڻيءَ کي قدر جي نگاهہ سان ڏسڻ سيکاريو ويو ۽ ڦڙو بہ ضايع ڪرڻ تي پاپ جو ڊپ ڏنو ويو. اتي هي حال ڏسي اسان جهڙا وائڙا ڪيئن نہ ٿين.

هڪ ٽڪاوت ڪري ۽ ٻيو هتي جي رسم ڪري مون ان گهڙيءَ اهوئي مناسب سمجهيو تہ منديءَ لاءِ انڪار ڪرڻ هتي ملائيشيا ۾ اهڙو گناهہ جو ڪم آهي جهڙو پاڻ وٽ اَن نورُ يا کير پير کو ڏئي تہ موٽائي ڏجيس. گرمي تہ مون کي ڪجهہ زياده ئي لڳي رهي هئي ۽ ڪجهہ ان خيال کان بہ تہ منهنجا مهربان ميزبان اهو نہ سمجهن تہ آئون ڪنهن اڻ سڌريل ملڪ جو آهيان. گهٽ ۾ گهٽ موهن جي دڙي تائين سنڌي وهنجڻ جا تہ ايڏا شوقين هئا جو جپانين وانگر ڪين هر پاڙي ۾ ڪميونٽي باٿ (عام تالاب) پڻ هو. اها ڳڻ ڳوت ڪري توال ڪٽي وهنجڻ جاءِ ۾ گهڙيس، جيڪا، گهر جو نقشو ناهيندڙ انجنيئر، سڄي گهر ۾ فقط هڪڙي ناهي هئي ۽ سا بہ گهر جي آخري ڪنڊ ۾. بلڪ اهو هتي جي جاين جو عام نقشو آهي جيڪو هتي جي رازن وادِن جي دماغ ۾ ئي موجود هوندو آهي، جنهن لاءِ نہ بشير ميمڻ جهڙي انجنيئر جي ضرورت نہ کي ڊي اي کان پاس ڪرائڻ جو الڪو هوندو آهي. ملائيشيا جي انهن گهرن جي، انگريزي دوائن وانگر، هڪ Patent ڊزائين ٿئي.

ملائيشيا جا گهر ٽن قسمن ۾ ورهائي سگهجن ٿا. هڪ تہ سڄا ڪاٺ جا ٿين جن جو ڪاٺ جو پٽ زمين تي هجڻ بدران تي فٽ کن مٿي ڪاٺ جي پيل پاين تي ٿئي. ان مان اهو فائدو آهي تہ نانگ بلائون ۽ جيت جڙا جيڪي هتي گهڻا ٿين ٿا انهن کان بچاءُ رهي ٿو ۽ ٻيو سخت مينهن جي ڪري وهندڙ پاڻيءَ کان مٿاهون رهي ٿو. ۽ گهر هيٺان چڏيل اها جاءِ اسٽور روم يا ٻِهري طور بہ ڪم اچي سگهي ٿي. يعني ڪانيون،

ڪوڏر، سُپ، دبا، ڏوب ڇتيون وغيره اتي رکي سگهن ٿا ۽ ملائيشيا جا اهي ڪمپونگ - هائوس (ڳوناٽا - گهر) آهن.

ٻيا اوچي درجي جا، شهرن ۾ پاڻ جهڙا پڪا گهر ٿين - يعني بنگلو ٽائيپ ڪٽي نہ بہ هجن پر سرن جا، يا پٿرن جا يا گچ ۽ گاري جا ٿين - يعني منجهن ڪاٺ تابوت وانگر استعمال نٿو ٿئي. ٽيان وچولي درجي جا ٻنهي جو مڪسچر ٿين - جهڙو هي گهر هو جنهن ۾ آئون مهمان ٿي آيو هوس. اهڙن گهرن جي وچ وارو حصو يعني ڪمرا مٿاهان ٿين ۽ ان حصي جو فرش پڻ ڊرامي جي اسٽيج وانگر مٿاهون ۽ ڪاٺ جي تختن جو ٿئي ۽ پويون حصو هيٺاهون ۽ پٽ جي ليول تي ٿئي. اهو هيٺاهون پٽ سيمنٽ، ٽائلن يا سرن جو ٿئي. اڳئين حصي ۾ ڇپر، گلن جون ٻاريون ۽ ڪار يا سائيڪل بيهارڻ جي جاءِ پڻ ٿئي. پويان اسٽور روم، رڌڻو، ڪاڪوس - وهنجڻ جاءِ ٿئي. سڄي پاڙي جي گهرن وانگر هن گهر جي بيهڪ پڻ ڪجهہ ان قسم جي هئي. مين لوهي - گيٽ مان گهڙي ڪار بيهاري، چئمپل يا بوٽ اتي ئي لاهي اندرين گهر ۾ گهڙڻ لاءِ ٽي يا چار ڪن ڏاڪا چڙهڻا ٿي پيا - جن مٿان مينهن کان بچاءُ ڪارڻ اڏاوت هئي. اندرين گهر جو در پٽڻ سان وڏو ڊرائنگ - ڊائننگ روم هو ۽ ڪابي پاسي واري پٽ ۾ ريل گاڏيءَ جي دٻن وانگر قطار ۾ ٽي ڪمرا هئا. جن جي آخر ۾ هڪ ڏاڪو هيٺ لهڻ سان وري هڪ وڏو ڪمرو/ هال هو جنهن ۾ گهر جي ڀاتين جي روزمره جي استعمال لاءِ هڪ ٻيو ڊائننگ ٽيبل رکيل هو. پاسي کان ڪٻٽن ۽ تختن تي ٽامر چيني، جست، شيشي، چيني مٽي ۽ پلاسٽڪ جا ڪيترن ئي قسمن جا ٿانوَ - رڪيبن، ڪوپن، ڪرين کان وٺي ننڍن وچولن، وڏن ديگڙن ۽ ٽفن باڪسن تائين، جيڪي روزمره جي رڌپچاءُ ۽ ڪندورين کان شادين مرادين ۽ هري راياڻن (عيد جي ڏينهن) تي ڪتب آڻڻ لاءِ رکيل هئا. ان قسم جي ٿانون جا ڍير ۽ اهڙي طرح ڪاٺ جي منڊنن تي سينگاري رکيل اسان جي ڳوٺ ۾ فقط ماسي زليخان جي گهر هوندا هئا يا وري ملائيشيا جي سيني ڪمپونگ - هائوسن (ڳوناٽن - گهرن) ۾.

ان بعد به يا ٽي ڏاڪا ڪن هيٺ لهڻ تي وڏو شاهي رڌڻو ۽ ساڄي پاسي باٿ روم آيو ٿي. رڌڻي ۾ به ٽانوَ ٿپا ۽ ڪيترائي ديڳڙا بلڪ ديڳڙن جون فئمليون يعني ننڍا وڏا ۽ تمام وڏا ديڳڙا ۽ تختن تي سيڌي جو سامان: چانور، داليون، ڀاڄيون، ائنڪر، ڊچ ليڊي، نيسپري ۽ ڪلم کير جا ڀريل يا خالي دٻا (يا منجهن ڪو ٻيو اَنُ مصالو ڀيل)، ڪافي، مائلو، مارجرين ۽ ڪيڪن ناهڻ جو سامان ۽ ٻيون رڌپچاءَ جون سنهيون ٿلهيون شيون رکيل هيون.

باٿ روم ۽ ڪاڪوس هڪ ئي گڏيل نموني جو هو ۽ سڄي گهر کي Serve ٿي ڪيائين. سندس پٿيون ۽ فرش اوڇين اڇين سرن (ٽائيلن) جو هو. ٽب ۽ ڪموٽ پڻ جپاني ۽ اوچا هئا. باقي گهر جي ڇت وانگيان ڪاڪوس جي ڇت ڪاٺ جي نه پر جست جي مڙيل چادرن جي هئي جنهن مٿان رکي رکي هتي جو هر وقت وسندڙ ٽراپيڪل مينهن منهن مٿو پٽي رهيو هو.

گهر ۾ گهڙڻ سان ڊرائنگ روم جي ڪابي پاسي جيڪو ڀهريون ڪمرو هو اهو مون کي رهڻ لاءِ مليو هو. يعني هڪ ڪنڌ تي آئون هوس ته ٻي ڪنڌ تي باٿ روم سو اوڏانهن وڃڻ لاءِ مون کي سڄي گهر جي پريڊ ڪرڻي پيئي ٿي. خاص ڪري شام جي وقت جڏهن گهر جا سڀ ڀاتي اچي ويا ته ان وقت عجيب ٿي لڳو. ڄڻ فئشن شو جي اسٽيج تان لنگهندو وڃان. ان وقت گهر جي ڀاتين مان به پُٽَ ڊرائنگ روم ۾ پٽ تي سمهي ٽي وي ڏسڻ ۾ مشغول هئا، هينئن ڏاڪي وٽ ننڍي ڏيءَ ماهه نوم ڪنهن ميز پوش تي آر پري رهي هئي ۽ ٻيءَ ـ رحيمان ڊائننگ ٽيبل تي بصر ۽ ڀاڄيون وڍي ماڻس سفوران کي رڌپچاءَ ۾ مدد پئي ڪرائي ۽ ٿورو اڳيان سفوران پاڻ پٽ تي ويهي مڇي به پئي صاف ڪئي ته چُلهه تي چڙهيل چانورن جي ديڳڙي جي باهه پئي ڏني. پر ۾ مڙسينس ذوالقفليءَ ان باهه مان سگريٽ پئي ٽي دڪايو. ان سڄي مخلوق کي لتاڙيندو مونکي ڪاڪوس ۾ پهچڻو پيو ٿي ـ پوءِ چاهي مون کي هٿ ڏوٽا هجن ته به ٻيو ڪو ويجهڙائيءَ ۾ نلڪو نه هجڻ ڪري باٿ روم ۾

ئي پهچڻو پيو ٿي ۽ جنهن وقت پيرن جي ڌم ڌم ڪندو پنهنجي ڪمري
ڪان باٿ روم تائين ويس ٿي تہ پيرن جي ڪڙين جو اسٽيج جھڙي ڪاٺ
جي تختن واري فرش تي اهڙو تہ آواز ٿيو ٿي جو جيڪر ٻوڙا بہ ٻڌي
وٺن. ۽ في الحال ذوالقفلي ۽ سفوران جا مدبل ۽ هاءِ اسڪول ۾ پڙهندڙ
ٻئي ڇوڪرا ٽي وي تان هفتيوار اينڊڙ سيريز 'ڊالاس' ڏسڻ ڇڏي مون
ڏي نهاريو ٿي. ننڍي ڌيءَ ماهہ نومہ آر پرڻ ڇڏي مون ڏي مهاڙ ڪئي
ٿي. وڏيءَ رحيمان ٿوري دير لاءِ بصر تان چري ڪٽي مون ڏي ڏنو ٿي.
سفوران باهہ جي ڇيءَ تان نظرون هٽائي منهنجن پيرن ڏي وڌيون ٿي.
ذوالقفليءَ سگريٽ جا ڪش هڻڻ بند ڪري، ساهہ روڪي مونکي
لنگهندي ڏٺو ٿي.

بهرحال ڏينهن جي وقت مون ڪي ان پريڏ ڪرڻ جو بہ فڪر نہ
هو. پر پريشاني ان جي هئي تہ رات جو پيشاب لاءِ جيڪا هڪ دفعو اٿڻ
جي عادت آهي ان جو ڇا ٿيندو. ان وقت جيتوڻيڪ مونکي ڪير ائين
اسٽيج تي پريڏ ڪندو تہ نہ ڏسندو پر رات جي مانوڙي ۾ تختن تي
هيڏي ڳري همراهہ جي هلڻ جو آواز تہ ضرور سيني کي سجاڳ ڪندو
۽ خاص ڪري اوندهہ ۾ مونکي اهو تہ ياد ئي نہ رهندو تہ ڪيترن قدمن
ڪان پوءِ هڪ ڏاڪو آهي ۽ ڪيترن قدمن ڪان پوءِ بہ ڏاڪا لهي رڌڻي ۽
ڪاڪوس واري پليٽ فارم تي پهچڻو آهي. ۽ رستي تي ڪهڙي هنڌ ۽
ڪٿي ڊائننگ ٽيبلن، ٽرافين ۽ ٿانون وارن ڪٻٽن ۽ ڪرسين ڪان پاسو
ڪرڻو آهي. ۽ جي ٿو ڪنهن ٿانون واري ڪٻٽ، رئڪ يا مَندَن کي
منهنجو ٺڏو لڳي تہ ـ! پر اهي سڀ شيون: ٽيبل، ڪرسيون، ڪٻٽ،
تختا، رئڪ تہ هڪ هنڌ موجود هئا. ۽ ڌيان ۾ رکي رات جي اوندهہ ۾
اُهي Hurdles پار ڪري سگهيس ٿي پر منهنجي ڪمري جي در ڪان باٿ
روم جي در تائين پڪڙيل ٻلين ڪان بچاءَ ڪرڻ ڪو سولو ڪم تہ نہ هو.

اسان واري ميزبان کي ٽي عدد ٻليون هيون. جن جي اتفاق سان
ڊليوري هڪ ئي وقت ٿي هئي، ۽ خيراتي زناني اسپتال جي گائني وارڊ
وانگرـ جنهن جا بيڊ وراندن ۾ بہ پڪڙيل هوندا آهن، هي بہ پنهنجن ڪل

يارهن پونگڙن سميت لنگهه ۾ رستي تي پکڙيون پيون هيون. پونگڙا رکي رکي ايندڙ ويندڙ جي پيرن ۾ وچڙيا ٿي يا ڊوڙي مائرن کان فيڊ ٿي ورتائون ـ جيڪي ڪنهن سکئي پير جي سست مجاور وانگر تنگون تيڙي سڌيون ٿي پيون هيون. مون چيو ته ڏينهن جي روشنيءَ ۾ اهو حال آهي ته رات جو اونداهيءَ ۾ ته مٿاهن پير اچڻ لازمي آهي. ۽ يارهن پونگڙن ۽ ٽن ٻلين کان هڪ ئي وقت پاڻ بچائڻ ناممڪن ڳالهه آهي.

هڪ ٻيو مسئلو اهو پيدا ٿي پيو جو منجهند جو جنهن وقت مسز سفوران منديءَ (وهنجڻ) لاءِ چيو، ان وقت ته پڏڻ تي توال ڪلهي تي رکي نه فقط وهنجي آيس پر اڳين (ظهر) نماز جي بانگ جو سڏ ٻڌي اها به اچي پڙهيم. جيتوڻيڪ اسان گنهگارن کان گهر ۾ به پنج وقت نماز پوري وقت تي پڙهي نٿي ٿئي. ۽ سفر يا مجبوريءَ ۾ ته قضا به ڪري سگهجي ٿي. پر منهنجي ميزبانن سمجهيو ته ڪو آئون پنج ئي نمازون مقرر وقت تي پڙهڻ جو ايڏو پابند آهيان جو سفر جو به خيال نه اٿم. نتيجي ۾ جيئن ئي ملون بانگ ڏئي ته هي مصلو ۽ گوڏ ڪڍيو منهنجي اڳيان رکن ته ”وقتُو سمبهيانغ“ ـ معنيٰ وقت نماز جو ٿي ويو. ملئي زبان ۾ نماز کي سمبهيانغ (Sembahyang) چون.

پتلون ۾ نماز پڙهڻ جي عادت اسان کي نه. ۽ سنڌ ۾ جيڪي گوڏيون استعمال ٿين ٿيون اهي هڪ ته ڊگهيون آهن ۽ ٻيو وچ تان کليل ٿين ـ توال يا چادر وانگر. جن جي پوچڙن کي چوڏاري ورائي ڳنڍ ڏيئي سگهجي ٿي. ۽ پوءِ گوڏ کلڻ جو امڪان ئي نٿو سگهي. پر هي ملئي يا بنگالي گوڏيون هڪ ته پڙن وانگر گول سبيل ٿين ۽ ٻيو ٻَرَ ۾ به ننڍيون ٿين. سو جي چڱيءَ طرح ڳنڍ ڏيئي ٻڌ ته گوڏ ٻنهه لنڊي ٿيو گوڏن تائين کڄيو وڃي. ٻي صورت ۾ ـ يعني ڳنڍ نه ڏي ته وري ذري ذري کلڻ جو انديشو رهي ٿو. بهرحال گهر جا ڪپڙا ـ شلوار قميص نه آندي هيم سو هڪ وقت جيئن تيئن ڪري هتي جي گوڏ (سارونگ) ۾ ڪمري جو در بيڪڙي نماز پڙهيم پر پوءِ جيئن ئي نماز جو وقت ٿئي ته ٻيو ڪو پڙهي يا نه پڙهي پر گوڏ ۽ مصلو مونکي ڏيئي چون ’وقتو سمبهيانغ‘ . وچين

(عصر) نماز جي بانگ آئي تہ بہ وقت سمبهيانغ چئي مونکي اشاريائون. ۽ پوءِ شام جو سفوران جو مڙس ـ ذوالقفلي بہ اچي ويو سو سانجهي (مغرب) نماز تي مون سان گڏ هن جي بہ حوالي هڪ مصلو ڪيو ويو تہ وقتُو (Waktu) ـ سمبهيانغ تي ويو. دل ۾ آيو تہ سفوران يا ذوالقفليءَ کان پڇان تہ هن گهر ۾ فقط مردن لاءِ نماز فرض آهي ڇا؟

هونءَ اها ڳالهہ ضرور آهي تہ ملائيشيا جا ملئي ماڻهو (جيڪي سڀ مسلمان آهن) نماز روزي ۾ اسان کان گهٽو پابند نظر اچن ٿا. ۽ ڳوٺن ۾ تہ گهر گهر ۾ ننڍو وڏو نماز ۽ قرآن پڙهي ٿو. منهنجي پنهنجي سروي ۽ مختلف ماڻهن کان ورتل انٽرويو مطابق هتي ماڻهن جو مذهب ڏي رجحان ڏينهون ڏينهن وڌندو وڃي. پوڙهن سان گڏوگڏ نوجوان ٿهي پڻ نماز روزي جهڙين ڳالهين ڏي گهٽو مائل آهي. جيڪا هڙي مڪسڊ سوسائٽيءَ ۾ وڏي ڳالهہ آهي. هتي هر شهر، هر ڳوٺ ۾ اڌو اڌ غير مسلم ماڻهو: چيني، ٻڌ، ڪرسچن ۽ انڊين هندو رهن ٿا. جيڪي رمضان ۾ بہ هلندي چلندي يا آفيسن دڪانن تي کائيندي پيئندي ۽ سگريٽ ڇڪيندي نظر اچن ٿا. پر ان هوندي بہ ملئي مسلمان روزي جا پابند آهن. مرد ۽ ڇوڪرا تہ ڇا پر ننڍي عمر جون ڇوڪريون پڻ ـ جيتوڻيڪ هتي جي موسم ڪا اهڙي مهربان بہ ناهي. جنهن ڏينهن يا جنهن وقت مينهن نٿو پوي، ۽ آسمان تان ڪڪر غائب آهن يا گهٽ آهن تہ ٽراپيڪل سج جا ڏرتيءَ تي سڌا اينڌڙ ڪرڻا جسم کي ساڙين ٿا. ۽ هتي جو روزو اسان جي اونهاري جهڙو ڪٺي سخت ناهي پر تہ بہ ايترو سولو بہ ناهي جيترو اسان وٽ سياري ۾ ٿئي ٿو.

ڪيترن ملئي گهرن ۾ تہ سڄي گهر جا ڀاتي جماعت سان نماز پڙهن ٿا. گهر جو وڏو امام ٿي بيهي يا وري سڀ مسجد ۾ پڙهن. زالون بہ مردن سان گڏ مسجد ۾ وڃن. هو اڇن برقعن جهڙين سفيد چادرن سان پاڻ کي ڍڪي، پاسي کان ڌار صفون ناهي، نماز پڙهن. پر هن گهر ۾ اهو ڏسي کل بہ پئي آئي تہ گهر جو ٻيو ڪوبہ ڀاتي نماز پڙهي يا نہ پڙهي پر سڄو زور رڳو مون تي ۽ ذوالقفليءَ تي. بهرحال سهمائي (عشاء) جي نماز

لاءِ اٿڻ جي موڊ بلڪل نہ ھئي سو وقت سمبھيانغ (Waktu- Sambahyang) ٻڌي بہ ماٺ ۾ ھوس. اڌ ڪلاڪ رکي وري ٻيو دفعو جڏھن چياٺون تہ محسوس ڪيم تہ رات جي ماني سامھون ٽيبل تي لڳائي سڀ منھنجو انتظار پيا ڪن تہ نماز پڙھان تہ ماني شروع ڪجي. نتيجي ۾ ھن دفعي ماٺ ڪرڻ بدران چيومان تہ پوءِ ٿو پڙھان.

منھنجو اھو چوڻ، سڀ ماني کائڻ لاءِ اٿي کڙا ٿيا ۽ مونکي دل ئي دل ۾ افسوس ٿيو تہ اھڙي خبر ھجي ھا تہ اڌ ڪلاڪ اڳ ۾ پھريون دفعو پڇڻ تي ئي ڪين ٻڌايان ھا تہ منھنجي ڪري سيني کي ايترو انتظار ڪرڻو نہ پوي ھا. پوءِ ياد آيم تہ واقعي اھو سچو اڌ ڪلاڪ رکي رکي سڀ مون ڏي ٽيڏي اک سان ڏسي رھيا ھئا تہ ڪنھن وقت اٿي نماز ٿو پڙھان جيئن پوءِ ماني شروع ڪجي.

نماز تہ ڪنھن کي پڙھڻ ھئي ڪنھن کي نہ. يا ڪنھن کي اڳ ڪنھن کي ٿوري دير بعد. پر منڊي (وھنجڻ) تہ ھر ھڪ نندي وڏي لاءِ اھم ھو. اچڻ مھل تہ ٿڪل ۽ پگھريل ھوس سو وھنتس پر شام جو وري موٽيس تہ ان وقت مسز سفوران جو مڙس ذوالقفلي، وڏو پٽ بحرالدين ۽ ٻيو نمبر ڌيءَ ماھہ نوم آفيس کان آئي ھئي. انھن سان اجان پنج ڏھہ منٽ مس ڳالھايم تہ ذوالقفليءَ منڊيءَ لاءِ مون کان پڇيو. کيس انگريزي چڱي آئي ٿي سو انگريزي ۾ ئي ٻڌايومانس تہ اجان ھاڻ باٿ ورتو اٿم. سو پاڻ وھنجڻ لاءِ مونکي 'ايڪسڪيوزمي' چئي اٿيو تہ جوٽس سفوران ـ جيڪا ان وقت پنھنجين پاڙي وارين سان در وٽ بيھي ڪچھري ڪري رھي ھئي تنھن کيس ملئيءَ ۾ چيو تہ پھرين ھن مھمان کي تہ وھنجڻ ڏي.

"پر الطاف چيو تہ ھو اجان ھاڻ وھنتو آھي." ذوالقفليءَ ٻڌايس.

"نہ. ھاڻ تہ نہ وھنتو آھي. منجھند مھل جڏھن آيو ھو ان وقت وھنتو ھو. شايد تڪلف ٿو ڪري." سفوران سمجھايس.

اھو ٻڌي زال مڙس ٻئي مونکي ٽوال ڏيئي وھنجڻ لاءِ زور ڀرڻ لڳا. ڪين چا سمجھايان تہ ھتي وٽ تہ آھي اڻ ميو پاڻي ـ سو بہ گھڻيءَ گھڻيءَ ۽ گھر گھر ۾ موجود. ان ڪري نندي ھوندي کان گھٽو وھنجڻ

جا عادي ٿي ويا آهن. آفريڪا ۾ وچ اوڀر جي وارياسين ملڪن کان وٺي پاڪستان جي سنڌ بلوچستان ۾ هندستان جي راجستان تائين ته ڪنهن کي وهنجڻ لاءِ هفتي ۾ هڪ دفعو پاڻي ملي وڃي ته به هو خوش نصيب آهي ۽ اسان جون وهنجڻ جون عادتون به ننڍي هوندي کان ان مطابق ٿي ويون آهن. اسان پڙهي لکي پيا آهيون ۽ شهرن ۾ رهون ٿا ۽ هاڻ ويهين صديءَ جي آخر ۾ اسان جي ڳوٺن ۾ به لائيٽ ۽ پاڻيءَ جا نلڪا لڳا آهن ته ڪو روز وهنجڻ نصيب ٿئي ٿو- سو به وهنجڻ مهل به پوري خيال سان نل هيٺان ٿي وهنجڻو پوي ٿو يا ننڍي ڪريءَ سان پاڻيءَ جي لار مٿي کان اوٽي پوي ٿي جيئن ٿوري کان ٿورو پاڻي گهٽي کان گهٽو جسم ڇهي پوءِ پٽ تي وڃي ڪري. هتي وانگر وڏا ٽب ۽ ناديون پري اڌ باردين جيڏين ڪرين سان اڌ پاڻي جسم مٿان اڌ هوا ۾ اوتڻ جو ته خيال ۾ به سوچي نٿا سگهون.

بهرحال ان وقت وهنجڻ کان آخرڪار نٽائي ويس ۽ هڪ هڪ ٿي گهر جو پاتي وهنجندو رهيو. پر سانجهي نماز کان ٿوري دير اڳ منڊي (وهنجڻ) هتي نه فقط ضروري سمجهيو ٿو وڃي پر هڪ رسم ۽ ڪلچر به آهي جيڪو صدين کان نه فقط هتي ملائيشيا ۾ هلندو اچي پر ڏور اوڀر جي ٻين ملڪن: ٿائلنڊ ۾ تائيوان کان وٺي جپان ڪوريا جي مسلمانن توڙي ٻڌن، ڪرسچنن ۾ دهرين ۾ آهي. ان کان انڪار ڪرڻ معنيٰ هاڻ پنهنجي ۾ پنهنجي ملڪ جي گلا ڪرائڻ. اسان لاءِ ته اها ڳالهه جيئن ته مٿي لکيو اٿم ته ڪا اهميت نٿي رکي. اجان به صبح جو وهنجڻ وڏيڪ اهم سمجهيو وڃي ٿو. پر هتي ملڪن ۾ سمهڻ کان اڳ نه وهنجڻ نه فقط گدلائي ليکيو وڃي ٿو پر پنهنجي ملڪ لاءِ اهو 'اميج' ڇڏڻو ٿيو ته پاڪستان جا ماڻهو ڪيترو نه پنتي پيل آهن جن مان هڪ کي هو پهريون دفعو ڏسي رهيا آهن. هونءَ هتي جا ماڻهو اسان جي ملڪ جي ماڻهن کان تمام گهڻو متاثر آهن. ڪين خبر آهي ته اسان جي ملڪ جا ماڻهو ڪارون ۽ جهاز پيا ناهين، اسان جي ملڪ جا ڊاڪٽر دلين ۽ دماغن جون ڪامياب آپريشنون پيا ڪن. اسان جي ملڪ جا انجنيئر دريائن مٿان پليون ۽

سمنڊن اندر بريڪ واٽر پيا ٺاهين. اسان جي ملڪ جا ماڻهو سائنس، ٽيڪنالاجي ۽ ادب ۾ نوبل پرائيز کان ليئن پرائيز پيا کڻن - پاڙي جا طاقتور ملڪ ڏڄن پيا ته هي ماڻهو ائٽم بم نه ٺاهين - پر اها ڪهڙي ترقي ۽ جديدپڻو جيئبو جو هو سمهڻ کان اڳ وهنجڻ جهڙي اهم شيءِ نه سکيا آهن. اهڙا ماڻهو ڪيئن چاڻ وارا ۽ سڌريل چئي سگهجن ٿا.

ٿوري ٿوري دير کان پوءِ جيڪي پاڙي واريون ملئي عورتون مسز سفوران سان در وٽ ملڻ پئي آيون ۽ جن کي جڏهن خبر ٿي پيئي ته ڪو ڌارئين ملڪ جو مهمان سندن پاڙي ۾ آيو آهي ته ويندي وقت پيرن جي پڻن تي ويهي هٿن دريءَ مان ليئا پائي مون کي ڏسو ٿي. اهي ٻئي ڏينهن منهنجي وڃڻ کان پوءِ جڏهن پنهنجي ساهيڙي سفوران کان پڇنديون ته پاڪستاني ماڻهو ڪيئن آهن ته پڪ سفوران کين اهو ٻڌائي تعجب ۾ وجهندي ته عجيب ماڻهو آهن جو ڏينهن ۾ ٻه چار دفعا ته ٺٺا وهنجن پر سمهڻ مهل ٻه ٺٺا وهنجن. خبر ناهي نند ڪيئن ٿي اچين.

سو سائين سانجهيءَ مهل جيئن ئي مون کي منڊيءَ لاءِ چيائون ته ٻڏل دل سان ٽوال هٿ ۾ جهلي بنا ڪنهن بحث ۽ وقت وڃائڻ جي، پنهنجي ملڪ جي مڙني ماڻهن تي ٺڏو ٿورو ڪرڻ ڪارڻ اٿي ڪڙو ٽيس. ۽ تختن جي ڪمزور پل جهڙي ڪاٺائين فرش تان هلندو اچي وهنجڻ جاءِ تائين نڪتس ۽ هڪ اڌ باردي مٿان نائي آنگ لاٿم - جيئن پوءِ گهر جا باقي ياتي وارو وٺن. پر پوءِ صبح جو جڏهن اٿڻ سان وري منڊي منڊي ڪيائون ته مون وري کين وٽ نه ڏنو ۽ چيومانَ ته سامان ڪار ۾ رکي چڪو آهيان ۽ 'سايا باليق ملاڪا' - آئون ملاڪا پيو موٽان.

”چو چو. ترس ته سهي. نيرن به نه ڪائي ويندين چا -؟“ سيني ڪورس جي انداز ۾ چيو. پر مون کين ٻڌايو ته آئون ڪوالالمپور جلد ڇڏي ملاڪا وقت تي پهچڻ چاهيان ٿو جيئن ڊيوٽيءَ تي وڃي چڙهان ۽ اڄوڪو ڏينهن موڪل ۾ نه سارجي.

”پر تو ڪالهه ته چيو هو ته اڄ موڪل وٺي آيو آهين ۽ هتان آرام سان ڏهين بجي ڌاري نڪرندين. ائين ته نه ڪر.“ هو مون تي زور ڀرڻ لڳا.

”ها، اهو تہ صحيح آهي جو مون سوچيو هو تہ متان اڪ دير سان ڪلي. پر جيئن تہ سوير ئي سجاڳ ٿي ويو آهيان ان ڪري اڄوڪو ڏينهن اجايو وڃائڻ نٿو چاهيان ۽ ڊيوٽي ڪري اڄوڪو ڏينهن وري بچائي ٿو وٺان جيئن هڪ ڏينهن وڌيڪ وري موڪل ڪري سگهان.“ مون کين سمجهايو.

هتي هر هڪ کي سال ۾ پندرهن ڏينهن موڪل ملي ٿي ۽ هر ڪو ڪوشش ڪري موڪل جا ڏينهن بچائي گڏ ڪندو آهي جيئن سال جي آخر ۾ ڪيڏانهن پري - پينانگ، ڪيداح، پيراق، ترنگانو وڃي سگهي. يا ويندي پر وارن ملڪن: انڊونيشيا، ٿائلنڊ، سنگاپور ۽ برما ۾ اهي موڪلون گذاري سگهي. کين اها ڳالهہ سمجهہ ۾ اچي ويئي پر ان هوندي بہ پڪ ڪيائون تہ مون کي سندن گهر ۾ چڱيءَ طرح ننڊ تہ آئي يا نہ.

کين اهو تہ مون يقين ڏياري ڇڏيو تہ واهہ جي گهاٽي ننڊ آئي ۽ هڪ اهو بہ سبب آهي جو تازو ۽ نئوبنو محسوس ڪري رهيو آهيان ۽ ڊرائيونگ ڪري ملاڪا تائين پهچڻ ۽ ڊيوٽي ڪرڻ ۾ ڪوبہ ٿڪ محسوس نہ ڪندس.

ملائيشيا جيتن جڻين جو ملڪ آهي. جيتوڻيڪ شهرن ۾ ايترا نہ آهن پر تہ بہ اسان لاءِ تہ تمام گهڻا آهن جو اسان جي ملڪ جي ٻيلن ۾ بہ ايترا جيت نہ هوندا. پر هتي جا ماڻهو جيتن ۽ انهن جي چڪن ۽ آوازن جا ايڏو عادي ٿي ويا آهن جو در درين تي ڄاريون هڻڻ بنا بہ سمهيو رهن. پر اسان جي ملڪ جي ماڻهن لاءِ هتي جي ههڙين حالتن ۾ رهڻ تمام ڏکيو ڪم آهي. ان ڪري ڪوالالمپور ويندي وقت پاڻ سان چاري ۽ جيتن ڀڄائڻ جو اليڪٽرڪ هيٽر کڻي نڪتو هوس. پر منهنجن مهربان ميزبانن اهو اڳهين سوچي مون واري ڪمري جي دريءَ وٽ ’چڪري‘ ٻاري ڇڏي هئي جيئن مڇر يا جيت جڻيا مونکي نہ ستائين. سو ظاهر آهي مون واري ڪمري ۾ جيت يا مڇر تہ بلڪل نہ هو پر ڇڇيون سي ضرور هيون - جيڪي ڀتين ۽ ڇتين تي هلي رهيون هيون. اها ئي ڳالهہ آهي تہ ڪيترن

ماٿھن کي چچيءَ کي ڏسڻ سان ڪراھت ٿئي ٿي ـ خاص ڪري ھتي جي ٿلھين ٽنيرين ۽ ھيڊين چچين کي ڏسي. پر چچي ڪا اھڙي شيءِ ناھي جيڪا سڌي ماڻھوءَ کي مچرن ۽ ھتي جي جيتن وانگر چڪ ھڻي. پر پنھنجي ملڪ ۽ ھتي جي چچين ۾ فرق آھي. ملائيشيا جون چچيون ڏيڏر وانگر اھڙو تہ زوردار رڙڪو ٿيون ڪن جو ستل اٿاريو ڇڏين.

ملائيشيا اچڻ تي اسان کي پھريون تہ سڄو مھنو سمجھ ۾ نہ آيو تہ رات جو اھو آواز ڪير ٿو ڪري. مون سمجھيو اھو پڪ ڏيڏر جو آواز ھوندو. اسان جي ٻئي پاڪستاني دوست چيف انجنيئر آصف غيور پڪ ڏيڪاري تہ اھو ٺڏ جو آواز آھي. گھر جي ھڪ ھڪ ڪنڊ ڪري ڳوليسين تہ ڪا ٺڏ وغيره ھجي تہ پڃائجي پر رات جو وري ساڳي ٽر ٽر. پوءِ چا ٿيو جو ھڪ فنڪشن ۾ ڪوالالمپور کان اسانجو پاڪستاني ظفر زبيري آيو. ھو ھتي ملائيشيا جي شپنگ ڪارپوريشن ۾ ٽي سال کن ڊئريڪٽر رھي چڪو آھي تنھن ھتي جي جيت جنتن جي آوازن ۽ چڪن جي ڳالھ ڪندي چيو: "ڏسو تہ صحيح ھتي جي چچي ڏيڏر وانگر ٽر ٽر ٿي ڪري ۽ ڏيڏر ڏيڳي وانگر." پوءِ اسان ھڪ ھڪ ڪري سيني چچين کان گھر کي صاف ڪري ڇڏيو. پر ھاڻ ھتي ھن گھر ۾ ٻين ملئي گھرن وانگر چچيون ھيون. نہ فقط ھيون پر تمام گھڻيون ھيون. جن رکي رکي اھڙي تہ ٽر ٽر ڪئي ٿي جو اسان جھڙن ماٿھن لاءِ ـ جن کي بھترين حالتن ۾ بہ ننڊ تمام ٿوري ۽ ھوائي قسم جي اچي ٿي، تن لاءِ ھن حالت ۾ سمھڻ ناممڪن ھو. ھونءَ چچين کي ھُش ھُش ڪري ھڪلڻ سان ھنن ڪلاڪ بہ ماٺ بہ ڪئي ٿي. ۽ ائين ئي ڪيم پئي تہ جيئن ڪلاڪ بہ سمھي سگھان ـ جيڪا ننڊ مون لاءِ تمام گھٽي ڪٽي نہ، تہ بہ چڱي خاصي ٿي سگھي ھا پر اسان جي ميزبان مون واري ڪمري ۾ ماڻھوءَ جي قد جيڏو، ٻٽن لڏڪڻ وارو گھڙيال رکي ڇڏيو ھو جنھن جو گرجا گھر واري گھڙيال جي گھنڊن جھڙو آواز مئلن کي بہ جاڳايو ٿي. منھنجي ميزبانن کي جي خبر ھجي ھا تہ اھو گھڙيال مون کي ڊسٽرب ڪندو تہ ھو ڪڏھن بہ مون واري ڪمري ۾ ٽنگين نہ ھا ۽ ھن کي ڊرائنگ روم

يا ٻئي هنڌ جتي اصل رکيل هو اتي ئي رهڻ ڏين ٿا. پر هتي منهنجي ڪمري کي سهڻو ڏيکارڻ لاءِ اهو شوپيس (Show- Piece) رکيو هو- جيڪو پيس تہ نہ هو پر سڄي ساري آفت هئي. ٻيا گهڙيال ڪلاڪ بعد گهنڊ هڻن پر هي اڌ ڪلاڪ بعد بہ هڻندا ٿي. ياد اٿم تہ اسان جي ڳوٺ واري گهر ۾ ڪنهن زماني ۾ هڪ گهڙيال هوندو هو جيڪو پڻ لڏڪڻي (Pendulum) وارو هو. اهو هر ڪلاڪ گذرڻ تي اوترا ڏڪ هڻندو هو پر اڌ ڪلاڪ بعد فقط هڪ ٺڪاءُ هڻندو هو- يعني خبر پوي تہ اڌ ڪلاڪ گذري ويو. پر هي گهڙيال تہ اڌ ڪلاڪ گذرڻ تي بہ ڇهہ ڇهہ ڏڪ ٿي هڻيا ۽ ڪلاڪ گذرڻ تي تہ خبر ناهي ڪيترا ٺڪاءُ ٿي هڻيائين. ڇو جو ڏهن، يارهن ۽ ٻارهن تي بہ هڪ ٻئي پويان لڳاتار ايترا تہ گهنڊ هڻيا ٿي جو ڳڻڻ محال هو. پر ساڍي ٻارهن کان پوءِ هڪ تي فقط هڪ ۽ ٻن تي فقط ٻہ نہ پر شايد اوترا ڏهن ٺڪائن جا ڪيا ٿي. سو ڇڇين کان علاوه گهڙيال جي ٺڪائن بہ منهنجي ننڊ ڦٽائي هئي.

وقت گذارڻ يا ننڊ کي ميڙڻ لاءِ مون هڪ دفعو ٻيهر ٻاري ڪتاب پڙهڻ شروع ڪيو ٿي. پر ڏٺم تہ ڇت ۾ ٻرندڙ بلب جي روشني نہ فقط منهنجي ڪمري کي پر پر وارن سيني ڪمرن کي روشن ڪري ٻين جي بہ ننڊ ڦٽائي رکي. ڇو جو هتي جي هٿرن گهرن جون ڀتيون اسان جي گهرن وانگر ڇت کان وٺي ڇت تائين نہ ٿين پر ڇتين کان فٽ ڏيڍ ڪن هيٺ تائين ٿين ۽ اهي ڇت کي ٽيڪ يا ٽيڀي ڏيڻ بدران فقط ٻن ڪمرن جي وچ ۾ پارٽيشن جو ڪم ڏين ٿيون. ان ڪري هڪ ڪمري جي روشني ۽ آواز ٻئي تائين هليو وڃي. ٻتي ٻرڻ ڪري ٻارن ۽ وڏن جي ننڊ ڦٽي ۽ مون ٻتي وسائي ڇڏي. پوءِ صبح تائين اٺين ئي جاڳندو رهيس.

مانيءَ لاءِ جيتوڻيڪ مون ٿي چاهيو تہ ميزبانن کي ڪاٻہ تڪليف اچي ۽ نہ مون کي ڪو ڪاڏي جو شوق آهي. ان ڪري منجهند جي ماني تہ ٻاهران ئي کائي آيو هوس. پر رات لاءِ بہ ايندي وقت کان وٺي ڪوشش ڪيم تہ هو مون لاءِ ڪجهہ بہ خاص نہ ڪن. پر ان هوندي بہ هنن ويچارن پنهنجي پر ۾ مون لاءِ ٿي چار مختلف ڊش ڪٽي ناهيا ۽ اصول

مطابق مون لاءِ هر هڪ مان ڪجهه چکڻ ضروري هو پر بدقسمتيءَ سان انهن ۾ هڪ به نه مڇيءَ جا ٻوڙ هئا. جيڪا الرجيءَ ڪري مون کي ڪاٽي نه هئي ۽ ٻيا اهي ملئي ڊش هئا جيڪي سال سوا ملائيشيا ۾ گذارڻ بعد به اڃان انهن جو ذائقو ياڻءِ نه پيو آهي. بهرحال خوش قسمتيءَ سان ٽيبل جي هڪ ڪنڊ تي آمليٽ بيضو ۽ ڊبل روٽي به رکي هئي جنهن جو Stat-us بين ڊشن جي مقابلي ۾ جيتوڻيڪ ٻين لاءِ هيٺاهون هو پر منهنجي پسند جي شيءِ هجڻ ڪري مون ان کي ريڙهي پاڻ اڳيان ڪيو. ميزبانن جي زور ڀرڻ تي ناريل جي کير ۾ رڌيل ٻوڙ ۽ ڪنهن وڻ جي پن ۾ ٻاڦيل پٽ جهڙين شين مان گرانهه به ضرور چکيم پر پنهنجي دل ڪچي ڪرڻ ۽ سندن دل رکڻ ڪارڻ.

ملاڪا موٽڻ وقت اهوئي سوچيندو آيس ته منهنجي پنهنجي عادتن ۽ رهائش جي اڏنگي اسٽائيل ڪري ميزبان ويچارن کي ڪيتري نه تڪليف رسي ۽ هاڻ آئيندي ڪنهن کي تڪليف ڏيڻ بدران، ماٺ متوڙي ۾ ڪنهن هلڪي سلڪي هوٽل ۾ رات گذاري اچبي يا وري رات جو ئي واپس پنهنجن ڪکن ۾ رهڻ لاءِ ملاڪا موٽي اچبو.

ڪوالالمپور پهچي ڇا ڏسجي؟

ملائيشيا گهمڻ لاءِ هرڪو ڪوالالمپور ضرور اچي ٿو. ڪوالالمپور ملائيشيا جي گاديءَ جو هنڌ آهي. وڏو ۽ مکيہ شهر آهي. سبانگ نالي بين الاقوامي هوائي اڏو توڙي پورٽ ڪلانگ نالي بندرگاهہ اتس. منجهس ڪيترين ئي يونيورسٽيون، ڪاليج ۽ ٻيا تعليمي ادارا آهن. ڌارين ملڪن جا سفارت خانا توڙي هوائي ڪمپنين جون آفيسون ۽ ڪيتريون ئي وڏيون هوٽلون پڻ ڪوالالمپور شهر ۾ آهن، ۽ ڪوالالمپور شهر هوائي ۽ سامونڊي رستي دنيا جي مختلف ملڪن سان ڳنڍيل آهي. ان ڪان علاوه ڪوالالمپور جو شهر ريل گاڏي ۽ بسن ذريعي نہ فقط ملائيشيا جي مختلف شهرن سان ڳنڍيل آهي پر پر وارن ملڪن: سنگاپور ۽ ٿائلنڊ جي ڪيترن ئي شهرن سان پڻ مليو پيو آهي. ڪوالالمپور جي ريلوي اسٽيشن تي ۽ پودورايا روڊ واري بس اسٽاپ تي سنگاپور ۽ ٿائلنڊ جي شهرن: حاديا، سونگ ڪلا، پٽايا ۽ بئنڪاڪ لاءِ بس جون ٽڪيٽون ائين عام وڪامن ٿيون، جيئن ڪوٽڙي ريلوي اسٽيشن تي يا حيدرآباد جي پناڻ ڪالوني واري بس اسٽاپ تي ڄامشورو، پيٽارو، ٻڍاپور، سيوهڻ لاءِ. اهوئي سبب آهي جو ڪوالالمپور ۾ آيل مسافر مونجهہ ۽ تڪليف محسوس نٿا ڪن. هتي جي چرپر تي آزادي ۽ رهائش لاءِ هر قسم جون هوٽلون موجود آهن. سياسي ۽ سماجي حالتون پڻ بهتر ۽ سڌريل آهن. ان ڪري دور دراز ڪان ماڻهو ٻي ڊپا تي ڪوالالمپور اچن ٿا. پوءِ ڪي خاص هلي ملي فقط ڪوالالمپور گهمڻ لاءِ اچن ٿا. ڪي سنگاپور يا بئنڪاڪ ويندي وات تان ڪوالالمپور مان بہ ٿيندا وڃن ٿا. ڪي سرڪاري طرح ميڊيڪل، انجنيئرنگ، فنائنس، مئنيجمينٽ وغيره جون ڪانفرنسون/ سيمينار/ ميٽنگون اٽينڊ ڪرڻ لاءِ اچن ٿا ۽ ڏينهن ٻن جي مختصر رهائش

دوران شاپنگ بہ ڪن ٿا تہ ڪجھ ڪجھ گهمڻ ڦرڻ بہ پسند ڪن ٿا.

هاڻ سوال ٿو پيدا ٿئي تہ ڪوالالمپور ۾ ڏينهن ٻن لاءِ آيل همراهہ ڪي ڪوالالمپور جون ڪهڙيون ڪهڙيون شيون ڏسڻ ڪپن. هتي جا نقشا ۽ گائيڊ بڪ تہ ڪيترين ئي شين لاءِ لکن ٿا. پر ڪي جايون اهڙيون آهن، جيڪي اسان ايشيائي رهاڪن کي مزو ڏين ٿيون تہ ٻيون وري يورپ ۽ آمريڪا کان آيل همراهن کي. ايشيا جا بہ ڪيترائي ملڪ آهن ۽ وري هر ملڪ جي مختلف صوبن جي ماڻهن کي جدا جدا جايون مزو ڏين ٿيون. مثال جي ڳالهہ انڊيا کان آيل هڪ مدراسيءَ يا سريلنڪا کان آيل ڪنهن سلونيءَ کي ڪوالالمپور ۾ اچي رٻڙ جي پوک ڏسڻ مان ڪهڙو مزو ايندو. ڇو جو اها هن لاءِ نئين ڳالهہ ناهي: اها تہ ڏکڻ هندستان ۽ سريلنڪا ۾ بہ عام جام آهي. پر اتر هندستان جي علائقن يا يورپ آمريڪا کان آيل همراهن لاءِ اها نئين ڳالهہ آهي تہ ڪيئن صبح سوير عورتون وڻ جي ٿڙ کي ڇيهڪ ڏين ٿيون ۽ کير ٽيپو ٽيپو ٿي هيٺ ٽنگيل وٽيءَ ۾ گڏ ٿئي ٿو ۽ پوءِ اهي سڀ وٽيون هڪ وڏي ڊرم ۾ وجهي ان مان رٻڙ جون اڇيون چادرون ناهيون وڃن ٿيون - جيڪي پوءِ رٻڙ جي مختلف شين ٺاهڻ ۾ ڪم اچن ٿيون.

ساڳيءَ طرح ڪوالالمپور شهر کان ٿورو پري سطح سمنڊ کان ڇهہ هزار فٽ ڪن مٿي جبلن جي چوٽيءَ تي Genting Highland نالي هڪ جڳهہ آهي. گهٽو مٿي هجڻ ڪري هتي تمام گهٽو سيءُ رهي ٿو. جيتوڻيڪ هيٺ سڄي ملائيشيا ۾ سڄي سال ۾ ڪو هڪ ڏينهن بہ ٿڌڪار نٿي ٿئي. هيءَ جڳهہ ايڏو مٿي آهي جو عمارتن جي چوڌاري ڪڪر ترندا رهن ٿا. (ان ڪري اتي نهيل هڪ جوا جي اڏي کي 'ڪڪرن ۾ جوا خانو' سڏجي ٿو.) (Casino in Clouds)

گنٽنگ هاءِ لئنڊس تي مٿي هڪ ننڍڙي ڍنڍ ۽ باغيچو پڻ آهي. ملائيشيا جا ماڻهو هتي گهٽو ڪري پڪنڪ لاءِ اچن ٿا. يا وري ٻارن جي وندر لاءِ - جو اتي ٻارن جون پڻ ڪيتريون ئي رانديون آهن. ويندي ٻارن جي چڙهڻ لاءِ مني ٽرين ۽ هلائڻ لاءِ ڪارون پڻ. سو هيءَ جڳهہ اهڙي

آهي جيڪا بنا ڪنهن شڪ شبهي جي هتي جي ماڻهن لاءِ تہ بيحد دلچسپ ۽ عجيب آهي، جو هو هتي ئي اچي سيءَ کي محسوس ڪن ٿا تہ سيءُ ڇا آهي، پر هڪ ٽڏي ملڪ جي يورپي انگريز لاءِ، ويندي اسان جي ڪوهہ مري، ڪوئيٽا، ايوبيہ، گلگت واري همراهہ لاءِ هيءَ جاءِ ڪجهہ بہ حيثيت نٿي رکي جو اتي جي ماڻهن ان ڪان بہ اتاهن جبلن تي وستيون ڏنيون آهن ۽ ان ڪان بہ وڌيڪ سيءَ ۾ گذاريو آهي.

سنڌ ۾ رهي اسان بہ سياري ۾ تہ سيءَ جو زور چکيو آهي. سو ويندي اسان لاءِ بہ سيءُ ڪو نئين ڳالهہ ناهي. پر هاڻ هتي لڳاتار بہ ادائي سال ساڳي مينهوڳيءَ واري موسم ۾ رهي رهي ٽڏڪار ۽ سيءَ لاءِ تانگهہ واري حالت ۾ جڏهن اتي پهتس تہ برابر مزو آيو ۽ پنهنجي ملڪ جي سڪ ۽ ياد ويتر وڌي ويئي. هوا ۾ اهوئي هڳاءُ محسوس ٿيڻ لڳو جيڪو هلڪن سيئن ۾ سنڌ ۾ ٿيندو آهي. صبح ڪان وني شام تائين وينو ئي هوس. دل ۾ چيم تہ ڪوالالمپور ۾ سڀ ۾ هيءَ جاءِ معشوق آهي. ويتر مون لاءِ تہ جبل جي ايڏي اتاهينءَ تي رهڻ بہ هڪ نئون ۽ سنو تجربو ٿي لڳو. ٿي سگهي ٿو ٽڏي ملڪ جو ڪو باشندو يا ڪو اهڙو پاڪستاني جيڪو ڪوئيٽا يا گلگت ڪان آيل هجي، ان کي ڪوالالمپور ۾ هيءَ شيءِ ــ گنتنگ هاءِ لئنڊس ٽڪي جو بہ مزو نہ ڏئي پر آئون تہ جڏهن ڪان گهمي آيو آهيان تڏهن ڪان چوندو وتان تہ ڪوالالمپور ۾ ڪا ڏسڻ جي شيءِ آهي تہ اها گنتنگ هاءِ لئنڊس ئي آهي. شايد اهوئي سبب آهي جو جڏهن ڪئپٽن وسطڙو مون وٽ ملاڪا ۾ گهمڻ لاءِ آيو، تہ ڪيس بہ گهمائڻ لاءِ جبلن جا ور وڪڙ اڪارائي مٿي گنتنگ هاءِ لئنڊس تي وٺي آيس، مون کي پڪ هئي تہ سئيڊن جي مالمو يونيورسٽي ڪان آيل هي همراهہ ڪوالالمپور جي هيءَ اتاهين سرد جاءِ ڏسي مون وانگر خوش ٿيندو پر جڏهن پچيومانس تہ هيءَ جاءِ ڪيئن ٿي لڳي تہ بنا ڪنهن تعجب يا تعريف جي وائڙن وانگر پڇڻ لڳو: ”هتي مونکي وني ڇو آيو آهين؟“

شڪي ٿيندي چيومانس: ”اهوئي تہ هتي سيءُ ڪيڏو آهي ۽ جبل پڻ.“

”ڪمال آهي!“ هن ڳالهہ جو مطلب سمجهي ورائيو، ”سيءَ ۽ جبلن ڪري تہ سئيڊن کان پڇي هفتو بہ موڪل لاءِ هتي آيو آهيان، ۽ تون اجايو هيڏو تيل ساڙي هتي وني آيو آهين.“

ان وقت مون کي احساس ٿيو واقعي هي همراهہ ٻن سالن کان، هن کان وڌيڪ وڏا جبل ڏسي رهيو آهي، ۽ هن لاءِ تہ هي سيءُ ڪجهہ بہ ناهي جو هن وقت هي مون وٽ ڳوٺ ۽ پوسٽ آفيس ’مچر‘ ضلع ’نوشهروفيروز‘ کان نہ پر دنيا جي ٿڌي ۽ جابلو ملڪ سئيڊن کان پيو اچي ۽ هن سيءَ کان وڌيڪ سيءُ. تہ سئيڊن، ناروي، ڊئنمارڪ پاسي اونهاري ۾ ٿئي ٿو.

سو ضروري ناهي تہ هر ماڻهوءَ لاءِ ڪوالالمپور جي هر هڪ شيءِ سٺي ۽ ڏسڻ لائق هجي. بهرحال مون کي گنتنگ هاءِ لئنڊس کان پوءِ ٻئي نمبر تي هتي جي Batu- Caves (باتو غارن) متاثر ڪيو. هي غارون ڪوالالمپور کان ڏهہ ڪلوميٽر کن ٻاهر جهنگل جي وچ ۾ موجود جبلن ۾ آهن. سڀ کان وڏي غار ۾ هندن جي ديوتا سبرامنيم جو مندر آهي. جنهن تي پهچڻ لاءِ پوٽا تي سؤ کن اُڀا ڏاڪا مٿي چڙهڻا پون ٿا. رستي تي پولڙن ۽ دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ کان آيل ٽوئرسٽن جا انبوهہ، ٻارن لاءِ ٽڪيون چاڪليٽ، پولڙن لاءِ چوئرا پڳڙا ۽ ديوتائن کي آڇڻ ۽ ٻانهڻ ٻائي جي صحت وڌيڪ سڌارڻ لاءِ مختلف مال پڙا وڪڻڻ وارا جام ملندا.

ڏاڪڻين جي هيٺان ڪيترائي مدراسين جا دڪان آهن جن تي ملڪي ۽ غير ملڪي ماڻهو انڊين کاڌا ـ خاص ڪري ڏکڻ هندستان جا: دوسا، ادلي، واڊي، ڪيلي جي پن تي ڀت، دال، گوبي، پالڪ ۽ گوشت جو ڇڏڙو ٻوڙ رکي کائيندا نظر ايندا. هر دڪان، هوٽل اڳيان ساون ۽ پڪل ناريلن جا ڍير نظر ايندا. آيل زيارتي ڪچن ناريلن جو کير (پاڻي) ۽ ملائي پنهنجي کائڻ لاءِ وٺن ۽ پڪل سڄا ناريل مٿي غار ۾ رکيل ديوتائن جي مورتين اڳيان رکن. چوڏاري هندو مرد ۽ عورتون ڳوڏين ۽ ساڙهين ۾، ايترا تہ ڏسڻ ۾ ايندا، جو هي ٽڪرو ملائيشيا جو نہ پر بنارس جو حصو لڳي ٿو. ڏاڪا چڙهي مٿي اونهي غار ۾ بہ ڪجهہ

اھڙوئي ماحول لڳي ٿو. ٻاوا ٻانيڻ آيل زيارتين کان پئسا، منايون ۽ ناريل وني پٿر جي مورتين اڳيان ڦيرائي، پنھنجي زبان ۾ ڪجھ منتر ڦيٽا پڙھي ان بعد ھڪ ڦار ناريل ۽ ڪيلي جي وَٽَ طور ھمراھن کي واپس ڪرڻ ۾ مشغول نظر اچن ٿا.

غار ۾ چوڌاري اوندھ ڪري ڏيئا ٻرن. مٿي ڇت ۾ ٽارچ ھڻڻ سان ڪئين ھزار چمڙن جون ڳاڙھيون موتين جھڙيون اکيون چمڪنديون نظر اينديون. جيڪي ڏينھن جو اونڌا لڙڪي ننڊون ڪن ۽ سج لھڻ سان ٻاھر پيچي وڃن. صبح ٿيڻ کان اڳ وري سمھڻ لاءِ ھتي موٽي اچن. ايترن سارن چمڙن جي ھنگڻ مُتڻ ڪري رکي رکي سخت تکي ۽ سڙيل ڌپ اچي ٿي - خاص ڪري غار ۾ گھڙڻ وقت. پر پوءِ نڪ سگھوئي عادي ٿي ان ڌپ سان ٻہ صلح نامو ڪريو ڇڏي. ان چُر جي ڇت ۾ ھڪ ھنڌ تان جبل جو وچ ڦاٽل آھي. ان مان مٿي نھارڻ سان ائين لڳي ٿو ڄڻ ڪنھن اونھي کوھ جي تري مان مٿي نھارجي.

ھر سال ھندن جي مذھبي ڏينھن - ٿائيپوسام تي ماڻھن جو ھتي وڏو ميلو لڳندو آھي. جنھن ۾ ھندو پوڄاري پنھنجيون سڪائون پوريون ٿيڻ تي لوھي تارون ۽ ڪوڪا جسم ۾ چڀي ديوتائن کي پيٽ ڏيڻ لاءِ مٿي تي مختلف سامانن جا ٿالھ رکي پيرين پنڌ سڄي شھر جي سرگس ڪري ھنن غارن ۾ پھچندا آھن. ساڻن گڏ ڪيترائي تماشبين پڻ ھوندا آھن.

بھرحال ڪوالالمپور ۾ ھڪ ڏينھن يا گھٽن ڏينھن لاءِ آيل ٽورسٽ، ھيءَ چُنَ Lime Stone جي جبلن جون غارون ڪنھن وقت ٻہ ڏسي پاڻ سان ھتي جون ڪيتريون ئي يادون وطن کڻي وڃي سگھي ٿو: مٿي چڙھڻ لاءِ سوين ايا ڏاڪا، ڍگھي پڇ وارن پولڙن جو آزاد نموني سان ڊوڙڻ ڊڪڻ، دڪانن اڳيان ناريل کي پيچي ڪير ڪيڻ، آيل زيارتين جو سبرامنيم ديوتا اڳيان ادب سان جھڪڻ، ڏٺن مٽن نوجوان ٻاون جو ڪرڙي اک سان سھڻين ڇوڪرين ڏي نھارڻ، چمڙن جي آواز جي سنھي سنھي چِر چِر ۽ مُت جي تکي ڌپ، ڪلڪل جبل جي ڏر مان رکي رکي مينھن جا ڇاٽ ۽

ٿڌي هير جو اچڻ، يورپين جو وائڙن وانگر هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ ۽ فوٽوگرافي ڪرڻ، ملئي ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جو مهل ۽ ماحول مان فائدو وٺي ڏاڪڻين ۽ ڪنڌ پاسن تي روح رهائيون ڪرڻ ـ وغيره وغيره.

باتو غارن ۾ يا گنتنگ هاءِ لئنڊ تي پهچڻ ڪا ڏکي ڳالهہ ناهي. بسون ٽئڪسيون جتان ڪٿان وينديون رهن ٿيون. پر جي توهان ڪنهن هوٽل ۾ رهيل آهيو تہ ان جو عملو بہ توهان کي توهان جي ڪيسي موجب بهتر سواري ڀڏائي سگهي ٿو.

————*

ڪوالالمپور جو قومي ميوزيم (ميوزم نگارا) کي ڏسڻ لاءِ هتي جا سرڪاري توڙي غير سرڪاري گائيڊ بُڪ گهڻو ئي ڪجهہ لکن ٿا. ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ تواريخ جي شاگرد يا ان ماڻهوءَ لاءِ جنهن جو ٿورو يا گهڻو تواريخ جو مطالعو هجي يا هن ملڪ جي ڪجهہ ڄاڻ هجيس يا ڄاڻ رکڻ چاهيندو هجي تہ پوءِ هيءَ جڳهہ بيحد دلچسپ آهي. نہ تہ پيو ڪو ماڻهو جيڪو گهران سنگاپور مان شاپنگ ڪرڻ جو سوچي نڪتو هجي ۽ پوءِ واٽ تي ڏينهن ڪن ساهي پٽڻ لاءِ ڪوالالمپور ترسي پيو هجي تہ اهڙي ماڻهوءَ لاءِ ميوزم (عجائب گهر) ڪهڙي اهميت رکي ٿو. ۽ ان ۾ رکيل پراڻيون نڪر پٿر ۽ لوهہ جون پراڻيون شيون ڏسي هو تہ بور ئي ٿيندو ۽ پوءِ اهڙي وقت ۽ پاڙي وڃائڻ کان بهتر آهي تہ هو تنڪو عبدالرحمان روڊ تي هليو وڃي. جتي گلوب سينٽر، هينڊري، رايل جويلرس، ڏيالچند، يونيورسل ڪارپيٽ وغيره جهڙا ماڊرن ۽ وڏا ڊپارٽمنٽل اسٽور آهن تہ فٽ پاٿ تي ڏهين ڊالرن جي شيءِ آخر ۾ سودو ۽ بحث ڪرڻ بعد ٽن ڊالرن ۾ ڏيڻ وارا هٽڙا پڻ ـ جن تي ڳهہ ڳنا، ڪپڙا، قيمتي غاليچا، ريڊيو ٽيپ رڪارڊر، ڪتابن کان وٺي بوٽ گنجيون، جوراب، واچون، انڊيينون ۽ پيو ضرورت جو سامان ملي ٿو ۽ اگهہ پڻ گهٽرائي سگهجي ٿو. جي خريداري ناهي ڪرڻي تہ بہ پانت پانت جي دڪاندارن ۽ خريداري ڪندڙ ماڻهن جا چهرا، ڪپڙا، ڳالهائڻ جو ڍنگ/نمونو ڏسي دل وندرائي سگهجي ٿي. بک لڳڻ تي مئڪڊونالڊ،

ڪينٽڪي، هئمبرگر جا سستا دڪان آهن تہ سنگ، گجر، ساتي ۽ ٻيون شيون اجان سستيون وڪڻڻ وارا گاڏير پڻ. وٽي تہ ڪنهن دڪان تان ڪوڪا ڪولا، سيون اپ، گلاب جو شربت يا ڪف سيرپ جهڙو روٽ بيئر وٺي پيئو يا ڳني جي رس واري ڪان ٿيهن سينٽن جو آيرتيبو سان پريل گلاس. (روٽ بيئر ڪوڪا ڪولا وانگر شربت جو قسم آهي ۽ نہ بيئر جو ڪو قسم ۽ آيرتيبو ڪمند جي رس جو ملئي نالو آهي. آير معنيٰ پاڻي ۽ تيبو معنيٰ ڪمند ـ يعني ڪمند جو رس) ان ڪان علاوه ملائيشيا ۾ ڪينٽڪي، مئڪڊونالڊ يا ٻين آمريڪن يا ٻاهرن ڪاڌن جي دڪانن تي حلال گوشت هلي ٿو ۽ ان جي پڪ لاءِ هر دڪان ۽ هر شيءِ جي لفافي ٻاهران دتغگونگ حلال (Ditanggung Halal)) لکيل نظر ايندو.

تنڪو عبدالرحمان روڊ تي ڪجهہ انڊين ۽ پاڪستاني ريسٽورنٽ پڻ آهن جيئن بلال ريسٽورنٽ جي برياني مشهور آهي. شيراز هوٽل ڪاڌي ۽ رهائش ڪان مشهور آهي. ڪو اڪيلو آهي ۽ پنهنجي خرچ تي گهمي رهيو آهي تہ پوءِ شيراز هوٽل جو ٿيهن ڊالرن ۾ بنا ايئرڪنڊيشنڊ ڪمرو يا پنجونجاهہ ڊالرن ۾ ايئرڪنڊيشنڊ ڪمرو ٻين مهنگين هوٽلن ۾ رهڻ ڪان بهتر آهي. شيراز هوٽل جا چڪن تڪا، نان ۽ ڪواب تمام مشهور آهن پر اهي شيون ان پاڪستانيءَ کي گهڻو مزو ڏئي سگهن ٿيون جيڪي ملائيشيا ۾ نوڪري يا واپار خاطر رهن ٿا ۽ ڪين پنهنجي وطن پاڪستان ڪان آئي گهڻو وقت ٿي ويو آهي. اهڙا ماڻهو هن هوٽل ۾ پنهنجي وطن جون سڪون پوريون ڪري سگهن ٿا. باقي هڪ اهڙو ٽوئرسٽ جيڪو هفتي يا پندرهن ڏينهن لاءِ هنن ملڪن جي سير لاءِ آيو هجي ان لاءِ مئڪڊونالڊ يا هئمبرگر يا ڪينٽڪي فرائيڊ جي ڪڪڙ، يا هتي جي هوٽل جا ساتي (ٻوٽي ڪواب)، روٽي (اٽراٽا)، مرتباڪ (قيمي جا اٽراٽا) سستا، لذيذ ۽ نئين شيءِ آهي. ڇو جو شيراز، اڪبر، بلال، عمر خيام جهڙين انڊين پاڪستاني هوٽلن ۾ پنهنجي ملڪ جو ڪاڌو تہ ملي ٿو پر تمام مهانگو پوي ٿو خاص ڪري ڪجهہ ڏينهن گهمڻ لاءِ آيل همراهہ لاءِ هنن هوٽلن جو ڪاڌو ايترو ڪو سستو ناهي جيئن تہ چڪن تڪو پنجن

ڏالرن جو ـ يعني پنجٽيهه رپيا ٿيا ۽ پنهنجي ملڪ ۾ نائين رپئي ملي ٿو. ڪڪڙ جو جيرو فراءِ ٿيل يا ٻوڙ رڌل، ڪواب جون ڇهه ڪن شيخون، ٻوٽي ڪواب يا قيمي جو ٻوڙ ـ هر هڪ ايتري جوئي آهي. في نان يا اڦراٽو ٻن ڏالرن جو ـ يعني تيرهن رپئي جو ٿيو. ٽماٽي، ونگي ۽ بصر جو ڪچومر (سلاد) پڻ ايترن ئي ڏالرن جو آهي. ڳائي، ٻاڪري، ڪڪڙ يا ڳانگٽن جي برياني پڻ پنجٽيهه رپين ڪن جي پليٽ آهي. بهرحال وري به جپان، آمريڪا ۽ يورپ جي اندين هوٽلن کان ملائيشيا جون هي هوٽلون سستيون آهن. پر ان کان بهتر آهي ته ڪجهه ڏينهن لاءِ آيل پاڪستاني هن ملڪ جون مٺايون، کاڌا ۽ ميوا وٺي کائي ته اهي سستا به آهن ته هن لاءِ سٺو تجربو پڻ ٿيندو. پر جي ڪو شاهوڪار ماڻهو آهي ـ پئسي وارو صاحب آهي ته پوءِ ان لاءِ دنيا جي ٻين وڏن شهرن وانگر ڪوالالمپور ۾ پڻ ڪيتريون ئي اتم ۽ اعليٰ هوٽلون آهن جتي رڳو آمليٽ بيضوئي چاليهه پنجيتاليهين رپئي کان شروع ٿئي ٿو ۽ سلاد جي ساسر به سٺ ستر رپيا آهي.

بئنڪاڪ ۽ سنگاپور وانگر ڪوالالمپور شهر جي پڻ اها خاصيت آهي ته ان ۾ گهٽ پئسي واري ماڻهوءَ لاءِ پڻ سستيون ۽ ساڳي وقت چڱيون هوٽلون آهن. ان ڪري ملائيشيا جي ٻين شهرن وانگر ڪوالالمپور پڻ هڪ غريب پرور شهر آهي ۽ ٽوئرسٽ، شاگرد ۽ ٿورن پئسن ۾ گهڻا ڏينهن گذارڻ واري لاءِ ڪوالالمپور هڪ Ideal شهر آهي. ملائيشيا جي ٻين شهرن وانگر ڪوالالمپور ۾ پڻ هر شيءِ حلال ملڻ کان علاوه اها به خوبي آهي ته هتي جي ڪنهن به کاڌي ۾ ـ اتي گيهه کان وٺي ڳاڙهن مرچن ۽ چانهه جي پتيءَ ۾ ملاوٽ ناهي. ان ڪري ڌاريون ٽوئرسٽ بي فڪر رهي ٿو ۽ ڪيس بيماريءَ جو ڊپ ڊاءُ نٿو رهي.

رهائش لاءِ پڻ ڪوالالمپور ۾ شيراز، ايمبسي هوٽل، ميڪسيڪو هوٽل ۽ ريلوي اسٽيشن جي هوٽل کان علاوه ٻيون به ڪيتريون ئي سستيون جايون آهن. خاص ڪري شاگردن ۽ گهٽ پئسي ۾ گهٽو گهمڻ واري همراهه لاءِ. هڪ ته برڪ فيلڊ روڊ تي واءِ ايم سي اي YMCA

آھي جنھن ۾ گذريل مھني منھنجو بہ رھڻ ٿيو ھو. ينگ مين ڪرسچن ائسوسيئيشن جون ھھڙيون ڪلب نما ھوٽلون دنيا جي ڪيترن ئي شھرن ۾ آھن. جھڙوڪ: يوڪوھاما، ھانگ ڪانگ ڪان وٺي ڪراچي ڪوالالمپور تائين. پوءِ ڪن ملڪن ۾ منجھن رھائش جو معيار سٺو آھي تہ ڪن ھنڌ سادو سودو. جيئن تہ سنگاپور جي YMCA تہ تمام سٺي آھي. پر ڪوالالمپور يا پينانگ شھر جي مڙيئي غنيمت آھي. بھرحال آھي تمام سستي. خاص ڪري شاگردن لاءِ يا انھن لاءِ جيڪي گھران ٿورا پئسا ڪٺي نڪرن ٿا. ڪار پارڪ ڪرڻ جو پڻ مفت بندوبست آھي. ڪمرن ۾ جيتوڻيڪ چوويھہ ئي ڪلاڪ روم سروس ڪانھي پر ٿڌڻ بہ ڪوسو ۽ ٿڌو پاڻي وھنجڻ توڙي پيئڻ لاءِ موجود رھي ٿو. بہ ٽوال، ٿرماس، ٽي وي، فون، گڏيل وھنجڻ جاءِ جو ھر ڪمري سان بندوبست آھي. ھن ٽماڙ عمارت واري واءِ ايم سي اي ۾ ھيٺ ريسٽورنٽ آھي. جنھن جي ماني چڱي سٺي ۽ سستي آھي. ان ڪان علاوہ ٻاھر، روڊ جي ٻئي پاسي پڻ ڪيتريون ئي انڊين، ملئي ۽ چيني ھوٽلون ۽ دڪان آھن. جن تي ڪائي ٻي سگھجي ٿو. ميڪسيڪو، ليڊو جھڙيون رھائشي ھوٽلون پڻ آھن ـ جيڪي YMCA کان بہ سستيون آھن. پر اخلاقي طرح ڪريل چيون وڃن ٿيون جو انھن جي قطار ۾ اگھاڙا مساج (مالش) گھر آھن.

واءِ ايم سي اي ۾ رھائش لاءِ مختلف قسم جا ڪمرا آھن. ھڪڙا تہ چئن ماڻھن جا وڏا ڪمرا آھن. ان جي مسواڙ فقط ڏھہ ڊالر في ماڻھو آھي ـ يعني سٺ ربيا ڪن ٿي. ٻيو سنگل روم آھي جنھن ۾ ماڻھو اڪيلي سر رھي سگھي ٿو. سنگل رومن ۾ جيڪي ايئرڪنڊيشنڊ بنا ڪمرا آھن انھن جي مسواڙ ارڙھن ڊالر آھي باقي ايئرڪان واري جي چاليھہ ڊالر آھي. اھڙي طرح ڊبل بيڊ وارن ڪمرن جي مسواڙ پنجاھہ ڊالر آھي. بھرحال ھي 1984ع ڌاري جون قيمتون آھن جڏھن ملئي ڊالر (رنگٽ) ستين ربئي آھي ۽ آمريڪن ڊالر ويھين ربئي صرف. اڳتي ھلي ڇا ٿيندو ان لاءِ چئي نٿو سگھجي.

ھڪ رات واءِ ايم سي اي جي ريسٽورنٽ ۾ ماني کائي چانھہ پيئڻ لاءِ ٻاھر ھڪ مسلمان مدراسيءَ جي ھوٽل ۾ اچي ويٺس جتي ٻيا بہ

ڪيترا يورپين وينا هئا جيڪي مختلف ملڪن ڪان هتي گهمڻ لاءِ آيا هئا. منهنجي ٽيبل تي بہ سئٽزرلئنڊ جا ويهن پنجويهن سالن ڪن جا نوجوان ويٺل هئا. هو ڏهہ ڏينهن کن بئنڪاڪ (ٿائلنڊ) ۾ رهي پوءِ هتي آيا هئا. ڪوالالمپور ۾ سندن اجان پهريون ڏينهن هو. ڪاٺئن ڪوالالمپور جو حال پڇيمہ جنهن جي موسمہ تہ بهتر ٿي لڳن پر واءِ ايمہ سي اي جي رهائش مان مطمئن نہ هئا. ”اسان سئٽزرلئنڊ ۾ جيڪو گائيڊ بُڪ پڙهيو هو،“ هنن ٻڌايو، ”ان ۾ تہ YMCA جي ڊارميٽري جي مسواڙ پنج ڊالر في ماڻهو لکيل هو ۽ هاڻ هي ڏهہ ڊالر في ماڻهو پيا وٺن.“

”دراصل مهنگائي جتي ڪٿي وڌڻ ڪريہهنن بہ پنهنجا اگهہ وڌايا آهن،“ مون کين چيو، ”پر تڏهن بہ يورپ ۽ آمريڪا جي ڀيٽ ۾ هيءَ سستي آهي.“

”ها. پر اسان تہ اجان بہ وڌيڪ سستائيءَ جو سوچي گهمڻ لاءِ نڪتا آهيون. هاڻ ايترو جي روز پريندا رهياسين تہ اسان کي سوچيل ڏينهن کان اڳ موٽڻو پوندو.“

مٿين ڳالهہ لکڻ جو مطلب فقط اهو آهي تہ هي جو ماڻهو ولايتون گهمندا وتن يا ويندي پاڪستان ۾ بہ جيڪي يوربي آمريڪي نظر اچن ٿا سي ڪي سڀ پئسي وارا بہ نہ آهن. گهڻي پئسي سان تہ هرڪو گهمي سگهي ٿو پر ڪيترائي اهڙا بہ دنيا جي گولي تي گهمندا ڦرندا نظر اچن ٿا جيڪي ٿوري پئسي مان گهڻي ڪان گهڻو ولائت گهمڻ ڪي ئي آرٽ سڌين ٿا.

ڪوالالمپور ـ هڪ ماڊرن شهر

ملائيشيا ملڪ جي گاديءَ جو هنڌ ڪوالالمپور ڪو ايڏو گهڻو پراڻو شهر ناهي. ملائيشيا ۾ جي ڪو پراڻو ۽ تواريخي شهر سڏجي ته وري به ملاڪا چئي سگهجي ٿو جيڪو پڻ پيڪنگ، دهلي، ٺٽي ۽ لاهور جيان تمام گهڻو پراڻو شهر ته نه آهي پر تڏهن به چوڏهين پندرهين صديءَ کان چگو دور دراز جي ملڪن ۾ مشهور ٿي ويو هو. بلڪ اڳ زماني ۾ ته ملائيشيا (ملايا) به ملاڪا جي نالي سان ڄاتو سڃاتو ويندو هو. اڄ کان ڇهه سؤ سال کن اڳ پرميشوارا نالي سماترا جي هڪ شهزادي ملاڪا تي قبضو ڪري سڄي ملايا کي پنهنجي هٿ ۾ ڪيو. ان بعد 1511ع ۾ پورچوگالين ملاڪا تي حملو ڪري ملاڪا ۾ حڪومت قائم ڪئي. ساڳي طرح ڊچن ۽ ٻين ڌارين حاڪمن ڪيو. انهن ڏينهن ۾ ڪوالالمپور شهر جو ته ڪو وجود ئي نه هو. بلڪ نشانيءَ خاطر ڪا سر به رکيل نه هئي.

ڪوالالمپور شهر جي ته شروعات ئي گذريل سوا سؤ کن سال اڳ کان ٿي آهي ـ يعني ان حساب سان انگلنڊ جي ڪمپني هينز ۽ مئگي (چٽڻيون آچار ناهڻ وارين) جا ڪارخانا پراڻا آهن ڪوڪاڪولا ۽ گرائيپ واٽر ته اڃان به پراڻا آهن. بهرحال اهو آهي ته ڪوالالمپور ننڍڙي ٻوٽڙي مان لڳاتار ترقي ڪندو اڄ واري اوج تي وڃي رسيو آهي. ڪوالالمپور اڄڪلهه آزاد ملائيشيا جي گاديءَ جو هنڌ آهي ۽ ڏينهون ڏينهن ماڊرن ٿيندو وڃي ۽ هن پاسي سنگاپور کان پوءِ ڪوالالمپور شهر ئي آهي جنهن ۾ تڪائيءَ سان نيون عمارتون ۽ رستا ٺهڻ ڪري سندس هر سال روپ بدلجندو وڃي. پئسي ڏوڪڙ جي ريل پيل ڪري هن شهر ۾ جنهن رفتار سان نيون نيون عمارتن، رستن ۽ موٽر ڪارن جو تعداد وڌندو

وجي ان جو مثال اوسي پاسي جي وڏن شهرن: بئنڪاڪ، جڪارتا، ڪولمبو، رنگون ۽ منيلا ۾ به نه ملندو. پراڻين مور عرب (Moors) ۽ گوٿڪ نموني جي عمارتن ۽ مسجدن منارن پرسان آسمان سان ڳالهيون ڪندڙ رڪ ۽ شيشي جون عمارتون، ساوا ۽ چانءِ رسائيندڙ وڻ ۽ ڇپرون، گل ٻوٽا ڏينهون ڏينهن ڪوالالمپور کي سهڻو بڻائي رهيا آهن. ڪوالالمپور نئون ۽ پراڻو شهر سڏي سگهجي ٿو. مشرق ۽ مغرب جو ميلاپ چئي سگهجي ٿو ـ جتي ڪنهن عرب خليفي جي محلات جهڙي پراڻي ڪوالالمپور ريلوي اسٽيشن به آهي ته شانگريلا ۽ منگ (Ming) هوٽلن جهڙيون اڄ جي دور جون جديد عمارتون پڻ آهي. راجا لائوت روڊ تي جتي الف ليلوي ڪهاڻين جي صفحن تي ڏنل تصويرن جهڙيون عمارتون آهن اتي ائمپنگ روڊ تي نهيل شيشن جي لفٽن، شيشي جي پتين ۽ سينٽرلي ايئرڪنڊيشنڊ سسٽم سان نهيل گنزا، سانزلي ۽ ٽائيمس اسڪائر جهڙيون بلڊنگون پڻ آهن. ڪوالالمپور شهر مختلف رنگن ۽ ماڻهن ۾ سنگاپور ۽ لنڊن جي ڪجهه حصن جهڙو لڳي ٿو. هتي باجُو ڪورونگ ڊريس ۾ هلندڙ ملئي ڇوڪريون، ساڙهين ۾ انڊين عورتون، پڳ پهريل سک، سرونگ (گوڏ) ۽ سونگڪاڪ (ڪارين ٽوپين) ۾ ملئي مرد، چيانگسم وڳن ۾ سنهڙيون چيني عورتون، گيڙو وڳن ۾ نوڙها ٻڌ ڀڪشو ۽ اڇن جبن ۾ عيسائي پاوا ۽ نن گهمندي ڦرندي نظر ايندا.

ڪوالالمپور ۾ نه فقط ڪپڙن جا رنگ ۽ نمونا جدا جدا نظر ايندا پر کاڌن جون خوشبوئون پڻ. کاڌي وارين بازارين مان لنگهندي هڪ ئي وقت ملئي کاڌن جو ڇڇڻ، ترڻ، رڌڻ ۽ سڙڻ جون خشبوئون ايندڀون آهن ته انڊين ۽ چيني کاڌن جون پڻ. ساتي، ٻُوهئا، ناسي لما، ناسي گورينگ، رينڊانگ، پاڊانگ، سئمبل اڊانگ، مي، بي هون، توڪئا، لڪسا وغيره انهن مان ڪجهه مڻان ۽ ڪجهه ڇهر جون شيون آهن.

ڪوالالمپور لفظ جي معنيٰ آهي ”گپ واري نديءَ جو منهن“ لمپور معنيٰ گپ، ۽ ڪئالا معنيٰ نديءَ جو منهن. سوا سؤ سال کن اڳ ڪوالالمپور اهوئي ڪجهه هو. پوءِ به ٻهرين چار ڪچا گهرڙا ۽ جهونپڙيون نهيون، انهن مان ڳوٺ ۽ پوءِ شهر. ڪلانگ ندي ۽ گئمباڪ نديءَ جي

ٻانديابي وٽ هي شهر آهي. هتان پوءِ هي نديون هڪ ٿي سمنڊ ۾ وڃيو چوڙ ڪن.

هونءَ تاريخ جي ڏِٺي وهڪري ۾ سؤ ٻہ سؤ سال ڪو ڏگهو عرصو ناهي. ان ڪري هن شهر ڪي پراڻو چئي نٿو سگهجي ساڳي وقت هي شهر سرڪاري پروگرام موجب هڪدم ٻہ نہ ٺهيو جيئن ڪٽي چئجي تہ پاڪستان جو اسلام آباد، ترڪيءَ جو انقره، آسٽريليا جو ڪئنبرا يا برازيل جو براسيليا.

ڪوالالمپور جو شهر صحيح معنيٰ ۾ 1857ع کان ٽين (Tin) جون ڪاڻيون ملڻ ڪري اڏڻ ۽ وڌڻ شروع ٿي ويو هو. هي اهو سن آهي جڏهن هندستان ۾ ماڻهن انگريزن خلاف بلوو ڪيو هو.

ملائيشيا ۾ هاڻ تہ ڪيترن ئي هنڌن تي ٽين جون کاڻيون آهن پر تن ڏينهن ۾ فقط هڪ اڌ کاڻ اتر ۾ - پيراڪ جي ڪنٽا ماتريءَ ۾ هئي. ۽ هي ڏنڌو آهستي آهستي مشهور ٿي رهيو هو. ماڻهو ان ڳولا ۾ هئا تہ ڪٿان نہ ڪٿان ٻئي هنڌان پڻ ٽين نڪري. انهن ڏينهن ۾ افواهہ عام ٿيا تہ ڪلانگ نديءَ جي چوڙ وٽ - جتي هاڻ جو ڪوالالمپور اهي ٽين جون تمام گهٽيون کاڻيون آهن. سو 1830ع ۾ سلانغور (Sclangor) رياست جي راجا - سلطان محمود هن علائقي جي کوٽائي شروع ڪئي پر ناڪام رهيو. پر ان ناڪاميابيءَ هوندي بہ افواهہ جاري رهيا تہ ان علائقي ۾ ٽين تمام گهڻو آهي. پوءِ 1857ع ۾ انهيءَ راجا جي پاڻتي راجا جمعت پنهنجن ٽن ساٿين سان گڏ ٽين جي کاڻين جي ڳولا وري شروع ڪرائي. راجا جمعت هن کان اڳ بہ اتراهن علائقن ۾ ٽين جي کوٽائي ۽ ڪاروبار مان چڱي ڪمائي ۽ تجربو حاصل ڪري چڪو هو. هن پنهنجي ساٿين ۾ هڪ تہ پنهنجو ڀاءُ راجا عبدالله شامل ڪيو ۽ وڌيڪ ناڻي ۽ خرچ پکي جي مدد لاءِ ملاڪا جا ٻہ چيني واپاري: چي - يم - چئان ۽ لم - سي - هو شامل ڪيو. انهن ڏينهن ۾ هي سڄو علائقو جهنگل هو. ۽ جهنگل بہ اهڙو گهاٽو جنهن مان نہ ماڻهو هلي سگهي ۽ نہ مٿان ڪو اس جو ترورو پوي. پر هنن کاڻين جي ڳولا ۽ کوٽائيءَ لاءِ هنن ستاسي (87) چيني مزور هٿ ڪيا. جهنگ مان رستو ناهي اڳتي وڌڻ تہ مشڪل ڪم هو سو هو

بيڙين رستي ڪلانگ نديءَ مان اڳتي وڌي ان هنڌ تي پهتا جتي اڄ جو ڪوالالمپور آهي جتي ڪلانگ نديءَ سان گمباڪ ندي ملي ٿي. اتي پهچي هي همراهہ بيڙين مان لٿا ۽ ٽين جي ڳولا ۾ گهاٽن جهنگلن ۽ ٻيلن ۾ گهڙي پيا. آخرڪار هن هڪ هنڌ ٽين جا تمام وڏا ذخيرا ڳولي ورتا. اهو هنڌ ڪوالالمپور جو اڄ وارو ائمپنگ علائقو هو.

ٽين ملڻ جي خوشي تہ تمام گهٽي ٿي. پر اها هڪدم مايوسيءَ ۾ بدلجي ويئي. ٿن ڏينهن ۾ ملائيشيا جي جهنگلن ۾ ايڏا زهريلا مڇر هئا جو مهيني اندر سواءِ ويهارو کن ماڻهن جي باقي مزور هڪ هڪ ٿي مليريا وگهي مري ويا. راجا عبدالله دل نہ لاٿي ۽ ڏيڍ سؤ مزورن جو ٻيو جٿو وٺي ساڳي هنڌ تي ٽين جي کوٽائيءَ جو ڪم شروع ڪرايو. ۽ پوءِ ڪجهہ عرصي جي کوٽائيءَ بعد ٽين جي لڳاتار سپلاءِ ڪاٽين ڪان درياهہ جي ڪناري ٿائين ۽ پوءِ بيڙين رستي واپاري اڏن تي پهچڻ شروع ٿي ويئي.

1859ع ۾ ٽين جي خريداري ۽ وڪري لاءِ اتر ڪان بہ وڏا چيني واپاري: هيو- سيو ۽ آهہ- زي - ڪيليڊڪ هتي آيا. هيوسيو (Hiu- Sicw) تہ تمام هوشيار حرفتي هو ۽ راجا عبدالله سان ايڏي دوستي ٿي ويس جو هن ڪيس ان وقت جي هن ننڍڙي ڳوٺڙي ڪوالالمپور جو وڏيرو/ اڳواڻ مقرر ڪيو ۽ 'ڪئپٽن چينا' لقب ڏنو. هن جي رهبري ۽ راڄ هيٺ سڀ ماڻهو بہ خوشحال ٿيا ۽ ٽين جو واپار پڻ ڏينهون ڏينهن وڌڻ لڳو. 1862ع ۾ ڪئپٽن چينا جي مرڻ تي سندس جاءِ هڪ ٻئي چيني ليو- نگم - ڪانگ والاري ۽ ان بعد يپ - آهہ ٿيو. يپ - آهہ جي ڪئپٽن چينا ٿيڻ تي ڪافي مخالفت ٿي جو هي ٻين چينين جي مقابلي ۾ ڏاريون هو ۽ ويجهڙائيءَ ۾ چين ڪان ملاڪا آيو هو ۽ 1854ع ۾ جڏهن ملاڪا پهتو تہ بنا پئسي ڪوڏيءَ جي سترهن سالن جو ڇوڪرو هو. پر ان بعد حرفتن، اٽڪلن ۽ ڏاهپ ڪي چوڏهن سالن اندر هڪ طاقتور عهديدار ٿي ويو هو.

————*

مغربي ملائيشيا ۾ ڪل يارهن رياستون آهن. جهڙوڪ: پيراق، ڪيداح، ترنغانو، پهانگ وغيره. ڪوالالمپور جو شهر جنهن رياست ۾ اچي ٿو ان جو نالو سلانغور آهي.

ڪوالالمپور شهر جي وجود کان اڳ صدين تائين سلانغور رياست جي گاديءَ جو هنڌ ڪلانگ هو. هي شهر ڪوالالمپور کان ٻاويهه ميل کن پري آهي ۽ اڄ بہ بندرگاهه اتي ئي آهي. 1879ع ڌاري، ڪوالالمپور شهر جي اپرڻ ۽ اهم ٿيڻ ڪري سلانغور رياست جي گاديءَ جو هنڌ ڪلانگ مان بدلائي ڪوالالمپور رکڻ جون تياريون شروع ٿي ويون. 1880ع ۾ انگريز بہ پنهنجون آفيسون ڪلانگ مان ڪٽائي ڪوالالمپور ۾ آيا. پينانگ، ملاڪا ۽ سنگاپور ۾ تہ انگريز ڪڏهوڪو ڄمايو ويٺا هئا ۽ اهي شهر تہ سڄا سارا سندن ٿي چڪا هئا. پر سلانغور جهڙين رياستن ۾ بہ انهن جي حاڪمن/ سلطانن سان معاهدا ڪري پنهنجا ماٺهو ۽ آفيسون رکي ويٺا هئا. 1880ع ۾ هن پاسي جي انگريز گورنر سر فريڊرڪ ويلڊ ڪوالالمپور جو پهريون دفعو دورو ڪيو. کيس ڪوالالمپور جو هي وجود ۾ آيل نئون شهر بيحد پسند آيو ۽ سنگاپور مان هڪ انگريز آفيسر مسٽر فرئنڪ سويٽن هام کي برطانيا طرفان ريزيڊنٽ مقرر ڪري ڪوالالمپور ۾ رکيو. (هي اهو انگريز آهي جنهن جو نالو پوءِ ڪلانگ شهر ۽ بندرگاهه تي رکيو ويو ۽ انگريزن جي حڪومت تائين پورٽ ڪلانگ کي پورٽ سويٽن هام سڏيو ويو. پر پوءِ ملائيشيا کي آزادي ملڻ بعد سندس وري ساڳيو نالو پورٽ ڪلانگ رکيو ويو.) سندس نالي سان روڊ پڻ هو جنهن جو هاڻ نالو جالان تن اسماعيل رکيو ويو آهي. ساڳي طرح هاڻ وارو جالان راجا چولان انگريزن جي ڏينهن ۾ ويلڊ روڊ هو.

ڪوالالمپور ۾ پهرين سڀ ڪچا ۽ ڪاٺان گهر هئا پر پوءِ انگريزن جي اچڻ تي هُنن ماڻهن کي اهي گهر سرن، چُن ۽ گاري ۽ گچ جا اڏڻ جي ترغيب ڏني. 1887ع تائين اهڙا پنج سؤ کن پڪا سرن وارا گهر ٿي ويا ۽ سڄي ڪوالالمپور جي آدم شماري پڻ وڌي چار هزار وڃي ٿي. شهر پڻ ڪجهه وڏيڪ وٿندڙ ۽ صحت مند ڏسڻ ۾ لڳو. ڪجهه ڪجهه ڪورا ۽ ڪارخانا پڻ وجود ۾ آيا جن ۾ کاٽين جي کوٽائيءَ جا اوزار تيار ٿيندا هئا. 1884ع ۾ ڪوالالمپور جي گهٽين ۾ فانوس لڳايا ويا جن ۾ روز شام جو گاسليٽ وجهي ٻاريو ويندو هو. ۽ 1888ع ۾ ڪوالالمپور شهر ۾ پهرين ٻاڦ تي هلندڙ ٻاهه وسائڻ جي انجڻ آئي. ۽ پندرهين

سيپٽمبر 1886ع تي ڪلانگ شهر کان ڪوالالمپور تائين پهرين ريل گاڏيءَ هلڻ شروع ٿي.

ربڙ جا وڻ (Herea Brasliensis)، سن 1876ع ۽ 1877ع ۾، ملائيشيا ۾ انگريزن متعارف ڪرايا ۽ 1897ع تائين ملائيشيا جي انن رياستن ۾ اهي عام ٿي ويا. 1884ع ڌاري ڪوالالمپور جي پهراڙيءَ واري علائقي ۾ ڪافيءَ جي پوک پڻ شروع ڪئي ويئي هئي جيڪا تمام گهٽي ڪامياب ٿي. پر سن 1900ع ۾ پوک کي ڪينئون لڳڻ ۽ اگهہ ڪرڻ ڪري جو اها بس ٿي ويئي تہ وري ساڳي اوج تي اچي نہ سگهي آهي. هاڻ اها بس ذري گهٽ نہ برابر آهي.

ڪوالالمپور جي تواريخ ۾ سال 1890ع يادگار سال چيو وڃي ٿو جنهن ۾ سيام (ٿائلنڊ) جي بادشاھ ڪوالالمپور جو دورو ڪيو ۽ پهريون انگريزي اسڪول کليو. هن ئي سال سنيٽري بورڊ پڻ قائم ڪيو ويو جنهن جو ڪم شهر جي وڌنڌڙ حالتن کي ڌيان ۾ رکي ان موجب ان جي صفائي، ستائي ۽ روشنيءَ ڏي خيال ڏيٽو هو. 1893ع ۾ سڀ کان وڏو انگريزي اسڪول Victoria Institution کليو ۽ 1896ع ۾ ملايا جي ٻين رياستن جي گاديءَ جو هنڌ پڻ ڪوالالمپور ڪيو ويو. انهيءَ سال اپريل ۾ ائمپنگ ۾ پاڻيءَ جي وڏي ٽانڪي ناهي ويئي جنهن مان پائيپن رستي ڪوالالمپور شهر جي گهرن کي پاڻي پهچائڻ جو ڪم شروع ٿيو.

ڪوالالمپور شهر جي وچ ۾ جيڪو پودو جيل آهي اهو پڻ ان سال نهي راس ٿيو هو. ان جي ٺهڻ تي انهن ڏينهن ۾ سوا تي لک ڊالر خرچ آيو هو ۽ ان ۾ پنج سؤ ويهہ قيدين جي رهائش رکي ويئي. ملائيشيا جي انگريزي اخبار ملئي ميل (Malay Mail) پهرين روزاني اخبار هئي جيڪا 1896ع ۾ ڪوالالمپور مان جاري ٿي ۽ اڄ ڏينهن تائين هلندي اچي. هن اخبار جون شروعات ۾ فقط ٻہ سؤ ڪاپيون روز نڪرنديون هيون.

1910ع ڌاري ڪوالالمپور جي آدمشماري اڌ لک تائين اچي ٿي. ڪوالالمپور جي ريلوي اسٽيشن ان ئي سال نهي راس ٿي هئي. انهيءَ

نموني جي عمارت جهڙيون ريلوي اسٽيشنون انگريزن ڪولمبو، ڪراچي، لاهور، دهلي، ڍاڪا، سنگاپور، ڪولون (هانگ ڪانگ) ۽ ٻين ڪيترن آفريڪي ۽ ايشيائي ملڪن ۾ ٺهرايون تہ سهي پر ملائيشيا ئي هڪ اهڙو ملڪ آهي جنهن جي حڪومت اڄان تائين ڪوالالمپور جي ريلوي اسٽيشن جي عمارت ۽ ان جو شان قائم رکندي اچي. سندس ونگن وارا وڏا در ۽ مسجد جهڙا منارا، لوهي وڏو گيٽ ۽ مٿاهيون ڇتيون ڏسي اڄ بہ ماڻهو ستر اسي سال اڳ جي تواريخ ۾ وڃيو نڪري جڏهن انگريز حاڪم ۽ سندن قريبي چمچا خاڪي توپلا ۽ اڇا اجرا ڪپڙا پائي، ڳچيءَ ۾ ٽاءِ يا بو لڳائي، صدريءَ جي کيسي ۾ زنجيري واري ناس جي دٻليءَ جيڏي واچ ۽ هٿ ۾ ڪمند جي گرين جهڙي ڏنڊي ڪٺي ريل جي انتظار ۾ پسار ڪندا هئا.

ڪوالالمپور جي سڄي ريلوي اسٽيشن دهلي ۽ ڪلڪتي جي ريلوي اسٽيشن جيان ڊڪيل آهي. هيٺ ويٽنگ روم ۽ ريسٽورنٽ اتس ۽ مٿان رهائش لاءِ هوٽل آهي. ڪيترا دفعا دل ۾ آيو تہ ان هوٽل کي ڏسجي جنهن جي مسواڙ شهر جي ٻين هوٽلن کان چڱي واجبي آهي. ڪجهہ ڏينهن اڳ ڪم سانگي ڪوالالمپور ۾ رهيل هوس. هڪ ڏينهن شام جو جالان سلطان محمد ڏي ويندي وقت ريلوي اسٽيشن جي اڳيان ڪار بيهاري اندر اسٽيشن ۾ گهڙي ويس. مدراسي ٽڪيٽ چيڪر بابوءَ مون کي بنا ٽڪيٽ پليٽ فارم تائين وڃڻ جي موڪل ڏني. سو هڪ ڪنڊ کان ٻي ڪنڊ تائين مسافرن، ريل جي پٽن، پٽن جي وچ ۾ وڇايل ڪاٺ جي سليپرن ۽ پٿرن، گاڏي وارن، پيديءَ وارن ۽ قلين کي ڏسي پوءِ هوٽل ڏسڻ لاءِ لفٽ ۾ گهڙيس جو هوٽل جو استقبال وارو هنڌ ٽي ماڙ تي هو. سک لفٽ مٿن هن پراڻي زماني جي لفٽ جو لوهي شيخن ۽ گهرڪڻ وارو دروازو بند ڪري اندر لڳل هئنڊل کي ڦيرائي ڪنهن انگ يا نشاني تي هٿ رکيو ۽ لفٽ گنل نار وانگر گڙ گڙ ڪندي ڌرتيءَ جي ڪشش کي آڱوٺا ڏيکاريندي مٿي سرڪڻ ۾ ڪامياب ٿي ويئي. رب جا شڪرانا ۽ سک جا ٿورا مڃي لفٽ مان ٻاهر نڪتس. رسيپشن تي ويٺل ملئي مومل کان خالي ڪمري ڏسڻ جي موڪل گهريم. هن ميڪ اپ درست ڪري

ڪنهن خالي ڪمري جي چابي ڪنئي ۽ ڪمرو ڏيڪارڻ لاءِ دخل ڪان ٻاهر نڪري مونسان گڏ هلڻ لڳي. پر پوءِ خبر ناهي ڇا سوچي، هڪدم ويهي رهي ۽ پريان وينل هڪ ٻئي سک ڪلارڪ کي ڪمرو ڏيڪارڻ لاءِ چيو. اها ڳالهه جيتوڻيڪ مون به تڪا دل ۾ ڪئي ۽ اهو معلوم ڪرڻ لاءِ ته آيا آئون انگريسوَ لڳي رهيو آهيان ڇا، مون پيٽ ۾ لڳل ماڻهوءَ جي قد جيڏي آرسيءَ ۾ پاڻ کي ڏٺو. تيسين سک ڪلارڪ ڪمري جي ڪنجين کي ڇڻڪائيندو سامهون واري ڏکڻي ۽ سانتيڪي ورانڊي ۾ وڃي چڪو هو. جيڪو ڪمرو هن کي ڏيکارڻو هو سو بلڪل پوپٽ وارو هو.

ڪمرو ڪافي ڪشادو ۽ وڏي ڇت وارو هو. ايڏو وڏو ڪمرو ڪنهن هوٽل جو مون يورپ، چين يا آفريڪا آمريڪا ۾ به نه ڏٺو. پٽ تي گلم نما غاليچو وڇايل هو. ڇت ۾ ڏکڻ ۽ گهٽو مڙيل پرن وارو پراڻو پکو هو ۽ ورانڊي واري پيٽ ۾ لڳل ڪاٺ جون وڏيون دريون - جيڪي پاڪستان ۾ پڻ انگريزن جي ٺهرايل ڊاڪ بنگلن، انجنيئري بنگلن ۽ ريسٽ هائوسن ۾ هونديون آهن؛ مڙيئي ڪليل هيون. انهن جي پويان ٺهيل ورانڊو ڇگو ويڪرو هو. ورانڊي جي ڪنڊ تي گڏيل ڪاڪوس - وهنجڻ جاءِ هئي ۽ ٻاهران تيل ڦٽي ۽ ٿاءِ ٿوپلو درست ڪرڻ لاءِ روايتي نموني جي بيضوي آرسي ۽ هڪ خاني واري ڪاٺ جي ٽيبل رکيل هئي. اهڙي ٽيبل - 'انگريزن جي دور جي نشاني' هالا ۾ مختيارڪار آفيس ۾ پڻ ڪنهن زماني ۾ هوندي هئي جڏهن لاشاري صاحب (هاڻوڪي سيڪريٽري قاسم لاشاري جو والد صاحب) سن 64-1963ع ۾ هالا جو مختيارڪار هو. ان کي ويهه سال کن اڳي ٿيا آهن. هاڻ ته شايد پڇي، پري، شهيد ٿي يا ٻري ڪٻي ويئي هجي.

هيڏي وڏي ڪمري ۾ جتي والي بال راند ته آرام سان ٿي سگهي، ڇهه فٽ ٻاءِ ٿي فٽ ماپ جا رکيل ٻه پلنگ جاماڙا لڳي رهيا هئا. پلنگن جي وچ ۾ ٽيبل هو جنهن مٿان ٽيبل لئمپ. انهن سيني شين ۽ سهوليتن ڪري هيءَ ڪا اهڙي خراب هوٽل نه ٿي لڳي جنهن جي مسواڙ ايتري گهٽ رکيل آهي. ٿي سگهي ٿو ڪمرا ايئرڪنڊيشنڊ نه هجن.

”سردارجي هي ڪمرو ايئرڪنڊيشنڊ آهي يا نہ ـ؟“ مون اڙدوءَ ۾ پڇيو.

”بلڪل سرڪار. ايئرڪنڊيشنڊ آهي. هتان هلي ٿو.“ هن پنجابي ۾ جواب ڏيئي ايئرڪنڊيشنر جو سئچ هيٺ ڪيو. ڏکڻي ڪمري جي ڏکڻي پٽ ۾ ڪنهن هنڌ تي لڳل اڌائي ٽن ٽن جو ايئرڪنڊيشنر ڪنهن پلوڙ ۽ پراڻي ڪٻڏي رانديگر وانگر پهرين زور سان ۽ پوءِ چپن ۾ پڻ پڻ ڪري آهستي آهستي ڪٻڏي ڪٻڏي ڪرڻ لڳو. مون سنڌس سئچ واپس مٿي ڪيو. ايئرڪنڊيشنر هڪ وڏو آواز ڪري في الحال ماٺ ٿي ويو. جڻ رانديگر ڪاٻي ويو. سردار جيءَ کي ٻڌايم تہ هن وقت ڪو رهڻ لاءِ نہ آيو آهيان. بس هن هوٽل جو ائين ئي ڪمرو ڏسڻ آيو آهيان. ٿي سگهي ٿو ٻي دفعي ڪوالالمپور اچان تہ هن ئي هوٽل ۾ اچي رهان. ”پلا ريل جي اچڻ وقت تہ هنن ڪمرن ۾ گوڙ ٿيندو هوندو ـ؟“ سردارجيءَ کان پڇيم.

”بلڪل نٿو اچي.“ هن وراڻيو. ۽ مون بہ محسوس ڪيو تہ ٿڌرين ٿلهين پٽين هوندي آواز پلا ڪيئن ٿو اچي سگهي. آخر ۾ موڪلائي هيٺ گرائونڊ فلور تي ڪوالالمپور ريلوي اسٽيشن جي ريسٽورنٽ ۾ چانهہ پيئڻ لاءِ اچي ويٺس. اسي سال کن اڳ جي نهيل ۽ رکي رکي مرامت ڪرايل هيءَ ريسٽورنٽ، اڄ بہ وڏي شان واري لڳي رهي هئي. سيني ٽيبلن تي چاڪليٽي رنگ جا پوش چڙهيل هئا ۽ ساڳي ساڳي رنگ جون نئپڪنون پڻ رکيل هيون. ڪراڪري ۽ ڪٽلري بہ پراڻي زماني جي پر اوچي هئي. چونجهي روشنيءَ ۾ جيتوڻيڪ ماحول چڱو خاصو رومانٽڪ هو پر ڇت ۾ ويڙل چمڙن جي پولڙين جي ڏپ باهہ ٻاري ڏني. گاڏي اچڻ ۾ اڃان دير هئي يا اچي هلي ويئي هئي جو ماڻهن جي گهڻي هل هلان ـ ٻاهر توڙي اندر جهڪي ٿي چڪي هئي. ويهہ کن ٽيبلن مان فقط ٽي پُريل هئا. سامهون پري واري هڪ ٽيبل تي ڪارو تامل نوجوان بيئر بہ پي رهيو هو تہ اخبار پڻ پڙهي رهيو هو. ڪنهن سرڪاري کاتي جو ڪامورو لڳو ٿي. موڪل ڪاٽي نوڪري واري شهر ڏي رڃي رهيو هوندو يا ايندڙ ڪنهن

اعليٰ آفيسر جو انتظار ڪري رهيو هوندو. ڪاٻي پاسي پنج ڪن چيني عورتون ۽ مرد ماني کائي رهيا هئا. سيئي ڪنهن هڪ ئي آفيس جا لڳا ٿي يا هڪ ئي فئملي جا. کائڻ سان گڏ تکي آواز ۾ ڳالهائي ۽ کلي رهيا هئا. ساڄي پاسي واري ٽيبل تي هڪ ملئي همراهه ٽيهه پنجٽيهه سالن جي ڄمار جو پنهنجي تازي شادي ڪيل ڪنوار سان گڏ ويٺو هو. يا ٿي سگهي ٿو زال نه هجيس پر گرل فرينڊ هجيس. ڇوڪريءَ جي عمر ارڙهن ويهه سال کن ٿيندي. سڄو وقت شرمائيندي رهي يا رنل هئي. همراهه ڪيس آخر تائين پرچائيندو/ ريجهائيندو رهيو. ڪجهه ڪاڌائين به نه پئي. اٽڻ مهل آئيس ڪريم به جيئڻ جو تيئن ڇڏي اٿي ۽ آرينج جيوس جي گلاس مان ڪو فقط ڍڪ به مس پريائين.

مون ڪوپ ۾ هتي جي لوڪل چانهه Boh جون به ٽيلهيون وجهي ڪڙڪ چانهه ناهي پيئڻ شروع ڪئي. ۽ هال جو چوڌاري جائزو ورتو جنهن جي ڪمانن وارن دروازن جي پر ۾ ننڍا جارا پڻ نهيل هئا - لڳو ٿي ته ڪنهن زماني ۾ اليڪٽرسٽي نه هجڻ ڪري انهن تي شمعون يا ڏيئا رکيا ويندا هئا. ڪوالالمپور جي هن ستر سال پراڻي هوٽل جي رهائش جي مسواڙ ڪٽي ڇو نه گهٽ هجي پر پنهنجي خرچ تي ٻين مهنگين هوٽلن ۾ رهڻ کان ته هيءَ بهتر آهي. خاص ڪري جي ڪوالالمپور کان ريل رستي اتر طرف اپوح، پينانگ، بٽنڪاڪ ۽ ڏکڻ طرف سريمبان، تمپين، جوهور بارو ۽ سنگاپور وڃڻو هجي ته پوءِ هڪ ڏارئين مسافر لاءِ ڪوالالمپور ريلوي اسٽيشن جي هيءَ هوٽل اهڙي خراب ناهي جنهن جي ايئرڪنڊيشنڊ ڪمري جي اڄڪلهه مسواڙ فقط پنجاهه ڊالر - يعني ٽي سؤ رپيا آهي.

ڪوالالمپور ۾ ريلوي اسٽيشن ٺهڻ بعد سگهوئي ريڊيو اسٽيشن به ٺهي ۽ 1929ع کان ريڊيو ڪم شروع ڪيو. ٻي وڏي لڙائيءَ جو اثر هن شهر تي، 1941ع ۾، ڪرسمس وارن ڏينهن ۾ ٿيو. بمباري بعد جنوري 1942ع ڌاري جپانين سڄي شهر تي قبضو ڪري ورتو. جپانين جي ملائيشيا تي چار سال کن حڪومت رهي. ان بعد تيرهين سيپٽمبر 1945ع تي جپانين انگريزن اڳيان آڻ مڃي.

جنگ ختم ٿيڻ بعد ڪيترائي ڳوناٽا ۽ پري جا، نوڪرين ۽ روزگار ڪارڻ ڪوالالمپور لڏي آيا. 1952ع ڌاري ماڻهن جي وڌندڙ آدمشماري کي منهن ڏيڻ لاءِ ڪوالالمپور جي پر ۾ هڪ ٻيو شهر- پٽلانگ جايا ناليِ، اڏڻ جو پروگرام ٺيو- جيئن حيدرآباد جو لطيف آباد، راولپنڊي جو سيٽلائيٽ ٽائون يا ڪراچيءَ جو نارٿ ناظم آباد ۽ فيڊرل بي ٽائون وغيره آهي. اڄ پٽلانگ جايا هڪ مثالي شهر سمجهيو وڃي ٿو جو اهو شهر پلاننگ، سهڻن ۽ صفائيءَ کان آرامده آهي. قطارن ۾ گهر، وڏا، ويڪرا ۽ سڌا رستا. گندي پاڻيءَ جي نيڪاليءَ جو سٺو سسٽم، پاڻي ۽ بجلي جام. ٻارن جي کيڏڻ لاءِ جتي ڪٿي پارڪ، ميدان ۽ اسڪول اسپتالون، بس اسٽاپ، بسون ۽ ٽئڪسيون.

ڪوالالمپور ۾ هڪ وڏي باهه 1956ع ۾ گومباڪ ندي ۽ باتو روڊ (هاٿوڪو جالان تنڪو عبدالرحمان) جي وچ ۾ لڳي هئي جنهن ۾ هزارين بي گهر ٿي ويا هئا. هڪ ٻه ٻيون پڻ چڱيون وڏيون باهيون ڪوالالمپور ۾ لڳيون جن ۾ بان - لي ربڙ فئڪٽري ۽ اوڊين سئنيما جهڙيون اهم عمارتون سڙي ڦلهير ٿي ويون هيون.

1956ع ۾ ڊيوڪ آف ايڊنبرو ملايا (ملائيشيا) گهمڻ دوران ٻه ڏينهن ڪوالالمپور ۾ پڻ رهيو. 31- آگسٽ 1957ع تي ملايا کي انگريزن طرفان آزادي ڏني ويئي ۽ ان جو جشن پڻ ڪوالالمپور جي مرديڪا اسٽيڊيم ۾ چاليهه ملڪن جي نمائندن اڳيان ٿيو. تنڪو عبدالرحمان پهريون پرائيم منسٽر مقرر ڪيو ويو. ساڳي سال کان ڪوالالمپور ۾ 'ملايا يونيورسٽي' پڻ ڪم شروع ڪيو ۽ اهڙي طرح سؤ سال کن اڳ جو هڪ ننڍڙو ڪچو ڳوٺ اڄ دنيا جي ماڊرن ۽ سهڻن شهرن ۾ شمار ٿئي ٿو. منجهس ڪيترين ذاتين، قومن، مذهبن، زبانن ۽ رنگن جا ماڻهو پاڻ ۾ کير کنڊ ٿي رهن ٿا.

”ملائيشيا - دنيا جو وڏو بيلو“

ملائيشيا ۾ قدم قدم تي وڻ ٽڻ ۽ گاهه پنو ايڏو آهي جو هن ملڪ کي دنيا جو بيلو سڏيو وڃي ٿو. ۽ هن بيلي نما ملڪ ۾ انيڪ قسم جا پکي پکڻ ۽ جيت جانور ڏينهن توڙي رات جو گهمندي نظر اچن ٿا. ڪي ڪي پکي ته اهڙا سهڻا ۽ نوان نوان نظر اچن ٿا جو شايد ڪنهن چڙيا گهر يا آمريڪا جي نئشنل جاگرافڪ رسالي ۾ به نه ڏٺا هجن - خاص ڪري ڪنگ فشر، جنت جو پکي (Bird of Paradise)، سياڳي ۽ ابابيل نموني جي پکين جا قسم.

منهنجي گهر جي پاهران ٿي چار سيتا ڦل جا وڻ آهن. ان جو پڪل ميوو کائڻ لاءِ ڳيري جيڏا پکي نظر ايندا آهن. نالو ته خبر ناهي ڇا اٿن پر رنگ ڇهڇ زردو (سورج مکيءَ جي گلن جهڙو) هوندو اٿن. ڪين ڦاسائڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪئي اٿم پر ويجهو پهچڻ سان پڇيو وڃن. دل ئي دل ۾ ڪو ڪوڙڪو ناهي ڪين ڦاسائڻ ۽ پاڪستان کڻي هلڻ جا پروگرام ناهيندو آهيان.

بيو پکي مينا جيڏو سچو ڪارو آهي پر هر کنڀ جو آخري اڌ انچ کن ڪير جهڙو اڇو اٿس. کنين جو اهو حصو هڪ ٻئي تي ٺهڪي ڪاري ڪنيڙاٽيءَ تي هڪ اڇي رنگ جو ٽلهو پٽو ناهي ٿو. بهرحال هي پکي پڻ جهڙو سهڻو آهي اهڙو سندس مٺو آواز آهي. روز صبح ساجهر، مون واري ڪمري جي دريءَ پاهران ڪيڙن سڪائڻ واري رس تي اچي ويهندو آهي. ان ئي وقت فيروزي واڱڻائي ۽ ڳاڙهي رنگ جا ڪنگ فشر پڻ اتي اچي ويهندا آهن. سمنڊ جي ڪناري تي اسانجو گهر هجڻ ڪري ڪنگ فشر ته سڀ کان گهڻا نظر اچن ٿا ۽ رکي رکي پاڻيءَ ۾ ٽبي هڻي ڪا مڇي، گانگٽ ڦاسائي ڪيڙن جي ان رس تي اچي کائيندا آهن يا وري

ڇپر تي ڪينئن جي ڳولا ۾ هوندا آهن.

هڪ دفعي صبح جو نوڪر در دريون کولي آفيس کي صاف پئي ڪيو تہ ان پکيءَ (ڪنگ فشر) جو هڪ ٻچو اندر گهڙي آيو. اسان واري ٽائيپسٽ سالميا ۽ ڪلارڪ ڇوڪري صباريا يڪدم در دريون بند ڪري ان کي جهلي ورتو. مون گهٽوئي غيرسنڌيءَ طرح پڇيومان تہ هو ان کي ڇا ڪنديون يعني ٻين لفظن ۾ سندن ان پکيءَ ۾ دلچسپي نہ هجي تہ منهنجي حوالي ڪن. پر سالميا پکيءَ کي گلن جي خالي ٽوڪريءَ هيٺان رکندي چيو تہ هوءَ ان کي گهر ڪٽي وڃي پاليندي. جيتوڻيڪ ٻن ٽن ڏينهن بعد جڏهن سالميا کان ڪلر باڪس جي رنگن جهڙي ان پکيءَ جو پڇيم تہ وراڻيائين:

"ان کي مون اڏائي ڇڏيو."

"ڇو؟" مون تعجب مان پڇيومانس.

"بابا چيو تہ توهان جي آفيس پرسان قبرستان آهي سو ٿي سگهي ٿو هن پکيءَ تي ڪنهن جن ڀوت جو ڇانءُ هجي." هن معصوميت سان ٻڌايو.

ممڪن آهي تہ ان ڪنگ فشر تي ڪنهن خراب روح جو ڇانءُ هجي پر ان کي سنڌ جا ڳوٺ ۽ گهٽيون ڏسڻ بدران آزادي ملڻي هئي سو آزاد ٿي ويو. پر آئون اجان ان چڪر ۾ آهيان تہ ٽن سالن جي مدي پوري ٿيڻ بعد جڏهن وطن واپس ويندس تہ ٽي وي، ريڊيو واچ وٺي وڃڻ بدران هن قسم جا ڪجهہ پکي ۽ ٻوٽن جون ڇڪيون ملائيشيا مان ڪٽي هلندس ـ جيڪي اسان وٽ ناياب آهن. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ جيئري پکيءَ کي هڪ ملڪ کان ٻئي ملڪ ڪٽي وڃڻ ۾ ڪجهہ دشواريون بہ پيش اچن. جهڙوڪ ڪتي ٻلي وانگر هوائي جهاز وارا پکيءَ لاءِ پڻ ٽڪيٽ جا پئسا وٺن. ڪراچي هوائي اڏي تي لهڻ وقت واسطيدار ڪاتو انهن پکين جي صحتياب هجڻ لاءِ هيلٿ سرٽيفڪيٽ گهري. ڇو جو ڪن جانورن ۽ پکين ۾ بيماريءَ جا جراثيم هجڻ ڪري ٻئي ملڪ ۾ پهچي اتي اهي بيماريون، پکيڙي سگهن ٿا. ان ڪري پکيءَ جي تندرست

هجڻ لاءِ ’ڊاڪٽر ڊور‘ ڪان تپاس ڪرائڻ ۽ سرٽيفڪيٽ وٺڻ ضروري هوندو آهي.

اهي ڳالهيون وري بہ اهڙيون آهن جن جو پورائو ڪرڻ ڏکيو ڪٽي آهي پر ناممڪن ڳالهہ ناهي. پر ڪي ڪي پکي ۽ جانور اهڙا آهن جن جو تعداد ڏينهون ڏينهن گهٽجڻ ڪري ان ملڪ جي حڪومت انهن ڪي ڦاسائڻ يا ٻئي ملڪ ڪٽي وڃڻ تي بندش وڌي آهي. ان صورت ۾ ظاهر آهي ڪير ڪجهہ بہ نٿو ڪري سگهي. پوءِ اهڙن پکين کي ڦاسائڻ بدران رڳو پري کان ويهي ڪين سيتاڦل ڪائيندو ڏسي سگهجي ٿو. ٻين لفظن ۾ سندن قسمت ۾ هالا جو ڏاٿو پاٿي ناهي.

ڪي ڪي ملائيشيا جا پکي مٿي بيان ڪيل پکين کان بہ سهڻا ۽ ساڳي وقت قيمتي پڻ آهن. جهڙوڪ جنتي پکي يا وڏا طوطا (Cockatoos)ـ جنهن کي هتي ڪاڪاـ ٽا سڏجي ٿوـ معنيٰ وڏو طوطو. دراصل انگريزيءَ جو لفظ ’ڪاڪئٽو‘ ان ملئي لفظ ڪاڪا ـ ٽا مان نڪتو آهي. مختلف رنگن جا هي ڳرا ۽ وزني پکي ٻيلن ۽ جهنگلن ۾ ئي گهٽا ٿين ٿا. هنن پکين جي آمريڪا ۽ يورپ ۾ ايتري گهرج آهي جو هتان سون وانگر سمگل ڪيا وڃن ٿا ۽ هي پکي اتي چوڏهن پندرهن هزار رپئي في ڊاٿو وڪامي ٿو. هوائي جهاز جي پاڙي ۽ پوليس جي جانچ کان بچڻ خاطر سمگلر هنن پکين کي بيهوش ڪري گتي جي دٻن ۾ بند ڪري ٻئي سامان سان گڏ هوائي جهاز جي ڪارگو ڪمپارٽمنٽ ۾ رکرائيندا آهن. دٻي ۾ ننڍا ننڍا سوراخ ڪندا آهن جيئن هوا جو گذر ٿيندو رهي. بہ ٽي ڪلاڪ هوائي اڏي تي ۽ ست اٺ ڪلاڪ هوائي سفر جا ساري ان حساب سان ڪنهن قابل ڊاڪٽر کان انهن پکين کي ايترو نشو ڪارايو ويندو آهي يا سئيءَ ذريعي بيهوش ڪيو ويندو آهي جيئن منزل تي پهچڻ سان هوش ۾ اچي وڃن ۽ پوءِ ڪين ڏاڍا پاڻيءَ جا ڦوهارا هٽي وڪڻڻ لاءِ تيار ڪيو ويندو آهي. پر ڪيترا تہ گهٽي نشي ڪري هميشه لاءِ سمهي رهندا آهن يا گهٽ نشي ڪري جلد سجاڳ ٿي، سوڙهي ڪوکي ۾ ڦٿڪي ڦٿڪي مري ويندا آهن.

ان ڪري ملائيشيا، آسٽريليا، پاپئانيوگني ۽ انڊونيشيا جھڙن ملڪن جي سرڪار پنھنجي ملڪ جا اھڙا سھڻا پکي ختم ٿيڻ کان بچائڻ لاءِ ڏينھون ڏينھن سخت قدم کڻي رھي آھي - جيئن سنڌن ملڪ اھڙن خوبصورت رنگن، ٻولين، شڪلين وارن پکين کان وانجھو نہ ٿي وڃي. وچ ۾ آسٽريليا جي ھوائي اڏن تي انھن رنگين طوطن لاءِ لڳاتارا ڏاڍا ڇاپا لڳا. ھزارن جي تعداد ۾ اھي پکي پيٽين، دٻن ۽ ڳوٿرن ۾ سمگل ٿيندي جھليا ويا ۽ ان کان بہ گھڻا ڪاميابيءَ سان ٻين ملڪن ۾ پھچي ويا. اھو لقاءُ ڏسي لڳندو ھو تہ آسٽريليا انھن پکين کان خالي ٿي ويو. پر ويجھڙائيءَ ۾ ھڪ خبر پڙھي ظاھر ٿيو تہ آسٽريليا جي حڪومت ان پکيءَ جو چڱو بچاءُ ڪري ورتو آھي ۽ ٿورا ٿورا تہ بہ ھي پکي ايترا آھن جو ان خبر موجب وتن ماڻھن کي تنگ ڪندا. ھي پکي وڏو ھجڻ ڪري ڪائي ڏاڍو ٿو ۽ فصلن جا فصل تہ چٽ ڪريو ڇڏي پر ڪجھہ ڏينھن اڳ سڊني شھر جي ھڪ ٻھراڙيءَ واري علائقي ۾ وورونورا (Woronora) ۾ رھندڙ ماڻھن دانھون ڪيون تہ زردي رنگ جي ڪلنگيءَ وارن ھنن طوطن جا ولر ھڪ ھڪ گھر تي حملو ڪري ان گھر جون سڀ ڪاٺ جون پٽيون، دريون، در، ڇت، ڪامون - سڀ ڪائي چٽ ڪري ويا آھن.

الفرڊ ھچڪاڪ جي ھڪ پوائتي فلم The Birds اڃي چڪي آھي جنھن ۾ ماڻھن کي پکي ڏيڇارين ٿا. سو ھڪ آسٽريلين، ٽي ويءَ تي ان فلم جو حوالو ڏيندي ٻڌايو تہ ھي طوطا بہ ائين ڪيڪون ڪندا سنڌن ڳوٺ ۾ اچن ٿا ۽ ڏسندي ئي ڏسندي ھر شيءِ ڪايو چٽ ڪيو ڇڏين.

چون ٿا تہ انھن طوطن جون آسٽريليا ۾ پھرين بہ دانھون ٻڌبيون ھيون پر ھن کان اڳ ھي فقط ڳوٺن ۾ فصل ڪائي ويندا ھئا. ھي پھريون دفعو آھي جو سڊني جھڙي وڏي شھر ۾، موٽر لارين جي گوڙ کان بہ نہ ڊڄي، ھنن سھڻن پکين ناحق ٻاري ڏنو آھي.

وورونورا علائقي جي رھواسين ٽي وي ۽ اخبار وارن کي اھو بہ

ٻڌايو تہ پکين کي بچائڻ لاءِ جيتوڻيڪ هنن گهرن جي پٽين ڇتين تي ڪڙي جٽلي جو ليپ بہ ڏنو ۽ ڪوڙا ڪانگ ناهي ڇت تي ٽنگي ڇڏيا پر هنن طوطن تي ڪنهن بہ شيءِ اثر نہ ڪيو. ان کان علاوہ بندوقن سان هوائي فائر بہ ڪيا تہ جيئن نڪاءُ تي هو ڊڄن. مارڻ جي تہ ڪنهن کي بہ اجازت ناهي جو هي پکي سرڪاري بچاءَ هيٺ آهي جيئن هنن جو نسل اجان بہ وڌي. هوڏانهن گهرن جي نقصان لاءِ ماڻهو جڏهن انشورنس ڪمپنين ڏي رجوع ٿيا تہ انهن اهو چئي نقصان پرڻ کان نابري ڪري ڇڏي تہ اهو Act of God آهي ـ يعني طوفان، ڪنوڻ، مينهن، زلزلي وانگر اها الاهي آفت آهي جنهن لاءِ هو ذميوار نہ آهن.

ملائيشيا ۾ بين پکين ۽ جانورن کان علاوہ جنهن جانور کي ويجهڙائيءَ ۾ بچاءَ هيٺ آندو ويو آهي، اهو آهي مڪاڪ (Macaque) پولڙو. ڏکڻي ايشيا وارو هي پولڙو Macaque هتي ملائيشيا ۾ تمام گهٽو ٿئي ٿو.

ٻين ملڪن ۾ پولڙن جهڙا جانور فقط جانورن جي باغ ۾ ئي نظر ايندا آهن پر انڊيا ۽ ملائيشيا اهڙا ملڪ آهن جتي ڪيترن ئي شهرن، جهنگلن ٻيلن ـ ويندي پڪن رستن تي پولڙا عام جام گهمندي نظر ايندا ـ ۽ سي بہ ڪيترن ئي قسمن جا. انهن ۾ مٿئين قسم جو پولڙو ـ مڪاڪ ـ سائنس جي تجربن ۾ تمام گهٽو ڪم اچي ٿو. ان ڪري ڪيترن ئي ملڪن ۾ ان جو کپ آهي. ملائيشيا طرفان ان پولڙي جي وڪري يا ٻاهر موڪلڻ تي جهل پل نہ هئي. پر تازو هاڻ ويجهڙائيءَ ۾ حڪومت ان کي ٻاهر اماڻڻ تي بندش وڌي آهي جو پهچندڙ رپورٽن موجب خبر پيئي تہ انهن پولڙن تي ٻين ملڪن ۾ سائنس جي نالي تي سخت ظلم ٿي رهيا آهن ۽ ڪين ڪيميائي ۽ بايولاجيڪل جنگي جيتن ۾ استعمال ڪيو پيو وڃي. نتيجي ۾ ملائيشيا جي حڪومت کي اها ڳالهہ نہ وڻي ۽ ڪين ايڪسپورٽ ڪرڻ تي بندش وجهي ڇڏي.

حڪومت جي هن اوچتي جهل انهن واپارين کي سخت نقصان ۾ وجهي ڇڏيو آهي جيڪي پولڙا ٻاهر موڪلي ناڻو ڪمائڻ ڪارڻ هتي

پولٽرن جا فارم هلائي رهيا هئا ـ جن فارمن ۾ هن وقت هزارين پولٽرا موجود آهن. هنن کي سمجهہ ۾ نٿو اچي تہ هاٿي انهن کي ڪيڏانهن ڪن. جي پاڻ وٽ ٿا رکن تہ ڪمائيءَ بدران انهن کي کارائڻ پيارڻ ۽ نگهبانيءَ تي خرچ ڪرڻو ٿو پوين ۽ جي کين آزاد ڪري جهنگل ۾ ٿا ڇڏين تہ پولٽرن ۾ ٻين جانورن وانگر اهو افعال بنهہ ناهي تہ هڪدم پنهنجي کاڌي خوراڪ جي ڳولا ۾ لڳي وڃن. نتيجي ۾ ٻنهي صورتن ۾ هو اجايل بکايل مري ويندا.

ڪوالالمپور ۾ ميلو ۽ گلدستو

سڪن جو راڄ برادري ۽ پئنچائت ڪميونٽي نه فقط سنگاپور ۾ آهي پر ملائيشيا جي پڻ ڪيترن ئي وڏن ۽ ننڍن شهرن ۾ موجود آهي. اها پنهنجن ماڻهن جي ڀلائي ۽ بهتريءَ لاءِ هر وقت سوچي ٿي. غمي ۽ خوشيءَ جي موقعي تي سڀ گڏجي مشڪل مسئلن کي منهن ڏين ٿا ۽ خوشين کي ونڊين ورهائين ٿا.

گذريل سال ڪوالالمپور ۾ سڪن ميلو لڳايو. هي ميلو 20 جنوري کان 23 جنوريءَ تائين ٽي ڏينهن هليو جنهن ۾ نمائش، ناچ گانا، ڪٻڏيءَ جهڙيون رانديون، ننڍن ۽ وڏن جا مختلف مقابلا ۽ آخري ڏينهن هڪ ننڍڙو ڊرامو ۽ اسٽيج شو "گلدستو" پيش ڪيو.

مقابلن ۾ سڀ کان دلچسپ مقابلو مڇن جي ڊيگهه جو هو ته ڪهڙي سک جون سڀ کان ڊگهيون مڇون آهن. اها خبر فوٽن سميت ملائيشيا جي اخبارن ۾ پڻ آئي هئي.

'گلدستو' نالي اسٽيج شو آخري رات ايم. سي. اي آڊيٽوريم ڪوالالمپور ۾ ڏيکاريو ويو هو. اهو شام جو اٺين وڳي کان رات جو ٻارهين تائين هليو. شايد اڃان به وڌيڪ هلي ها پر جيئن ته اسان جهڙا ڌاريان مهمان توڙي سنڌن پنهنجا سک ملاڪا، ايوح، پينانگ، تمپين، موئر، سريمبان جهڙن ڏورانهن شهرن کان آيل هئا ۽ ٻئي ڏينهن سيني جون آفيسون هيون ان ڪري رات جو ئي گهرن ڏي موٽڻ ضروري هو.

'گلدستو' ۾ هڪ ته شيڪسپيئر جي The Seven Ages of Man

نموني سان سک جي جمڻ کان وٺي پيريءَ تائين زندگيءَ جا مختلف ڏاڪا ڏيکاريل هئا تہ سک گهراڻي ۾ جڏهن ننڍڙو ٻار سُک ديو سنگهہ نالي جمي ٿو تہ ڪيئن سندس ماءُ پنجابيءَ ۾ لوري ڏيئي کيس سمهاري ٿي - وڏي عمر جي سکن پڪ پنهنجو ٻاروتڻ ياد ڪيو هوندو پر نوجوان سکن - جن نئين دنيا ۾ ساهہ کنيو آهي انهن لاءِ، اها نئين ڳالهہ هئي. نئون راڳ هو. ٻار کي سمهائڻ جو نرالو نمونو هو.

پوءِ هڪ ڏيک ۾ 'سُک ديو' وڏو ٿي ويو آهي ۽ ڪوالالمپور ۽ سنگاپور جي سک ٻارن وانگر سڄو ڏينهن آتاري (Atari) ۾ ٻيون وڊيو رانديون کيڏڻ بدران ٻاڻ جيڏن سان کبڊي، ڪيڪل ۽ ڪوٽلا رانديون ڪيڏي ٿو- جيڪي اڄ بہ سندن وڏن جي اباڻي وطن پنجاب ۾ عام کيڏيون وڃن ٿيون.

هڪ سين ۾ سک ديو ۽ ٻيا هڪ جيڏا ۽ جيڏيون ڀنگڙا ناچ نچن ٿيون. جهرمر ڪندڙ ڀڙڪيلن رنگن وارن ڪپڙن ۾ هي ڀڙڪيلو ناچ نہ فقط سک ميزبانن ۽ مهمانن کي پسند آيو پر ملئي، چيني ۽ اسان جهڙن ڌارين ملڪن کان آيل مهمانن کي پڻ وڻيو.

هڪ ڏيک ۾ سڳ ڳولهيندڙ ۽ مِٽي ڪرائيندڙ عورت کي ڪنواريتن ۽ گهوٽيتن جي گهر ۾ وچي بحث ۽ ناهہ جوڙ ڪندي ڏيکاريو ويو.

'گلدستو' جو هڪ دلچسپ حصو اهو بہ هو تہ ڪيئن آمريڪا ۾ رهندڙ سکن جا ٻار اتي انگريزي لوڪ ڌنن ۽ گانن جا عادي هجڻ ڪري پنهنجو پنجابي گانو اصلي طرز بدران آمريڪي سازن تي ڳائين ٿا ۽ ساڳي وقت انگريزي گانو ديسي سازن هارمونيم، طبلي، دف، چيڙين ۽ مَٽَ جي ٺاپ ٺاپ تي آلاپين ٿا.

آخر ۾ سڀ کان ڪلائيندڙ ٽڪرو پوڙهي سک ۽ سندس زال جو هو. پنهنجن پٽن پوٽن کي گهر ۾ نہ ڏسي هڪ ڏينهن ڪراڙي سک جي شرير ۾ جوانيءَ جي جوش جو ڪو پيڪو پئدا ٿئي ٿو ۽ هو پوڙهي ڏاڏيءَ - يعني سندس زال ڏي وڌي ٿو- جيڪا هن عمر ۾ پنهنجي

ڪراڙي مڙس جي هن هٿ چراند ۽ مِنٿ ميڙ ڪي بي حيائي ۽ بي شرمي سڏي نندي ٿي پر 'سردار جي' باوجود قبر ۾ لتون لڙڪائڻ واري عمر جي، پنهنجي خواهش تي حاوي اچي نفس ڪي مارڻ بدران ڏند ڀڳل ۽ گهنجيل منهن واري ڪراڙي ڌرم پتني ڏي وڌندو ئي رهي ٿو.

بيشڪ اهو ميٺو پوندو تہ جيترا ڏارين ماڻهن سکن تي چرچا ٺاهيا آهن انهن کان وڌيڪ هنن پنهنجو پاڻ تي بہ ٺاهيا آهن ۽ نہ فقط ٺاهيا آهن پر هو انهن کي پيش ڪري لطف بہ وٺي ڇاڻن ٿا.

ملائيشين جي 'انگلش لا' (English- Lah)

ملائيشيا ۾ اچي پهرين ڏينهن نه ته پهرين هفتي ۾ ئي توهان محسوس ڪندا ته ملائيشيا جا رهاڪو- ملئي، چيني توڙي انڊين انگريزي ڳالهائڻ وقت رکي رکي جملي ۾ لا (Lah) لفظ جو واڌارو ڪن ٿا.

هوٽل جو بئرو ڪم لاهي گهر وڃڻ وقت چوندو:

"I am going- Lah."

يا فوٽ پاٿ تان لنگهڻ وقت شيون وڪڻندڙ گهوريئڙو توهان کي شيون وٺڻ لاءِ چوندو:

"Very Cheap- Lah."

۽ اهو 'لا' جو استعمال نه فقط بئرو، دڪاندار يا ڪلارڪ ڪري ٿو پر پڙهيل ڳڙهيل ماڻهو پڻ. اها ٻي ڳالهه آهي ته هڪ سٺي انگريزي ڳالهائيندڙ، گهٽي تعليم وارو ماڻهو اسان ڏارين سان انگريزي ڳالهائيندي وقت ايتري Lah- Lah نٿو ڪري، پر اهو به پنهنجن سان انگريزي ڳالهائيندي وقت لا - لا جو گهڻو استعمال ڪري ٿو.

ملائيشيا پهچي ڪيترا مهنا ته سمجهه ۾ نه آيو ته اهو رکي رکي جملي ۾ لا جو پڇ هتي جا ماڻهو ڇو ٿا ڳنڍين. پر پوءِ آهستي آهستي محسوس ٿيو ته اهو ڪجهه ڪجهه ائين آهي جيئن انڊيا پاڪستان ۽ بنگلاديش ۾ هڪ جيڏا فري ٿي ڳالهائڻ مهل جملي جي شروع ۾ ڪڏهن 'يار- يار' جو لفظ ٽنبين ٿا. ويندي انگريزي ڳالهائڻ وقت پڻ چوندا:

"Yar, where were you Yesterday."

پر ملائيشيا جي Lah سان ٽنڊي ڪنڊ جي Yar جو ڪو مقابلو

ڪري نٿو سگھجي. اهو لا ملائيشيا جي ماڻهن جا ڪيترائي مقصد پورا ڪري ٿو. هو لا وجهڻ سان جملي ۾ نهنائي پيدا ڪن ٿا. ان ڪري Shut-up ۽ Shut up-Lah ۾ اهو فرق ٿيو وڃي تہ پهريون دڙڪو آهي ۽ ٻيو عرض نما جملو. جيئن سنڌيءَ ۾ چئجي ’ماٺ ـ ڪر‘ ۽ ’ڏس ماٺ ڪر نہ.‘ ’ڏس‘ لفظ هٽڻ سان ڪجهہ نرمائي پئدا ٿئي ٿي.

هتي جا ماڻهو تعجب يا خوشيءَ جو اظهار ڪرڻ لاءِ پڻ لا جو جملي ۾ استعمال ڪن ٿا. مثال طور 'So Big- Lah'ـــ معنيٰ ’مار ايڏو وڏو!‘ يا 'Thanks- Lah'ـ معنيٰ ’وڏي وڏي مهرباني‘. وغيره وغيره.

مزي جي ڳالهہ تہ ملائيشيا جا ماڻهو نہ فقط انگريزي ڳالهائيندي وقت Lah جو استعمال ڪن ٿا پر سندن بولي ’ٻهاسا ـ ملائيشيا‘ ڳالهائيندي وقت تہ هيڪاندو گهڻو ڪن ٿا. بلڪ اهو لا نڪتوئي ملئي زبان مان آهي. ملئي زبان ۾ تعجب، احسان، خوشي يا منٿ ميڙ جو اظهار ڪرڻ لاءِ ’لا‘ استعمال ٿئي ٿو.

هڪ انگريز چيو تہ ملئي زبان ڪهڙي نہ عجيب آهي. ڳالهائڻ مهل لڳي ٿو تہ ڄڻ وڙهن ٿا. اسان انگريز ڪنهن کي انگريزيءَ ۾ ’جهٽ ڪر‘ لاءِ هميشہ چونداسين تہ Please be Quick يا Kindly come here. هتي ’مهربان‘ يا ’مهرباني ڪري‘ ضروري چونداسين. پر هي ماڻهو پليز يا ڪائنڊلي تہ چون ئي نٿا. ئلهو چوندا: چپات ـ ’جهٽ ڪر؛‘ ماري سني ـ ’هيڏانهن اچ؛‘ تاق ماهو ـ ’نہ کپي،‘ وغيره. ۽ اهو ڪيڏو رکو ۽ خراب ٿو لڳي.

ڪيس ٻڌايم تہ هر مغربي ماڻهوءَ کي اسان جي مشرقي ٻولين سان اهو مسئلو درپيش اچي ٿو. پر حقيقت اها آهي تہ اسان وٽ بہ پليز (مهرباني) يا Kindly (مهرباني ڪري) جهڙا لفظ آهن. جيئن ملئي زبان ۾ سيلا، تولانگ، بوليح. پر اسان وٽ انهن لفظن جو گهڙيءَ گهڙيءَ استعمال ڪرڻ بدران جملي کي جهيل سان ڳالهائڻ وڌيڪ بهتر سمجهيو وڃي ٿو.

”ماٺ ڪر.“ دڙڪو آهي يا عرض. اهو ٻڌندڙ ڳالهائڻ واري جي

لهجي مان سمجهي سگهي ٿو. پر جي اجان بہ نهنائي سان چوڻ آهي تہ پوءِ جيئن اسان وٽ شڪاربوري ۾ نتوي 'ني' لفظ ڳنڍي وڏيڪ نرمائيءَ سان چون ٿا: "ماٺ ڪر ني." اهڙي طرح ملائيشيا جا ماڻهو لا ڳنڍين ٿا. ان ڪري هو ٺلهو 'چپات' چوڻ بدران 'چپات لا' چون ٿا ـ يعني 'جهٽ ڪر ني'ـــ ۽ ان کي 'پليز بي ڪئڪ' ئي سمجهڻ کپي. ساڳي طرح 'تاق ـ ماهو' بدران هي 'تاق ماهو لا' چئي لفظ 'مهربان' يا 'مهرباني ڪري' جو پورائو ڪن ٿا.

ڪي ڪي ملئي مرد ۽ عورتون جيڪي تمام گهٽو نياز ۽ نئڙت سان ڳالهائڻ جا عادي آهن ـ عنايت بلوچ جيان، سي تہ ايڏي لا، لا، ڪن ٿا جو جپانين جي تڪئي ڪلام 'انوني' يا 'سوـ ديسڪا' جي بہ جاءِ ناهي.

ٻي جوءِ ونيو پيو اڃي ...

ملائيشيا انهن ملڪن مان هڪ آهي جتي ڌارئين لاءِ غير قانوني طرح اچڻ تمام ڏکيو ڪم آهي. ملائيشيا ۾ پهچڻ جي اهم واٽ ٻيڙي، جهاز يا هوائي جهاز رستي آهي. ۽ ٻيو نمبر تي ٻاءِ روڊ پاڙيسري ملڪن: سنگاپور، ٿائلنڊ کان. بارڊر تي توڙي هوائي اڏن ۽ بندرگاهن تي پوليس ۽ فوج جي سخت چوڪي هجڻ ڪري ڪو لڪي ڇپي اچي نٿو سگهي. گهمڻ خاطر پندرهن ويهه ڏينهن يا مهني سوا جي ويزا تي هرڪو اچي سگهي ٿو. جنهن مان ملڪ کي فائدو آهي جو آيل ٽورسٽن مان ڪمائي ٿئي ٿي. باقي گهمڻ جي بهاني ڪو ڌاريون اچي هتي نوڪري يا پورهيو ڪري نٿو سگهي - جيئن ڪجهه سال اڳ سعودي عرب ۾ عمري جي بهاني يا انگلنڊ آمريڪا ۾ گهمڻ جي بهاني، ڌارين ملڪن جا ماڻهو نوڪريون ڪندا رهندا هئا.

ملائيشيا جي هر هڪ ماڻهوءَ وٽ پنهنجو پنهنجو شناختي ڪارڊ آهي جيڪو هو هميشه پاڻ سان گڏ رکي ٿو. ۽ اهو هر مهل ڪيس ڏيکارڻو پوي ٿو. ڊرائيونگ لائسنس وٺڻو هجيس يا ڪنهن کاتي ۾ نوڪري. ريل يا هوائي جهاز جي ٽڪيٽ وٺڻي هجيس يا ڪنهن ڪورٽ ۾ شاهدي ڏيڻي هجيس. هن کي اهو ڪارڊ ڏيکاري نمبر لکائڻو پوي ٿو. ۽ اهو ڪارڊ فقط ان کي ئي ملي ٿو جيڪو ملائيشيا جو واقعي رهاڪو آهي. ڌاريون ماڻهو چاهي ڪيڏو به زور لڳائي شناختي ڪارڊ حاصل ڪري نٿو سگهي. ۽ ڪارڊ بنا هو فقط گهمي ڦري ۽ پئسو خرچ ڪري سگهي ٿو باقي هتي رهي نوڪري، واپار يا پورهيو ڪري نٿو سگهي - چاهي ڪيڏو به قابل هجي. انهيءَ ۾ ڪو شڪ ناهي ته ملائيشيا جون مالي ۽ سياسي حالتون مضبوط هجڻ ڪري پاسي وارن ملڪن جا: جهڙوڪ

انڊونيشيا جا ماڻهو ٻيڙين رستي 'ملاڪا ـ ڳچي سمنڊ' لتاڙي هن پاسي ملائيشيا ۾ ڪڏهن ڪڏهن داخل ٿيندا رهن ٿا پر هو فقط لڪ چوريءَ ٻيلن ۽ جهنگلن ۾ سخت گرمي، رڳهہ، جيت جڻين ۽ نانگ بلائن جي وچ ۾ سستي اگهہ تي ئي ڪم حاصل ڪري سگهن ٿا سو بہ پڪڙجڻ تي ڪين جيل ۽ اهڙيون عبرتناڪ سزائون ملن ٿيون جو ٻئي لاءِ سبق ٿيو پوي، ۽ هر هڪ کي آئندي لاءِ اهڙي ڪنهن ڏوهہ لاءِ همت نٿي ٿئي. جيئن تہ جهنگلن ۾ پورهيو ڪرڻ ايڏو جوکائتو ڪم آهي ۽ پگهار ايترو گهٽ جو ڪو پري جي ملڪ جو ماڻهو اهو جوکم نٿو کڻي. هي پاڙيسري انڊونيشي ئي اهو ڪم ڪري سگهن ٿا ـ جن جي ملڪ جون هڪ تہ معاشي حالتون هيڪانديون خراب آهن ۽ ٻيو تہ هو ان قسم جي پورهئي جا عادي بہ آهن.

اسان جي نندي ڪنڊ جا ماڻهو جيتوڻيڪ انگلنڊ، آمريڪا، يورپ تہ ڇا اتر قطب وارن جابلو ۽ برفائتن ملڪن (ناروي، سئيڊن، ڊئنمارڪ) ۾ ۽ گلف جي واريا سن گرم ملڪن (ڪويت، دبئي، ابوڌابي، مسقط) ۾ ڏڪئي ڪان ڏکيو ڪم ڪن پيا پر ملائيشيا جي هنن ٻيلن ۽ جهنگلن ۾ رهڻ ۽ پورهيو ڪرڻ اسان جي ملڪ جي ماڻهن جي وس جي ڳالهہ ناهي ۽ ٻيو تہ پورهئي توڙي نوڪري ۾ پگهار ايڏا وڏا ناهن. نتيجي ۾ هن پاسي ان قسم جي خبر ورلي ٻڌبي تہ ڪو پاڪستاني، هندستاني، بنگلاديشي يا سلوني غير قانوني طرح ملائيشيا ۾ آيو يا غير قانوني طرح پورهيو ڪندي جهليو ويو ـ جنهن قسم جون خبرون ڪجهہ سال اڳ تائين انگلنڊ، جرمني ۽ عرب دنيا جي سيني ملڪن ۾ تمام گهڻي قدر هيون. پر هاڻ سخت پهري ۽ سخت سزائن ڪري انهن ملڪن ڏي پڻ تمام گهٽ ماڻهو ان قسم جي ڏوهہ لاءِ آماده ٿين ٿا.

گذريل ٽن سالن ۾ جن ڌارين ملڪن جي ماڻهن جون غير قانوني طرح ملائيشيا ۾ گهڙڻ جون خبرون هتي جي اخبارن ۾ اينديون رهيون آهن سي آهن: بنگلاديش، ويتنام ۽ ٿائلنڊ.

آدم شماري بنهہ گهٽ ۽ ملڪي حالتون سکيون ستابيون هجڻ

ڪري ملائيشيا ۾ ڪو فقير/ پينو نظر نٿو اچي. ڳوٺن ۽ ننڍن شهرن ۾ تہ بنهہ ناهن باقي ڪوالالمپور شهر جي ٻن ٽن هنڌن ـ تنڪو عبدالرحمان روڊ، راجا لائوٽ روڊ، بڪت بنتانگ روڊ يا ائمپنگ روڊ تي ڪڏهن ڪڏهن ٽي چار عذر وارا فقير ڏسڻ ۾ ايندا. سي بہ پنهنجي بدران ڪنڌ پاسي تي ويهي ميوزڪ وڄائيندا آهن ـ راهہ ويندڙ همدردي طور ڪين دل کولي خيرات ڏيندا آهن. نہ فقط مسلمان ملئي پر هتي جا چيني ۽ انڊين پڻ. ڇو جو هتي هرڪو روزگار ڪي لڳل آهي ۽ پيو تہ پنڻ سخت عيب سمجهيو وڃي ٿو. سو اهڙي حالت ۾ جيڪو خيرات لاءِ ويٺل آهي سو واقعي مجبور سمجهيو وڃي ٿو. هي فقير ڪراچي جي پرنس/ ڪيپري سئنيما واري چوواٽي واري ڏهن منڊين پهريل فقير وانگر پرمننٽ نہ هوندا آهن جنهن جون ٽئڪسيون پيون هلن ۽ گذريل ويهن سالن کان اهو ڏگهو جهليو پنڻ لاءِ بيٺو هوندو آهي. هتي جا فقير ڪجهہ ڏينهن نظر اچي غائب ٿي ويندا آهن. ڏٺو وڃي تہ هتي پنڻ مان تمام گهٽو ناٿو ڪمائين تا پر منجهن ايڏي غيرت آهي جو هو پنهنجي ۽ ملڪ جي بدناميءَ جي ڊپ کان فقط ڪجهہ ڏينهن پنن ٿا. هتي اهڙن ٻن ٽن ميوزڪ وڄائيندڙ فقيرن سان جڏهن خبرچار ڪيم تہ سيني اهو ٻڌايو تہ هو سال جو مهنو ٻہ اهڙي نموني سان ڪوالالمپور ۾ ڪمائي باقي مهنا پنهنجي پنهنجي ڳوٺ ڪيداح، پينانگ، ترنغانو يا پيراڪ پيرلس وڃي آرام ڪندا آهن. وڏيڪ هيچ جي ڪين نہ ضرورت آهي ۽ نہ وري پنڻ کي ڪو هو سٺو ڪم سمجهن ٿا.

بيشڪ هي ڪمائيءَ جو ذريعو آسان ڏسي ـ جنهن ۾ تجربي جي ضرورت بنهہ نہ ۽ ڪمائي 'بنا سيڙپ' جي تمام گهٽي آهي؛ اوسي پاسي جي ملڪن جا ماڻهو گهمڻ جو بهانو ڪري ڪوالالمپور جي رستن تي پنڻ لاءِ ويهي رهندا آهن. ۽ جتي پنهنجا پنڻ کي عيب سمجهي شرمائيندا رهندا آهن اتي هي ڌاريان ايندڙ ويندڙ راهگير جي پتلون گوڏ کي ڇڪي زوريءَ خيرات گهرڻ لاءِ ڇتو ڪندا آهن. نيٺ پوليس ۽ اميگريشن کي شڪ پئجي ويندو آهي تہ هي هن ملڪ جا نہ پر ڪنهن ڌارئين ملڪ جا

آهن. پوءِ ڪانئن شناختي ڪارڊ جي پڇا ٿيندي آهي. پاسپورٽ جي پڇا ٿيندي آهي. ۽ طبي معائني بعد اها پڻ جاچ پوندي آهي تہ هنن ۾ ڪوبہ انڌو منڊو يا لولو لنگڙو ناهي. سڀ مکر پيا ڪن. پوءِ اخبارن ۾ خبر اچي ويندي آهي تہ هيترا بنگلاديشي ملائيشيا ۾ غير قانوني طرح اچي ويا آهن. ان خبر ۾ پوءِ ڪيتري صداقت هوندي آهي ان لاءِ چئي نٿو سگهجي تہ اهي همراهہ واقعي بنگلاديشي هوندا آهن يا ائين ئي اماڻڪ خبر هُلائي ويندي آهي. جيئن ڪنهن زماني ۾ ـ خاص ڪري 1960ع کان ستر پنجهتر واري سن ۾ ڪوبہ ننڍي ڪنڊ جو جڏهن انگلنڊ ۾ غير قانوني طرح پڪڙيو ويندو هو تہ اتي جي اخبار ۽ ٽي ويءَ وارا بنا ڪنهن صداقت جي هڪدم خبر هلائي ڇڏيندا هئا تہ 'پاڪستاني' جهليو ويو. ۽ نہ فقط اخبار وارا پر جيڪي جهليا هئا ـ جيتوڻيڪ هوندا پر واري ملڪ جا هئا (جيڪو پوءِ اڳتي هلي ڪورٽ ۾ يا پوليس جي موچڙن سان سچي ڪندا هئا) پر پهرين چوٽ ۾ چئي ڏيندا هئا تہ: 'پاڪستاني آهيون.' يعني بدنام پاڪستان ٿي ويو. اخبارن وارا بہ وري ان خبر جي درستي نہ ڪندا هئا جو اها خبر تيسين پراڻي ٿيڻ ڪري ڇاپڻ لائق نہ سمجهي ويندي هئي. جنهن ڪري انگلنڊ جي رهاڪن تي اهو اثر ويهندو هو تہ انگلنڊ ۾ غير قانوني طور رڳو پاڪستاني اچن ٿا. ساڳي طرح هتي بہ اهڙي خبر اچڻ سان في الحال هتي جي ماڻهن جي نظر ۾ بنگلاديش جي اميج تي اثر پوي ٿو. پوءِ جيتوڻيڪ ان ئي وقت بنگلاديش جو سفارتخانو بيان جاري ڪندو آهي تہ اهي بنگلاديشي نہ آهن. "جي هو بنگالي ڳالهائين ۽ سڏائين ٿا تہ مغربي بنگال ـ يعني انڊيا جا بہ ٿي سگهن ٿا ۽ ڪيترائي انڊين بنگالي ٿائلنڊ ۾ بہ رهن ٿا ۽ هنن ڪي اتي جي قوميت آهي." وغيره وغيره.

اڳتي هلي پوءِ جا ثابت ٿيندو آهي ان ۾ ايڏي دير ٿي ويندي آهي جو پراڻي خبر سمجهي اخبار وارا ان کي ڇاپڻ جي تڪليف وٺندائي نہ آهن. هاڻ مڙيئي ڪجهہ عرصي کان اخبارن وارا اهڙي نوعيت جي خبر ڏيڻ کان گريز ڪن ٿا ۽ ڪنهن بہ ملڪ جو نالو ڏيڻ بدران فقط 'پرپاسي وارو ملڪ' لکن ٿا.

ويٽنام جا ماڻهو وري ٻيڙين رستي سڄو خليج سيام وارو سمنڊ لتاڙي هتي اچي نڪرن ٿا. ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته ڪجهه سال اڳ ڪيترا ويٽنامي يا ڪمپوچين پنهنجي ملڪ جي خراب معاشي حالتن توڙي سياسي، سماجي يا ظالم معاشري کان بچڻ ڪارڻ راتوواه ڀڄي نڪتا هئا ۽ اجان به ڪٿهن ڀڄندا رهن ٿا. پوءِ جي هو ڀڄندي وقت پنهنجي ملڪ جي سپاهين جي ئي ور چڙهن ٿا ته کين ماريو وڃي ٿو يا جيل ڀريا وڃن ٿا. ڪي پنهنجي ملڪ کان ڀڄڻ ۾ ڪامياب ٿين ٿا ته سندن ڪمزور ڪاٺ جون ٻيڙيون سمنڊ جي ڇتين ڇولين جو تاب نه جهلي سمنڊ ۾ غرق ٿيو وڃن. ان ڪري شروع ۾ ان واٽ کان ويندڙ جهازن کين بچايو ۽ جنهن ملڪ کان وڃي نڪتا انهن کين سياسي پناهه به ڏني ـ مثال طور آسٽريليا، انڊونيشيا، ملائيشيا، جپان ـ ويندي سنگاپور جهڙي ننڍي ٻيٽ ۽ آمريڪا ڪئناڊا جهڙن ڏورانهن ملڪن پڻ. پر پوءِ اهو ڪم وڏڻ لڳو ۽ ٻيڙين وارا کين ٻين ملڪن ۾ پهچائڻ لاءِ هزارين ڊالر وٺي ائين واپار ڪرڻ لڳا جيئن ڪنهن زماني ۾ پاڪستان ۽ هندستان ۾ ٻيڙين وارا ماڻهن کي دبئي وٺي هلندا هئا. ساڳي وقت ڏارين ملڪن به وڏيڪ ماڻهن کي پنهنجي ملڪ ۾ رکڻ کان انڪار ڪيو ڇو جو هڪڙن کي رکن ته اهي وري خط لکي پنهنجن ٻين مٽن مائٽن، دوستن کي لکن ته هليا اچو. مزو لڳو پيو آهي. ۽ پوءِ ٿيڻ ائين لڳو ته شريف ماڻهن کان وڌيڪ لُچ بدمعاش گهڻا اچڻ شروع ٿي ويا. جيڪي عام ڏنڌي پورهئي کان علاوه لڪ ڇپ ۾ چوريون، جوائون، چڪلا هلائڻ لڳا ۽ پناهه ڏيندڙ ملڪ جو خانو خراب ڪرڻ لڳا. نتيجي ۾ آسٽريليا، آمريڪا ۽ ڪئناڊا جهڙن ملڪن به کين رکڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو.

هڪ دفعي اسان جي جهاز به اهڙن ٻن ٽن ٻڏندڙ همراهن کي ڏکڻ چيني سمنڊ مان بچايو. سندن ٻيڙي پرزا پرزا ٿي ويئي هئي. کائڻ لاءِ هنن وٽ ڪيترن ڏينهن کان ڪجهه نه بچيو هو. ويچارا آخري پساهن ۾ هئا. خير ٻن ٽن ڏينهن ۾ جهاز تي آرام، کاڌي ۽ دوا درمل سان تيار ٿي ويا. جهاز سنگاپور وڃي رهيو هو جتي اسان کين لاهڻ جي ڪئي، پر

سنگاپور اميگريشن ٽپ جواب ڏنو تہ هو ڪين پنهنجي ملڪ ۾ هرگز نہ رکندا ڀلي هو سندن ذات ڀائي، ٽرم ڀائي ۽ زبان ڀائي چيني ڇو نہ هجن.

اهڙيءَ طرح ٻين ملڪن بہ جواب ڏيئي ڇڏيو تہ ڪين سندن ملڪي ماڻهن جا ئي ڪي گهڻ مسئلا آهن جو ٽارين جو بہ مٿي جو سور ڪٽن. ان بعد آمريڪا ۽ ڪئنيڊا ڏي Sail ڪري آياسين. جتي پڻ اهو ئي بحث هلندو رهيو ۽ اسان لاءِ بہ وڏو مسئلو ٿي پيو تہ ڇا ڪجي جو جيسين همراهہ جهاز تي آهن جوابداري اسان جي ٿي ــ ۽ جهاز تي راشن، رهائش وغيره فقط مقرر ماڻهن جو مقرر وقت ۽ حساب سان رهي ٿو. بهرحال ان کان پوءِ هو خبر ناهي ڪهڙي ملڪ ۾ لٿا يا ڪهڙي ملڪ ڪين قبول ڪيو. منهنجي انهيءَ دوران ٻئي جهاز تي بدلي ٿي ويئي هئي ۽ هوائي جهاز رستي آئون ان جهاز لاءِ ٻئي ملڪ هليو ويس. پٺيان جي خبر ناهي تہ ڇا ٿيو. پر ان قسم جا مسئلا ڏکڻ چيني سمنڊ مان لنگهندڙ جهازين سان انهن ڏينهن ۾ ايترا تہ ٿي پيا جو ڪيترن جهازين ان بين الاقوامي قاعدي کان ئي اک ٻوٽ ڪري ڇڏي تہ سمنڊ ۾ ٻڏندڙ انسان کي هر صورت ۾ بچائڻو آهي ڇاهي دشمن ملڪ جو هجي.

آهستي آهستي ٿي هاڻ اهي ٻيڙين ۾ ڀڄڻ وارا همراهہ ــ جيڪي عام اصطلاح ۾ 'بوٽ ــ مين' سڏجن ٿا، گهٽجي ويا آهن. پر تڏهن بہ ڪڏهن ويٽنام کان هڪ اڌ ٻيڙي پنهنجي ملڪ کان ڀڄي، سٺي ملڪ ۽ سٺي روزگار جي ڳولا ۾ ملائيشيا ۾ پڻ اچي نڪرندي آهي ۽ في الحال ملائيشيا جي اميگريشن کاتي لاءِ مسئلو پيدا ٿي ويندو آهي تہ انهن کي ڪيئن ۽ ڪيڏانهن ڪڍيو وڃي. ڀڄي آيل موچڙن جي ڊپ کان پنهنجي ملڪ موٽڻ نہ چاهيندا آهن ۽ ٽاريون ڪو ملڪ ڪين رکڻ لاءِ تيار نہ هوندو آهي ــ جو اڄ جي دور ۾ هرڪو ملڪ سمجهي ٿو تہ جيترا گهٽ ماڻهو اوترا گهٽا فڪر ــ خاص ڪري اهي ماڻهو ٻئي مذهب، زبان، ملڪ، تهذيب يا سوچ جا آهن تہ پوءِ اصلي باشندن جو بہ سک چين چٽ ٿي ويندو. ڪين جهڙ روزگار نہ ملڻ ڪري هنن کي بہ مجبور ٿي چوريون، بدمعاشيون ۽ ٻيا ڌنڌا شروع ڪرڻا پوندا جو 'بک ٻيڙو ٽول دانا ديوانا

ڪري‘ ۽ هر صورت ۾ هو پناهہ ڏيندڙ ملڪ ۽ سوسائٽيءَ لاءِ هاڃيڪار ثابت ٿيندا.

ٿيون ملڪ جنهن جا ماڻهو غير قانوني طرح ملائيشيا ۾ اچڻ جي ڪوشش ڪندا رهن ٿا اهو ٿائلنڊ آهي. هو گهمڻ جي بهاني اچي نہ فقط غير قانوني طرح ڏنڌا نوڪريون ڪن ٿا پر ڪي ڪي اهڙا ڌنڌا بہ ڪن ٿا جيڪي ملائيشيا ۾ معيوب ليکجن ٿا جهڙوڪ: هوٽل ۾ اگهاڙيون ڊانسون ڪرڻ، چڪلا هلائڻ، بئريگيري بهاني گراهڪن جون نفساني خواهشون پوريون ڪرڻ، سياحن جو کيسو/ پاڪيٽ ڪترڻ، چرس ۽ ٻيو نشو وڪڻڻ وغيره وغيره.

ملائيشيا ملڪ اهڙي هنڌ تي آهي جو سندس چوڌاري سمنڊ آهي پر هڪ پاسي کان ٿائلنڊ سان ڪافي ڳنڍيل آهي سو ٿائلنڊ کان ٻاءِ روڊ ۽ ريل گاڏيءَ ذريعي قانوني طرح تہ ماڻهو اچن وڃن ٿا پر ڪجهہ ڪجهہ ٽائي ماڻهو غير قانوني طرح ٻيلن جهنگلن مان لڪي لڪي پڻ اچن. پئسي جي معاملي ۾ ملائيشيا ٿائلنڊ کان وڌيڪ امير آهي ۽ پئسو ڪمائڻ لاءِ خاص ڪري ٽائي ڇوڪريون ٽولن جا ٽولا ناهي ملائيشيا گهمڻ لاءِ اچن ۽ پوءِ مختلف هوٽلن ۾ رهي انهن ئي هوٽلن ۾ نچن ڳائين ۽ گراهڪن کي ريجهائين. ڪجهہ هوٽلن جا مالڪ ۽ ٻجهہ ڳوهہ ۾ هلائيندڙ چڪلن وارا پڻ اهڙي ’سستي مزور ۽ ڪمائيءَ جي ذريعي‘ سان ساٿ ڏين. پوءِ رکي رکي پوليس ڇاپا پڻ هڻندي رهي ٿي ۽ اخبارن وارا سنسني خيز خبرون شايع ڪندا آهن تہ ملائيشيا جي اپوح شهر ۾ـ يا الور اسٽار، ڪوالالمپور، پينانگ ۾ ڪجهہ ٽائي ڇوڪريون گراهڪن اڳيان اگهاڙو ناچ ڪندي پڪڙيون ويون. يا فلاڻي هوٽل ۾ بئريگيري ۽ ٻيا پورهيا ڪندي پڪڙيون ويون.

غير قانوني طرح آيل ماڻهو ڊپ کان هميشه سنو ۽ سستي اگهہ تي پورهيو ڪري ٿو. ان ڪري هوٽلن، دڪانن، بارن، چڪلن وارا هميشه پر واري ٿائلنڊ ملڪ جي غير قانوني آيل ماڻهن جي آجيان ڪن ٿا بلڪ پاڻ سان ونيو بہ اچن.



ڪوالالمپور جون ڪجهه يادون: باتو غارن ۾ وڃڻ جي ٽڪيٽ، ريسٽوران مالڪ جو ڪئش ميمو، بلال هوٽل ۽ ملائيشيا جي پارليامينٽ جا 25 سال گذرڻ تي نڪتل لوگو.





ڪوالالمپور ۽ پهانگ رياست جو نقشو.

Kenali Malaysia Cintai Malaysia

SUKAN MALAYSIA

Malaysia at a glance

BERSATU DAN SETIA

PENANG

rtm

Feri Malaysia Sdn. Bhd.

INSTITUT TEKNOLOGI LINTON
(Linton Institute of Technology)
NO. 8, JALAN CHARLETON, OFF JALAN MAXWELL, 30100 IPOH, PERAK.

PATA '86 MALAYSIA

INSTITUT KELAUTAN MALAYSIA

PERAK INSTITUTE OF ELECTRONICS
No. 75-77, (3rd Floor),
Jalan Clare, 30300 Ipoh,
Perak, Malaysia.

MAJLIS PERBANDARAN IPOH

ملائيشيا جي ڪجهه ادارن جا خوبصورت نشان LOGO



7.XI.84

Tarikh

Dear Mr Altaf

I am sending you as requested my signature.

Wishing all the best

Yrs sincerely

Tunku Abdul Rahman Putra Al-Haj (DMN. CH.)
16, Jalan Air Rajah, Pulau Pinang. Tel. 63970
1, Jalan Tunku, Kuala Lumpur. Tel. 983914

باپا ملائيشيا تنڪو عبدالرحمان ـ ملائيشيا جو پهريون پرائيم منسٽر هو.
هن وقت ٻياسي سالن جي ڄمار ۾ به ماڻهن کي خطن جا جواب پنهنجي هٿ
سان لکي ٿو. منهنجي لکڻ تي سندس هٿند رائيٽنگ ۾ موڪليل آٽوگراف.



ملائيشيا جي ڪار ٺهڻ کان اڳ هڪ ڪارٽونسٽ جو ان جي شڪل بابت خيال ـــ ڪار جي ڇت ملئي گهرن جي ڇت جهڙي هئڻ کپي.



RASUL BAKSH PALEEJO

1- سر فرئنڪ سئيٽنهام ـ اهو انگريز جنهن جي نالي تي ڪوالالمپور جو بندرگاهہ هو. هاڻ اهو پورٽ ڪلانگ سڏجي ٿو.

2- ملائيشيا جي اخبار ۾ رسول بخش پليجو صاحب جي تصوير آئي آهي تہ هي شخص سڀ کان گھڻو عرصو سياسي قيدي ٿي رهيو آهي.

3- چينين جي مرڻ تي پني جا نوٽ ساڙيا وڃن ٿا.



ڪوالالمپور ۾ ملائيشيا جي سکن مڇن جو مقابلو ڪيو.



ملائيشيا جي ريلوي جا هڪ سؤ سال 1885ع ۾ انگريزن شروع ڪئي.
هينئر 1985ع آهي



ملائيشيا جو هر دلعزيز وزير اعظم مهاتير محمد هڪ آرٽسٽ جي نظر ۾.



ملائيشيا جو جهنڊو

ڪوالالمپور جا ٻه نظارا ـ هڪ آرٽسٽ جي نظر ۾.



ملائيشيا ۾ رهندڙ ڏکڻ هندستاني بہ ٽي وي جي اشتهارن (Ads) ۾ اچي سگهن ٿا ـ هڪ ڪارٽونسٽ جو خيال.



سنگاپور ۾ رهندڙ ڏکڻ هندستانين جو ڌرمي تهوار پونگال

THE FAR EAST
U.S.S.R.
MONGOLIA
N. KOREA
Pyongyang
Sea of Japan
Dalien
S. KOREA
Seoul
Pusan
Yellow Sea
CHINA
JAPAN
Tokyo
Osaka
Nagoya
Yokohama
Shanghai
Ningpo
East China Sea
Keelung
Taipei
TAIWAN
Kaohsiung
Macao (Port.)
HONG KONG
Hanoi
Haiphong
BURMA
LAOS
THAILAND
VIETNAM
Bangkok
KAMPUCHEA
Gulf of Siam
Ho Chi Minh City
Kampong Som
South China Sea
PACIFIC OCEAN
Luzon I.
Manila
PHILIPPINES
Mindanao I.
Davao
Str. Malacca
Penang
Songkhla
MALAYA
MALAYSIA
Port Kelang
Kuala Lumpur
Malacca
SINGAPORE
BRUNEI
SABAH
Tawau
Kuching
SARAWAK
KALIMANTAN
SUMATRA
SULAWESI
I N D O N E S I A
Palembang
Java Sea
Jakarta
Surabaya
JAVA
Ujung Pandang
WEST IRIAN
NEW GUINEA
INDIAN OCEAN
AUSTRALIA

مشهور ملئي ڊريس ’باجو ڪرونگ‘



Shangri-La hotel
KUALA LUMPUR

ڪوالالمپور جي هڪ مشهور هوٽل شانگريلا



ملائيشيا جا ڪجھ ڏسڻ جھڙا هنڌ: پينانگ، لنگڪوي، ڪيداح، ترنگانو، پيراق.



دنيا جي نقشي تي ملائيشيا ۽ ڪوالالمپور

ان کان علاوه ڪيترائي ملئي ۽ انڊين مرد تہ هر دفعي باربار ٿپيو ٿائلنڊ جي ويجهي شهر حاديا، سونگڪلا، پتاني وغيره مان ڪنهن ٿائي ڇوڪريءَ سان شادي ڪري پنهنجي ملڪ زال جي ناتي سان وٺيو اچن. جنهن مان هڪ طرف تہ ملائيشيا جي حڪومت کي اميگريشن جو مسئلو پئدا ٿئي ٿو ٻئي طرف ملئي گهرن ۾ جهيڙو ۽ ملڪيت ۾ ڀائيواري جي پئدا ٿيل ڦڏي جو مسئلو پئدا ٿئي ٿو.

سو انهن مڙني مسئلن کي ٻنجو ڏيڻ لاءِ ويجهڙائيءَ ۾ هتي جي حڪومت انهن جهٽ پٽ وارين شادين جي روڪٿام ۽ دل شڪنيءَ لاءِ اهو قانون پاس ڪيو آهي تہ ڪوبہ ملائيشيا جو ماڻهو پنهنجي پهرين زال جي موڪل بنا ٻي شادي نٿو ڪري سگهي. ۽ شاديءَ بعد ٻنهي زالن سان برابر هلڻو پوندس. ٻيو تہ ڌارئين ملڪ مان شادي ڪرڻ لاءِ هن کي اڳوات پنهنجي تڪ جي شريعت قاضيءَ کي درخواست ڏيڻي پوندي تہ هو ٿائلنڊ خاص هن ڪم لاءِ پيو وڃي ۽ ان درخواست ۾ پنهنجا ۽ پنهنجي نئين ڪنوار جا تفصيل سان پار پتا ۽ گهرو احوال ڏيڻو پوندو. ان بعد اها شادي ملائيشيا ۾ رجسٽرڊ ٿي سگهي ٿي. ائين نہ تہ پهرين وانگر، جوءِ کي گهران چٽي نڪري تہ وڃان ٿو ٿائلنڊ ٻارن لاءِ ڪپڙا سبائڻ ۽ ٻئي ڏينهن موٽي تہ ٻارن جي ڪپڙن بدران ماڳهين پنهنجي لاءِ ٻي جوءِ وٺيو پيو اچي.

انتوق ڪيريتا اندا...

ملائيشيا ۾ ٽي قومون رهن ٿيون: ملئي، چيني ۽ انڊين. انڊين ۾ جيتوڻيڪ ننڍي ڪنڊ جا سڀ ماڻهو اچي وڃن ٿا پر انهن ۾ سڀ کان گهڻا ڏکڻ هندستان جا تامل آهن. هي اتر انڊيا جي دهلوي، لکنوي، گجراتين، بهارين ۽ پاڪستان جي پنجابين، سنڌين، پٺاڻ کان رنگ ۾ وڌيڪ ڪارا ۽ جسم ۾ ڏٻرا آهن. ڏکڻ هندستان ملائيشيا جي ويجهو آهي ان ڪري جن ڏينهن ۾ اچ وڃ تي پابندي نه هئي ته ڏکڻ هندستان جا ماڻهو روزگار توڙي واپار وڙي لاءِ هن پاسي گهڻو آيا. ٻيو ته انگريزن جي ڏينهن ۾ ملائيشيا ۾ ربڙ جي پوک جو ڪم وڌڻ ويجهڻ ڪري انهن ماڻهن جي ضرورت پيئي جيڪي گرميءَ توڙي جهڙ مينهن ۾ جهنگل ۾ رهي ڪم ڪري سگهن. ان لاءِ ڏکڻ هندستان جي تامل نادو صوبي جا هي ماڻهو بيحد مناسب هئا جو ڏکڻ هندستان جي آبهوا توڙي ڪيت فصل ساڳيا ملائيشيا جهڙا آهن.

مزوريءَ خاطر ملائيشيا ۾ انگريزن جي حڪومت دوران چين کان چيني به جام آيا جيڪي خاص ڪري هتي جي ٽين (Tin) جي کاڻين ۾ ڪم ڪرڻ آيا. پر پوءِ آهستي آهستي بين واپار وڙن تي به ڇانئجي ويا. هن وقت ملائيشيا جا چيني گهڻو سکيو ستابا آهن. انڊين ۾ هندو سنڌي، پنجابي سک ۽ پنجابي مسلمان، ۽ گجراتي پڻ چڱا مڇيءَ مانيءَ وارا ۽ امير آهن پر تامل نادو ۽ ڪيرالا پاسي جا ڏکڻ هندستاني اڃان تائين غريب آهن. ڪو ايڪڙ ٻيڪڙ همراهه سرڪاري نوڪريءَ ۾ يا وڏي واپار ۾ هوندو نه ته گهڻائي اڃان تائين ربڙ، پام آئل ۽ ڪوڪا جي پوک ۾ ڪم ڪري ٿي ۽ ذري گهٽ اُن ئي حال ۾ آهن جنهن ۾ صديون اڳ آيا هئا. کائڻ پيئڻ رهڻ ڪرڻ توڙي ڏکڻ اوڀڻ ۾ بلڪل پراڻو، اڻ سڌريل

۽ ڪجھ ڪجھ جھنگ جي ماڻھن جھڙو نمونو اٿن. نتيجي ۾ ملائيشيا جي ماڻھن ـ ملئي توڙي چيني ماڻھن جو، ’انڊين‘ لاءِ، سٺو اثر ناھي ۽ ھنن لاءِ انڊين معنيٰ ھي تامل ھمراھ ـ ربڙ جي پوک ۾ پورھيو مزوري ڪندڙ، ڪجي ۽ ناريل جي وڻن مان تاڙي ۽ عرق ڪڍي ڪچو شراب پيئندڙ، جوا، نشو پتو ۽ گھر ۾ پنھنجي زال ٻارن سان جھيڙو ڪندڙ، اڻ پڙھيل، حرام حلال ۾ فرق نہ ڄاڻندڙ، صحت صفائيءَ جي اصولن مان نہ ڄاڻندڙ، وغيره سمجھيا وڃن ٿا.

اخبار ۾ اڪثر خبرون اينديون آھن تہ فلاڻو انڊين فلاڻي جي جاگير ۾ گھڙي، نشي جي حالت ۾ جھڳڙو ڪندي جھليو ويو. يا نشي جي حالت ۾ زال ۽ ٻارن کي ماريندي پڪڙيو ويو. يا فلاڻي ٻيلي ۾ ڪم ڪندڙ ھڪ انڊين عورت سان زوري زنا جي ڏوھ ۾ پوليس وٺي ويس، وغيره. پوءِ ھنن ۾ جيڪي پڙھيل ڳڙھيل آھن اھي ھي ڳالھيون ٻڌي شرمندگي محسوس ڪن ٿا.

ھتي ھڪ ساندي جي شڪل جھڙو پر ان کان قدبت ۾ گھڻو گھڻو وڏو ۽ مڪروھ شڪل جو جانور ٿئي ٿو جيڪو گھرن اڳيان ۽ رستن تي عام جام نظر ايندو آھي. گند گوبر کان علاوه، ڪڪڙين جا ٻچا، آنا ۽ وڻن مان ڪرندڙ پپيا کائيندو آھي. ھڪ دفعي آفيس جي ھڪ ملئي آفيسر کان ان جانور بابت پڇڻ تي ھن ٻڌايو تہ اھو ھتي عام آھي ۽ بيحد ڊڄڻو ٿئي ٿو. ماڻھن کي نقصان نٿو پھچائي پر تنڊا جيت جانور کايو وڃي. پوءِ ٻڌائين تہ انڊين ھن کي کائيندا آھن.

مون جڏھن تعجب ڏيکاريو تہ پاڻ خاطريءَ سان وري چيائين: ”ھو نہ فقط ان کي پر چمڙن کي بہ ڦاسائي کائيندا آھن.“ ان بعد مون سان گڏ ويٺل ھڪ انڊين جھازي آفيسر کان پڇيائين: ”توھان کائيندا آھيو؟“

تنھن تي ھن چڙ مان ورائيس: ”اسان اھي انڊين نہ آھيون جيڪي تون سمجھين ٿو ۽ جن جي تون ڳالھ ٻڌائي رھيو آھين. انڊيا تہ تمام وڏو ملڪ آھي جنھن ۾ خبر ناھي ڪھڙيون ذاتيون ۽ قومون رھن ٿيون. ھڪ ذات جيڪڏھن مئل جانور جو گوشت کائي ٿي تہ معنيٰ سڀ انڊين اھڙا

ٿيا ڇا؟“

جيئن تہ اھا ڳالھہ نہ فقط ٻيا انڊين محسوس ڪن ٿا پر خود ڏکڻ هندستاني پڻ تہ هرويرو هنن کي ائين گهٽ چو ٿو سمجهيو وڃي جڏهن تہ خود تاملن (ڏکڻ هندستانين) ۾ ڪيترا ئي پڙهيل ڳڙهيل، اعليٰ نوڪرين وارا، وڏا واپاري ۽ سڌريل آهن. پر تنهن هوندي بہ جاهليت، بيوقوفي ۽ نيچ پڻي جي علامت لاءِ ڏکڻ هندستاني (انڊين) ظاهر ڪيو وڃي ٿو.

مثال طور هتي جي ٽي وي ءَ تي هڪ سرڪاري اشتهار ’ملڪ کي صاف رکڻ‘ لاءِ ڏيکاريو ويندو آهي جنهن ۾ جيتوڻيڪ چيني ۽ ملئي ماڻهن کي بہ ڏيکاريو اٿن تہ ڪو چاڪليٽ کائي پنو پيو اڇلي، ڪو ڪسيءَ ۾ ڪچرو پيو اڇلي پر ’انڊين‘ همراهہ کي ڪجهہ گهٽو ئي خوار ڪندو ڏيکاريو اٿن. هو بي افعالي نموني سان ڪيلو کائي سندس کل رستي جي وچ تي اڇلائي ٿو. (غريب کي کائڻ لاءِ وري ڪيلو بہ سائي رنگ جو ڪچو ڏنو اٿن).

يا ٽي ويءَ تان هڪ ٻيو اشتهار ”شهر ۽ گهٽي صاف رکڻ لاءِ ڪن ڪچرو ٻهر جي ڊٻي ۾ اڇلائڻ کپي“ جي سلسلي ۾ ايندو آهي تہ ان ۾ بہ هڪ انڊين ـ بيحد ٿلهو، ڪارو، بي ڊولو بس اسٽاپ وٽ بچيل سگريٽ جو ٽوٽو بنا وسائڻ جي رستي تي اڇلائي ٿو. اهو ڏسي لنگهندڙ اسڪول جون ڇوڪريون ڪيس شرمائين ٿيون. ان تي هو اڇلايل سگريٽ رستي تان واپس کڻي وسائي پوءِ ٻهر جي ڊٻي ۾ وجهي ٿو ۽ ڇوڪريون تاڙيون وڄائي ڪيس ائين شاباس ڏين ٿيون جيئن ڪنهن چرئي مست کي ڏبي آهي. سو خراب ڪم ڊيٽ ڪان ڪرائڻ جو اهڙو جيئرو جاڳندو مثال ڏسي ڏکڻ هندستانين جو ظاهر آهي اندر ڪامندو هوندو تہ هو بہ هن ملڪ جا اهڙائي باشندا آهن جهڙا ملئي ۽ چيني. ۽ پوءِ چو سٺي ڳالهہ لاءِ ملئي ۽ چيني ساراهجن ۽ خراب مثال ۽ ڌڪار لاءِ هي انڊين (تامل).

ٽي ويءَ تان ميڪ اپ، سونهن، نئين ڊريس، ڪار، ٽي وي يا ايئرڪنڊيشنر جو اشتهار ايندو تہ ان ۾ ملئي يا چيني عورتون ڏيکاريندا. ويندي ڪير جي اشتهار، عورتون جي ٻڌڻ لاءِ ماهواري جي پئڊبن، تيل

پائوڊر يا گلوڪوس جي اشتهار ۾ بہ چيني يا ملئي عورتون ڏيکارينديون تہ هو ڪارون هلائي رهيون آهن. ڊوڙي رهيون آهن، پائوڊر هٽڻ سان سندن اڌ اگهاڙي جسم مان گلاب جي گلن جي خوشبوءِ نڪري رهي آهي پر حرام جو ڪنهن تامل ڇوڪريءَ کي ڏيکارين - جيتوڻيڪ حق جي ڳالهہ هيءَ آهي تہ نڪ نقشن ۾ توڙي ليمڪ ۾ ڪيترين ئي تامل (مدراسي) ڇوڪريون ملئي ۽ چينين کان تہ وري بہ پرڪشش آهن ـ رنگ ۾ ڪٽي سانوليون ۽ ڪاريون آهن.

سو ظاهر آهي تہ ڏکڻ هندستانين کي اها بي عزتي لڳي ٿي تہ ڪيترن ئي ملئي عورتن جو رنگ هنن ئي جهڙو آهي ۽ جيتوڻيڪ انهن جا نقش بہ سٺا نہ آهن تہ بہ کين سونهن ۽ سوڀيا جي علامت طور تي ويءَ تي ڏيکاريو وڃي ٿو. چيني جيڪي ڪٽي رنگ ۾ اڇيرا آهن پر منجهن اها ڪشش تہ نہ آهي تہ بہ هنن کي ٽي ويءَ تي نخرو ڪندي ناز سان چورايو وڃي ٿو تہ 'منهنجي حسن جو راز لڪس صابڻ،' يا 'منهنجي پسند جي ڪار ڊاهتسو' پر تامل ڇوڪريءَ کي ڇو نہ؟

ساڳي طرح مردن جي اشتهارن ۾ بہ چيني ۽ ملئي مردن کي Dunhill جو چشمو ۽ واچ پائي هيلي ڪاپٽر هلائيندي، پيپسي پي ڳائيندي، Nike جا بوٽ پائي جاگنگ ڪندي ۽ اوولٽين پي جبل تي چڙهندي، ڪئمل سگريٽ جو ڪش هڻي بيڙي هلائيندي تہ ڏيکاريو وڃي ٿو پر انڊين مرد کي ڇو نہ؟! ها، 'بوميپترا بئنڪ برحد جي اشتهار ۾ هن کي ضرور ڏيکاريو وڃي ٿو (جنهن بئنڪ جو نشان شينهن آهي)؛ تہ هڪ عورت شينهن کي وٺي بئنڪ ۾ پيئي اچي ۽ رستي تي بيٺل ملئي ۽ چيني تہ ڇا پر انڊين ۾ سک ۽ گجراتي بہ ڏاڍي سکون سان بيٺا آهن پر انهن جي وچ ۾ بيٺل مدراسي شينهن کي ڏسي جيڪو ڊيڄوڙي جو اظهار ڪري ٿو ان تي واقعي افسوس ٿو ٿئي تہ ٽي ويءَ وارا انڊين سان ـ خاص ڪري 'ڏکڻ هندستانين' سان ڪيڏو بيائيءَ جي اک سان ڏسن ٿا.

ان سلسلي ۾ ڏکڻ هندستانين جا ڪيترائي خط اخبارن ۾ پڻ

ايندا رھن ٿا تہ ائين چو آھي. اسان جون تامل عورتون بہ تہ سھڻيون آھن. اھي بہ تہ پئسو خرچ ڪري ساڳين ميڪ اپ ڪمپنين جا عطر عنبير وٺن ٿيون. ھنن مان ڏاريون توڙي ملڪي ڪمپنيون ـ ڪير، شربت، بوٽن، سگريٽ مان ڪمائين ٿيون پوءِ پلا چو ڪنھن بہ اشتھار ۾، ھو انڊين عورت يا مرد ھرگز نٿا ڏيکارين. ”چا ھنن کي ڊپ آھي،“ ملائيشيا جا ڏکڻ ھندستاني اھو سوال ڪن ٿا، ”تہ ھڪ مدراسي عورت کي ڪار ھلائيندو ڏسي ماڻھو اھا ڪار وٺڻ ڇڏي ڏيندا؟“

”يا ماڊيس جو پئڊ ڀڏي ٻڪنيءَ ۾ ھڪ انڊين عورت کي ڊوڙندو ڏسي ماڻھو ھرڪڻ بدران بددل ٿيندا ـ؟“

اخبارن ۾ آيل ھڪ ٻن خطن ۾ تہ انڊين صاف صاف چِڙ جو اظھار ڪندي ٽي ويءَ وارن کي چتاءُ ڏنو تہ ياد رکو اسان بہ ٽي وي ٽئڪس ادا ڪريون ٿا ۽ ٽي وي ڪنھن ھڪ قوم جي نہ آھي پر سڄي ملڪ جي ماڻھن جي آھي ۽ اسين بہ ان ملڪ جا ساڳيا شھري آھيون.

ڪجھ ڏينھن اڳ جڏھن اھو بحث عروج تي ھو تہ انھن ڏينھن ۾، ملائيشيا جي ھڪ مشھور ڪارٽونسٽ لات (Lat) کي ڪٽي ٿي ڪتي تنھن خبر ناھي چا سوچي ڪٽي ان بابت ڪارٽون ڏنو تہ انڊين ٽي ويءَ جي اشتھارن ۾ اچڻ چاھين ٿا. ۽ جيڪڏھن انھن کي آندو ويو تہ ڪجھ ھينئن لڳندا.

ان ڪارٽون تان ھيڪاندو ممڻ مچي ويو تہ چا ھو اھڙا ويل آھن جو ھنن تي ٽي وي ۽ اخبارن وارا چِٽرون ٿا ڪن. ان ڪارٽون ۾ ڏيکاريل ھو تہ ھڪ ٿلھي متاري مرد نما انڊين مدراسي عورت پنگياڻين جي اسٽائيل جي ساڙھي ٻڌي مٿي تي پنجويھہ سير کو ڳرو ڊبو، ڪنھن تيل جو رکي ھيرو صاحب سان گڏجي نچي رھي آھي ۽ ھيرو صاحب کي ماٺيپي ۾ ڏيکارڻ بدران چور وانگر ڳچيءَ ۾ رومال ۽ اکين تي ڪارو چشمو، ڪاري پينٽ تي گلن واري جھڳمگ ڪندڙ ترڙي قميص پارائي ـ ڪيس ھيرو گھٽ پر ڪاسائي وڌيڪ ظاھر ڪيو ويو آھي. پاسي کان ھڪ پوڙھو چيني مڪينڪ ھٽ ۾ پانو جھلي کين واڻٽن وانگر ڏسي

رهيو آهي تہ هي چريا سندس گئريج ۾ ڇا ڪري رهيا آهن.

جواب ۾ ملئيءَ ۾ لکيل آهي: ”توهان جي ڪار لاءِ ـــ سپر انجن آئل“ "Super Engine Oil - Untok Kereta Anda" (ملئي زبان ۾ ڪار کي ڪيريتا چون. انتوق معنيٰ لاءِ ۽ اندا معنيٰ توهانجي). پاسي کان انهن خطن جا ٽڪرا ڏنل آهن جيڪي اندين ان سلسلي ۾ اخبارن ۾ ڏيندا رهن ٿا تہ ڪين ٿي ويءَ تي اشتهارن ۾ ڇو نٿو آندو وڃي. ڇا اندين ڪئميرا کان گهبرائين ٿا. ڇا اندين ڪنهن بہ مال جي وڪري لاءِ اشتهاربازي نٿا ڪري سگهن... وغيره وغيره.

ملائيشيا جو حڪومتي نظام

ملائيشيا ملڪ تيرهن رياستن جي هڪ جهڳٽي جو نالو آهي جنهن مان ٻه رياستون: صباح ۽ سراواڪ ته بلڪل پري - بورنيو ٻيٽ جي اتر ۾ آهن ۽ اهو مشرقي ملائيشيا سڏجي ٿو ۽ ٻيو مغربي ملائيشيا (Peninsular Malaysia)- جيڪو ٿائلنڊ سان مليل آهي ان ۾ يارهن رياستون آهن: جوهور، پهانگ، ملاڪا، نگري سمبيلان، سلانگر، پيراق، پرلس، پينانگ، ڪيلنتان ۽ ٽرنگانو.

انهن رياستن مان ملاڪا ۽ پينانگ کي ڇڏي باقي سڀني رياستن جو پنهنجو پنهنجو والي (سلطان) آهي. (جيئن پاڻ وٽ خيرپور رياست، حيدرآباد دکن، بهاولپور ۽ ٻين رياستن ۾ ٻهرين هوندو هو) باقي ملاڪا ۽ پينانگ رياست انگريزن اٽڪل ڪري، رعب تاب سان، ڪيڏ/ چالبازي ۽ مڪاريءَ سان، جوا ۾، ڏن ۾، داداگيريءَ ۾، مڪاني ماڻهن کي ويڙهائي يا انهن جا صلح ناما ڪرائي اجوري ۾ - يا جو ڪجهه ٻه سمجهيو وڃي؛ حاصل ڪيون هيون. ۽ اهي ٻه رياستون ڪنهن مڪاني ماڻهوءَ جون نه پر انگريزن جون ئي ملڪيت سمجهيون وينديون هيون. 1895ع تائين ته هر رياست ڌار ڌار هئي - اها ٻي ڳالهه آهي ته سڌيءَ يا اڻ سڌيءَ طرح سڀني مٿان هلندي انگريز جي آهي جو هندستان، سلون، برما، هانگ ڪانگ وانگر هي ملايا وارو علائقو، بورنيو ٻيٽ، سنگاپور وغيره جو اصلي حاڪم انگريز ٿي چڪو هو.

1895ع ۾ انهن مان چئن رياستن: پيراق، سلانگر، پهانگ ۽ نگري سيمبيلان گڏجي هڪ ڪانفيڊريشن ناهي جيئن اڳتي هلي فيڊرل حڪومت لاءِ رستو هموار ٿي سگهي. پر هن معاهدي ڪان علاوه ڪو ٻيو اهڙو وچ جو قانون (ليجسليچر) نه ناهيو ويو جيڪو چئني گڏ ٿيندڙ

رياستن جو نظام هلائي سگهي. هر رياست کي قانون ناهڻ يا هلائڻ لاءِ پنهنجي رياستي قانون موجب هلڻو پيو ٿئي. تان جو 1909ع ۾ پارلياماني بنياد تي سينٽرل ليجسليچر سان گڏ فيڊرل ڪائونسل ناهي ويئي. فيڊرل ڪائونسل تيرهن ڪنيل (نامينيٽيڊ) ميمبرن جي اسيمبلي هئي جنهن ۾ چار تہ رياستن جا والي (سلطان) اچي ٿي ويا، چار انگريز ريزيڊنٽ ۽ هڪ ريزيڊنٽ جنرل ۽ چار غير سرڪاري ماڻهو ميمبر ٿيندا هئا. جن کي تن ڏينهن جو هاءِ ڪمشنر سر فرئنڪ سويٽنهام مقرر ڪندو هو.

ارڙهن سالن ڪان پوءِ 1927ع ۾، فيڊرل ڪائونسل ۾ ڪجھ تبديليون آنديون ويون جن موجب رياستن جي سلطانن کي ڪڍي انهن جي جاءِ تي چار غير سرڪاري ميمبر رکيا ويا. ان کان پوءِ بہ وقت بوقت ميمبرن جي تعداد ۽ نوعيت ۾ تبديليون اينديون رهيون. پر ڪائونسل جا ميمبر نامينيشن ذريعي چونڊيا ويندا هئا. اهو سلسلو ٻي وڏي لڙائيءَ جي شروعات (ڊسمبر 1941ع) تائين رهيو.

1942ع ۾ سنگاپور سان گڏ ملايا بہ جپانين جي هٿ ۾ آيو ۽ آئين نهڻ جهڙا ڪم سڀ ٺپ ٿي ويا پر اهو آهي تہ ان دور ۾ هتي جي ماڻهن ۾ سياسي سجاڳي ڏاڍي آئي.

جپانين جي اڻ مڃڻ ۽ انگريزن جي وري موٽڻ تي 1946ع ۾ انگريزن مٿين چئن رياستن ۽ پنهنجن ٻن بينڪن (ملاڪا ۽ پينانگ) کي ملائي ائڊوائيزري ڪميشن ناهي جنهن مطابق پنهنجي مرضيءَ سان قائدا قانون جاري ڪرڻ چاهيا ٿي. مرضي تہ پهرين بہ سندن هلي رهي هئي پر هاڻ هنن مڪاني ماڻهن کي اهميت بنھ نٿي ڏيڻ چاهي.

اهي ڳالهيون هتي جي ماڻهن کي هاڻ نہ وڻيون ـ خاص ڪري ملئي ماڻهن کي. ان ڪي هنن داتو آن جعفر جي اڳواڻيءَ ۾ انگريزن جي ناهيل آئين خلاف آواز اياريو. جنهن جي نتيجي ۾ 1948ع ۾ انگريزن جي ائڊوائيزري ڪائونسل بدران فيڊرل ليجسليٽوَ ڪائونسل کي وجود ۾ آندو ويو. جنهن مطابق يارهن ئي رياستن (ملاڪا ۽ پينانگ سميت) مان ميمبر ڪنيا ويا ۽ ڪين مختلف ڪم (Portfolios) سونپيا ويا. هن

ڪائونسل ۾ ٽن حصن مان ہ حصا سرڪاري ميمبرن جا رکيا ويا.

اهڙي طرح هتي جي عوام ۾ آهستي آهستي سجاڳي ايندي وئي. 1955ع ۾ پهرين پارلياماني اليڪشن ٿي جنهن ۾ اٺانوي ميمبر چونڊيا ويا. تنڪو عبدالرحمان پهريون چيف منسٽر ٿيو ۽ 1956ع کان هن ملايا جي آزاديءَ جي مهم هلائي ۽ 31- آگسٽ 1957ع تي ملايا جي آزاد هجڻ جو اعلان ڪيو ويو. تنڪو عبدالرحمان آزاد ملايا جو پهريون پرائيم منسٽر ٿيو. نگري سيمبيلان رياست جو سلطان سڄي ملايا جو هيڊ آف اسٽيٽ ـ 'راجا' چونڊيو ويو. سندس نالو پڻ عبدالرحمان هو.

1959ع جي جنرل اليڪشن بعد بائڪئميرل پارليامينٽ ٺاهي وئي. بادشاھ (راجا) ڪي مُلڪ جو وڏو مکيو ويو ۽ ميمبرن جا ہ هائوس (ديوان) ٺاهيا ويا. ديوان رعيت (House of Representatives) ۽ ديوان نگارا (سينيٽ). 1982ع کان ڇهين پارليامينٽ هلي رهي آهي. پرائيم منسٽر امنو (Umno) پارٽيءَ جو محمد مهاتر آهي ۽ ملڪ جو وڏو يعني بادشاھ جوهور رياست جو سلطان آهي. (هن کان اڳ پهانگ رياست جو سلطان، سڄي ملڪ جو راجا هو.) پنجن سالن لاءِ واري وٽيءَ تي هرهڪ رياست جو سلطان سڄي ملڪ جو والي/ بادشاھ Yang di Pertuan Agong ٿيندو آهي. هو وزير اعليٰ ۽ ڪئبينيٽ جي صلاح مصلحت سان ڪم ڪندو آهي. فيڊرل ڪورٽ ۽ هاءِ ڪورٽ جي ججن جي مقرري پاڻ ڪندو آهي.

ديوان رعيت (ميمبرن جي اسيمبلي) ۾ 154 ميمبر ٿين. جن مان 114 اولھ ملائيشيا مان چونڊيا ويندا آهن ۽ چاليھ اوڀر ملائيشيا مان (چوويھ سراواڪ مان ۽ سورهن صباح مان). اسيمبليءَ جو مدو پنجن سالن جو ٿئي.

ديوان نگارا (سينيٽ) ۾ انونجاھ ميمبر ٿين جن مان ڇويھ چونڊيا ويندا آهن ۽ ٻتيھ ائين ئي ڪنيا ويندا آهن.

"نون ديوتائن جي ولادت"

ملائيشيا ۾ جيئن تہ مختلف مذهبن جا ماڻهو رهن ٿا انڪري مذهبي ڏينهن پڻ ڪيترائي ملهايا وڃن ٿا. مسلمانن جي عيدن تي، هندن جي ڏياريءَ تي، ٻڌن جي يوم ويساک تي، عيسائين جي ڪرسمس ڏي تي، ۽ چينين جي نئين سال تي تہ سڄي ملائيشيا ۾ سرڪاري طرح موڪل ٿئي ٿي.

انهن ڏينهن کان علاوه ٻيا بہ ڪيترائي ڏينهن ننڍي پئماني تي ملهايا وڃن ٿا، جيڪي ڪنهن هڪ فرقي يا ملڪ جا ماڻهو ملهائين. مثال طور 'ڏياريءَ' جو ڏينهن سڀ هندو ملهائين پر 'تائيپوسام' جو ڏينهن فقط ڏکڻ هندستان جا هندو ملهائين ٿا. ۽ 'تائيپونگل'— جيڪو خوشيءَ جو ڏينهن چيو وڃي ٿو، اهو تہ ڏکڻ هندستان جي هندن ۾ بہ فقط تامل ڳالهائيندڙ ملهائين.

اهڙيءَ طرح ملائيشيا ۾ رهندڙ ٿائي رهاڪو اپريل جي مهني ۾ 'سونگران' ملهائين. عيسائي ڪرسمس کان علاوه گڊ فرائيڊي ۽ ايسٽر جا ڏينهن پڻ ملهائين. چينين جا تہ ڪيترائي مذهبي ڏينهن آهن. مثال طور 'چينگ بينگ'— جيڪو مري ويل روحن جو ڏينهن سڏبو آهي ۽ هن ڏينهن تي چيني هن جهان مان لڏي ويل پنهنجن ابن ڏاڏن جي روحن جي عبادت ڪن ۽ اگر بتيون، شمعون ۽ ڪاگر ساڙين. اهڙي طرح رحمت ۽ ٻارن جي سار سنڀال لهڻ واري ديوي — 'ڪو- آن - ين' جي عبادت جو ڏينهن فقط ٻاڇيون ڪائي ملهايو ويندو آهي. پر چينين جا ڪيترائي ڏينهن اهڙا آهن جن تي ٻار ۽ وڏا ٻئنڊ باجي سان، جلوس ناهي شهر جي عام رستن تان سرگس ڪن. اڳيان اڳيان شينهن ۽ اژدها (Dragon) بلا جو ناچ ڪن. گهنجيل رنگين پني جي پنجاهہ کن والن جي ڏگهي بلا ناهي، ان

جي هيٺان ويهه کن همراهه پنهنجا مٿا وجهي هيٺ مٿي ٿي هلندا آهن. پري کان ۽ گهرن جي بالڪنين مان لڳندو آهي ته ڄڻ نانگ سرندو وڃي.

شينهن جي ناچ ۾ وري هڪ همراهه رنگين پني مان ٺهيل شينهن جو منهن چاڙهي ۽ پويان ٻيو همراهه شينهن جو باقي حصو مٿي تي رکي نچندو آهي. انهن جي پويان ويهارو کن يونيفارم پهريل ڇوڪرين جي ٻئنڊ هوندي آهي. جنهن پٺيان ڇوڪرا توتاڙيون ۽ بيوگل وڄائيندا هلندا آهن. انهن کان پوءِ يڪدم ٽي چار ڪليل ٽرڪون هونديون آهن جن ۾ ٻارن ٻچن سميت ويٺل چيني ڳائيندا ۽ ڳالهائيندا ويندا آهن ـ جيئن ڪراچيءَ ۾ عيدن تي مڪراني يا پٺاڻ ٽرڪن ۾ چڙهي ڪلفٽن يا هل پارڪ جو سير ڪرڻ لاءِ نڪرندا آهن.

آهستي آهستي هلندڙ انهن ٽرڪن جي پويان اهڙن نانگن ۽ نغارن وڄائڻ وارا ٻيا به هوندا آهن ۽ ان پويان وري پيدل ماڻهن جا ميڙ. ڪن ڪن ٽرڪن ۾ دهل ۽ نغارا وڄائڻ وارا هوندا آهن ۽ ميوزڪ کان وڌيڪ هنيوڇي گهٽي هوندي آهي. آخر ۾ وري ٽيهه چاليهه کن وردين ۾ نچندڙ ڇوڪريون ۽ اسڪول جا ٻار هوندا آهن. بس ميل کن جو جلوس هوندو آهي جيڪو آهستي آهستي هلندو، بيهندو، نچندو ڪڏندو شهر مان گذرندو آهي.

اهڙو جلوس شهر مان لنگهڻ وقت اسان به دلچسپيءَ سان ڏسندا آهيون. پر هڪ دفعي اهڙو ڦاسي وياسين جو اهو ڏينهن اڄ تائين ياد ڪري کلندا آهيون. ٿيو هيئن جو پاڪستان کان ملاڪا پهچڻ تي اسان کي ٻڌايو ويو ته ملائيشيا ۾ ڪار هلائڻ لاءِ اسان جو پاڪستاني ڊرائيونگ لائسنس قبول نه ڪيو ويندو. ان لاءِ ملاڪا ۾ ڊرائيونگ جو امتحان ڏيڻو پوندو. پر جيئن ته اهو امتحان ڪافي ڏکيو ٿئي ٿو سو ان لاءِ ٿورو گهڻو ڪنهن ڊرائيونگ اسڪول واري کان گاڏي هلائڻ سکڻي پئي ٿي ـ جيئن ملاڪا شهر جا رستا به ياد ٿيهن.

ان ڪم لاءِ چيف انجنيئر آصف غيور سان گڏ جڏهن پهريون دفعو ڊرائيونگ اسڪول پهتاسين ته خبر پيئي ته ان لاءِ اڳواٽ وقت وٺڻ

ضروري هو. جو مڙني ڊرائيونگ اسڪولن جون ڪارون اڳهين والاريل هيون. سو ٻئي دفعي لاءِ اڳوات جو پروگرام پڪو ناهي موٽياسين.

ملاڪا ۾ جتي اسان رهيل آهيون، اهو هنڌ ان اسڪول کان ڪلاڪ پري آهي ۽ جيتوڻيڪ اسان ڪلاڪ اڳ نڪتاسين پر ڊرائيونگ اسڪول وچ شهر ۾ هجڻ ڪري پهچڻ ۾ اڌ ڪلاڪ کن وڌيڪ دير ٿي ويئي ۽ اسڪول جي استاد اسان کي غير حاضر سمجهي اسان جو پروگرام ڪئنسل ڪري ڪار ٻئي آيل گراهڪ/ شاگرد حوالي ڪري ڇڏي. نتيجي ۾ ان ڏينهن بہ بنا سکڻ جي موٽڻو پيو. اهڙي طرح هاڻ ٽئي دفعي وڏي احتياط سان ڪلاڪ اڳ گهران نڪتاسين ۽ ٽائيم تي اسڪول پهچي ڪلاڪ لاءِ پاڙي تي ڪار ۽ سيڪارينڊڙ استاد (ڊرائيور) ڪنيوسين. ڪلاڪ جي سکيا ۽ مسواڙ جا پنجويهہ ڊالر (ڏيڍ سؤ رپيا) بہ قاعدي موجب اڳوات پيارياسين ۽ هاڻ پنهنجي پر ۾ خوش ٿي ڊرائيونگ اسڪول واري گهٽيءَ مان ڪارن کي ڪڍي مين روڊ تي چڙهڻ لاءِ چوواٽي تي پهتاسين تہ ساڄي پاسي کان چينين جو هي جلوس چوواٽو لتاڙي کاٻي وڃي رهيو هو. ٻين وانگر اسان بہ بريڪ هڻي جلوس جي لنگهڻ جو انتظار ڪيو.

پهريان پنج ڇهہ منٽ تہ دل پري نانگن جو ناچ ۽ مني اسڪرين ۾ چيني ڇوڪرين جا ڇهرا ۽ ٽنگون ڏسندا رهياسين پر پوءِ جيئن جيئن وقت گذرڻ لڳو (ڊگهي جلوس ختم ٿيڻ جو پري تائين آسرو نظر نٿي آيو) تہ بيزاري محسوس ٿي. پنيان پڇڻ جي بہ هاڻ ڪا واهہ نہ هئي جو ڪيترين ئي گاڏيون هڪٻئي سان لڳي بيٺيون هيون. ساڄي کاٻي وارا رستا تہ جلوس سان ئي پريل هئا ۽ سامهون وڃڻ لاءِ جلوس کي چيرڻ ڏکيو ڪم هو. ڪار ۾ ئي ويٺي ويٺي گرميءَ ۾ ڇتا ٿيندا رهياسين. آخر آصف پنهنجي ڪار جي دريءَ مان رڙ ڪري منهنجي ڪار واري استاد کان ان سرگس بابت پڇيو تہ اها چاجي خوشيءَ ۾ آهي.

”اڄ چيني ديوتائن (Kew-Ong. Yeah) جي ڄمڻ جو ڏينهن آهي ان جي خوشيءَ ۾ هي جلوس بڪت ـ چينا (هڪ ٽڪري) ڏي وڃي

رهيو آهي.“ ڊرائيور ٻڌايو.

آصف ٿڌو ساهہ کڻي چپن ۾ پٽڪيو: ”چيني ديوتائن کي بہ اڄ ئي جمڻو هو. مس مس تہ پهريون دفعو ڪلاڪ کن ڪار سکڻ لاءِ ملي آهي.“

”چيني ديومالائن موجب،“ ڊرائيور ٻڌايو، ”چين ۾ منچو گهراڻي جي حاڪمن سان مقابلو ڪرڻ لاءِ منگ همراهن جي مدد لاءِ آسمان مان اڄ جي ڏينهن نوَ شهنشاهہ ديوتا (Kew-Ong. Yeah) لٿا هئا. هن وقت ان ڏينهن جي ياد تازي ڪرڻ لاءِ هي جلوس خوشي ملهائي رهيو آهي.“

بهرحال ان ڏينهن جي ياد تہ اسان جي دلين تي بہ اڃان تائين آهي، جڏهن ان سڄي جلوس کي اسان اڳيان لنگهڻ ۾ منو ڪلاڪ کن لڳي ويو هو. ان بعد پنج منٽ کن اڳيان هلياسين تہ ڊرائيور ٻڌايو تہ ڪلاڪ پوري ٿيڻ ۾ باقي وڃي ڪي ست اٺ منٽ بچيا آهن سو مهرباني ڪري ڪارون هلي اسڪول ۾ واپس ڪريو جو ٻئي ڪلاڪ وارا همراهہ اوسيئڙي ۾ هوندا.

اهو ٻڌي اسان جو تہ اندر ئي سڙي ويو تہ پرديس ۾ غير ملڪي ناڻي جا ڏيڍ سؤ رپيا هر هڪ خرچ ڪيا. وقت بہ ضايع ٿيو. گهران ايندي ويندي ٽئڪسيءَ جو ڀاڙو بہ ڳچيءَ ۾ پيو ۽ هٿ حاصل بہ ڪجهہ نہ ٿيو. هاڻ اندر هلڪو ڪرڻ لاءِ گاريون ڏيون تہ ڪنهن کي ڏيون ـــ؟ پنهنجو پاڻ کي. ڊرائيونگ اسڪول جي مالڪن کي. چيني ڊرائيور کي ـــ يا سندس نون ديوتائن کي جن کي بقول آصف غيور جي تہ جمڻ لاءِ اڄ جو ئي ڏينهن مليو.

*ـــــ*ـــــ*

مٿي ذڪر ڪيل ڪجهہ مشهور ڏينهن کان علاوه ملائيشيا ۾ ٻيا بہ ڪيترائي مذهبي ۽ رسمي ڏينهن ملهايا وڃن ٿا. مثال طور نومبر ۾ گرونانڪ جي جمڻ جو ڏينهن آهي. گرونانڪ سکن جي ڌرم/ فلسفي جو باني آهي ۽ ملائيشيا ۾ ڪيترائي سک رهن ٿا جيڪي هي خوشيءَ جو ڏينهن وڏي ڌام ڌوم سان ملهائين ٿا.

نومبر ۾ ٽي عيسائي مذهب جا ملائيشين All Souls Day (روحن جو ڏينهن) ملهائين ٿا. هن ڏينهن تي عيسائي پنهنجن وڏن جي قبرن تي گل رکن ۽ شمعون ٻارين.

آگسٽ ۾ چيني 'ستن پينرن جو جشن' ملهائين. چيني روايتن موجب چيني شهنشاهہ 'جيد' (Jadc) سزا خاطر پنهنجي ستون نمبر ڌيءَ کي حڪم ڪيو هو تہ هوءَ سڄي سال ۾ مڙس سان فقط هڪ ڏينهن ـ هر سال جي ستين چنڊ جي ستين رات تي ملي سگهي ٿي. اهو ڏينهن اڄ تائين ملهايو وڃي ٿو. هي جشن خاص ڪئنٽونين (چين جي ڪئنٽن علائقي کان هتي آيل چيني) ملهائين.

هن ٽي مهيني ۾ چيني 'بکايل پوت' جو ڏينهن پڻ ملهائين جيڪو سندن اعتقاد موجب سال جو اهو ڏينهن آهي جنهن تي دوزخ جا دروازا مهيني لاءِ کولي روحن کي آزاد ڪيو وڃي ٿو.

آگسٽ جي مهيني ۾ هندو شري ڪرشنا جيانتي جو ڏينهن ملهائين. هنن جي ديو ڪٿا موجب هن ڏينهن تي شري ڪرشنا اٺين اوتار وشنوءَ جي روپ ۾ لٿو هو. هي ڏينهن هندن جي خوشيءَ جو سمجهيو وڃي ٿو (شري ڪرشنا مهاڀارتا واري وڏي قصي جو هيرو ٿي گذريو آهي.)

ڏکڻ هندستان جا تامل نادو (يعني تامل زبان ڳالهائيندڙ) هندو ٿائيپونگل ملهائين تہ ساڳي صوبي جا تيلگو ڳالهائيندڙ هندو مارچ مهيني ۾ 'اوهاڏيءَ' جو ڏڻ ملهائين. هن ڏينهن تي هو ميڙ ٺاهي پنهنجن مندرن ۾ پوڄا پاٺ لاءِ وڃن.

هندن جو هڪ ٻيو مشهور ڏينهن جيڪو ملائيشيا ۾ ملهايو وڃي ٿو سو آهي: 'مها شِوا راتڙي'. هي ڏينهن اڄڪلهہ فيبروريءَ ۾ لارڊ شِوا جي ياد ۾ ملهايو وڃي ٿو. هن ڏينهن تي سڄي رات مندر ۾ اوجاڳو ڪري پوڄا ڪبي آهي ۽ سڄو ڏينهن فقط ڀاڄي ڪائي پوندي آهي.

ڏنو وڃي تہ، ان خيال کان ملائيشيا هڪ اهڙو ملڪ آهي جتي ڪيترن ٽي مذهبن جا ۽ ٿهو پنهنجا مذهبي ڏينهن وڏي ڌام ڌوم ۽ سڪون سان ملهائين ٿا.

مغرب مشرق کي غلط سمجھي ٿو

ڪوالالمپور کان چاليھہ پنجيتاليھہ ميل کن پري ڏکڻ ۾ سريمبان نالي شهر آهي ۽ سريمبان کان پندرهن کن ميل پري پورٽ ڊڪسن شهر آهي جيڪو سمنڊ جي ڪناري تي هجڻ ڪري ٻاهرين ملڪن کان آيل مسافرن/ ٽوئرسٽن جي دلپسند جڳهہ آهي. سمنڊ جي ڪناري تي تہ ملائيشيا جا ڪيترا ئي شهر آهن. پر هي پورٽ ڊڪسن انهن شهرن مان آهي، جنهن جي چوڏاري پکڙيل سمنڊ جو اندر تائين ڳپل حصو ٽانگهو ۽ صاف سٿرو آهي ۽ سمنڊ جا اهڙا ڪنارا (جنهن کي انگريزيءَ ۾ بيچ Beach سڏجي ٿو) ملڪ لاءِ تمام اهم آهن، جو ننڍو ٽوڙي وڏو اهڙي سمنڊ ۾ ٻي ڊپو ٿي وهنجي/ تري/ ٽڙڳي/ هلي سگهي ٿو. ٻڏڻ جو يا سامونڊي ڇول جي ڪٽي وڃڻ جو ذرو بہ ڊپ نٿو رهي.

پاڻ وٽ ڪراچي واري سمنڊ ـ ڪلفٽن ٽوڙي سئنڊس پٽ کي، سٺي بيچ چئي نٿو سگهجي. ڇاڪاڻ جو هڪ تہ ٿورو ئي اڳتي گهڙڻ سان سمنڊ اونهو ٿيو وڃي ۽ ٻيو تہ سانوڻيءَ وارا ڇهہ مهينا تہ سامونڊي ڇتيون ۽ طاقتور ڇوليون تارُن کي بہ اونهي ۾ ڇڪيو وڃن. تنهن کان سواءِ جهاز مان ڦٽو ڪيل يا ڪناري تي آيل ماڻهن جو اڇلايل تيل ۽ ڪن ڪچرو سڄو ڪنارو خراب ڪريو ڇڏي ۽ اهو ڪن ڪچرو صحت لاءِ سٺو ناهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن جسم تي ڦٽ، ڦرڙيون يا خارش ٿيو پون.

ان خيال کان ملائيشيا ۾ پورٽ ڊڪسن جهڙا ڪيترائي شهر آهن جن جا ڪنارا صاف سٿرا ۽ ٽانگها هجڻ ڪري، ٿڌن يورپي ۽ آمريڪي ملڪن جا ماڻهو، ڏاڍو اچن ٿا. سرڪار پڻ هھڙين جاين کي هيڪاندو سهٽو ۽ فارينرن جي ڏانءَ وٽان رکيو آهي. ملائيشيا ٽوڙي ڌارين ملڪن کان آيل مسافرن جي رهائش لاءِ ڪيترين ئي وڏيون ٽوڙي ننڍيون هوٽلون

نهي ويون آهن ۽ ’انهيءَ ڏينهن اچي وڃڻ وارن‘ جي کاڌي خوراڪ لاءِ پڻ، سمنڊ جي ڪناري تي لڳو لڳ ڪيترين ئي هوٽلون ۽ کاڌي پيتي ۽ سوکڙين سوغاتن جا دڪان نهي ويا آهن. وڻناوَ تہ اهڙي ڪنهن هوٽل ۾ ويهي ناسي ايامر (چڪن برياني) ۽ ساتي (ٻوٽي ڪواب) کائو يا ائين ئي رڌل يا پڪل سنگ، گجر کائو يا وري ڪو ميوو: پپيو، چڪون، اسٽار فروٽ، دورئن يا ڪنل وني مٿان ڪوڪا ڪولا يا گلاب جو شربت ٻي پيٽ پريو.

گهر موٽڻ وقت نشانيءَ خاطر پورٽ ڊڪسن جي نالي واري قميص، گنجي، چئمپل، ٽوپلو يا ڪا ٻي ڪکن ڪانن جي نهيل شيءِ وٺي نڪرو. ڪيترا ماڻهو فئمليون، دوست، اسڪول جا شاگرد شاگرديائيون، مندر، مسجد يا گوردواري جا جماعتي ۽ ڪلبن جا ميمبر ٽولو ناهي هتي اچن ٿا. ڪي ڏار ڏار اڪيلا اڪيلا پڻ. کائڻ لاءِ پاڻ سان هڪ ديگڙو پت جو تہ پيو پاڇيءَ يا ڪنهن ٻوڙ جو پڻ کڻي اچن ٿا. وچ وچ ۾ پاڻيءَ ۾ ترڻ لاءِ بہ پيا ويندا. جن کي ترڻ نہ ايندو آهي اهي هوا سان ڀريل پراڻا ربڙ جا ٽائر دڪان تان مسواڙ تي وٺي ان جي مدد سان ترن. پورٽ ڊڪسن ۾ ڪجهہ مسواڙي ’اسپيڊ بوٽون‘ پڻ هلن ٿيون. ٻيڙين جا مالڪ سڄي ٻيڙيءَ جي مسواڙ ڏهہ کن ڊالر وٺي پندرهن ويهہ منٽ پري پري تائين سمنڊ جو سير ڪرائين.

موڪل وارن ڏينهن تي تہ پورٽ ڊڪسن ۾ ميلو متل هوندو آهي ۽ مغربي ملڪن جي مردن عورتن سان گڏ ملائيشيا ۾ رهندڙ ٽنهي قومن جا ماڻهو موجود هوندا آهن. هونءَ هتي جون چيني ڇوڪريون تہ شهرن ۾ بہ جتي ڪٿي مني اسڪرٽ ۽ چڊيون پائي هلن. پر ملئي مسلمان ڇوڪريون جيڪي هونءَ اهڙي قسم جي ڊريس جي معاملي ۾ مڙيئي شرم ڪن ٿيون ۽ سڄي جسم کي ڍڪڻ لاءِ باجو ڪورونگ (چولي - گوڏ) جهڙيون پوشاڪون پهرين سي بہ اهڙن هنڌن تي سئمنگ سوٽ/ سلپ ۾ بي حجاب ڦرنديون نظر اچن ٿيون. ڪنهن بہ ڪنڊ ڪان هتي جا ساموندي ڪنارا اسپين، ڏکڻ فرانس ۽ سائوٿ آفريڪي ساموندي

ڪنارن کان گھٽ رنگارنگ ڏسڻ ۾ نہ ايندا. جنھن رفتار سان ماڻھن ۾ ھتي جي ڪنارن تي وندر جون گھڙيون گھارڻ جو شوق وڌي رهيو آهي ۽ ھتي جي سرڪار پڻ ان لاءِ همٿ افزائي ڪري پيئي تنھن مان لڳي ٿو تہ واپار وڙي ۽ قدرتي وسيلن ۾ تہ ملائيشيا يورپ کان زور تي ويو آهي، پر ٽوئرسٽ انڊسٽريءَ ۾ پڻ گوءِ کٽي ويجي.

ويجهڙائيءَ ۾ پورٽ ڊڪسن ۾ منھنجو هفتو کن رهڻ ٿيو. سامونڊي ڪناري تي آيل مسافرن جو تعداد هر روز وڌيل نظر آيو ٿي. جنھن هوٽل ـ 'منگ' ۾ رهيل هوس، ان کان وٺي ٻين ننڍين هوٽلن، دڪانن ۽ پٿڻين تي، خوب وڪرو ڪمائي هلي رهي هئي. پڪي رستي تان لهي سمنڊ ڏي مڙڻ واري هنڌ تي بيٺل هڪ ڪوڪا ڪولا وڪڻندڙ همراهہ ٻڌايو تہ هر روز هو فقط ٻن ٽن ڪلاڪن ۾ سؤ کن بوتلون وڪڻي ٿو جنھن مان هن جو سٺو گذر ٿئي ٿو ۽ سندس پوڙهو پيءُ ۽ ماءُ سمنڊ جي ڪناري تي پڪل سنگ ۽ رڌل سپون وڪڻي روز ٽيھہ پنجٽيھہ ڊالر آرام سان ڪمايو وٺن. نہ تہ ٽي چار سال اڳ تائين جڏهن اجان سرڪار هن شهر ۽ سامونڊي ڪناري جي اشتهار بازي نہ ڪرائي هئي، سندن ڪمائي مڇيون ڦاسائي وڪڻڻ مان فقط چند ڏوڪڙ ٿيندي هئي جو سمنڊ جي ڪناري تي رهندڙن جو پلا بيو ڪهڙو ڪمائيءَ جو ذريعو ٿي سگهي ٿو.

پورٽ ڊڪسن کان اسان جو شهر ملاڪا چاليهہ کن ميل پري آهي ۽ اسان جي نيول اڪيڊميءَ جا ڪئڊٽ مختلف سامونڊي راندين ـ جهڙوڪ Surfing لاءِ هتي پورٽ ڊڪسن ۾ اچن ٿا. هن دفعي ساڻن گڏ هفتي کن لاءِ مون کي اچڻو پيو هو، جو آخري ڏينهن تي سندن امتحان (Tests) وٺڻا هئا.

شروع وارا پنج ڇهہ ڏينهن شاگردن کي پنهنجي منهن پرئڪٽس ڪرڻي هئي سو مون لاءِ نہ ڪم هو نہ ڪار. ائين واندن وانگر وقت گذارڻ ۾ پورو هوندو هوس. پهريان ٻہ ڏينهن تہ ٿي وي ڏسندو رهيس ۽ هوٽل جي ئي سئمنگ پول ۾ تري پوءِ ڪجهہ دير اخبارون رسالا اچي

پڙهندو هوس. ويجهڙائيءَ ۾ ڪراچيءَ کان منير چانڊيو ملائيشيا جي ٽوئر تي آيو هو. تنهن ڪجهہ ’ڊان‘ ۽ ’بزنس رڪارڊر‘ اخبارون آڻي ڏنيون هيون ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ واري خان محمد پنهور پڻ پنهنجي رسالي ’پارس‘ جا ڪجهہ پرچا موڪليا هئا ـ سي غور سان پڙهندو رهيس. تنهن ڏينهن هوٽل کان ٻاهر نڪري پير واري سمنڊ جي ڪناري تي چڪر هنيم جتي بين ڌارين ماڻهن کان علاوه منگ هوٽل ۾ مون سان گڏ رهيل فارينرن جا پڻ چهرا نظر اچي رهيا هئا ۽ ڪن سان تہ هوٽل جي ورانڊن ۾ ايترا دفعا ڏيٺ ويٺ ٿي چڪي هئي جو سامهون اچڻ تي رسمي عليڪ سليڪ يا مرڪ ۽ هيلو پڻ چوڻو پيو ٿي. پاڻ سان سئمنگ ڪاسٽيوم (ڪڇو) آندو هوم سو صبح شام ٿي چار ڪلاڪ سمنڊ ۾ ترڻ ۽ ٽاڪوڙ طور هليو ويندو هوس. اهڙن هنڌن تي نہ فقط جسم جي پر اکين جي بہ ٽاڪوڙ ٿيو وڃي.

سمنڊ تي ڪڏهن تہ هر وقت ساڳيا ساڳيا چهرا نظر ٿي آيا تہ ڪڏهن نوان نوان. هڪ ئي وقت چيني، انگريزي، ملئي ۽ تامل ڳالهين جا آواز ۽ ٽهڪڙا فضا ۾ گونجيل رهيا ٿي. ۽ سمنڊ تي مختلف رنگن، ڊيزائنن جا ’سئمنگ ـ ڪاسٽيوم‘ ڪنول جي گلن جيان ترندي نظر آيا ٿي. مون ڪڏهن پري تائين پکڙيل سمنڊ، آسمان، وڻن ٽڻن ۽ ساوڪ کي ڏٺو ٿي تہ ڪڏهن پير ۾ بيٺل همراهن جي جسمن جي بيهڪ ۽ نفسيات تي غور ڪيو ٿي. ڪي سمنڊ جي پاڻيءَ ۾ اچي خوشي محسوس ڪري رهيا هئا. ڪي پنهنجي اگهاڙي بي ڊولي جسم تي خود ئي شڪي ٿي احساس ڪمتري محسوس ڪري رهيا هئا. ڪي پنهنجي سونهن کان باخبر هجڻ ڪري فخر ۽ خوشي محسوس ڪري رهيا هئا تہ هر اهو ماڻهو جيڪو ڪين ڏسندو رهي ٿو سو ظاهر آهي تہ ان جي ميجتا ۾ ووٽ ڏيئي رهيو آهي. ساڳيءَ طرح ننڍن ٻارن مان پڻ ڪي تہ پاڻيءَ ۾ خوشيءَ سان ٿي آيا تہ ڪي ڊڄي ڪناري تي ويهي ٿي رهيا. پوءِ مائٽن جي منٿن تي جڏهن هڪ دفعو اندر اچي پاڻيءَ جو مزو چکيائون ٿي تہ پوءِ وري ٻاهر نڪرڻ جو نالو نٿي ورتائون.

هونءَ ملائيشيا ۾ چوڏاري سمنڊ ۽ نديون هجڻ ڪري هن ملڪ جي هر باشندي تنڌي هوندي کان پڙهڻ، تير هڻڻ يا گهوڙي سواريءَ جهڙا ڪم ڪٿي نہ بہ ڪيا هجن پر ترڻ ضرور سکيو آهي. سو هيڙن هنڌن تي ويندي ننڍيون ننڍيون چوڪريون ۽ چوڪرا، چوڏاري مڇين وانگر، پاڻيءَ ۾ تڙڳندي يا Float ڪندي نظر ايندا. انهن جي وچ ۾ ڪيترن مون کي هتي جو ئي اندبين سمجهي ڪو خاص ڌيان نہ ڏنو. جن ڌاريون سمجهيو ٿي تہ مان ڪو پڳل سڳل انگريزيءَ ۾ ملڪ جو نالو پڇيو ٿي جنهن سان منهنجو تعلق آهي. ڪين تعجب ۾ وجهڻ لاءِ ورنديءَ ۾ مون ملئيءَ ۾ جواب ڏنو ٿي تہ Saya Datang Daripada Pakistan (يعني آئون پاڪستان کان آيو آهيان.) ۽ پوءِ خوشيءَ مان ڏند ڪڍي - خاص ڪري ملئي ماڻهن 'باگوس - باگوس' (تمام سٺو، تمام سٺو) چيو ٿي يا وڌيڪ سوال ڪيا ٿي Bolch Cakap Mclayu (ملئي ڳالهائي سگهين ٿو) ۽ جواب ۾ 'يا. بوليح چڪپ بهاسا صديقت صديقت' چيو ٿي. ڪن تہ اجان بہ وڌيڪ پڇا ڳاڇا ڪئي ٿي تہ هتي ڪيترن سالن کان آهيان، ڪٿي رهان ٿو، هي ملڪ ڪيئن ٿو لڳيم، ۽ ساڳي وقت مون بہ هنن بابت حال احوال ورتا ٿي.

ائين پورٽ ڊڪسن ۾ رهڻ دوران - خاص ڪري آخري ٽن چئن ڏينهن ۾، ڪن - پل جون ملاقاتون تہ ڪيترن سان ئي ٿيون. جن جو هن وقت تعداد تہ ڇا پر سندن شڪليون بہ وسري ويون آهن - سواءِ بن ٽن همراهن جي - جيڪي شايد اجان ڪجهہ عرصو ڌيان ۾ رهن. جن سان ڪجهہ تفصيلي ملاقاتون ۽ ڳالهيون ٿيون - انهن مان بن ڄڻن جو احوال هتي نموني خاطر هن ئي وقت لکڻ بهتر ٿيندو جيئن متان اڳتي هلي وقت جو 'ايريزنگ هيڊ' منهنجي دماغ جي يادگيري واري چرخيءَ تان ويساري نہ ڇڏي. انهن ۾ هڪ زينا نالي ملئي نوجوان ليڊي ڊاڪٽر هئي ۽ بيو سينگ لم نالي هڪ چيني پوڙهو پبلشر.

زينا لاءِ پهريان بہ ڏينهن تہ مون اهوئي سمجهيو تہ هوءَ ان منگ هوٽل ۾، جنهن ۾ آئون بہ ٽڪيل هوس، ڪم ڪار واري اسٽيوارڊس

آهي يا ٻارن جي سار سنڀال لهڻ واري 'آيا'. اهو ان ڪري نہ تہ ڪا هوءَ شڪل ۾ ڪوجهي هئي يا سندس لٽا ڪپڙا سادا هئا. هرگز نہ. بلڪ مختصر ڊريس ئي سهي پر هوءَ جيڪو هر روز نئون 'ٻاجو منڍي' (سئمنگ ڪاسٽيوم) پائي ايندي هئي سوئي بيحد اوچو هو ۽ جيتوڻيڪ پهرين نظر ۾ ئي لڳو ٿي تہ ملئي آهي پر عام ملئي ڇوڪرين کان گهٽو سهڻي ۽ سمارٽ هئي. رنگ ڪٽي ملئي ماڻهن جهڙو سانورو هوس پر سندس نقش پرڪشش هئا. سندس نهار ۾ ادا ۽ بي نيازي هئي جنهن جو نوٽيس ڪيترائي مڪاني توڙي يورپي مرد بہ وٺي رهيا هئا. صبح توڙي شام جو جڏهن سمنڊ تي ايندي هئي تہ فل ميڪ اپ ۾ هوندي هئي. ائين نہ لڳندو هو تہ ڪو وهنجڻ لاءِ آئي هجي پر ڄڻ دعوت ۾ آئي هجي. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ ترڙي قسم جي ميڪ اپ بدران ڪيس هلڪي ميڪ اپ ڪرڻ جو آرٽ آيو ٿي. لپ اسٽڪ کان وٺي اکين جي شيڊ جي نموني ۽ رنگ جي چونڊ ۾ سلجهيل لڳي ٿي. ۽ لڳو ٿي تہ هوءَ ڪا عام ڇوڪري ناهي. پر ان هوندي بہ ماڻهو ـ خاص ڪري فارينر هن کي آيا يا نوڪرياڻي ان ڪري سمجهي رهيا هئا، جو هوءَ اڪيلو اچڻ بدران هڪ ٽن سالن ڪن جي گوري (آمريڪن) ٻار کي پاڻ سان وٺي آئي ٿي جنهن کي هر وقت پنهنجي نگهبانيءَ ۾ ترڻ سيڪاريائين ٿي. ان ڪري ڪيترن ضرور اهو سوچيو ٿي تہ هوءَ ڪنهن امير آمريڪن فئمليءَ جي ٻار جي آيا يا بيبي سٽر آهي. پر حقيقت ۾ اهو ٻار (ڇوڪر) سندس ئي هو جيڪو هن مون کي ٻئي ڏينهن ٻڌايو. جيتوڻيڪ پهرين ڏينهن بہ ڪيترا دفعا هڪ ٻئي جي پر ۾ تري رهيا هئاسين يا رکي رکي ڪناري تي ٺهيل هڪ ملئيءَ جي هوٽل ۾ گڏ ڪافي يا ڪوڪا ڪولا پي رهيا هئاسين پر مرڪي فقط 'هيلو' چوڻ کان وڌيڪ ڪا خبرچار نہ ڪئيسين. ۽ هن بہ سمجهيو تہ آئون هتي جو آهيان ۽ انهن مان آهيان جيڪي ڏينهنڪ اچي موتي وڃن ٿا.

ٻئي ڏينهن تي صبح جو هوٽل ۾ نيرن بعد وهنجڻ وارو ڪڇو پائي، هٿ ۾ توال کڻي، گذريل ڏينهن واري سمنڊ جي حصي Blue Lagoon ڏي

وڃڻ لاءِ هوٽل جي پوئين در ڪان نڪري رهيو هوس تہ هيءَ (ڊاڪٽر زينا) بہ ان وقت پنهنجي پٽ سان گڏ گلابي رنگ جي سنهڙي ڪڇي ۽ باڊيءَ ۾ اتي ملي. پاڻ ڪجهہ وڌيڪ ئي پرڪشش لڳي رهي هئي جو سمنڊ جي چولين سندس چهري جي ميڪ اپ ڪي اجان ڊانو نہ هو. پاڻ دستور موجب 'هيلو' ڪري مرڪي ۽ مون بہ مرڪي هن ڏي تعجب مان ڏٺو جو تہ جنهن نموني جو هوءَ ڏيک ڏيئي رهي هئي ان مان لڳو ٿي تہ هوءَ هن هوٽل جي پورهيت ڇوڪري ناهي ـ جيتوٽيڪ هوءَ جسم ۽ عمر ۾ اهڙي هلڪي ڦلڪي ۽ ننڍي لڳي ٿي جهڙيون هن هوٽل جون ٻيون ملئي ۽ چيني ويٽريس ڇوڪريون. سندس ساڄي هٿ جي ٻاڄ ۾ پاتل ڊائمنڊ جي مهنگي منڊيءَ مون کي ويتر تجسس ۾ وڌو تہ هوءَ ڪير ٿي سگهي ٿي. ان ڏينهن جيئن ئي هن ڪيڪاريو تہ يڪدم هوٽل ڏي اشارو ڪري انگريزيءَ ۾ پڇيومانس: "ڊو يو ورڪ ديئر؟"

پاڻ انگريزي نہ سمجهڻ جو عذر ڏيڻ بدران هڪدم انگريزي ۾ ئي وراڻيائين تہ هوءَ ڪم ڪانہ ٿي ڪري پر ڪجهہ ڏينهن لاءِ موڪلون گذارڻ آئي آهي.

اها بہ تعجب جي ڳالهہ هئي تہ جيڪو ماڻهو پنهنجي خرچ تي منگ جهڙي فائيوَ اسٽار هوٽل ۾ اچي رهي سو ڪو عام اهڙو تهڙو تہ نہ هوندو.

جيئن تہ اسين ان وقت گڏوگڏ واڪ ڪري رهيا هئاسين سو ڳالهائڻ بهاني ڪانئس ٻار جو پڇيم.

"منهنجو ئي آهي" هن ايترو ڌيرج ۽ آرام سان چيو ڄڻ اها ڪا نئين ڳالهہ نہ هجي. آئون في الحال ماٺ ٿي ويس. پر ٿي ڏينهن اڳ تائين جيڪو ماڻهو منهنجي لاءِ ايترو اهم يا دلچسپ نہ هو تنهن منهنجي ڇهين حواس کي هوشيار ڪيو تہ هيءَ ضرور ڪا غير معمولي شخصيت آهي. اهو سوچي رهيو هوس تہ هينئر ڇڙ تي ڪانئس پڇڻ بدران لنچ تي يا شام جو هوٽل ۾ سائس وڌيڪ خبرون چارون ڪيون وڃن تہ ايتري ۾ پاڻ مون ڏي چتائي ڏسي پڇيو:

”ڪھڙي ھنڌ تي سئمنگ ڪرڻ جو ارادو آھي؟“

”سڄو سمنڊ ساڳيو آھي،“ مون وراڻيو، ”بس ائين ئي ڪنارو ڏيو پيو وڃان. جتي موڊ آئي تہ سمنڊ ۾ اندر گھڙي ويندس.“

”ھتي جي اچين تہ موسٽ ويلڪم. آئون تہ ھتي ئي تي وھنجان“ ھن چيو.

مون لاءِ تہ ڪو فرق نٿو پوي. پاڻ تنھنجي ڪمپني رھندي. توکي انگريزي سنئي اچي تي ان ڪري خبرون چارون ڪري سگھندس.“

ان بعد وڏيڪ واڪ ڪرڻ بدران اسان سمنڊ ۾ اندر گھڙي پياسين جتي اوسي پاسي ڪان ٻيا بہ ڪيترائي تري رھيا ھئا. ھن پنھنجي بار ڪي ٻانھن تي ربڙ جا ھوا سان ڀريل ٽائر چاڙھي ڪيس ھيڏانھن ھوڏانھن تڙٻڻ لاءِ ڇڏي ڏنو. رکي رکي پاڻ بہ تري ٿي ۽ منھن تي ڇنڊا ھنيا ٿي تہ مون سان بہ ڳالھين جو سلسلو جاري رکيائين ٿي.

”لوڪل آھين يا فارينر ـ؟“ ھن پڇيو.

”آھيان تہ فارينر پر ھتي رھئي بہ ھاڻ بہ اڍائي سال ٿي ويا اٿم. ٽن سالن جي مدي/ پول تي ھتي آيو آھيان. لڳي ٿو تہ ٽن سالن جو ھڪ پيو ٽرم بہ ھتي ئي ڪريان جو ملائيشيا مان اڃان بيزار نہ ٿيو آھيان.“ مون وراڻيومانس.

”مھرباني جو تون اسان جي ملڪ کي پسند ڪرين ٿو.“ھن چيو.

”مسز زينا! توھان ڪٿي نوڪري ڪريو يا ھائوس وائيف آھيو.“ مون ڪانئس پڇيو.

”پليز مون کي رڳو زينا چئو. ڇو جو نلھي نالي وٺڻ کي آئون وڌيڪ ترجيح ڏيان ٿي. ۽ ھونءَ بہ آئون مسز زينا نہ رھي آھيان.“

”ائين بہ صحيح آھي پر ڇا پڇي سگھان ٿو تہ توھان جي مڙس جو ڪو حادثو ٿي پيو؟“

”نہ. ھو مون لاءِ جيئري ئي مري چڪو آھي.“

”گذر سفر لاءِ ڇا ڪريو؟“ مون پڇيومانس.

”نوڪري ڪندي آھيان. آئون ڊاڪٽر آھيان. ڪوالالمپور ۾ پنھنجي ڪلينڪ اٿم ـ فلاٽي روڊ تي.“

ايتري ۾ سندس پٽ سمنڊ جي ڇولين تي ڪجھ پريرو ٿي ويو ھو تنھن کي پري وڃڻ کان منع ڪرڻ ۽ ويجھو اچڻ لاءِ رڙ ڪري ملئي ۾ چيو: Jangan Pergilah, Mari Sini ۽ پوءِ وري مون سان مخاطب ٿي:

”منھنجو مڙس آمريڪن ھو،“ ھن ٿڌو ساھ کڻي ڳالھ ڪئي، ”ان ڪري منھنجي ڇوڪر جا مھاندا ان جھڙا آھن. ايم. بي. بي. ايس ھتان ڪوالالمپور مان ڪيم ۽ ان بعد سگھوئي ساڻس، ھتي ئي ملاقات ٿي. ھو ھفتي کن لاءِ ھتي ڪوالالمپور گھمڻ آيو ھو. آئون پھرين ملاقات ۾ ئي منجھانئس ڏاڍو متاثر ٿيس. يا شايد آمريڪن جي نالي کان ننڍي لاڪون متاثر ھيس ـ فلمون ۽ رسالا ڏسي اھو سمجھڻ لڳي ھيس تہ ھر آمريڪن مرد آئيڊيل ٿئي ٿو. ان کي اسان ماڻھن جي احساس ڪمتري بہ چئي سگھون ٿا، جنھن ۾ مون جھڙيون ڪيتريون ئي ڇوڪريون اڄ بہ مبتلا رھن ٿيون. ھو اھوئي سمجھن ٿيون تہ ھر آمريڪن سکيو ستابو، پئسي وارو ۽ سمجھدار ٿئي ٿو. آئون بہ ھن آمريڪن سان ايترو گھرو ٿي ويس جو يڪدم شاديءَ جو فيصلو ڪيم. پر شاديءَ بعد ترت ئي خبر پيئي تہ ھو تہ ڪو ھيپي، ناڪارو ۽ بيروزگار موالي ھو ۽ ھتي چرس ۽ عمل جي پنيان پنيان اچي نڪتو ھو ۽ سندس مونسان نہ پر منھنجي پئسي سان پيار ھو. اسان جا ملڪ جدا، مذھب جدا، تھذيبون جدا، زبانون جدا ـ ويندي سوچون ۽ خيال بہ جدا جدا نڪتا. پر آئون ڪيس اھڙي حالت ۾ بہ ناھڻ ۽ جوڙڻ جي ڪوشش ڪندي رھيس. ڪمائي ڪيس آڻي ٿي ڏنم پر ھو مونکي ھر وقت ھڪ گھٽ ذات ايشين سمجھي گاريون ڏيندو رھيو. بھرحال مونکي پنھنجي غلطيءَ جو احساس ضرور ٿيو ۽ ڪيس ڇڏي ڏيڻ جو فيصلو ڪريان ان کان اڳ ھو ڇڏي ھليو ويو. ھاڻ گذريل ساڍن ٽن سالن کان ساڳي اڪيلي زندگي گذاري رھي آھيان ـ زندگي جيڪا بي معنيٰ ۽ بي مقصد لڳيم ٿي. ھر ڳالھ ھڪ دوکو ۽ چالبازي سجھيم ٿي،“ ھوءَ ٿورو غمگين ۽ اداس ٿي ويئي.

پر پوءِ شايد پاڻ ئي پنهنجي اداسي محسوس ڪري چپن تي ٿوري مرڪ آڻي چيو: ”سو دئٽ از دئٽ. زندگي اجهو اها آهي.“

”اها تہ آهي،“ مون ڪيس چيو، ”پر لڳي ٿو تہ تو هيڪاندو گهڻو اثر ورتو آهي.“

”شايد.“ هن فلمي ائڪٽريسن وانگر ڪلهي کي جهٽڪو ڏيندي غير يقينيءَ جو اظهار ڪيو.

”’شايد‘ نہ پر بلڪل. آئون نٿو سمجهان تہ تو جهڙيءَ کي ايترو جهٽ زندگيءَ جي بازي ۾ هار مڃڻ کپي جڏهن تون پڙهيل ڳڙهيل آهين پئسي واري ڊاڪٽر آهين، سونهن سوڀيا ۽ ننڍي عمر واري آهين. يا تہ لڳي ٿو تہ توکي خبر ئي ناهي تہ ماڻهن کي ڇا ڇا غم آهن. ۽ هو ايڏن غمن هوندي بہ خوش گذارين ٿا.“

”خوش تہ آئون بہ گذارڻ جي ڪوشش ڪريان ٿي. مريضن جي رڙين ۽ دوائن جي ڌپ کان پري نڪري هتي سڪون ۽ مزي جا چار ڏينهن گذارڻ اچان ٿي ـ يا شايد پنهنجو پاڻ کان ڀڄڻ جي ڪوشش ۾ پاڻ کي دوکو ڏيان ٿي.“

اهو چئي هوءَ کلڻ لڳي. ۽ پوءِ هيڏانهن هوڏانهن جون ڳالهيون ڪندي رهي. خاص ڪري پنهنجي ڪلينڪ، ڪمپونگ (ڳوٺ) ۽ نوڪري واري شهر ڪوالالمپور جون. سندس زندگيءَ جو خواب ٽٽڻ ڪري ڪيس وڏو صدمو رسيل هو پر ان هوندي بہ هوءَ فطرتاً کل مک لڳي ٿي جو رکي رکي چرچا پڻ ڪيائين ٿي. جڏهن مون ڪيس ٻڌايو تہ مون سندس گوري رنگ جو ٻار ڏسي ڇا سمجهيو هو تہ پاڻ هڪدم چيائين: ”اها ڳالهہ هرڪو محسوس ڪري ٿو تہ هيءَ ٻارڙو ڪابي نگيٽو مان ڪيئن نڪتي. هاڻ پنهنجي يا ڇوڪري جي ڳچيءَ ۾ پنهنجي خانہ برباديءَ جو ڪهڙو بورڊ وجهي هلان.“

آخري ڏينهن موڪلائڻ وقت چيائين: ”تون ئي ٻڌاءِ تہ مونکي ڇا ڪرڻ کپي. ڪي چون ٿا تہ شادي ڪرڻ گهرجي تہ ڪي ان کي خراب ٿا سمجهن.“

”هكدم كا صلاح ڏيڻ منهنجي وس كان ٻاهر آهي پر توكي ائين ’ٻنا ـ سكان ـ جي ـ ٻيڙيءَ‘ وانگر هيڏانهن هوڏانهن ترڻ بدران شادي كري سيبائتي زندگي گذارڻ كپي.“

”اهو تہ صحيح آهي پر كير شادي كندو؟“

”دنيا كا بس تہ نہ ٿي ويئي آهي. تو جهڙي سهڻي لاءِ كوڙ عاشق نكري پوندا.“ مون كلندي چيومانس. هن بہ ٺهڪ ڏيندي چيو: ”كو ملئي جهازي آفيسر منهنجي ڏانءَ جهڙو ملنئي تہ مون ڏي رجوع كجانس.“ مون كانئس كان بہ وڌيڪ ٺهڪ ڏيئي چيومانس: ”زينا مون تنهنجي ملڪ جي نوجوانن كي جهازن جو انجنيئر بنائڻ جو ٺيڪ كنيو آهي ۽ نہ تولاءِ مڙس ڳولڻ جو.“

”يلا كو پاكستاني ـ؟“

”هينئر تيهہ كن ڊاكٽر هتي آيا اٿئي. تون پاڻ ئي كا همت كر. شاديءَ جي دعوت تي مونكي بہ سڏجان.“

ان بعد اسان جي موكلائي ٿي.

————*

ڊاكٽر زينا كان علاوه پورٽ ڊكسن ۾ ٻي جيكا ياد رکڻ جهڙي شخصيت ملي اهو هڪ چيني همراهہ هو. سندس احوال پڻ اڃان تائين چٽيءَ طرح ياد اٿم. ۽ هتي ان كري بہ ڏيڻ مناسب سمجهان ٿو جيئن پڙهندڙن كي چينين جي زندگيءَ جي پڻ ڄاڻ پوي تہ اهي ماڻهو جيكي اڄكلهہ سٺي پوشاڪ ۽ سٺي كار ۾ خوش پاش ۽ سكر نظر اچن ٿا انهن ان اوج كي ماڻڻ لاءِ كيترا ڇهد پٽيا آهن ۽ كيڏي محنت كئي آهي. هو پنهنجو اباڻو وطن چين ڇڏڻ وقت كو امير نہ هئا. بلڪ چين ڇڏيائون ئي غربت جي كري. پوءِ سنگاپور ۽ ملائيشيا توڙي برما، ٿائلنڊ ـ جتي بہ پهتا تہ ڏتڙيل حالتن ۾. ۽ پوءِ پيٽ پرڻ ۽ پئسي حاصل كرڻ خاطر محنت ۾ لڳي ويا. ٻكن ۾ بہ پڙهندا ۽ پورهيا كندا رهيا. گهٽ پگهار ۽ ٿوري نفعي تي بہ نوكريون ۽ واپار كندا رهيا. جڏهن پئسو هٿن وٽ آيو تہ ان كي اجاين خرچن، رسمن ۔ اجن، ڏيک ۽ شوبازيءَ ۾ وڃائڻ

بدران پنهنجي اولاد، پنهنجن مائٽن، پنهنجي ڪميونٽي ۽ ڳوٺ ۾ رهندڙ پنهنجن ذات ڀائين کي سڌارڻ ۽ اڳتي وڌائڻ پنيان استعمال ڪيائون ۽ ڪندا رهن ٿا.

سنگاپور يا ملائيشيا ۾ رهندڙ چينين مان پلي کي به ڏهه سڪيا ستايا چيني چوندي ڪانئن نندپڻ جو احوال ونو. انهن ۾ ڪو هڪ يا ٻه اهڙو ڪٽي هجي جنهن جا مائٽ مڇي مانيءَ وارا هجن باقي اٺ ڪن ضرور اهڙا هوندا جيڪي غربت ۾ جاوا نپنا هوندا. پوءِ هنن پڙهي نمبر ڪنيا ۽ پڙهڻ دوران پورهيا ڪيا. پٽيون پٽيون نوڪريون ڪيون. يا وري ڏنائون ته پڙهائيءَ مان ڪو فائدو نٿو ٿئي ته هنر سکيائون ۽ درزي، واڍا، مڪينڪ ٿي پئسو ڪمايائون. سڀ ڪان وڏي ڳالهه ته پئسو ڪمائي خرچڻ ۽ عيش ڪرڻ بدران ان کي اڃان به وڏي ڳالهه ۾ لڳايائون. ڪو دڪان تي مستري هو ته اڳتي هلي هن پنهنجي گئراج ورتي، ڪو گئراج وارو هو ته ڪمائي فئڪٽري ورتي، فئڪٽريءَ بعد ٻيون فئڪٽريون جنهن ۾ پنهنجي ڪٽنب ۽ ڪميونٽيءَ جي ماڻهن کي نوڪريون ڏيئي خوشحال بنايائون. ۽ هُنن به وري ساڳي وقت ان جي بدلي ۾ تمام گهٽي محنت ڪري پاڻ به ڪمايو ته ان مائٽ/ مالڪ کي به فائدو پهچايو.

اهوئي سبب آهي جو چينين لاءِ مشهور آهي ته هو اڻ ورچ آهن ۽ تمام گهڻو پورهيو ۽ محنت ڪن ٿا. ان ڪري ملئي ۽ انڊين دڪاندار به چيني نوڪر/ پورهيت کي پاڻ وٽ رکندي عار محسوس نه ڪندو. ٻيو ته چينيءَ لاءِ مشهور آهي ته محنت سان گڏ پئسي کي ايترو بچائي رکي ٿو جو چئن سالن اندر چيني نوڪر پرايو دڪان ڇڏي پنهنجو شين جو گاڏو هلائي ٿو. ان بعد پيڊي (ڪئبن) ۽ پوءِ دڪان. ۽ جيسين پٽن پوٽن وارو ٿئي ٿو تيسين ڊپارٽمنٽ اسٽور يا وڏي ڪارخاني جو مالڪ ٿيو وڃي. جنهن ۾ سندس پٽ ۽ پوٽا ڏهٽا به روزگار ڪمائي سگهن ٿا.

چينين لاءِ اهو به مشهور آهي ته خرچ صفا نٽا ڪن. سڄي سال ۾ رڳو نئين سال جا ٻه ڏينهن موڪل ڪن ٿا جن ۾ چڱيءَ طرح کائين پيئن ۽

پهرين. باقي سڄو سال پورهيو ڪن. چاچا برٿ ڏي چا جون سڪائون. چاچا تحفا چاجون دعوتون. اهي عادتون ٻين ۾ پلي هجن جيئن اهي دعوتن ۽ تحفن تي خرچ ڪرڻ ۽ شيون وٺڻ لاءِ سنڌن دڪانن تي اچن.

اهڙي طرح چيني ڪار يا موٽر سائيڪل ڏڌهن وٺندو جڏهن هن کي تمام گهٽي ان جي ضرورت هوندي ۽ پوءِ ان کي استعمال بہ چڱيءَ طرح ڪندو. ٻين وانگر ڏيک ۽ شان لاءِ ڪار وٺي اوطاق اڳيان بيهاري رڳو ٽئڪس نہ ڀيو ڀريندو پر ان کي بہ ڪمائيءَ جو ذريعو ٺاهي خوب استعمال ۾ آڻيندو ۽ ڪڏهن گهمڻ لاءِ ڪٽي نڪرندو تہ بہ چاهيندو تہ رستي تان پئسينجر ڪٽندو وڃان جيئن پيٽرول جا تہ پئسا نڪرن. ڪوشش ڪري بہ ٽي پائر يا دوست گڏجي هڪ ڪار وٺندا جيئن ان کي سڀ چڱيءَ طرح استعمال ڪن ۽ هر هڪ ڌار ڌار پئسو سيڙائي الڳ الڳ ڪار نہ وٺندو. چو جو ڪار اهڙي شيءِ آهي جيڪا چاهي گهٽ هلي يا گهڻو، وڪڻڻ مهل پئسا ماڊل (سال) جي حساب سان ئي ملن ٿا. پوءِ چو نہ ان کي چڱيءَ طرح ڪم ۾ آڻي گسائجي. بهرحال چيني – جيڪي اڄڪلهہ جي خوشحال قوم ٿيندي وڃي، ڪنهن جادو يا سياست ڪري نہ، پر محنت، پورهئي ۽ سادگيءَ ۾ رهڻ ڪري خوشحال آهن.

پورٽ ڊڪسن جي منگ هوٽل ۾ – جنهن ۾ آئون بہ رهيل هوس، جيڪڏهن ڪو هر وقت ڪتاب پڙهندي نظر آيو ٿي تہ اهو هو پنجهٺ سالن کن جو هڪ چيني همراهہ مسٽر سينگ لم. سائس پهرين ڏينهن کان ئي عليڪ سليڪ ٿي ويئي – ۽ ڪائنس سندس احوال دلچسپيءَ سان پڇندو ۽ ٻڌندو هوس.

پاڻ 1920ع ۾ سنگاپور ۾ ڄائو هو. سندس پيءُ 1910ع ۾ (سندس ڄمڻ کان ڏهہ سال کن اڳ) چين جي ڏاکڻي علائقي مان لڏي پيٽ گذر لاءِ سنگاپور ۾ آيو هو. ان سال سندس اباڻي چيني شهر ۾ سخت ڏڪار پيو هو جو ڪائڻ لاءِ ڪٽو بہ نہ هو. سو چين ۾ وڏن جي ورثي ۾ مليل انڌي منڊي جاءِ وڪٽي ٻيڙيءَ جو ڀاڙو ڪري اچي

سنگاپور کان نڪتو. انگريزن جي حڪومت هئي.

”بابي ڪي پگهار ايترو پورو پنو ملندو هو“، هن ٻڌايو، ”جو گهر جي ڀاتين جو هڪ وقت بہ چڱيءَ طرح پيٽ ڀرجي نہ سگهندو هو. هر مهيني پوري ٿيڻ تي گهر جي مسواڙ جا ڇهہ ڊالر مالڪ کي ڏيڻ اسان لاءِ وڏو مسئلو هوندو هو. مون کي ياد آهي تہ ان ڪري اسان کي ڪيترائي گهر بدلائڻا پيا. ڪوبہ مالڪ وڌ ۾ وڌ بہ مهنا ترسندو هو. تيون مهنو بنا مسواڙ جي پورو ٿيڻ تي سامان ڪڍي ٻاهر اڇلائيندو هو. ۽ پوءِ وري نئين گهر جي ڳولا ٿيندي هئي ۽ ڪنهن غريب علائقي ۾ هڪ يا ٻن ڪمرن وارو سستو گهر ملي ويندو هو جنهن ۾ بي ڪا سهوليت ڏسڻ اجائي سمجهي ويندي هئي بس اس ۽ مينهن کان مٿو ڍڪڻ لاءِ ڇت هجي.

هڪ گهر اسان وٽ ڪيترائي سال رهيو جنهن جو اڳيون حصو روڊ تي هجڻ ڪري دڪان طور ڪم اچي سگهيو ٿي. اهو نون ڊالرن جي مسواڙ تي مليو هو پر ان کي گهٽ ڪرڻ لاءِ اسان وري دڪان وارو حصو ڇئن ڊالرن ۾ مسواڙ تي ڏيئي ڇڏيو جنهن کي ڪوئلن جو واپاري گدام طور استعمال ڪندو هو ۽ ڪوئلن جون ڳوٿيون ۽ ڇيبون هر وقت رکيل هونديون هيون. انهن ڳوٿين ۽ ڇبين جي وچ ۾ آئون تڪار (ملئي تڏو) وڇائي رات جو سمهندو هوس. اهڙي طرح مون ڪوئلي جي ڌوڙ ۾ ڇهہ سال گذاريا. شڪر ٿو ڪريان تہ دماغ يا دل جي ڌڙڪي ـ يا ڪنهن بہ اهڙي خطرناڪ بيماريءَ کان بچي ويس جيڪا چون ٿا تہ ڪوئلي جي ڪارڻ واري ڌوڙ سونگهڻ سان ٿئي ٿي.

”منهنجو پيءُ انگريزن جي هڪ کاتي ۾ ٽيهہ ڊالر پگهار تي ڪلارڪ هوندو هو. تن ڏينهن ۾ مائرن جو هڪڙو ڪم گهر جي صفائي هوندو هو ۽ ٻيو ٻار ڄڻڻ. ان ڪري هھڙي حال ۾ بہ امان سورهن ٻار ڄڻيا ۽ ان ٻهر ۾ منهنجو پنجون نمبر هو.

”ٻارن جي ڌڻ ۾ هر سال ويجهہ ٿيڻ ڪري بابي لاءِ سيني جو پيٽ ڀرڻ مشڪل ٿي پيو. سو جيئن ئي ڪو ٻار مئنيوفيڪچر ٿي نڪرندو هو تہ پالڻ لاءِ چاچن يا ماسين کي ورچ ۽ واري موجب پارسل

ڪيو ويندو هو. پوري پني ڪاڏي نہ ملڻ ڪري ڪن ٻارن تي سندن چاچي يا ماسيءَ جا هٿ پهچڻ کان اڳ نمونيا، مليريا، سائي يا وڏي کنگهہ جا هٿ رسي ويندا هئا ۽ هو جتان ايندا هئا اوڏانهن ترت ئي روانا تي ويندا هئا.

”منهنجي ماءُ پيءُ جي نظر ۾ هڪ ڪٽنب ۾ چار ٻار ڪافي هئا. منهنجو پنجون نمبر هو سو جڏهن منهنجي آمد ٿي تہ آئون ٻهريون پلونگڙو ثابت ٿيس جيڪو گهر ۾ رکڻ بدران ماسيءَ جي حوالي ڪيو ويس. خوش قسمتي يا بدقسمتيءَ سان منهنجي ماسيءَ جو مڙس انهن ئي ڏينهن ۾ چين کان آيو هو. هو سخت ٽوٽي ۽ نشئي هو. سڄو ڏينهن گهر جي اونداهي ڪمري ۾ وينو عمل ڏوڏي يا چرس جا ڪش هڻندو هو. ۽ ان جو دونهون ايڏو سخت ۽ طاقتور هوندو هو جو ڪمري ۾ ويٺي ويٺي مونتي بہ خمار چڙهڻ لڳندو هو. تن ڏينهن ۾ آئون ٻار هوس. ڪنهن بہ سنائي يا خرابيءَ جي ڪا خبر نہ هيم. ماسيءَ وارا مون تي ڪوبہ ڌيان نہ ڏيندا هئا. ڇهن سالن جو جڏهن ٿيس تہ بہ منهنجن پالڻ وارن مونکي ڪنهن اسڪول ۾ داخلا وٺي ڏيڻ لاءِ ڪا ڇرپر نہ ڪئي.

”منهنجي ماءُ کي جيئن ئي ان ڳالهہ جي ڪڙڪ پيئي تہ هوءَ هلي آئي ۽ ماسيءَ کان منهنجي ٻانهن واپس وٺي پاڻ وٽ اچي رکيو. ورهن کان پوءِ منهنجي ماءُ ٻڌايو تہ چڱو جو هوءَ مونکي هن مواليءَ جي گهران وٺي آئي نہ تہ آئون بہ عمل ۽ چرس جو عادي ٿي وڃان ها ۽ پوءِ پڙهي يا ڪو هنر سکي وڏو ماڻهو ٿيڻ بدران رڪشا ڇڪڻ وارو ٿيان ها، يا ماڻهن جا ڪاڪوس ميڙڻ وارو يا وري رستي تي ويهي گورينگ پسانگ (تريل ڪيلا) وڪڻان ها.

”۽ امان کي يقين هو تہ آئون زندگيءَ ۾ ڪڏهن بہ ڪامياب ٿي نہ سگهان ها جو ڪمزور جسم ۽ گهٽ طاقت جي ڪري رڪشا ڇڪڻ جو ڪم تہ مون کان نہ پڄي ها. ۽ نہ وري گونهہ جو دٻو ڪلهي تي رکي ماڻهن جا ڪاڪوس ميڙي سگهان ها جو ٿوري ڌپ سهڻ جي بہ مون ۾ همت نہ هئي ۽ هيڃي وري اهڙو هوس جو تريل ڪيلا وڪڻڻ بدران هڙ

ڪائي وڃان ها.

”اسان جي گهر ۾ ڪائڻ لاءِ ايترو گهٽ هوندو هو جو رات جو اڪثر ڪائڻ بنا سمهڻو پوندو هو. هڪ دفعي ته آئون ايڏو بکايل هوس جو پاڙي جي مائيءَ کان جڏهن هڪ گجر ڪري پيو ته ڪيس ٻڌائڻ بدران لڪائي گهر کڻي آيس ۽ رات جو جڏهن سڀ سمهي رهيا ته ان کي باهه ۾ وجهي پچائي ڪـاڌو هوم. اهو ته ٺيــو هڪ ڏينهن. هر روز ته ڪوبه پاڙيسري ائين گجر نٿو ڪيرائي.

”پر چوندا آهن ته مولا ڪنهن کي بـه ڇڏي نٿو. جڏهن مون کي امڙ اسڪول ۾ داخل ڪيو ته ڏاڍي خوشي ٿي. اسڪول ويندي وقت هڪ بسڪٽن جي فئڪٽريءَ وٽان لنگهڻ ٿيندو هو جيڪي گاسليٽن جي دٻن جيڏا بسڪٽن جا خالي ٿيل دٻا صفائيءَ لاءِ ٻاهر ڪڍي رکندا هئا. ٻي يا ٽي ڏينهن اسڪول ويندي منهنجي دل ۾ آيو ۽ همت ڪري ٽن چئن دٻن جا ڍڪ کولي ڏٺم ته هڪ ۾ بسڪٽن جي ڪجهه ڀرڪٽ بچي پيئي هئي. ان بعد هر روز اسڪول ويندي ڏهه ٻارهن دٻن ۾ ليئا پائي ڏسندو هوس ۽ ٽن چئن دٻن مان ضرور بسڪٽن جا ٻچيل ٽڪرا ۽ ڀرڪٽ نڪري ايندي هئي. ان مال مان مڙيئي ڪيسو ڀرجي ويندو هو. انهن ڏينهن ۾ اسڪول ويندڙ ڇوڪر لاءِ جنهن کي هميشه بکئي پيٽ تي رات جو سمهڻو پوندو هو، اها بسڪيٽن جي ڀرڪٽ وڏي دعوت هئي. ان ڳالهه کي پنجاهه سال گذري ويا آهن پر اڄ بـه مون کي چڱيءَ طرح ياد آهي ته ڪنهن بسڪيٽ جي ٽڪري مٿان مٺاڻ Icing لڳل ذرو ڏسي مون کي ڪيڏي نه خوشي ٿيندي هئي. پوءِ ڪنڌ ٻاسي ۾ ويهي ڀـرين بسڪيٽن جا ذرا ذرا ڪائيندو هوس ۽ پوءِ مٿائن لڳل اهو مٺاڻ جو ذرو. ننڍپڻ جي پيل اها عادت اڄ تائين مون ۾ موجود آهي. اڄ بـه ڪابه ماني تيسين مڪمل نـه سمجهندس جيسين ان سان گڏ ڪجهه مٺاڻ ذرو نـه هجي.“

مسٽر سينگ لم کي مغربي پريس توڙي فلمن ۽ ٽي وي پروگرامن سان سخت شڪايت هئي ته هو هميشه مغرب کي گهڻو پڏائين ٿا ۽ مشرق

ڪي هيناهون ڏيکارين ٿا. جڏهن مشرق جا ماڻهو جاهل جٽ ۽ چسا هجن.
"انگريزي ادب توڙي تواريخ هميشه مغرب جي ڪاميابين کي وڌاءَ ۽ وڏاءَ سان لکيو آهي"، هن چيو، "هنن پنهنجن بادشاهن ۽ حاڪمن کي ساراهيو آهي. آئون چوان ٿو ته ترڪن ۽ عربن ۾ ڪو هوشيار ليڊر هوئي ڪونه ها. ائين جي نه هجي ها ته هو اسپين تي ست سؤ سال حڪومت نه ڪري سگهن ها. رومانيا بلغاريا کان مصر تائين ڪيئن ڪاميابي حاصل ڪن ها. ويندي موجوده تواريخ ڏسو ته چرچل، آئزن هاور، مونٽيءَ کي گهڻو پڌايو ويو آهي ۽ ياماشيتا، نهروءَ ۽ مائوءَ کي هيناهون، بيوقوف ۽ گهٽ ڏيکاريو ويو آهي. ۽ اسان جو نوجوان به پنهنجن کان ايترو واقف ناهي پر ڪنگ آرٿر ۽ سندس گول ميز، رابرٽ بروس ۽ ڪوريئڙي، آمريڪن خانه جنگي، مئگنا ڪارٽر، ڪولمبس، ڪڪ، ايلوس ۽ ويندي مائيڪل جئڪسن کان چڱيءَ طرح واقف آهي پر پنهنجن ايرانين، اندين، عربن يا چيني حاڪمن ۽ سندن گهرائڻ جي تڪي جي به خبر نه اٿس. ۽ اسان چينين کي ته آمريڪن بنهه گهٽ ذات، چرسي، موالي، چور، ننگ ۽ بي غيرت سمجهن ٿا. فلمن ۾ به چينين تي چرچا ڪندا ڪندا. ويندي جان وين جهڙي آمريڪن ايڪٽر به ان معاملي ۾ پنهنجن آمريڪن کي ساراهيو آهي. The Green Berets فلم ۾ هڪ ويٽنامي چوڪري کي ٻانهن کان جهلي سمجهائيس ٿو ته هو هن جي ڪارڻ ويٽنام ۾ جنگ جوٽيو ويٺا آهن. ان جنگ ۾ هو (آمريڪي) پنهنجي سر جون قربانيون ڏيئي رهيا آهن جيئن هو چوڪر امن امان جي دنيا ۾ وڏو ٿي سک جو ساهه کڻي سگهي."

"جڏهن چڱو جو به سؤ سال کن اڳ آمريڪا وجود ۾ آيو ۽ آمريڪن اسان کي اچي سيکاريو نه ته هزارين سال اڳ تائين اسان جڏهن اونداهه ۾ ٿاڦوڙا پئي هنيا. بهرحال هاڻ اها ويٽنامي لڙائي ڪڏهوڪي ختم ٿي چڪي آهي. آمريڪن پڇ پنيان وجهي جنهن نموني سان ويٽنام مان ڀڳا اهو سڄي دنيا ڏٺو ۽ پڌو. هاڻ ڪانئن ڪير پڇي ته ڪير طاقتور ۽ عقلمند هو. پاڻ آمريڪن يا اهي ويٽنامي جن کي هنن ڏٻرو ۽ جاهل ٿي

سمجھيو. ويتنامين کي پنھنجي پر ۾ جيتوڻيڪ ڪمزور، نستو، بي هٿيار، بي سرو سامان ۽ ڏتڙيل بنايو ويو. ڪين ائين پيلي ختم ڪيو ويو جيئن ماڪڙ بيٺل فصل کي چٽ ڪري، سندن عورتن سان زوريءَ زنائون ڪيون ويون مردن جا هڏ گڏ پڳا ويا، سندن شھر ۽ وستيون تباھہ ڪيون ويون تہ بہ هنن 'گوري ماٺھوءَ' جو خواب پورو ٿيڻ نہ ڏنو. ۽ اهو خواب ڇا هوـ؟ سندن اهو خواب هو تہ ايشيا کي هيڻاهون ڏيکاري مٿس پنھنجي هلايون.

"افسوس رڳو ان ڳالھہ جو ٿئي ٿو تہ ويتنامين جي ايڏي فتحيابي بعد بہ اسان جي پنھنجن ايشيائي ملڪن کين داد نہ ڏنو. آمريڪن رسالن ۾ انھن آمريڪن جا لکيل مضمون پڙهي اڄ بہ اسين ويتنامين کي نيچ ۽ خطرناڪ سمجھون ٿا.

"اهڙي طرح هو وري نوڙهو ائڪٽر يول برينر ڏسو جنھن King and I فلم ۾ بادشاھہ جو رول ڪري اهو تاثر ڏنو آهي تہ ايشيا جي ملڪن جا هھڙا حاڪم ٿين ٿا. مطلب تہ مغربي پريس توڙي فلم انڊسٽريءَ مشرق جو صحيح روپ ڏيکارڻ بدران غلط پيش ڪيو آهي. بيا تہ ٺهيو پر اسان جو پرمتڙيو نوجوان بہ ان معاملي ۾ پٺتڪيل آهي جو هو مغرب جون ئي فلمون ڏسي ٿو ۽ ڪتاب پڙهي ٿو....."

مسٽر سينگ لم سان هوٽل جي ورانڊن ۾ ئي بہ ٽي دفعا ملاقات ٿي ۽ هو اڪثر گھٽي پيئڻ ڪري سرور ۾ رهندو هو. پنھنجيون پرايون ڳالھيون جيڪي انڊيون هيس ڪندو ويندو هو. فقط آخري ڏينھن هو هوش ۾ هو ۽ موڪلائڻ وقت زينا وانگر فقط اهوئي چيائين تہ سندس ڳالھيون پلي پنھنجي سفرنامي ۾ لکان پر نالو بدلائي. جنھن لاءِ نہ فقط پنھي سان وعدو ڪيم پر عمل پڻ ڪري رهيو آهيان.

ڊبلي چاپ ائڪٽر

چين دنيا جي وڏن ۽ پراڻن ملڪن مان هڪ آهي. سندس آدمشماري اڄ نه پر صدين کان ٻين ملڪن جي ڀيٽ ۾ گهڻي هئي ۽ صدين کان چين تي ڪئين دور آيا. جتي چين سکيو ستابو ۽ سهڻو ملڪ پئي رهيو آهي اتي مختلف حڪومتن ۾ ۽ مختلف دورن ۾ عوام لاءِ ڏکيا ڏينهن پڻ ايندا رهيا ٿي. بوءِ بک، بيماري ۽ بيروزگاريءَ کان بچڻ لاءِ هنن پنهنجو ملڪ ڇڏي دنيا جي مختلف ملڪن ڏي تڏهن کان وڃڻ شروع ڪيو جڏهن نه اجان پاسپورٽ ويزا جهڙي شيءِ جو ڀري ڀري تائين وجود نه هو. ڪمائيءَ ڪارڻ هو آمريڪا ۽ يورپ جهڙن ڏورانهن ملڪن کان به وڃي نڪتا نه ويجهن ملڪن سنگاپور، انڊونيشيا، فلپين، ٿائلنڊ، جپان، ڪوريا ۾ به. پوءِ جنهن جنهن ملڪ ۾ پهتا اتي ڪوشش ڪري پنهنجا محلا، پنهنجيون مارڪيٽون ۽ مندر اڏي هوبهو اباڻي وطن جهڙو ماحول ناهي رهڻ جي ڪوشش ڪيائون. جيئن اسان وٽ پٺاڻ پنهنجو صوبو ڇڏي جڏهن هتي هند ڪراچي، حيدرآباد، لاهور، سکر ۾ رهڻ لاءِ اچن ٿا نه هو گهڻو ڪري رهڻ لاءِ الڳ ڪالوني ناهين ٿا ـ ان لاءِ ڀلي ڪين شهر کان پري پٽ ملي. اتي پنهنجا دڪان ۽ هوٽلون ناهيندا جن ۾ هنن کي پنهنجي سواد جي ڏوڌ پتي چانهه، بالٽي گوشت، نان، چپلي ڪواب جهڙيون شيون ملي سگهن. پر ۾ عبادت لاءِ هڪ عدد مسجد پڻ. تيئن چيني به ايامن کان دنيا جي جنهن جنهن شهر ۾ رهيا اتي پنهنجي اسٽائيل جي ڪالوني ناهي رهيا جنهن کي عام زبان ۾ 'چائنا ٽائون' سڏجي ٿو. چائنا ٽائون توهان کي جپان جي يوڪوهاما ۽ ٽوڪيو جهڙن شهرن ۾ به ملندا نه دور دراز آمريڪا جي شهرن نيويارڪ، فلوريڊا، لاس اينجلس، بالٽيمور وغيره ۾ به. ۽ اهڙي طرح انگلنڊ ۽ يورپ جي به انيڪ شهرن

۾ ملندا. ڪهڙي ملڪ جو نالو ڪٽي ڪهڙي جو ڪٽجي. دنيا ۾ سڀ کان گهٽي پکڙيل ۽ پنهنجي ملڪ کان ٻاهر نڪتل قوم ’چيني‘ آهي.

سنگاپور ۽ ملائيشيا جي تہ هڪ هڪ شهر ۾ ڪيترائي چائنا ٽائون ملندا جو اهي ملڪ تہ چين ملڪ کي تمام ويجها آهن ۽ انهن جون حالتون چڱيون خاصيون سازگار ۽ سٺايون رهيون آهن. ڪوالالمپور جي تہ اڌ کان وڌيڪ آدمشماري چيني ۽ سڄي واپار وڙي ۽ تجارت تي پڻ چيني ڇانيل هجڻ ڪري توهان کي هر هوٽل، دڪان، آفيس ۾ ايڪڙ ٻيڪڙ ملئي ۽ انڊين کان علاوه باقي چيني نظر ايندا. پر ڪوالالمپور جا ڪجهہ علائقا، محلا ۽ مارڪيٽون تہ اهڙيون آهن جتي فقط ۽ فقط چيني نظر ايندا. دڪانن ۾ پڻ نج چينين جي ڏاڻ جو سامان، رونق ۽ نمونو هوندو. ۽ جيڪڏهن توهان ان قسم جو چائنا ٽائون جپان آمريڪا، سنگاپور يا انگلنڊ يورپ جي ڪنهن شهر ۾ نہ ڏٺو آهي تہ پوءِ آئيڊيا خاطر ڪوالالمپور ۾ جالان پيٽلانگ وارو چائنا ٽائون ڏسڻ بهتر آهي. يا وري جالان هئنگ ليڪر، جالان بندر، جالان سلطان وارو پڻ ڏسي سگهجي ٿو. (جالان ملئي لفظ آهي معنيٰ رستو، روڊ).

چائنا ٽائون ۾ چائنيز کاڌا طرح طرح جا نظر ايندا - سڪل، رڌل، تريل، اوٻاريل، پچايل ۽ سنڌيل مڇيون، ڪيڪڙا، گانگٽ ۽ ويندي آڪٽوپس ۽ سوتون جهڙيون سامونڊي شيون. چيني جڙي ٻوٽين جا پسارڪا دڪان ۽ دواخانا - جتي مٿي جي سور لاءِ ’ٽائيگر بام‘ تہ پير مڙڻ جي سور ۽ سوڄ لاهڻ لاءِ ’زينگ گو شوئي‘ جهڙيون مشهور دوائون، لوشن، بام، ڦڪيون، سلاجيت، ڪک ۽ ڪُشتا وڪامندي نظر ايندا. چائنا ٽائون ۾ اتي جو اتي موچيءَ کان پنهنجو چنل جوتو ٺاڪرايو ۽ پير ۾ ويٺل فال واري کان پنهنجي قسمت جو احوال پڇي، سندس قسمت ناهڻ لاءِ اجوري جا پنجاهہ سينٽ ڏيوس. چائنا ٽائون ۾ ڪيترائي ميون، گلن، ڪپڙن، چوئنرن ڪاڇن وارا گهوريئڙا ۽ هٽن وارا ڏسڻ ۾ ايندا.

جيئن جيئن سڄ لهي رات ٿيندي آهي تيئن تيئن چائنا ٽائون جي رونق ۽ فٽ پاٿي دڪان وڌندا آهن. پري پري جا واپاري وئگن گاڏين ۾

سامان ڪٺي هتي اچي نڪرندا آهن ۽ فٽ پاٿن سان گڏوگڏ وچ رستي تي بہ ڪيترين ئي شين جا دڪان ڪلي ويندا آهن ـ جهڙوڪ واچن، بوٽن، بيلٽن، چئمپلن، بليڊن، تيلن، صابڻن، گنجين، ڪچن، رڪارڊن، ڪئسٽن، گوڏين، عطرن، ٽنگڻين، چابي جي چلن ۽ ڇٽين جا دڪان. ان سان گڏ رڌپچاءَ جا دڪان پڻ اجان بہ وڌي ويندا آهن. ڪي شيون ٽانڊن تي پچي رهيون هونديون تہ ڪي ڪٽڇين ۾ ترجي رهيون هونديون. ديسي ۽ ولائتي شربت، ڳنن ۽ ناريلن جا رس، مڪسڊ ميوا، سلاد ۽ آئرباتو چئمپور (ڳنڍا ڪلفيون) جتي ڪٿي نظر ايندين. ماڻهن جي پيهہ پيهان، مينهن جي ٿڙ ٿڙ ۽ ٽيسٽنگ لاءِ وجندڙ چيني ڪئسٽن جي ٿات ٿاتان هوندي بہ دل پيئي چوندي تہ خريداري اتان ڪجي. چاهي هڪ قميص يا چئمپل وٺڻ لاءِ اڌ ڪلاڪ سودي بازي ڪرڻي پوي يا اگهہ گهٽائڻ لاءِ موٽي موٽي چڪر هڻڻا پون. سو اهو ٿي نٿو سگهي تہ چائنا ٽائون ۾ توهان کي مزو نہ اچي يا بنا ڪنهن خريداريءَ جي هٿين خالي موٽي اچو.

چينين جي چائنا ٽائون وانگر ڪوالالمپور ۾ ملئي نموني جو پڻ علائقو آهي جتي ملئي ماڻهو، ملئي نموني جا ڪاڏا ۽ گهر نظر ايندا. جيڪڏهن توهان کي وقت گهٽ آهي ۽ ڪوالالمپور ڪان پري پر وارن شهرن ڳوٺن ۾ وڃي نٿا سگهو تہ ڪلاڪ ڏيڍ لاءِ ٽنڪو عبدالرحمان جي پر ۾ جالان راجا الانگ، راجا باط، چائو ڪٽ ۽ حاجي حسين واري هن علائقي ۾ چڪر هڻي نج ملئي ڳوٺ جي آئيڊيا وٺي سگهو ٿا، جنهن کي ڪمپونگ بارو (نئون ڳوٺ) سڏجي ٿو.

ان کان علاوه ڪوالالمپور ۾ ڏسڻ لاءِ ٻيون بہ ڪجهہ شيون آهن جهڙوڪ Lake Garden باغيچي ۾ هتي جي پارليامينٽ بلڊنگ، نئشنل ميوزيم ۽ قومي نشان آهي. ڪوالالمپور ڏينهون ڏينهن مسجدن جو پڻ شهر ٿيندو وڃي ۽ ريلوي اسٽيشن پرسان مسجد نگارا، ٽُن پيراڪ روڊ تي (ڪلانگ ۽ گومباڪ ندين جي وچ ۾) مسجد جامي ۽ سنگاپور ايمبيسيءَ جي پرسان نئين مسجد ڏسڻ وٽان آهي. ڪوالالمپور انٽرنيشنل هوٽل جي

پر ۾ هڪ مسجد ’پاڪستاني مسجد‘ جي نالي سان پڻ مشهور آهي.

شهر کان ٿورو ٻاهر پرو هڪ تہ ٻاتو غارون ۽ گنتنگ هاءِ لئنڊس آهن. انهن کان علاوه ڪلانگ بندرگاهہ، ميمالئنڊ ـ جنهن ۾ ٻارن جي وندر جون پڻ ڪيتريون ئي شيون آهن. جهڙوڪ: پيڙين جو سير، ٿيهہ ڊالرن ۾ هيليڪاپٽر جو سير، سئمنگ پول ۽ پينگهون وغيره آهن. ست اٺ ميل ڪن پري تمن ميلاواتي جي پر ۾ هتي جو قومي چڙيا گهر پڻ آهي. جيڪڏهن ڪوالالمپور کانپوءِ سنگاپور وڃڻا آهيو تہ پوءِ ڪوالالمپور جو هي چڙيا گهر ڏسڻ اجايو آهي. جو سنگاپور ۽ ڪولمبو وارا چڙيا گهر تمام وڏا آهن ـ ۽ ڏسڻ لائق پڻ.

۽ اهي مڙئي شيون ڏسي توهان جي ٿڪجي پيا آهيو ۽ ماڳهين ڪوالالمپور ۾ وقت گذارڻ لاءِ ڪا واهہ پيا ڳولهيو جو توهان ڏينهن ٻن بدران هفتو بہ هتي ٽڪڻ لاءِ آيا آهيو تہ پوءِ مون وانگر ماٺ ڪري ڪنهن سئنيما هال ۾ وڃي ڪا تامل فلم ڏسو ڇو جو آخرڪار سئنيما پڻ انهن شين مان هڪ ٿيندي وڃي جنهن جي وجود جي ختم ٿيڻ جو انديشو تمام گهڻو آهي.

هڪ دفعي ڪوالالمپور ۾ هڪ اهڙي هوٽل ۾ رهڻو پيو جنهن جي پر واري سئنيما ۾ تامل فلمون هليون ٿي. هڪڙي رات واڪ ڪندي اتان وڃي نڪتس. جيتوڻيڪ تامل فلم ڏسڻ جو ڪو ارادو نہ هو، خاص ڪري هن پئي شو جو جنهن جو بہ پهريون اڌ هلي چڪو هو. پر جيئن ئي در وٽ پهچي اندر هال ۾ ليئو پاتم تہ گيٽ ڪيپر وڏي قرب سان اندر اچڻ لاءِ چيو ۽ آئون بہ ٽئنڪ يو ڪري بنا ٽڪيٽ جي، پوئين سيٽن مان هڪ خاليءَ تي ويهي رهيس.

ڪو سالن بعد سئنيما هال ۾ گهڙڻ ۽ فلم ڏسڻ جو وجهہ لڳو هو. جو اڄڪلهہ ٽي وي ۽ وي سي آر تي فلمون اهڙيون عام ٿيون آهن جو ماڻهن سئنيما ڏي وڃڻ جو رخ ڇڏي ڏنو آهي. هيترن سالن بعد سئنيما هال ۾ ويهي ماڻهوءَ جي قد کان بہ وڏن فلمي اداڪارن کي پڙدي تي ڇٽو ۽ صاف چرندو پرندو ڏسي ڏاڍو مزو آيو. پنجن منٽن جي ارادي

سان اندر گھڙي ماڳھين اڌ ڪلاڪ کن ويھي رھيس. ٽي ويءَ جي ننڍي پردي تي تروڙن ذريعي فلم ڏسڻ ۾ اڪين تي گھٽو زور ۽ ٽڪ ٽئي ٿو. سئنيما جي پڙدي تي فلم ڏسڻ سان شايد ايترو نٿو ٿئي. فلم جو تامل نالو 'پنتم' ھو. جنھن ۾ (بقول گيٽ ڪيپر چوڪري جي) تامل فلمن جو قابل، پراڻو ۽ مشھور ائڪٽر سيواجي گنيشان ھو. ڇا ڪان مشھور آھي. ڇئي نٿو سگھجي. يا شايد ڏھاڪو سال کن اڳ مشھور ھوندو. شڪل شبيھہ ۾ تہ مشھور ائڪٽرن جھڙو نٿي لڳو ۽ نہ وري تامل فلمن جو ڪو ھيو ائڪٽر لڳندو آھي ـ ڇاھي اھو ھيرو ھجي.

ڪوالالمپور ۾ ڪا نئين سئنيما ڪلڻ جو تہ امڪان ڪونھي باقي پراڻين مان جيڪي وچي بچيون آھن تن ۾ انگريزي ۽ چيني فلمون جام ھلن ٿيون. ٻئي نمبر تي ھي تامل ۽ ملئي. ڪڏھن ڪڏھن پنجابي، ھندي، مليالم ۽ تيلگو فلمون بہ ھلن تہ انڊونيشي بہ. جيئن اڄڪلھہ اميتاڀ بچن، زينت امان ۽ تينامنيم جي ھڪ فلم 'پڪار' ھلي رھي آھي. تامل فلمون تہ ڏھاڪو کن سئنيمائن ۾ ھلي رھيون آھن جو ھتي ڏکڻ ھندستان جي تامل ناڊو صوبي جا تامل تمام گھڻا آھن. ھو پنھنجي ٻوليءَ ۾ پنھنجن ڏاڏن پڙڏاڏن جي وطن جون فلمون ۽ اڄ جا حالات ڏسي گدگد ٿين ٿا. آرٽ، ڪھاڻي، فوٽوگرافي، ايڊيٽنگ، پيشڪي وغيره جي لحاظ کان ڪي ڪي تامل فلمون تمام سٺيون بہ ٿيون وڃن ٿيون. ڪي تہ ھندي فلمون تامل فلمن تان ڪاپي ٿيل ھونديون آھن جيئن راج ببر، سميتا پاٽل ۽ ارونا ايرانيءَ جي ھڪ ھندي فلم "پيٽ، پيار او پاپ" دراصل ھڪ تامل فلم جو ھندي روپ آھي ۽ ان جي اصل تامل فلم کي بھترين انعام مليو ھو. پر افسوس رڳو اھو جو تامل فلمن جا ائڪٽر ۽ ائڪٽريسون شڪل ۾ آلو نور آھن. جيڪي ھڪ اڌ سھڻا، سنھڙا ۽ سمارٽ اچن بہ ٿا تہ اھي ھڪدم ھندي فلمن ۾ ھليا وڃن ٿا (جھڙوڪ ريکا، سري ديوي، ڪملا حسن وغيره) ۽ تامل فلمن ۾ وري ساڳيا ڍِبلن جھڙا ائڪٽر وڃيو بچن جيڪي اھڙا آھن جو ٻين زبانن جي فلمن جا ولين بہ ڪي سڌريل ۽ ناھوڪا.

هڪ دفعي پنهنجي دوست آصف کي چيم آئون واندڪائيءَ ۾ ٽي ويءَ تي اينڊڙ تامل فلمون ڏسندو رهان ٿو. سندن ائڪٽر خبر ناهي چو بي سرا آهن.

هي مڃي ئي نہ. چي ائين نہ هوندو. ائين جي هجي ها تہ پوءِ تامل فلمون ايترو مقبول ڇو هجن ها.

چيومانس تہ ان مقبوليت جو سبب ڪهاڻي، آرٽ ۽ تامل زبان ڳالهائيندڙن جي گهڻائي ٿي سگهي ٿي پر ائڪٽرن جي سونهن سوڀيا هرگز نہ.

پر آصف کي يقين ئي نٿي آيو. پوءِ انهن ئي ڏينهن ۾ ملاڪا جي هڪ فنڪشن ۾ پرائمري اسڪول جي هڪ تامل ماستريائيءَ سان عليڪ سليڪ ٿي تہ هن چوٽ ۾ ئي مون کي چيو: "تنهنجي شڪل اسان جي تامل فلمن جي ائڪٽرن جهڙي ٿي لڳي" ۽ پوءِ پر پاسي ۾ ويٺل ماءُ کي خوشيءَ مان سڏي چيو: "امان! الطاف تامل فلمن جي فلاڻي هيرو جهڙو لڳي ٿو نہ!"

چڱو جو آصف ان وقت منهنجي پر ۾ ويٺو هو ۽ سچو لقاءُ ڏسي رهيو هو. تنهن کي رڙ ڪري چيم:

"بس ادا هاڻ تہ ٿئي ئي پڪ تہ تامل فلمن ۾ ڪهڙن مهانڊن وارا ائڪٽر آهن."

منهنجو فوٽو نہ ڪيندين ڇا؟

پاڪستان کان آئي اڃان مهينو کن ڪو مس ٿيو هو تہ هڪ ملئي آفيسر اسان کي شام جو سندس گهر ڪندوريءَ لاءِ سڏايو. هتي گهرن ۾ ياسين سڳوري پڙهائي ويندي آهي. ان بعد آيل مهمانن کي ماني کارائين. ان کي ملئي ماڻهو 'ڪندوري' چون ٿا. ياسين مولويءَ سان گڏ پڙهي ويندي آهي. اسان بہ وياسين ۽ ڊرائنگ روم جو سامان ـ صوفا سيٽ ۽ ٽي وي وغيره هڪ ڪنڊ ۾ پاسي تي ڪري ڇڏيو هئائون. جڏهن سڀ اچي ويا تہ ياسين جون ڪتابڙيون سيني ۾ ورهايو ويون ۽ مولويءَ بسم الله ڪري پڙهڻ شروع ڪيو. اسان بہ سندس پنيان پنيان ڏاڍيان پڙهندا وياسين. پڙهائيندڙ مولوي پر واري مسجد جوئي پيش امام هو، جيڪو جمع نماز بہ پڙهائيندو آهي. ياسين پوري ٿيڻ کان پوءِ ڪجهہ وقت ذڪر هليو ۽ پوءِ دعائون عربي ۽ ملئي ۾ گهريائين. اسان ہڪ ڪٽي آمين ثمر آمين چوندا رهياسين ۽ پوءِ جيئن ئي آخري دعا ختم ٿي تہ ميزبان هڪل ڪري پنهنجن پٽن ۽ ڀائٽن کي ماني لڳائڻ لاءِ چيو. جيڪي سگريٽ بيڙيءَ جا عادي هئا تن پنهنجا سگريٽ ڪڍي دکايا. مولوي صاحب دعائن جا آنڊل ڪتاب هڪبئي مٿان رکي پوٽڙيءَ ۾ ٻڌا. پٽڪو لاهي پاسي تي رکيو ۽ پڙهڻ جو چشمو لاهي ڪيس ۾ وڌو ۽ پري ڏسڻ جو چشمو صاف ڪري اکين تي چاڙهيو. ميزبان جو ننڍو پٽ ان وقت سندس اڳيان لنگهي رهيو هو انهن کي ٻانهن کان جهلي هڪل ڪري چيائين:

"بابا اها ٽي وي تہ آن ڪر. هفتيوار ڊرامي 'منگواني' جي پنجين قسط شروع ٿيڻ واري هوندي."

اهو ٻڌي آصف ۽ آئون ٿورو ڪلياسين ۽ تعجب بہ ڪاڌوسين پر

ڏنوسين تہ بئي ڪنهن ان ڳالهہ جو ذرو بہ نوٽس نہ ورتو. آصف آهستي چيو: ”ملئي ماڻهو ان خيال کان بردبار لڳن ٿا. پاڻ وٽ ڪيترا همراھ اھڙا ملندا جيڪي خود هڪ وقت بہ نماز نہ پڙهندا پر ريڊيو ٽي وي ڏسڻ وارن تي ڪفر جون فتوائون ڏيندا وتندا. هي همراھ جيترو وقت پڙهي رهيا هئا اهو وقت ادب سان عبادت ۾ ئي رڌل هئا. ان بعد دنياداريءَ جي ڳالهين ۾ بہ ايتري ئي شوق سان لڳي ويا.“

————*

هڪ دفعي ملايا يونيورسٽيءَ جو هڪ نوجوان پروفيسر محمد عفيفي نالي، پنهنجي ڪار ۾ اسان کي ڪوالالمپور شهر جو چڪر ڏيارڻ لاءِ وٺي هليو. پاڻ آسٽريليا مان يا شايد انگلنڊ مان انجنيئرنگ جي ڊگري وٺي ويجهڙائيءَ ۾ هتي آيو آهي. ڪپڙن ۽ ميوزڪ جو شوقين ٿي لڳو جو جيترو وقت سندس گاڏيءَ جا ڦيٿا ڪوالالمپور جي رستن تي ڊوڙيا ٿي گاڏيءَ اندر لڳل ٽيپ رڪارڊر جو ڪئسٽ پڻ هليو ٿي. انگريزي ميوزڪ جو هڪ ڪئسٽ ختم ٿيو ٿي تہ ٻيو وڌائين ٿي. ميوزڪ سان گڏ سمورو وقت پاڻ بہ لڏندو رهيو ٿي. صبح ساڻ نيرن ڪري گهمڻ لاءِ نڪتا هئاسين. ڪڏهن هيڏانهن تہ ڪڏهن هوڏانهن. ٻي بجي گهر ڏي موٽڻ وقت رستي تي هڪ گهٽيءَ مان مسجد وٽان لنگهندي هن گاڏيءَ کي يڪدم بريڪ هڻي بيهاريو.

”ظهر نماز جو وقت ٿو وڃي. ترسو تہ پنجن منٽن ۾ پڙهي وٺان.“ ڏاڍي آرام سان هن اسان کي چيو ۽ اڳيان رکيل ٻن ڪتابن ۽ فائيلن جي وچ مان ويڙهيل گوڏ ڪڍي، اتي ئي ڪار وٽ ٻڌي لٿل پتلون کي ڪار جي ڊڪيءَ ۾ اڇلي، مسجد اندر گهڙي ويو.

اهو ڏسي اسان کي بہ شرم ٿيو تہ سچو وقت جنهن کي ماڊرن، هپي، انگريز، ويسٽرنائيزڊ ـــ ۽ الائي ڇا ڇا پئي سمجهيوسين اهو تہ عابد نڪتو ۽ اسان پنهنجي پر ۾ مولوي ٿيو وينا هئاسين تن کي نماز

جهڙو فرض بہ ياد ناهي. اهو سوچي اسان بہ ڪار مان لهي سندس پٺيان پٺيان مسجد ۾ گهڙياسين. جيسين بوٽن جا ڪشا لاهي وضو ڪيوسين ۽ پوءِ پتلون ۾ روايتي نموني ڪنجهندي ڪرڪندي نماز پڙهيسين تيسين هي همراهہ نماز پوري ڪري، دعا بہ گهري، ساڳي مرڪندڙ چهري سان اهو پيو واپس وڃي. پوءِ جڏهن اسين ڪار وٽ پهتاسين تہ ڏسون تہ وري ساڳي مزي سان ڪنڌ ڌوڻيو گانا ويٺو ٻڌي. اسان جي وهڻ تي گاڏي اسٽارٽ ڪري اسان سان ساڳي ڪل مشڪري شروع ڪري ڏنائين.

اسان ڪي هن جي اها آئيڊيا ڏاڍي وڻي تہ هن نماز کي ڪا مصيبت ناهي نہ رکيو آهي. هڪ گوڏ ڪتابن سان گڏ ڪٽيو هلي جتي بہ نماز جو وقت اچي ٿو تہ ٻن منٽن اندر بنا ڪشن وارو بوٽ (سليپر) لاهي گوڏ ٻڌي، پنهنجي پالڻهار کي سجدا ڪريو وٺي. هڪ اسان وٽ، ڪو صاحب نماز تي ويندو آهي تہ چڻ ڪو جڳ تي ٿورو پيو ڪري. نماز بهاني آفيس کان غائب. ڪلارڪ پٽيوالي ڪان سندس ڪٽي پچ تہ چڙب ڏيئي اهڙي رخ سان ٻڌائيندا تہ صاحب نماز تي ويو آهي چڻ ٻئي جي گهر جي ڪريل ڇت کي ٽيڪ ڏيڻ ويو هجي.

هتي پنهنجن ملئي شاگردن کي بہ ڏسندو آهيان تہ ڪلاس رومہ ۾ پاڻ سان گڏ گوڏيون کڻي ايندا آهن. ظهر جي نماز لنچ ٽائيم ۾ پڙهندا يا ٻن پيريڊن جي وچوارن ڏهن منٽن ۾. اڄ ڏينهن تائين ڪنهن شاگرد نماز لاءِ موڪل نہ ورتي هوندي ۽ اڄ ڏينهن تائين ڪنهن شاگرد دير سان اچڻ جو اهو بهانو نہ ڏنو هوندو تہ هن نماز پئي پڙهي ان ڪري هن کي ڪلاس ۾ اچڻ ۾ دير ٿي ويئي.

پنهنجي ڪليگ چيف انجنيئر آصف غيور کي چيم تہ يار ملئي ماڻهن جي مون کي اها ڳالهہ ڏاڍي وڻي ٿي تہ مذهب کي دنيا جي ڪمن ۾، پنهنجين ڪوتاهين ۾، ڊيوٽيءَ کان پچڻ يا گسائڻ ۾ ڪم نٿا آڻين.

آصف غيور جيڪو ڪويت، ابوڌابي، مصر ۽ ٻين عرب ۽ آفريڪا

جي مسلمان ملڪن ۾ پڻ ڪافي رهيو آهي تنهن ٻڌايو تہ هن کي اها ڳالهہ مصرين ۽ ٻين عربن ۾ بہ نظر آئي. هو مذهب کي پنهنجي ذاتي زندگيءَ جو حصو ڪري سمجهن ٿا. نماز جي وقت آفيسر توڙي دڪاندار اتي جو اتي يا ڊوڙ پائي مسجد ۾ نماز پڙهي وري هڪدم پنهنجي ڪم ۾ جنبي وڃي ٿو. اسان وٽ ڪي ڪي ماڻهو نماز لاءِ ايڏيون تياريون ڪندا ۽ ان جي ناليءَ ۾ ايڏو وقت وڃائيندا جو ڄڻ وڏو ڪو معرڪو پيا سرانجام ڏين ۽ ڄڻ پنهنجو فرض پورو نہ پيا ڪن پر ٻين تي احسان پيا ڪن. جي ڪو ڊاڪٽر، سرڪاري اسپتال ۾ آهي، پوسٽ آفيس يا ريلوي اسٽيشن جو آفيسر آهي يا ڪنهن بي اهڙي عوامي اداري جو ڪامورو آهي تہ ويتر هن کي عوام جو احساس نہ ٿيندو. پلي آيل مريض، ڪم ڪار وارا ۽ ضرورتمند پيا سڪن. جيڪڏهن ڪنهن ڪٿي ٻڙڪ ڪڍي تہ 'ڊاڪٽر صاحب اجان ڪونہ ٿو اچي ڪلاڪ ٿي ويو آهي' تہ سندس چمچو ڪمپائونڊر مريضن کي ڇڙٻ ڏيئي چوندو: 'ميان خدا خدا ڪر. تون تہ نماز نٿو پڙهين پر هڪ مسلمان کي بہ پڙهڻ نٿو ڏين.'

هاڻ ويچارو غريب مريض ڪهڙو ويهي بحث ڪري تہ نماز جي ناليءَ ۾ ائين وقت برباد ڪرڻ ۽ ڊيوٽيءَ کان گسائڻ بہ تہ ڪو نيڪ ڪم ناهي.

————*

هڪ دفعي اسان جي مٿري تائيم اڪيڊمي ملائيشيا جي پرنسپال ـ ڪئپٽن حمزي جي گهر ۾ مٽي بيان ڪيل ساڳي ڪندوري (دعوت) ٿي. هن پنهنجي ماءُ جي چاليهي تي دعا لاءِ سيني کي گهرايو هو. ان دفعي ڳوٺ جي مسجد جي مولويءَ بدران ڪوالالمپور کان هڪ وڏو مفتي آيو هو ۽ مهمانن ۾ ڪجهہ ڏاريان آفيسر ۽ سياسي ماڻهو پڻ شامل هئا.

دعا درود بعد جڏهن مانيءَ تي سپ ويٺا تہ آيل فوٽوگرافر فوٽو ڪڍڻ شروع ڪيا. هو اسان جو سڃاتو هو سو اسان رکي رکي ڪيس فوٽن لاءِ پاڻ ڏي پئي سڏيو. انهيءَ دوران مون ڏٺو تہ مولوي صاحب ماني

پئي ڪاڏي تہ لڳاتار فوٽوگرافر ڪي بہ چتائي پئي ڏنو. ڇهري مان ڪجھہ خوش نٿي لڳو. مون آصف ڪي چيو تہ فوٽوگرافر جو اڄ خير ناهي جو هي مولوي فوٽوءَ جي خلاف ٿو لڳي. پاڻ واري فوٽوگرافر هاڻ جي گهٽي ٽرڙيائي ڪئي تہ سڌي دڙڪا ڏيندس.

ٿوري دير بعد فوٽوگرافر وراڻدي ڪان وري ڪمري ۾ آيو تہ مون اشاري سان سڏي ڪيس چيو تہ هاڻ آخري فوٽو اسان جو ڪڍي هليو وڃ ـ ۽ هي همراهہ ڪئميرا بند ڪري وڃڻ وارو هو تہ مولويءَ رڙ ڪري پاڻ ڏي سڏيس.

آصف چيو هاڻ ٿو ست سريون ٻڌائيس ۽ ڪفر جون فتوائون ڏئيس.

مولويءَ جي سڏ تي اسان پاڪستانين جو ٽولو يڪدم ماٺ ٿي ويو ۽ تجسس مان سڀ مولويءَ ڏي ڏسڻ لڳا تہ ڇا ٿو چويس. فوٽوگرافر جڏهن مولويءَ جي ويجهو پهتو تہ مولويءَ چيس:

"منهنجو فوٽو نہ ڪڍندين ڇا؟ رڳو ٻين جا فوٽو ڪڍيا اٿئي."

اهو ٻڌي اسان حيرت ۾ پئجي وياسين جو اهڙا جملا تہ مولوين طرفان نہ ٻڌا هئاسين. ۽ نہ وري ڪنهن وڏي آفيسر ولايت پار ڪان آيل ميوزڪ جي شوقين، هڪ ماڊرن نوجوان کي نماز جي وقت تي بنا ڪنهن هل هنگامي يا وقت ضايع ڪرڻ جي ماٺ مٺوڙي ۾ گوڏ ٻڌي نماز جهڙي فرض جو اڪلاءُ ڪندي ڏٺو هئوسين.

——————*

ملئي ماڻهو شافعي فرقي سان تعلق رکن ٿا. انهن جي هڪ ڳالهہ اها بہ قابل بيان آهي تہ هو عربستان جي وهابين وانگر جنازي کي جهٽ قبر حوالي ڪن ٿا ۽ قبر کي پڪو ڪرڻ يا ان مٿان قبا اڏڻ يا پڙ چاڙهڻ جي نٿا ڪن.

هڪ ائگريڪلچر جي گرئجيوئيٽ ان بابت چيو: "ڇا ضرورت آهي ان ڏيک جي جڏهن مري ويل کي فقط سندس اعمال ئي ڪم اچن ٿا. قبر کي پڪو ڪرڻ يا وڏا قبا اڏائڻ تي خرچ ڪرڻ بدران تہ اهو پئسو

مري ويل جي نالي غريبن ۽ ضرورتمندن ۾ خيرات ڪجي ۽ ان جي حق ۾ دعائون گهرجن تہ اهو سٺو. ٺيرن مٿان ٺبا اڏي، درگاهون ناهي ان ڪي هندن وانگر ديوتا نـاهي پوڄڻ ۽ پنهنجي من جون مرادون ان ڪان گهرڻ هڪ خراب قسم جو شرڪ آهي جيڪو توهان جي نندي ڪنڌ ۾ ڪيترن هندن تي عام آهي پر اسان وٽ ملائيشيا ۾ نہ آهي. جاهل ماڻهو اسان وٽ بہ آهن. هندو ڪلچر جو اسان جي ريجن تي بہ اثر آهي پر اسان وٽ ايتري سمجهہ آهي تہ اهي غير اسلامي ڳالهيون آهن ۽ شرڪ سڀ ۾ خراب شيءِ آهي."

رستن تي چڪر...

تنڪو عبدالرحمان روڊ تي چڪر هڻڻ بعد جالان (شاهراهه) بڪت بنتانگ ۽ جالان سلطان اسماعيل جهڙن رستن تي پڻ ڦيرو پائڻ انوکي دنيا ڏسڻ ۽ وقت گذاري لاءِ سٺي وندر آهي. بڪت بنتانگ روڊ تي فيڊرل هوٽل، ملائيشيا هوٽل ۽ سنگائي هوٽلون آهن ۽ ساڄي روڊ تي سنگ وانگ پلازا، امبي پلازه ۽ بڪت بنتانگ پلازه تمام وڏا شاپنگ سينٽر آهن. سلطان اسماعيل روڊ تي پڻ هتي جون تمام وڏيون هوٽلون هڪ ٻئي پرسان يا هڪ ٻئي پٺيان آهن. جهڙوڪ: مرلين، ريجنٽ، هلٽن، اڪيٽوريل، امپيريل، منڊارن، هاليڊي ان ۽ ٽورو اڳيان پلازه هوٽل - جن جي فقط عام روم جي هڪ رات لاءِ مسواڙ ڏيڍ سؤ کان ٻه سؤ کن ڊالر آهي.

پرواهه ناهي. پاڻ رهيل ڪٿي ڪنهن سستي هوٽل ۾ آهيون پر هي وڏيون هوٽلون مفت ۾ ڏسي ته سگهجن ٿيون. اندر سندن رسيپشن هال، لائونج ۽ شاپنگ آرڪيڊ وارا حصا - ۽ انهن ۾ پٽ تي وڇايل ٿلهي ٻُر وارا غاليچا، ڇت ۾ ٽنگيل بلبن جا ڇٽ (Chandelier)، وهڻ لاءِ اوچي ڪاٺ، عاج ۽ گاديلن جا صوفا سيٽ ۽ خدمت لاءِ هيڏانهن هوڏانهن ڦرندڙ سنهڙيون ۽ سمارٽ چيني ۽ ٿلهيون صحت مند ملئي ڇوڪريون.

پلا پيو ڪجهه نه ته انهن هوٽلن جو باٿ روم ته استعمال ڪري سگهجي ٿو. ٿَڪُ پچڻ لاءِ رسيپشن ۾ رکيل ڪوچن تي ڪجهه دير ويهي هوٽل وارن کي منجهائڻ لاءِ ڏيک ڏيئي سگهجي ٿو ته هوٽل ۾ رهندڙ ڪنهن همراهه جي اچي ملڻ لاءِ توهان انتظار ڪري رهيا آهيو.

پر جي توهان سرڪاري يا پنهنجي آفيس جي خرچ تي يا ڪنهن دولت مند واپاريءَ جي خرچ تي، سرڪاري دوري، ميٽنگ، سيمينار يا

واپاري وزٽ تي انهن وڏين هوٽلن مان ڪنهن ۾ رهيل آهيو ته پوءِ چٽنيج خاطر انهن وڏين هوٽلن کي ڇڏي پر وارن رستن تي ڪنهن عام پر گراهڪن سان پريل چيني. ملئي يا انڊين جي ننڍي هوٽل ۾ ماني کائي سگهو ٿا.

هڪ دفعي 'يونيورسٽي ٽيڪنالاجي ملائيشيا' جي سيمينار ۾ پيپر پڙهڻ لاءِ سندن ئي فل خرچ پکي ۽ دعوت تي فيڊرل هوٽل ۾ رهيو هوس. هڪ ڏينهن شام جو وقت گذارڻ ۽ ڪوالالمپور شهر جي رستن جو جائزو وٺڻ لاءِ پر واري رستي 'بکٽ بنتانگ روڊ' جي هڪ هڪ دڪان، هوٽل، ريسٽورنٽ، مساج گهر، ڊسڪوٽي ڪلب، سوشل ايسڪورٽ روم مان ليئو پائيندو، مختلف ڏيون (ڪٽي چيني رڌپچاءَ جون، ڪٽي ملئي ساتي گوشت ترجڻ جون، ڪٽي رنڊين نما مساج گرلس جي سستي ۽ ردي ميڪ اپ جون ته ڪٽي چيني دوائون ۽ دورئين ميوي جون) سونگهيندو ۽ انهن ئي هنڌن تي بتين جي روشني (ڪٽي هلڪي رومانٽڪ، ڪٽي جنگ جي قيدين کي چريو بنائڻ جهڙي پنج سؤ والٽن جي بلبن جي، ڪٽي ڳاڙهي چڪلي جي ڏيک جي ته ڪٽي جهرمٽ ڪندڙ رنگين مرچن جي) ڏسندو بکٽ بنتانگ روڊ جي پوڇڙ وٽ جتي سلطان اسماعيل روڊ ڪراس ٿو ڪري، 'ملڪ - ريسٽورانٽ' نالي هڪ هوٽل ۾ اچي ماني کاڌم. هيءَ هوٽل حيدرآباد جي اسٽيشن روڊ ۽ اسٽيشن واري علائقي وارين هوٽلن جهڙي، هڪ مسلمان ملباريءَ جي هئي. در وٽ ئي روايتي دخل هو جنهن مٿان قرآن شريف جون آيتون ۽ ان پويان هوٽل جي مالڪ حاجي سليمان طرفان رکيل، وڏي ڏاڙهيءَ وارو مئنيجر حاجي عمر گراهڪن کان کاڌي جا پئسا اوڳاڙي رهيو هو. ڪنڌ تي رکيل جپاني ڪمپني سانيو جو ٽيبل فئن، فل اسپيڊ سان، سندس مٿي ۽ ڏاڙهيءَ جا وار ايئن اڏائي رهيو هو جيئن هالي ووڊ جي فلمن ۾ بيابانن يا سمنڊن تي لڳل طوفانن جو Effect ڏيکاريندا آهن. لائوڊ اسپيڪر تي فل آواز تي تامل گانو: 'انانڪانتواريڪرين نان - نوريرين' هلي رهيو هو. دخل اڳيان، گراهڪن جي ڏند کوٽڻ لاءِ نغارن تي وڇت

وارن ڏونڪن جهڙيون Tooth- Picks رکيل هيون. انهن مان هڪ ٽٽ پڪ سان هڪ ٿلهو متارو تامل ڏندن مان ڦاٿل ڪڪڙ يا ڍڳي جي گوشت جا ريشا ٻه ڪڍي رهيو هو ته پر ۾ رکيل ڏهه سينٽ وجهي ڳالهائڻ واري پبلڪ فون تان زور زور سان ڳالهائي رهيو هو. جيتوڻيڪ هو لائوڊ اسپيڪر واري ڳاني ڪان ٻه وڌيڪ زور سان ڳالهائي رهيو هو پر مون لاءِ اهو ڄاڻڻ مشڪل هو ته آيا هو تامل ۾ پيو ڳالهائي يا مليالم ۾. يا ٿي سگهيو ٿي ڏکڻ هندستان جي اڃان ٻه ڪا ٽين ٻولي ڳالهائي رهيو هجي. سندس رڙين سان وارو ونائيندڙ رڙيون ٻئرن جون هيون جيڪي رکي رکي آيل گراهڪن جي پسند جو ڊش پريان ڪنڊ ۾ بيٺل بورچيءَ کي ٻڌائي رهيا هئا.

هوٽل جي مالڪ/ مئنيجر ڪان گهٽو ئي چاهيم ته انٽرويو وٺان پر ٻاهر ويندي ٿاٿي ٻه هي گوڙ شور برقرار هو. ۽ اهو گوڙ شور ئي ان وقت مون لاءِ هڪ نواڻ هو. فيڊرل هوٽل جي پرسڪون ۽ خاموش ماحول بعد هن ’ريستوران ملڪ‘ (Restoran Malek) جي هنيوچيءَ سچ ته ڏاڍو مزو پئي ڏنو ۽ بيحد هوملي محسوس پئي ڪرايو. ويتر جڏهن ٻئري ٻوڙ مانيءَ سان گڏ سٽين هٿن سان پاڻيءَ جا ٻه گلاس اچي اڳيان ٽيبل تي هنيا ته واقعي لڳو ته بنا ٽڪيٽ جي ان رات حيدرآباد جي حبيب هوٽل، زميندار هوٽل، سلطان هوٽل، نعمت ڪده، ڪراچي هوٽل، جارج هوٽل ـــ يا تلڪ چاڙهيءَ ۽ سول اسپتال جي آسپاس واري ڪنهن اوپن ايئر هوٽل ۾ پهچي ويو هجان. پيٽ پري ماني کاڌم پر جنهن ڳالهه لاءِ اندر گهڙيس ته هن هوٽل جي هلائيندڙن سان ڳالهه ٻولهه ڪريان، اهو پيٽ جو سور نه لهي سگهيو. مئنيجر ڪان وٺي بورچي ٻئرا فقط تامل، مليالم ۽ ملباري زبانون ڳالهائي سگهيا ٿي. اڙدو/ هندي يا انگريزي هنن لاءِ فارين لئنگئيج هئي.

اها سا خبر پيئي ته ڪوالالمپور ۾ هن هوٽل جون ٽي شاخون آهن. ٻه ته ان ئي روڊ تي ۽ ٽين سلطان اسماعيل روڊ تي. هن هوٽل جي خاص ورائٽي (ماني)ـ برياني، ٻوڙ ۽ ماني آهي ـ جيڪا مون کي ته تمام

گهڻو وڌي ـ شايد بک ڪري يا وطن کان گهڻو عرصو پري رهڻ ڪري. يا شايد نهيل ئي ڪا سَني هئي. اگهہ پڻ مناسب هئس. شيراز ۽ اڪبر جهڙين هوٽلن کان بہ سستي هئي ـ شايد ايئرڪنڊيشنڊ نہ هجڻ ڪري لائيٽ جي بل ۾ بچت ٿيندي هجين. پر آيل گراهڪن کي ’انانڪا تنو اريڪرين نانئور پرين‘ ڳانو ٻڌائڻ لاءِ لائوڊ اسپيڪرن تي ڪجهہ تہ لائيٽ جو خرچ ضرور ٿيندو هوندن.

اتان نڪري ساڄي ڪاٻي وهندڙ رستي جو ڪاٻو پاسو ورتم جيڪو سلطان اسماعيل روڊ آهي. جنهن تي ان وقت وڏا اسٽور ۽ دڪان رات جو بند هجڻ ڪري، ماڻهن جي رش گهٽ هئي ۽ مانيءَ بعد واڪ ڪرڻ لاءِ غنيمت هو. ان وقت رات جا ڏهہ تي رهيا هئا. سڄي ڏينهن جي ٿڪ ڪري ننڊ بہ ڏاڍي پئي آئي. سڄو ڏينهن ڪا ڪوڙر نہ هنئي هيم. پر يونيورسٽي جي ليڪچر هال ۾ مختلف شهرن ۽ ادارن کان آيل مهمان انجنيئرن جا پيپر ٻڌا هيم ۽ پنهنجو پڙهيو هوم. جنهن جو عنوان هو ”ملائيشيا جا جهازسازيءَ جا ڪارخانا“. مضمون ڪو خاص دلجوئي يا سچائيءَ سان نہ لکي سگهيو هوس. جنهن جو احساس هوم. ڪنهن ٻئي جي ملڪ ۾ رهي ان جي ڪنهن نازڪ مسئلي بابت لکڻ ۾ ڪيتريون ئي ڳالهيون گول مول ڪرڻيون پون ٿيون جيئن متان ڪا تڪڙ ۾ لکيل ڪساري حقيقت ڪنهن کي ڏکوئي وڃهي. يا وري گهڻو تعريفي ٿيڻ ڪري ان کي ڪو چمچاگيري سمجهي. گذريل ڏينهن جون اهي ڳالهيون سوچيندي سوچيندي ڪافي اڳتي نڪري ويس. رستي جي ٻئي پاسي جهاز جي شڪل جهڙي هڪ بار نما ريسٽورنٽ هئي. جهاز جڏهن بہ پورٽ ڪلانگ ايندو هو تہ ڪيترائي خفتي اچي هتان نڪرندا هئا. خاص ڪري يوربي جهازين جي هيءَ دلپسند جڳهہ هوندي هئي. هن وقت اها منهنجي سامهون هئي.

رستو ٽپي هوٽل اڳيان اچي بيٺس جنهن جي ٻاهرين پٽ مان ڪاٺ جي جهاز جو اڳيون حصو (فاڪسل) ٻاهر نڪتل هو جنهن جي ٻنهي پاسي پتل جو پالش ٿيل لنگر لڙڪي رهيو هو. جنهن بہ ان اسٽائيل جي

هوٽل نهرائي آهي، ان جي آئيڊيا تعريف جوڳي آهي.

ريسٽورنٽ جي مٿان ڪا آفيس آهي، جو هڪ ٻه ڇوڪريون ٽپ ٽاپ ڊريس ۾ اندر وڃي رهيون هيون ۽ اهڙي هڪ جٽي ڪنهن انگريز سان گڏ ٻاهر نڪري رهي هئي. ان تي سوچڻ بجاءِ پٽل جي لنگر ڪي غور سان ڏسڻ لاءِ ويجهو ٿي ويٺس. ايتري ۾ هڪ پريل جسم جو قداور همراهه منهنجي پرسان اچي ويٺو. هڪ ئي نظر سان سمجهي ويس ته تامل ته نه آهي جو هڪ ته قداور آهي ۽ ٻيو ته رنگ ۾ به بنهه ڪارو ناهي. هو مون سان بلڪل لڳي ويٺو. مون کي لڳو ته هو مٿان لٿو آهي سو ڪجهه ڳالهائڻ خاطر انگريزيءَ ۾ پڇيومانس ته مٿي اهو ڇا آهي: آفيس يا ڪو مساج گهر.

”نه سر. Escort ايجنسي آهي. ساٿ ڏيڻ ۽ گڏ گهمڻ ڦرڻ لاءِ مسواڙ تي ڇوڪريون آهن. تمام مهنگيون. في ڪلاڪ جا ٽيهه ڊالر مسواڙ. ڪيسو ان کان علاوه ٿيون ڪٽين.“ هن سڄي ڳالهه انگريزيءَ ۾ ٻڌائي پوءِ اڙدوءَ ۾ پڇيو:

”هندي آتي هے؟“

”آتي هے.“ وراڻيومانس.

”ٽئڪسي گهرجي ـ؟“ هاڻ اسان اڙدو/ هنديءَ ۾ ڳالهائڻ لڳاسين. بلڪ هن جي هنديءَ مان لڳو ٿي ته پنجاب يا هريانا صوبي جو آهي.

”نه. تون ٽئڪسي ڊرائيور آهين ڇا ـ؟“ مون پڇيومانس.

”ها. فرسٽ ڪلاس جڳهين جي خبر اٿم.“ هن نهه پهه وراڻيو. هيترا سال جهازن تي رهي پوءِ به پاڻ کي ان حد تائين اڻ ڄاڻ ۽ ابوجهه سمجهڻ اجائي ڳالهه هئي. سمجهي ويس ته ڪهڙي قسم جو ماڻهو آهي (يعني پڙوو آهي) ۽ سينڌ ۾ کهڙي مارئي پيو ڳائي. (هن ڇوڪريون سپلاءِ ڪرڻ جو ڪم ڪيو ٿي).

ڪانئس سندس نئشنلٽي (ملڪ) پڇيم ته ڪوڙ ٻڌائين ته ’هو پاڪستان جو آهي‘. اهو ان ڪري جو ڳالهائڻ ۾ جيتوڻيڪ هندي ۽ اڙدو هڪ جهڙيون ٻوليون آهن پر ڏڌهن به ڪي ڪي لفظ اهڙا آهن جي

فقط اڙدوءَ ۾ آھن يا هنديءَ ۾. سو جيئن آئون ڪيس سمجهي ويس تہ هو پنجابي اندين آهي تيئن هو بہ منهنجي ڳالهائڻ مان سمجهي ويو تہ آئون هندي نہ پر اڙدو پيو ڳالهايان ۽ ظاهر آهي پاڪستاني هوندس. مون کي اعتماد ۾ سوگهو ڪرڻ لاءِ هن جي اها اتڪل سٺي هئي تہ هو پاڻ کي منهنجي ئي ملڪ جو سڏائي. مونکي راضي ڪرڻ لاءِ هو منٿون ڪرڻ لڳو تہ آئون هن سان هڪ واريءَ هلي ڇوڪريون ضرور ڏسان ۽ پنهنجي سستي هجڻ جو ثبوت ڏيڻ لڳو تہ بہ سؤ ڊالر تمام گهٽ اگهہ آهي.

هن ڪان اونداهي دنيا جون ڪيتريون ئي ڳالهيون پڇي سگهجن ها پر هڪ تہ تڪل هوس پيو تہ هو مون کان سگهارو هو. سوال جواب ڪرڻ جا بہ چوي ها تہ چڏاءِ پنجاهہ ڊالر. ۽ آئون ٻوڙ ماني کائڻ ۽ چانهہ پيئڻ بعد کيسي ۾ باقي بچايل بہ ڊالر ستر سينٽ کٽي کهڙيون ليلائون سرچائي تي سگهيس ۽ کهڙي ريسرچ يا ٿيسز مڪمل ڪرٽي هيم جنهن لاءِ هرويرو سوال ويهي ڪريانس ها. جان ڇڏائڻ لاءِ چيومانس:

آئون پنهنجي دوست کي ڏسڻ لاءِ هيڏانهن اچي نڪتو آهيان. آئون ڪو ڌاريون پرديسي، جهازي يا ٽوئرسٽ نہ آهيان. آئون هتي ئي رهان ٿو. "Saya Tinggal Di Sini". کيس پڪ ڏيارڻ لاءِ آخر ۾ ملئيءَ زبان ۾ ٻڌايومانس. ان بعد لڳو تہ هو ڪجهہ ڍرو ٿيو. کيس ٻڌتر ۾ مبتلا رکي آئون ان بار نما ريسٽورنٽ 'Ship' ۾ اندر گهڙڻ وارو هوس تہ هن تجسس پيدا ڪرڻ لاءِ آخري ڪوڙڪو استعمال ڪيو.

"مسٽر! هڪ پاڪستاني ڇوڪري بہ سجاڳان. واهہ جي آهي. يقين ڪريو هڪ دفعو هلي ڏسو تہ سهي. يا ڪجهہ دير ترسو اچڻ واري هوندي."

مون هن ڏي ٽوڪ واري نموني ڏسي مرڪيو. هن ان جو مطلب ڇا سمجهيو۔ نٿو چئي سگهان. يا ٿي سگهي ٿو تہ هن بہ اهوئي سمجهيو تہ آئون چئي رهيو هجانس تہ "گشا پيو هٽين."

کيس ٻاهر ڇڏي آءٌ اندر بار ۾ گهڙيس. اندر گهڙڻ سان سگريٽن جي دونهين ۽ بار گرلس آڌرڀاءُ ڪيو. چوڌاري ٽيبلون سڀ ڀريل هيون جن

تي ملڪ ملڪ جا اسان جا جهازي پائر وينا هئا. ڪن ڪن ٽيبلن تي هتي جون چيني ڇوڪريون پيئڻ ۾ سندن ساٿ ڏيئي رهيون هيون. اڌ ڪان وڌيڪ جهازي يورپ ۽ آمريڪا جا گورا هئا. ڪجهہ اتر آفريڪي ملڪن يا گلف جي رياستن جا عرب لڳي رهيا هئا.

ايئرڪنڊيشنڊ هوٽل جي ٽڏڪار پَسي دل اتي ئي ويهي ٿوري دير ٽڪ پچڻ لاءِ چيو. ٻاهر مينهن وسڻ کان اڳ واري گهٽ ۽ گرمي هئي. هڪ ٽيبل تي ويهي ڪوڪاڪولا جو آرڊر ڏنم ۽ ساڳي وقت ڪيسي ۾ هٿ وجهي پڪ ڪيم تہ ٻہ ڊالر ستر سينٽ تہ موجود آهن يا ٻاهر واري شاهينگ ڳالهين ڪندي ڪيسو ڪٽي ورتو.

اوسي پاسي جي ٽيبلن تي ويٺل ٻہ چار ڇوڪريون اکين مان منهنجي ٽيبل تي اچڻ لاءِ لامارا هڻڻ لڳيون پر جيئن ئي ٻئري وسڪيءَ جي پيگ ٻدران نوٽ جيڏي ڪوڪاڪولا جي بوتل منهنجي اڳيان آڻي رکي تہ انهن ۽ ٻين نهارڻ بہ ڇڏي ڏنو. ظاهر آهي بار ۾ ويهي مهنگي شراب ٻدران ڊالر يا سوا ڊالر جي ڪوڪاڪولا پيئڻ معنيٰ پنهنجي ڪنلپٽي جو ڪليو ڪلايو اعلان ڪرڻ ٿيو جيڪا ڳالهہ نہ هوٽل جي مالڪ کي وڻي سگهي ٿي ۽ نہ سندس رکيل ڪم ڪار ڪندڙ ڇوڪرين کي. بهرحال هنن کي ڪهڙي خبر تہ جنهن ماڻهوءَ جي پنهنجي رهائش ۽ کاڌي پيتي جو بار ٻئي ٻيا ڪڻيو پيا هلن اهو ٻين جو ڇا ڪٽي سگهندو. پنهنجي خرچ تي 'ملڪ هوٽل' ۾ ڊنر ۽ هتي ڪوڪاڪولا پي اهوئي وڏو ڪم ڪيم جو چاهيان ها تہ اهي پئسا بہ بچائي رهائش واري هوٽل ۾ دعوت مطابق، پنهنجي ميزبان يونيورسٽي ملائيشيا جي ڪنڌي ۾ رات جي ماني بہ اتي کائي وٺان ها.

خير سائين، بڪت بنتانگ ۽ سلطان اسماعيل روڊن تي گذريل ٻن ٽن ڪلاڪن جي هلچل بعد هن هوٽل جي ايئرڪنڊيشنڊ هال ۾ فرحت وٺندي مزو اچي رهيو هو. ان هال کي صحيح معنيٰ ۾ تہ ايئرڪنڊيشنڊ چئي نٿو سگهجي جو اسان جي ٽيڪنيڪل ٻوليءَ موجب ايئرڪنڊيشنڊ ڪمرو معنيٰ اهو ڪمرو جنهن ۾ مشين ذريعي هوا کي بهتر ۽ دل وٺان

ڪيو وڃي يعني ٻاهر جي گهٽي ٿڌ هجي تہ هوا ڪي گرم، ۽ جي گرمي هجي تہ ان کي ٿڌو ڪري نہ فقط وٽندڙ Pleasant ٽيمپريچر تي آندو وڃي پر هوا مان دز، دونهون ۽ ٻيون اڻ گهربل شيون ڇاڻي صاف ڪيو وڃي. ۽ ان ڪان علاوه هوا ۾ موجود گهم (Humidity) کي گهٽائي يا وڌائي هڪ اهڙي مقرر حد تي آڻجي جيڪا صحت لاءِ بهتر هجي. سو ان حساب سان هن بار نما هوٽل کي فقط ٿڌو Cool ڇٽي سگهياسين ٿي جو دز ۽ سگريٽن جو دونهون ايڏو هو جو هوٽل ۾ ڪم ڪندڙ بار گرلس کي خبر ناهي هيستائين ٽي بي لڳي چڪي هئي يا پڪ لڳڻ واري هوندي.

بہ چار ڍڪ ڪوڪا ڪولا جا پي ٻاهر مليل پـڙوي تي سـوچڻ لڳس تہ ڪيڏو استاد آهي. ملائيشيا هڪ اهڙو ملڪ آهي جنهن ۾ پاڪستاني تمام ٿورا ۽ ڳڻيل چونڊيل رهن ٿا جن جي باعزت ڌنڌي ڪان هرڪو واقف آهي. پر اها تہ تي مون کي يا انهن کي خبر جيڪي هتي ڪافي عرصي ڪـان لڳاتار رهيل آهن. باقي گـهمڻ لاءِ ڏينهن اڌ لاءِ آيل پاڪستاني تہ تجسس ۾ پئجي ويندو. جيئن گهٽو اڳ يوربي ۽ آمريڪي جهازي چوندا هئا تہ ڪراچيءَ ۾ هر مشـهـور اسـڪـول، ڪاليج ۽ يونيورسٽي جي ڇوڪري جسم جو سودو ڪري ٿي.

ٿيندو ڇا هو جو استاد پڙوا ڪراچيءَ جي هوائي اڏي ۽ بندرگاهہ تي آيل گورن ٽوئرسٽن کي هرڪائڻ لاءِ سندن وڏن وڏن انگريزي اسڪولن جا نالا وٺي انهن جون ڇوڪريون آڻڻ لاءِ چوندا هئا ۽ پوءِ ڇڪلي مان نڪتل رنڊين کي ان اسڪول/ ڪاليج جو يونيفارم پارائي پيش ڪندا هئا. ان سلسلي جو جهازن تي هڪ قصو مشهور پڻ هو. هڪ پيري گوري (انگريز) جڏهن دلال سان اعتراض ڪيو تہ هيءَ ڪهڙي ڪانوينٽ اسڪول جي ڇوڪري آندي اٿئي جنهن لاءِ تو تہ چيو هو تہ سينئر ڪئمبرج ۾ آهي پر ڄاڻي تہ انگريزيءَ جو هڪ لفظ بہ ڪانہ ٿي. تہ پڙوي انگريز گراهڪ کي ٿڌو ڪندي چيو هو: "سر ڇا ڪجي ڪانوينٽ اسڪولن جي تعليمي زبان (Medium of Instruction) پنجابي ٿي ويئي آهي."

اهڙي ئي قسم جو هڪ اسڪئنڊل گذريل مهيني هتي ملائيشيا جي اخبارن جي پهرين صفحن جي سرخي هو. آسٽريليا جي شهر ڪئنبرا لاءِ اشتهارن ۽ خبرن ذريعي مشهور ٿي رهيو هو ته اتي Girl- Escort جي نالي ۾ هلندڙ هڪ چڪلو پنهنجي گراهڪن لاءِ دنيا جي هوائي ڪمپنين جون ميزبان ڇوڪريون (ايئر هوسٽسون) مهيا ڪري ٿو. جنهن ۾ ملائيشيا جي هوائي ڪمپني ايم. اي. ايس پڻ اچي وڃي ٿي.

ظاهر آهي ته ان هوائي ڪمپنيءَ جا واسطيدار اهو ٻڌي تعجب ۾ پئجي ويا ته هيڏي ڊسپلين، پگهار، سهوليت ۽ نيڪنامي هوندي اهو ڪيئن ٿي سگهي ٿو ته ملائيشيا جون ايئر هوسٽسون پاڻ کي بدنام ڪن. ان سلسلي جي جانچ ۽ تفصيل حاصل ڪرڻ لاءِ هتي جي اخبار پنهنجو هڪ نمائندو ڪوالالمپور کان ڪئنبرا اماڻيو. جتي پهچي هڪ وڏي هوٽل مان ان ڇوڪريون مهيا ڪندڙ ايجنسيءَ کي فون ڪيو جن واقعي تصديق ڪئي ته هو ملائيشيا جي ايئر ڪمپنيءَ جون ايئر هوسٽسون پڻ سپلاءِ ڪن ٿا. هن هڪ اهڙي ايئر هوسٽس سان رات گذارڻ لاءِ جڏهن پڇيو ته هنن ڪيس هائوڪار ڪندي چيو ته شام ڌاري ڪوالالمپور کان ايندڙ ايم. اي. ايس جي اڏام اچڻي آهي ۽ ڏهين بجي ڌاري ان جي ايئر هوسٽس سندس ڪمري ۾ پهچي ويندي.

”پوري ڏهين بجي،“ اخبار جي نمائندي بعد ۾ اهو احوال اخبار ۾ ڏنو، ”ملائيشيا جي هوائي ڪمپنيءَ جو يونيفارم پهريل ايئر هوسٽس ڏسي مون کي ڏاڍو تعجب لڳو جو شام تائين آئون خاطري ڪري چڪو هوس ته نه ان ڏينهن ۽ نه وري به ڏينهن اڳ تائين ملائيشيا جي اڏام ڪئنبرا آئي هئي. بهرحال فئنسي ڊريس ۾ ان ايئر هوسٽس پهرين سوال جي جواب ۾ اهو ضرور ٻڌايو ته هوءَ ڪوالالمپور جي رهاڪو آهي پر جڏهن ڪانئس ڪوالالمپور بابت ٻه چار سوال پڇيم ته خبر پيئي ته هن کي ڪوالالمپور جي اهم رستن ۽ عمارتن جي ته خبر نه آهي پر اها به خبر نه اٿس ته ڪوالالمپور جي هوائي اڏي جو نالو ڇا آهي ۽ اهو ڪٿي آهي.“

سو ان متئين ڪهاڻيءَ وانگر ٻاھر مليل همراھ جي ڪهاڻي بہ فراڊ لڳي رهي هئي. پر تنهن هوندي بہ خاطريءَ سان اهو چوڻ صحيح نہ هو تہ آيا هو سچ ٿو چوي يا ڪوڙ.

ڪوڪا ڪولا پي ڪجھ دير بعد ٻاھر نڪتس تہ ساڳيو همراھ وري اچي منهن پيو ۽ مال جو اڳھ گهٽائڻ ڪان علاوه مون کي ترسڻ لاءِ چوڻ لڳو جو ان پاڪستاني ڇوڪريءَ جي اچڻ جو وقت ٿي چڪو هو. جان ڇڏائڻ لاءِ آئون سائس ائين ڳالهائڻ لڳس جڻ اندران گهٽو پي اچڻ ڪري سندس پهرين جون ڳالهيون ياد نہ هجن. بندر روڊ جهڙي ڊبل وهندڙ رستي جي ٻئي پاسي کان رستو ٽپڻ وارن ماڻهن جي ميڙ ۾ هڪ سنهڙي ڪمزور ڇوڪري، ڪاري رنگ جي سوڙهي پجامي ۽ ڇريل ڪڙتي ۾ موٽرن لارين جي بيهہ گهٽجڻ جو انتظار ڪري رهي هئي. مون ان ڏي نهاريو. ان ئي وقت هن قداور ۽ صحت مند دلال جي نگاھ پڻ هن تي پيئي. هڪدم پنهنجا هٿڙا ڏند ڪڍي خوشيءَ مان چيائين: ”اها پيئي اچي پاڪستاني ڇوڪري.“ ۽ پوءِ هٿ جي اشاري سان هن کي سڏيو ۽ پنهنجي موجودگيءَ جو ٻڌايو. هوءَ رستو ٽپي اسان ڏي اچي ان کان اڳ آئون جان ڇڏرائي، پنهنجي هوٽل ۾ وڃڻ لاءِ اهوئي رستو ٽپي هن پاسي کان وڃي نڪتس. ان ڇوڪريءَ وٽان لنگهڻ مهل ’هيلو‘ ڪري اڙدوءَ ۾ پڇيومانس:

”آپ کا نام کیا ھے ؟“

”رجني ڪور.“

”آپ پاکستان کي ھين؟“

”نھين تو. جيپور کي.“

ايتري ۾ ٽرئفڪ وري گهٽ ٿي. هوءَ پنهنجي نئل ۽ زماني جي ستايل جسم کي ڪوالالمپور جي هن روڊ تان گهلي ٻئي پاسي کان وڃي نڪتي. مون همراھ ڏي پٺيان مڙي هڪ نگاھ وڌي. هو خارن مان مون کي ڏسي رهيو هو. جڻ سندس ڪا چوري پڪڙي ويئي هجي. وس پڄيس ها تہ جهيڙو ڪري ها يا پري کان بيهي گارگند بہ ڪري ها پر ان

ئي وقت هوٽل مان هڪ بنگالي همراهہ نڪتو تنهن سان ڳالهائڻ ۾ لڳي ويو. پڪ ڪيس اهو چئي رهيو هوندو تہ هڪ بنگلاديش جي ڇوڪري آهي. اي ون. بہ سؤ ڊالر رات جا... وغيره وغيره.

پورن ڇهن مهينن کان پوءِ هڪ ڏينهن اخبار جي هڪ ننڍڙي خبر تي نظر پيئي: ”زال کان خراب ڌنڌو ڪرائيندڙ گرفتار.“ شريمتي رجنيءَ پنهنجي ظالم مڙس کي گرفتار ڪرايو، جنهن سان هو گذريل سال انڊيا ۾ اهو چئي شادي ڪري آيو هو تہ هو هتي هڪ وڏي پگهار وارو آفيسر آهي. چيو وڃي ٿو تہ ستيش داس هن کان اڳ بہ اهڙي دوکي بازيءَ سان انڊيا جي ڪيرالا ۽ بهار رياست مان بہ ڇوڪريون وٺي آيو هو...“ وغيره وغيره. خبر جي آخر ۾ سندس فوٽو ڏنل هو.

"ملئي ماڻهو مٺاين جا شوقين"

ملئي ماڻهن لاءِ چيو وڃي ٿو ته هو کائڻ پيئڻ جا شوقين آهن. ملائيشيا ۾ ڇپي ڇپي تي ننڍين وڏين هوٽلن ۾ ملئي ماڻهن کي سڄو ڏينهن چاهه سان کائيندو ڏسي ڌاريون ماڻهو ان ڳالهه جو پهرين ڏينهن ئي اندازو لڳائي سگهي ٿو. پر هڪ ڳالهه آهي: ملئي ماڻهو گوشت جا ايڏا شوقين ناهن جيترا عرب. ملئي ماڻهن جي شاديءَ ۾ به ايترو گوشت نظر نه ايندو. چئن پنجن ماڻهن لاءِ هڪ ڪڪڙ جي فراءِ ٽنگ، ساسر ۾ ٿورو ڳائي جو ٻوڙ، ان سان گڏ ڦڪرو پٽ ـ پاڻيءَ ۾ رڌل، انناس جو مٺو ٻوڙ، پاڻيءَ بدران شربت جو جڳ ۽ حد کان وڌيڪ مٺي جيليءَ جي ٿالهي پريل.

عرب به ملئي ماڻهن وانگر گهٽو ٽا کائين. پر عرب غربت جي ڏينهن ۾ به ـ جڏهن اڃان پيٽرول جو پئسو عام نه ٿيو هو ته، گوشت جام کائيندا هئا. پوءِ اها بي ڳالهه آهي ته اڄ وانگر سئيڊش ۽ ڊينش فروزن (ٿڌيون) ڪڪڙيون، آسٽريلين بيف (ڳائو) ۽ نيوزيلينڊ جون رڍون کائي نه سگهندا هئا ته اٺ مان ئي وارا ڇمارا ڪندا هئا. اٺ جو ڪواب ته اڄ به عرب دنيا ۾ جام هلي ٿو. ملئي ماڻهو مٺاڻ کي گهٽو پسند ڪن ٿا. ان ڪري جپان، ڪارن سان گڏ چاڪليٽ، ٽڪيون ۽ بسڪيٽ به ملائيشيا ايڪسپورٽ ڪري ٿو. آمريڪا ڪمپيوٽر سان گڏ مٺيون چٽنيون، آچار ۽ ڏاٽيون به ملائيشيا موڪلي ٿو. گهٽي مٺاڻ، چانور ۽ بيضي مکڻ ڪري هتي جا ماڻهو قد بت کان وڌيڪ ٿلها ۽ ڦيڦا ٿي پيا آهن. ملئي ڪوبه هٽ، ڪنڊ، اٽي، ناريل ۽ چانورن بنا نامڪمل آهي. ڪيڪ، پيسٽريون، بسڪٽ، ڊونٽ، ڪوئيح يا ٻيون اهڙيون شيون جنهن ۾ اٽي، ناريل جي کير يا ڪاتر، بيضي، ڪنڊ ۽ پٽ جو واهپو گهٽو

هجي، اها شيءِ ڪوالالمپور، ڪوالاترينگانو، ڪوتا بارو، اپوح جهڙن شهرن جي گهٽين کان وٺي لبوڪ چينا، ڪُلائي، لِنگي ۽ الور گاجا جهڙن ڳوٺن ۾ عام ملندي.

اتي ڪي ملئي زبان ۾ تپنگ ٿا چون. ۽ تپنگ گندم (ڪڻڪ جي اٽي) کان علاوه تپنگ بيراس (چانورن جو اٽو) پڻ هتي جي مٺاين ۽ کاڌن ۾ استعمال ٿئي ٿو. هتي جا ماڻهو ڪوشش ڪري ناريل جو استعمال تہ هر شيءِ ۾ ڪن ٿا - پوءِ ڪٿي مٺائي هجي يا ڀوڙ سيويون. ناريل هتي ٿئي بہ جام ۽ سستو ٿو. سڄي ملائيشيا ۾ جتي ڪٿي ناريل جا وڻ نظر ايندا. گهرن اڳيان، رستن تي، سمنڊ جي ڪناري تي، گهاٽن ٻيلن ۽ جهنگلن ۾. ناريل بنا ملئي ماڻهوءَ جي زندگي نامڪمل آهي. ياجي مارڪيٽن ۾ تہ ناريلن جون ٽرڪون لٿيون پيون هونديون پر ننڍن ننڍن دڪانن اڳيان بہ ناريلن جا ڍير نظر ايندا - ساوا ناريل کير لاءِ توڙي سڪل ناريل چُوري (ڪاتر) لاءِ. اوڙي پاڙي ۾ ڪو هڪڙو گهر يا دڪان ضرور هوندو جتي ناريل جي ڪاتر ڪرڻ جي مشين هوندي. جتان ڏهہ سينٽ (اٺ آنا) ڏيئي ناريل جو چورو سيڪنڊن ۾ ڪرائي سگهجي ٿو. پڪل ناريل جو پاڻي تہ جڻ مفت آهي. باقي ڪچي ناريل جو کير يا پڪل ناريل جي چُوري ڪي نپوڙي ڪڍيل کير، رڌپچاءَ ۾ ڪم اچي - خاص ڪري مٺاين ۽ "ناسي - ليماڪ" - چانورن جي ڊش ۾ جيڪو اڪثر صبح جو نيرن تي کائين. سڪل ناريل - ڏونگهين جي ڪاتر پڻ مٺاين ۾ ڪم آڻين. بنگلاديش، ٿائلنڊ ۽ سريلنڪا وانگر هتي ملائيشيا ۾ بہ ناريل تمام سستو ملي. سئي ۾ سئو ناريل چاليهہ سينٽن - يعني ٻي اڍائي رپين جو.

عام چانورن کان علاوه ساڳو چانور (صابو ڏاڻا) پڻ مٺاين ۾ استعمال ٿين. صابو ڏاڻن ۽ ناريل جون مٺايون ڪيلي جي پَنَ ۾ ويڙهي وڪڻن. ملئي کاڌن ۽ ڪيڪن ۾ ڪيلو Pisang بہ گهٽو ڪم تو اچي. هتي ملائيشيا ۾ ڪيترن ئي قسمن جا ڪيلا ٿين ٿا. بندرا ۽ ڊگها، ساوا ۽ پيلا، ڪارن چٽن وارا ۽ گهٽي لِئہ وارا. ڪي چڱا لذيذ آهن. ڪي بنهہ نہ. هتي جو ڪيلو رکو کائڻ ۾ اهڙو سئو ناهي جهڙو پاڻ وٽ سنڌ

پنجاب ۾ ٿئي ٿو يا جھڙو بمبئي ڍاڪا ۾ آهي. ٿي سگھي ٿو هتي جي ماڻهن کي وري اهو اسان وارو ڪيلو نہ وڻي. هتي ڪيلو ميوي خاطر کائڻ بدران رڌپچاءَ ۾ گھڻو ڪم اچي ٿو. ڪيڪ پيسٽرين، ڪسٽرڊ پڊنگن ۾ ڪيلي کي ڪاتر ڪري وجهڻ کان علاوه ڪيلي جا پڪوڙا ۽ مٺايون پڻ ناهيون وڃن ٿيون. ڪيلي کي تانڊي تي رکي ڪواب جيان پچائي کائڻ پڻ هتي عام آهي. ڪيلي مٿان اٽي يا سڪل ڊبل روٽيءَ جي چوري جو ليپ ڏيئي گيھہ ۾ فراءِ ڪري پڻ کائين.

ڪيلي ۾ ڪافي وٽامن ۽ ڪاربو هيڊبريٽ ٿين ٿا جي انسان جي مڪمل غذا آهن. بصر ٽماٽن وانگر سائو ڪيلو ۽ ڪچو اناس سلاد ۾ پڻ ڪم اچن. رستالي، اِماس، برنگان، ابو، ايپاح ۽ تندوق هتي جي سٺن ۽ مشهور ڪيلن جا قسم آهن جيئن پاڻ وٽ سنڌڙي، لنگڙو، بيگن پلي، گلاب خاصو، سرولي انبن جا قسم آهن.

ملئي ماڻهو ڪيلي وانگر اناس کي پڻ ڪيترن ئي ڪيڪن، بسڪٽن، کاڌن ۽ سلادن ۾ استعمال ڪن ٿا. اناس کي ملئي (زبان) ۾ نيناس (Nenas) چون.

مٺائيءَ جو شوقين آئون بہ آهيان. سمنڊ تي ٻي ڪا مٺائي يا مٺي شيءِ نہ ملندي آهي تہ ڪٽڪ جي مانيءَ تي کنڊ رکي پولوُ (رول) بہ ناهي کايو وڃان پر ملئي ماڻهو مٺائي کائڻ ۾ مون کان بہ زور آهن. دنيا ۾ هڪ ئي ملڪ آهي جتي مٺاين جو ڏکر ناهي. شايد اهو بہ هڪ سبب آهي جو مون جھڙو ماڻهو ملائيشيا ۾ وڏيڪ ئي هوملي محسوس ڪري ٿو.

هتي جي مٺاين ۾ سڀ کان آسان ـ ناهڻ توڙي سامان جي خيال کان ـ ڪوپري جو ماڻو سمجھان ٿو. جنهن جي ناهڻ جي مختصر ترڪيب هتي لکڻ مناسب رهندي. ٿي سگھي ٿو پڙهندڙن لاءِ ڪارگر ثابت ٿئي جو اها اهڙي مٺائي آهي جنهن لاءِ هتي رهندڙ منهنجي هم وطني پاڪستانين ۽ ٻين ڌارين ملڪن جي ماڻهن جي اها راءِ آهي تہ اها کائڻ ۾ برفي، مائي يا حلوي کان گھٽ ڳري، سستي، ۽ سٺي ۽ جلد هضم

آهي. ٿهيو پڻ جهٽ پٽ وڃي ٿي. ان مٺائيءَ لاءِ هنن شين جي ضرورت آهي:

- ناريل جو سنهو چُورو ـ چار ڪوپ
- پائوڊر وارو کير ـ ٻہ ڪوپ
- کنڊ پيٺل ـ ڏيڊ ڪوپ
- پاڻي ـ ڏيڊ ڪوپ

خوشبوءِ لاءِ ٽي چار ڦوٽا يا اڌ چمچو آئسنس.

ٺاهڻ جي ترڪيب هن ريت آهي تہ ديڳڙيءَ ۾ کنڊ، پاڻي ۽ ڦوٽا وجهي باهہ تي ملائجي جيسين کنڊ ملي وڃي ۽ پاڻي سڪي اڌ جيترو ٿئي. ان بعد ڪوپري جو چورو وجهي ڏوئي يا چمچي سان ملائجي. جڏهن ناريل جو چورو ۽ پاڻي ملي وڃي تہ ٻن ٽن منٽن بعد پائوڊر جو سڪل کير وجهي تکو تکو ملائجي جيئن ڪوپرو ۽ کير ملي هڪ ٿي وڃي. ملي وڃڻ بعد ٻہ اٽڪل ڏهہ منٽ کن گهمائجي پوءِ اهو ڪيرٽيءَ جهڙو مائو ڪنهن وڏي ٿالهيءَ ۾ گيهہ جو مَک ڏيئي ٺارڻ لاءِ رکجي. ٺرڻ بعد ڪپ سان برفيءَ وانگر چڪيون ڪجن. فرج جي مٿئين چٺمبر ۾ وڌيڪ ٿڌو ڪري کائڻ ۾ وڌيڪ سٺو رهي ٿو.

اهڙي قسم جي هڪ ٻي مٺائي لاهوري گجرن مان ٺهيل پڻ هتي ڏٺم جيڪا بلڪل ڪيرٽيءَ جهڙي ٿئي ٿي. پاڻ وٽ لاهوري گجرن کي ٿانڊنِ تي يا پاڻيءَ ۾ رڌي پوءِ کير سان ڪاڙهو وڃي ٿو. پر هتي چا کن جو گجرن کي پاڻيءَ ۾ رڌڻ بدران سندن کلون لاهي ٽڪرا ڪري کير ۽ کنڊ ۾ رڌين. صفا رجهي وڃڻ بعد کين چِلهي مائي وانگر ڪن. پوءِ ڪجهہ وڌيڪ کير ۽ ڪوپري جو ٿورڙو چورو ملائي ڪيرٽي جهڙو ڪيو وڃي ٿو.

"ناريل - ملئي ماڻھن جي جيءَ جو جياپو"

هن کان اڳ ناريل جو ذڪر ڪيو اٿم تہ ملائيشيا جا ماڻهو ٻين شين سان گڏ ناريل بہ تمام گهڻو استعمال ڪن ٿا.

گهڻا سال اڳ جي ڳالھہ آهي، اسان جو جهاز جپان ڏي ويندي ايندي رستي تي ڪولمبو (سريلنڪا جي بندرگاھہ) ۾ ڏينهن ٻن يا هفتي ڏيڍ لاءِ ضرور ترسندو هو. ڪولمبو ۾ سيني جا شونق ساڳيا هوندا هئا: سئنيمائن ۾ هندي فلمون ڏسڻ، سمنڊ جي ڪناري تي واڪ ڪرڻ ۽ هوٽلن ۾ سامونڊي شيون: مڇي، گانگٽ ۽ ڪيڪڙا کائڻ ۽ ان بعد جهاز تي ورڻ وقت پاڻ سان اناناس، پپيو يا ڪيلو وٺي اچڻ. آخري ڏينهن تي وطن ڏي وڃي هلڻ لاءِ ڏونگهيون، ڏونگهين جو تيل، مسالو ۽ ڪاڄا وٺندا هئاسين.

سريلنڪا ۾ ڪوپري (ڏونگهين) جي تيل ۾ رڌپچاءُ ڪن. ڪولمبو ۾ دڪانن تي تازي ناريل يا ڏونگهين جي سنهي ڪاتر (چُورو) پڻ وڪامي. جيڪو ڏسڻ ۾ کير جهڙو اڇو ۽ برف (Snow) جهڙو سنهو سهڻو ٿئي ٿو. سريلنڪا جي ماڻهن کي هر وقت اهو وٺندو ڏسي هڪ دفعي اسان بہ ڳوٺ لاءِ ان چُوري جون بہ ٿي ٿيلهيون وٺي آياسين. پر ڳوٺ پهچي سمجھہ ۾ نہ آيو تہ ان کي کهڙي ڪم ۾ آڻجي. ان کان اڳ ناريل جي اها ڪاتر فقط پان وارن کي استعمال ڪندي ڏٺي هئيسين. ان بعد اهو چُورو هڪ پنجابي دوست کي ڏيئي آيس جنهن جي فئملي رڌپچاءَ جي ڪم ۾ پڙ آهي. پر افسوس جو انهن وٽ بہ اهو ناريل جو چورو Desicated- Coconut رکي رکي خراب ٿي ويو.

انهن ئي ڏينهن ۾ آمريڪا مان نڪرندڙ هڪ رسالي "U.S. Lady" ۾ ناريل تي هڪ مضمون پڙهيو هوم، (جيڪو مضمون پوءِ ريډرس

ڊائجسٽ رسالي ۾ پڻ ڇپيو هو.) ان ۾ ليکڪ ناريل جي ڏاڍي تعريف ڪئي آهي تہ هڪ دفعي هو فلپين ۾ ناريل جي وڻن هيٺان ويٺو هو تہ هڪ باغائيءَ ـ جنهن پنهنجي سڄي ڄمار ناريل جي وڻن جي سار سنڀال ۾ گذاري هئي، تنهن مٿي آسمان ڏي آڱر سان اشارو ڪري کيس چيو: ”جيترا تون آسمان ۾ تارا ڏسين ٿو، اوترن گهٽ نمونن جا فائدا ۽ ڪاڏي پيتي جون شيون ناريل جي وڻ مان حاصل ٿي سگهن ٿيون.“

اهو پڙهي مون کي تعجب لڳو هو تہ تعريف ئي جي ڪرڻي آهي تہ ناريل کان تہ وڌيڪ ان جو حقدار زيتون يا گيدوڙو ٿي سگهي ٿو. پر پوءِ هتي ملائيشيا اچي پنهنجو رايو بدلائڻو پيو. ٿورن ئي ڏينهن ۾ اها پڪ ٿي وئي تہ ناريل جو هتي جي ماڻهن جي زندگيءَ سان ايترو ڳانڍاپو آهي جيترو هوا، پاڻي يا ٻي اهڙي اهم شيءِ سان هر انسان جو.

ملائيشيا جي اتراهين رياست ڪيداح ۽ پيرلس کان ڏاکڻي رياست جوهور ۽ پهانگ تائين. يا صباح سراواڪ، بورنيو کان منيلا ـ فلپين ۽ ٿائلنڊ جي ڏاکڻ حصن تائين جتي ڪٿي ناريل ئي ناريل نظر اچي ٿو. ناريل بنا هتي جو سامونڊي ڪنارو اڌورو آهي. ناريل بنان هتان جي شام جا رنگ اڌ ڳابرا آهن. ناريل بنا هتان جا ڪاڏا نامڪمل آهن. گهر گهر، گهٽي گهٽي، جهنگل جهنگل ۾ ناريل جو راڄ آهي.

جيئن اسان جي ڳوٺن ۾ شام جي وقت غريب هارين جي ٻارن جي هٿ ۾ اٽو ۽ گاسليٽ جو شيشو هوندو آهي تيئن هتي جي ماڻهن جي هٿن ۾ اڪثر ناريل نظر ايندو. ڪو ڪچا ناريل ـ پاڻي پيئڻ لاءِ دڪان کان گهر ڏي کنيو پيو ويندو تہ ڪو پڪا ناريل گهران دڪان ڏي چُورو ڪرائڻ لاءِ کنيو پيو ويندو. واندڪائيءَ ۾ عورتون پنهنجن گهرن اڳيان ناريل ڪٽي انهن جا ٻُج (Coir) وينيون لاهينديون. جيئن ضرورت وقت باقي سخت کل جو ٻُڙ لاهي مشين ۾ اچو ناريل چورو ڪرائي ونجي.

هتي ملائيشيا ۾ پهچڻ سان ئي ٻئي يا ٽئي ڏينهن آفيس ۾ هڪ چانهہ پارٽي ٿي جنهن ۾ بسڪٽ ۽ سنبوسن کان علاوه ڪيلي جي پنن ۾ سيري جهڙي شيءِ ويڙهيل هئي. هتي جي هڪ ملئي آفيسر مون کي اها

ڪائڻ جي آڇ ڪندي چيو: ”هيءَ ناريل جي مٺائي آهي. تمام سٺي ٿي ٿئي. چکي ته ڏسو.“

سندس سواد ۾ نمونو حلوي ۽ مائي سان مليو ٿي. ان دعوت بعد سگھوئي نوٽ ڪيم ته صبح جو سوير آيل چوڪريون آفيس ۾ ويهي گھران آندل جيڪو پت Nasi- Lcmak (ناسي ليما) (رُڪ جو اچار گھُٽيل رهي) ڪائين ٿيون ان ۾ پڻ ناريل جو کير مليل ٿئي ٿو. بلڪ اهو پت رڌبو ئي ناريل جي کير ۾ آهي. خاص ڪري نيرن تي اهو پت ڪائين.

وقت گذرڻ تي ڪيترن ئي دعوتن ۾ ڪيترن ئي قسمن، سوادن ۽ شڪلين جون ناريل جون مٺايون ڏسڻ/ چکڻ/ ڪائڻ جو موقعو مليو. ان بعد ته پوءِ هوٽلن ۾، شهرن ۽ ڳوٺن جي دڪانن تي، بسن ۽ بس اسٽاپن تي، هتي جي ريل گاڏين ۽ هوائي اڏن تي ڪيترن ئي قسمن جا ڪاڌا ۽ مٺايون نظر آيون جيڪي ناريل مان ٺهن ٿيون.

ناريل رڌپچاءَ کان علاوه ٻين به ڪيترن ئي ڪمن ۾ اچي ٿو. ناريل جا مٿيان ٻُجَ (Coir) واڻ، تاڳن ۽ رسين ناهڻ لاءِ ڪم اچن ٿا ۽ ٻاهر وڃڻ (ايڪسپورٽ) لاءِ ملاڪا، پورٽ ڪلانگ ۽ پينانگ جهڙا بندرگاھ ان وڪر سان ڀريا پيا آهن. ناريل جا اهي ٻُجَ ٻارڻ ۽ ڪوچن، گاديلن ڪي ڀري ٿلهو ۽ نرم ڪرڻ جي ڪم پڻ اچن ٿا. ناريل جا پيا به ڪيترا ڪم ۽ فائدا آهن اهي ناريلن جي ملڪ ۾ رهي ماڻهوءَ کي پروڙ پوي ٿي. لڪين ماڻهو ناريل جي وڻ کي زندگي ڏيڻ جو وڻ سڏين ٿا جيئن هندو ڳئون ماتا کي ۽ مصري نيل نديءَ کي سڏين ٿا. ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته هي وڻ قدرت طرفان هن پاسي جي ماڻهن لاءِ ايئن وڏي نعمت آهي جيئن عربن لاءِ اٺ ۽ سنڌين لاءِ سنڌوندي.

هڪ هتي جي رهاڪو چينيءَ فخر مان چيو: ”ناريل کان علاوه ٻيلا ٻيو ڪهڙو وڻ آهي جيڪو نه فقط توهان کي گھر ناهڻ جو سامان مهيا ڪري ٿو پر گھر لاءِ فرنيچر پڻ: بسترا، گاديلا، ڪرسيون، گلم، ٻهارا، ڪوپ ساسرون ـ ويندي صابڻ ۽ ٽٿ برش تائين مهيا ڪري ٿو.“ هن سگريٽ جي فلٽر ڏي اشارو ڪري چيو، ”هي به ناريل جي ٻُج مان ٺهيل آهي.“

ناريل جي وڻ جا پن يا ناريل جا ٻُج (وار) ٻاري گهر ڪي سياري ۾ ڪوسو رکي سگهجي ٿو ۽ اونهاري ۾ ان جي ڇانوَ يا ڇپر ۾ ويهي ٿڌڪار وٺي سگهجي ٿي ۽ پنن مان وچٿو ناهي هوا هٽي سگهجي ٿي. ٻارڻ ۽ ٿڌڪار کان علاوه ناريل جو وڻ اسان کي روشني پڻ مهيا ڪري ٿو. ناريل جي اڌ خالي ڪوپي ۾ ناريل جو تيل (Coconut- Oil) وجهي، ناريل جي ڪوندي جي وٽ ڪي ٻاري گهر ڪي روشن ڪري سگهجي ٿو. واقعي بيو کهڙو وڻ آهي جيڪو سڄي ڪٽنب لاءِ ڪپڙا مهيا ڪري. جيڪو مهاڻن کي پنهنجيون ٻيڙيون ناهڻ لاءِ سمورو سامان ڏئي. نه فقط ٻيڙي ناهڻ لاءِ ڪاٺ پر سڙهه، ڪوها، رسا، مڇين ڦاسائڻ لاءِ ڄاريون ۽ ڏوريون پڻ ناريل جو وڻ نه فقط توهان کي کاڌي پچائڻ ۾ ڪم اچي ٿو پر پچائڻ لاءِ کاڌو به ڏئي ٿو. پيئڻ لاءِ قسمين قسمين پاڻي/ کير - جنهن ۾ تمام گهڻي طاقت (وٽامن) موجود آهي. ناريل اهڙو وڻ آهي جنهن تي توهان سڄي ڄمار جيئرا رهي سگهو ٿا.

هونءَ ڪن ڪن جو اهو به چوڻ آهي ته ناريل جو وڻ صحيح معنيٰ ۾ وڻ جي ڪوڙي ۾ نٿو اچي جو هن کي ٻين وڻن وانگر نه ٽاريون آهن نه چوڏو. ٻين وڻن جو ٿڙ مٿي ويندي وقت سنهو ٿيندو آهي پر ناريل جو ٿڙ ذري گهٽ هڪ ئي گهير جو ٿيءُ ٿو. بهرحال ٻين وڻن جي ٿڙ جي تهن کي ڳڻي سندن عمر ٻڌائي سگهجي ٿي پر ناريل جي عمر سندس ٿڙ تان ڇٽيل پنن جي نشانن مان لڳائي سگهجي ٿي. هڪ پن جو سنڌو هڪ مهيني برابر. ناريل جي ٿڙ تي ڇتيهه اهڙا سنڌا معنيٰ ڇتيهه مهنا - ٽي سال پراڻو وڻ.

ناريل جو وڻ سال ۾ هڪ دفعو ڦر جهلي ٿو. پوءِ اهو ڇاهي ڪچو پٽجي يا پچي وڃڻ بعد به ڪجهه عرصي کان پوءِ سال ٽائين اهو ڦر وڻ ۾ لڙڪندو رهي ٿو. جڏهن وٽي ڇني ڪائجي. يا سندس پاڻهي ڪرڻ جو انتظار ڪجي.

ناريل جو پاڻي ۽ گودو سنهي ۽ سخت گول کل اندر ٿئي ٿو. ان سخت کل مان سريلنڪا، ٿائلنڊ ۽ سنگاپور پاسي جا ماڻهو مختلف

راندیڪا ۽ سووينر: ٻتين جا شيڊ، ائش ٽري ۽ ٻيو ڪٽ ورڪ جو سامان ٺاهي وڪڻن. ان ڪوپي کي پورو اڌ ڪرڻ سان ڪٽورو يا ڏنڊو ٻڌڻ سان ڏوئي ٺهيو وڃي. ڪيترن هنڌن تي ان کي گهڙي ۽ ڪٽري چمچا ۽ ڪانٽا به ٺاهيا وڃن ٿا. هڪ ٻن هنڌن تي ان ٻاهرين سخت ناسي ڪوپي جون ڪٽليون به نظر آيون. گهڻو اڳ ڪولمبو مان ان ڪوپي جا ٺهيل به سووينر (راندیڪا) ورتا هيم. هڪ ته موٽر سائيڪل هئي جنهن تي ٻئي ڪوپي مان ٺهيل رڇ ويٺل هو. ۽ ٻيو ٻن پولڙن جو هو جيڪي گڏ ويٺل هئا. اهو راندیڪو ٻن اهڙن ناريلن مان ٺهيل هو جيڪي قدرتي طرح هڪ ٻئي سان ڳنڊيل هئا ـ جيئن پاڻ وٽ ڪيترائي ٻٽا انب يا زيتون نظر ايندا. ان ناريل جي راندیڪي اندر پاڻي به موجود هو ۽ لوڏڻ مهل سندس آواز ٿيو ٿي. نه ته پاڻي اڪثر انجيڪشن (سئيءَ) ذريعي اندران ڪڍي وٺندا آهن. ان ٻٽي ناريل جا سپ وار (ٻُج) پٽيل نه هئا. پولڙن جي مٿي تي وار چڙيل هئا ۽ لڳو ٿي ته ڇڻ پولڙن جا اصلي پورا وار هجن.

ناريل جي سخت کل مٿان جيڪي اهي وار ٿين ٿا تن جا ڪيترائي فائدا مٿي اچي ويا آهن. هڪ ٻيو هينئر ياد پيو اچي. هڪ دفعو چٽگانگ ۽ چالنا بنگلاديش (تن ڏينهن ۾ ايرندو پاڪستان) مان ناريل جا اهي وار ۽ ڏيڏرن جون ٽنگون ٽنن جي حساب سان جهاز ۾ ڪٽي يورپ ويا هئاسين. ڏيڏرن جون ٽنگون جهاز جي ٿڌن اسٽورن ۾ فريز ٿيڻ بعد بيلجم ۾ لاٿيونسين ـ جو اهي بيلجق ماڻهو شوق سان کائين ٿا. بلڪ کائڻ وارن جو چوڻ آهي ته ڏيڏرن جون ٽنگون تتر وانگر لذيذ آهن. ناريل جي وارن جون آندل ڪئين سَوَ ڳنڙيون جرمنيءَ جي بندرگاهه هئمبرگ ۾ لاٿيونسين. آفيس کان آيل جرمن ڪلارڪ کان پڇيم ته هي ناريل جا ٻج هتي جرمنيءَ ۾ ڪهڙي ڪم اچن ٿا. وراڻيائين ته انهن کي ڪرسين جي گاديلن ۾ وجهندا آهن. خاص ڪري واڪس وئگن ڪار وارا پنهنجن ڪارين جي سيٽن ۾ هي ٻج ۽ ربڙ (Latex) ملائي استعمال ڪن.

ناريل جي ناسي پوري مضبوط ڪوپي اندر ناريل جي عمر مطابق ٻهرين کير، پوءِ گودو، ۽ پوءِ پاڻي ۽ سخت اڇو ناريل ٿئي ٿو. پنجن مهنن

جي ناريل اندران پاڻيءَ جا بہ پريل گلاس نڪري سگهن ٿا. ناريل جو پاڻي صاف، شفاف ۽ ٿڌو ٿئي ٿو. ڪيمياگيرن جو چوڻ آهي تہ منجهس گهٽ ۾ گهٽ بہ ڇمڇا کن کنڊ جا مليل ٿين ٿا. ان کان علاوه منجهس وٽامن ۽ معدني شيون (Minerals) موجود آهن. ۽ اهو پاڻي بنا جراثيمن جي (Sterilized) ۽ نج ٿئي ٿو. ٻي وڏي لڙائيءَ ۾ ٻنهي ڌرين ـ امريڪن ۽ جپاني ملٽري ڊاڪٽرن گلوڪوس جي ٿيلهين جي کوٽ ڪري امرجنسيءَ ۾ ناريل جو پاڻي مريضن جي نسن ۾ ڊِرپ طور استعمال ڪيو هو.

ناريل کي جي وڻ ۾ ڇڏي ڏجي تہ اهو پاڻي اڳتي هلي جيليءَ جهڙو ٿيو پوي ۽ ٻارهن مهنن اندر هي لئہ دار پاڻي ڄميو سخت ٿيو وڃي. جنهن کي توهان چڪ هڻي کائي سگهو ٿا. هتي ملائيشيا ۾ ـ (۽ ٿائلنڊ ۾ پڻ) عورتون ان ناريل کي نپوڙي منجهانئس ڏئوري جهڙي نڪتل مال مان ڪيترن ئي قسمن جون چٽنيون، سُرڪا ۽ مٺايون ٺاهين. ٿئي تي رکي ٻاهہ تي ڪاڙهڻ سان منجهانئس رڌپچاءُ جو تيل، ٻارڻ جو تيل، مختلف لوشن نهي سگهن ٿا يا ڦلهير سان ملائي صابڻ پڻ ٺاهي سگهجي ٿو.

تجارتي استعمال لاءِ ناريل کي اڌ ڪري سڪائبو آهي. سڪل ناريل کي ڏونگهيون سڏجي ٿو. ڏونگهين جي ڪاتر ڪاڏن ۾ وجهبي آهي يا ان کي گهاڻي ۾ پيڙهي منجهانئس ڪوپري جو تيل ڪڍي سگهجي ٿو. اهو تيل خوشبوئن، گليسيرين، دوائن ۽ ٻين ڪيترن ئي شين ۾ استعمال ٿئي ٿو. ڦٽ ڦرڙي، رهڙ رانبوتي ۽ سردي کان تيل خشڪيءَ لاءِ بہ استعمال ٿئي ٿو تہ شيونگ ڪريم، آئس ڪريم کان وٺي رنگ روغن ۾ پڻ ملايو وڃي ٿو. سڀ کان گهڻو ڏونگهين جو تيل هندستان ۾ هندو استعمال ڪن ٿا ـ خاص ڪري ويجيٽرينين (ڀاڄيون کائيندڙ) هندو.

ڏونگهين کي پيڙي تيل ڪڍڻ بعد جيڪو ڪڙ بچي ٿو ان ۾ بہ تمام گهڻي پروٽين ۽ کنڊ ٿئي ٿي ۽ ان جو گهڻو استعمال ڪڙين ۽ جانورن جي کاڌي (Feed) ۾ ڪيو وڃي ٿو.

ڏنو وڃي تہ ناريل جي وڻ جي چمار ماڻهوءَ جي وهيءَ سان گهڻو ملي ٿي. ناريل جو وڻ مرد وانگر ٻارهن تيرهن سالن جو ٿي پوءِ صحيح

طرح جوان ٿئي ٿو. ناريل ان کان اڳ جيتوڻيڪ ٿورو گھڻو ڦر ڏئي ٿو پر صحيح معنيٰ ۾ ٻارهن تيرهن سالن جو ٿي پوءِ ڏئي ٿو ۽ پري پري جهوليون ناريلن جون ڏئي ٿو تان جو جيسين سٺ سالن جو وڃي ٿئي. پوءِ پيري واسوڪريو وڃينس ۽ آهستي آهستي ختم ٿيو وڃي. اسي يا نوي سالن تائين پهچڻ تي مريو وڃي.

ناريل جو اصلي گھر ھي ڏيھہ آھي - يعني ڏکڻ اوڀر ايشيا جا ملڪ: ملائيشيا، انڊونيشيا، ٿائلنڊ، فلپين وغيره. پر اڄڪلھہ ناريل دنيا جي ڪيترن ئي ساموندي ڪنارن ۽ ٻيٽن تي عام ٿي ويو آهي. جنهن ۾ نہ فقط انسان ذات جو هٿ آهي جنهن ناريل جو ٻج هڪ هنڌان ڪٽي ٻئي هنڌ پوکيو آهي، پر ان ۾ سمنڊ جو پڻ وڏو هٿ آهي. ڇو جو هڪ ڳالهہ آهي تہ ناريل جي وڻ کي سمنڊ سان ڏاڍي دل آهي. جيتوڻيڪ ناريل جي پوک لاءِ سمنڊ ضروري ناهي پر توهان ڏسندائو تہ ناريل سمنڊ جي ڪنارن وارن ملڪن ۾ جام ٿئي ٿو. جيئن پنهنجي ملڪ ۾ ناريل جي پوکجي تہ دادو، حيدرآباد ۾ بہ ٿي سگھي ٿو. پر گھڻو نٿي ڪراچيءَ ۾ نظر ايندو جتي سمنڊ آهي.

ساموندي ڪنارن تي پوکيل ناريلن جو ڦر ڪڏهن سمنڊ ۾ ترندو وڃي ٻين ملڪن ۾ پهچي ٿو. اهوئي سبب آهي جو ناريل اڄڪلھہ نہ فقط ڏکڻ اوڀر ايشيا جي ملڪن ۾ آهي پر ماريشش، مالا گاسي، ٽرنيڊاڊ، ڪيوبا ٻين آفريڪن ٻيٽن ۽ ڪنارن کان وٺي برمودا، باهاما، فجي ۽ ٻين ڪيترن ڪئريبن سمنڊ جي ٻيٽن ۽ ڪنارن تي پڻ موجود آهي ۽ ڏينهون ڏينهن هن ميوي ۾ واڌارو ٿي رهيو آهي.

"ٿائيپوسام ۽ پونگال"

آفيس جي ڪنهن ضروري ڪم سان هڪ دفعي ڪار رستي ملائيشيا کان سنگاپور پهتس. مون سمجهيو ڪلاڪ کن ۾ واندو ٿي پوءِ شهر مان ٻه چار پنهنجا ڪم ٻه لاهي وٺندس. پر آفيس جي ڪم پٽيان هڪ ٻدران ٻه ٽي ڪلاڪ لڳي ويا ۽ آئون سوچيندو رهيس ته هاڻ مڙني ڪمن ۾ جيڪو هڪ اڌ ڪم اهم هجي اهوئي لاهيندو هلان. يا ته اڳتي نارٿ برج روڊ ڏيئي هاءِ اسٽريٽ تان هلي ڪپڙا خريد ڪجن، يا سرنگون روڊ تائين هلي ڪنهن هوٽل تان ماني کائي پوءِ گووندا سواميءَ جي دڪان تان گهر لاءِ سيڌي جو سامان: پاڪستاني چانور، ڪابلي چڻا، هندستاني مصالو وٺي موٽجي. هي اهي شيون آهن جيڪي ملائيشيا ۾ نٿيون ملن يا مهنگيون آهن. يا اجان ٻه گهٽ وقت بچيو ته شهر ڏي اڳيان وڌڻ بدران ـ يعني هاءِ اسٽريٽ يا سرنگون روڊ ڏي وڌڻ بدران، پويان پير ڪجن ۽ رستي تي بڪت تيماح پلازا يا ووڊ لئنڊس مان ٿائي چانور يا ڪلڪتي وارا ڪجهه گهٽ اوچا چانور ۽ ٻيو سامان وٺي ملائيشيا موٽجي.

آفيس جو ڪم ختم ٿيڻ بعد ٻاهر روڊ تي نڪري جائزو وٺڻ لڳس. سامهون کان اينڊڙ هڪ تامل مدراسي جوڙي کي ٻيهاري رستي جي پڪ ڪيم:

"معاف ڪجانءِ يار! هي ٽئنگلن روڊ اڳيان وڃي، ڪٿان تو نڪري؟"

"ساري! آئون هتي جو نه آهيان. آئون سريلنڪا جو رهاڪو آهيان هيءَ منهنجي زال جيتوٽيڪ هتي جي سنگاپوري آهي پر رستن کان اڻڄاڻ آهي."

جيئن ڪراچيءَ جي مڪرانين کي گهٽو ٽٽو فقط پنهنجو علائقو: چاڪيواڙو، بغدادي، لي مارڪيٽ، موسيٰ لين ۽ ان جا رستا ياد هوندا آهن اهڙي طرح سنگاپور جي مدراسين (ڏکڻ هندستانين) کي بہ سنگاپور ۾ فقط پنهنجا ئي علائقا ياد آهن: سرنگون روڊ، ٽئنڪ روڊ، ڪربائو روڊ، بفئلو روڊ وغيره ـ جتي هو جهڳتن ۾ رهن ٿا، يا سندن مندر آهن، انهن کان علاوه ٻئي شهر جي رستن جي خبر ڪنهن ورلي کي هوندي ـ جيتوڻيڪ هو پيڙهين کان هن شهر ۾ رهيا پيا آهن.

ٿوري دير ڪار جي ٻاهر بيهي ٻئي همراهہ جو انتظار ڪيم. جيڪو پڻ پهرين وانگر شڪل شبيهہ ۾ ڏکڻ هندستاني هو ۽ اهو بہ سنگاپور جو ئي رهاڪو ٿي سگهيو ٿي ـ ڇو تہ سنگاپور ۾ جيڪي چار قومون رهن ٿيون انهن ۾ تامل بہ هڪ آهن. پر هن دفعي پڪ ڪرڻ لاءِ پڇيومانس:

"Are you from Singapore?"

”ييس! مان توهان جي ڪهڙي مدد ڪري سگهان ٿو؟ پئسا مٽائڻا آهن ـ؟“ هن بيحد نئڙت ۽ تحمل سان پڇيو. سنگاپور جي ماڻهن جي اها نئڙت واري ڳالهہ مون جهڙي هر پليل مسافر/ پرديسيءَ کي متاثر ڪري ٿي.

”هي رستو ڪيڏانهن وڃي ٿو؟“ مون پڇيومانس.

”اڳتي جي تہ خبر ناهي تہ ڪٿي وڃيو دنگ ڪري پر هن کان پوءِ وارو رستو آرچرڊ روڊ آهي. هونءَ توهان کي ڪيڏانهن وڃڻو آهي؟“ هن پڇيو.

”مونکي وڃڻو تہ واپس جوهور بارو (ملائيشيا) ڏي آهي، بڪت تيماح روڊ ڏيئي، پر جي آرچرڊ روڊ اتي ئي ويجهو آهي تہ پوءِ اهو وٺي ڪجهہ اڳتي براس بساح روڊ تان ڪجهہ ڪتاب وٺڻ لاءِ وڃڻ ٿو چاهيان.“

هن ڪلي موڪلايو ۽ دل ئي دل ۾ مون ڪيس ٿئنڪ يو چيو ۽ سندس چيني پرائيم منسٽر لي ڪئان يو کي پڻ ـ جنهن ٻين ماڻهن کي تہ ڇا، سنگاپور جي چينين کي بہ سڌاري ڇڏيو آهي ـ ۽ ڪافي حد تائين نياز ۽ نئڙت سيکاري ڇڏي آهي.

براس بساح سنگاپور جو پراڻو ۽ مشھور روڊ آھي جنھن تي ھن بيٽ کي ليڻ واري انگريز حاڪم ـ سر استلمئفورڊ رائفلس جي نالي واري رئفلس ھوٽل پڻ آھي. ان جي پرسان ئي براس بساح نالي ڪتابن جي ويھہ پنجويھہ کن دوڪانن جو ڪامپليڪس آھي. مون ٻيا ڪم پاسيرا ڪري ان تان ڪجھہ ڪتاب وٺي جلدي موٽڻ چاھيو ٿي. پنھنجي پراڻي ڪار ۾ ويھي انجڻ کي اسٽارٽ ڪيم. چڱو جو ھہ چار ڏينھن اڳ ملائي ٽيل پويان ٻئي ٽائر مٽائي نوان وجھرايا ھئم نہ تہ سنگاپور جھڙي تيز رفتار شھر مان ھلندي خوف رھڻ ھڪ عام ڳالھہ آھي تہ متان ڪو ڦيٿو اوچتو ڦاٽي پوي تہ پويان ايندڙ سڄي ٽرئفڪ جام ٿي ويندي. پنھنجي پراڻي ڪار جي انجڻ کان پڻ مطمئن ھوس تہ دوڪو نہ ڏيندي. جيتوڻيڪ پلگ ۽ سائلينسر صحيح نہ ھجڻ ڪري ڪجھہ دونھون ۽ آواز ڪري رھي ھئي. پر جيسين جپان وانگر سنگاپور وارا دونھاٽيل ۽ گوڙ وارين گاڏين تي بندش نٿا ھڻن تيسين منھنجي ڇھہ سال پراڻي ماڊل واري ڊاٽسن ڪار بنا ڪنھن ڊپ ڊاءِ جي بارڊر ٽپي ملائيشيا کان سنگاپور اچي وڃي سگھي ٿي. اھا ٻي ڳالھہ آھي تہ ھر دفعي سنگاپور جو بارڊر ٽپڻ وقت آرسيءَ ۾ ضرور ڏسندو آھيان تہ ڪٿي پوليس وارو سڏ ڪري چئي تہ نٿو تہ ھن ڪار کي پٺيان ملائيشيا ۾ ئي ڇڏي پوءِ بارڊر ٽپ جو سندن سھڻي ملڪ جي سھڻين گھٽين جو نظارو مون واري پراڻي ڪار خراب ٿي ڪري.

ٽئنگلن روڊ تان سڌو ڊرائيوَ ڪندي مارڪو پولو ھوٽل وٽ ھڪ ويڪرو رستو ڪراس ڪري ٿو جنھن جي ساڄي پاسي وارو حصو گرينگ روڊ آھي تہ کاٻي پاسي وارو نيپيئر روڊ ـ انگريزن جو اھو ھيرو جنھن اسان جي سنڌ تي 1843ع ۾ حملو ڪيو.

ٽئنگلن روڊ ٿورو اڳيان وٺي وڃڻ تي ڪانٽينينٽل ۽ منگ ڪورٽ ھوٽل وٽ نھيل سگنل کان پوءِ اھو رستو آرچرڊ روڊ سڏجي ٿو- جيڪو سھڻن ۽ وڏن ڊپارٽمينٽل اسٽورن ۽ ھوٽلن کان مشھور آھي. سگنل کلڻ تي سنگاپور جي ٽرئفڪ وري درياھہ وانگر وھڻ لڳي ـ بنا بيھڪ جي، لس ئي لس. ھلٽن ۽ ڊانيسٽي ھوٽلن، ٽئنگ ۽ لڪي پلازا اسٽورن بعد ان

ٽرئفڪ جي وهڪري ۾ اوچتو ئي اوچتو سستي اچي ويئي ۽ گاڏيون ٿورو چري وري بيهي تي رهيون ۽ نيٽ فونيڪس هوٽل وٽ سڄي ٽرئفڪ بيهي رهي پوءِ ٿوري ٿوري دير بعد رکي رکي گاڏيون جونءِ وانگر ٿورو رڙهي وري اتي جو اتي بيهي تي رهيون. سمجهه ۾ نه پئي آيو ته اڳيان ڇا ٿيو آهي جو گاڏين جون قطارون نهي ويون آهن. شايد ٻنپهرن جي ماني‌ءَ جو وقت (Lunch- Hour) آهي، ان ڪري. پر سنگاپور ۾ ته اهڙو بندوبست آهي جو صبح جو آفيس ٽائيم تي به ٽرئفڪ ايتري جئم نٿي ٿئي.

نيٺ جڏهن ڏهه پندرهن منٽ تي ويا پر اسان جو معمولي چرڻ به نه ٿيو ته پڪ ڄاتم ته اڳيان ڪو حادثو ٿيو آهي. پر سنگاپور ۾ ان ڳالهه لاءِ به اهڙا بندوبست ٿيل آهن جو هڪدم ڪرين يا ٽرڪ حادثي ٿيل گاڏي‌ءَ کي رستي تان ڇڪيو وڃي جيئن ٻين لاءِ رستو هڪدم صاف ٿي وڃي. آرچرڊ روڊ ختم ڪري ڪار براس بساح روڊ تي مس مس پهتي ته خبر پيئي ته پري کان جلوس اچي رهيو آهي. جنهن ڪارڻ ٽرئفڪ جئم ٿي ويئي آهي.

ڪارا تامل (ڏکڻ هندستاني) انگوچا ٻڌي مٿي تي ڪجهه تابوت نما شيءِ کڻي اسان ڏي وڌي رهيا هئا. تابوتن مٿان سوين مور کنڀ لڳي رهيا هئا. يڪدم سمجهه ۾ اچي ويو ته هي هندن جو ڏينهن ٿائيپوسام آهي ـ جيڪو گناهه بخشائڻ ۽ سکائون پوريون ڪرڻ کان مشهور آهي. مرد مختلف بتن (ديوتائن) جون مورتيون يا ٻيو سامان ننڍڙين ڏولين ۾ مٿي تي رکي هلندا آهن جن کي ڪاواتي (Kavadi) سڏجي ٿو. ان ڪاواتي‌ءَ کي تارن سان ٻڌي انهن جا پوچڙ سنوان سڌا، يا وري ڪُنڍن يا سُوئن ذريعي ڪاواتي کڻندڙ جي جسم ۾ ٽنبيا ويندا آهن. اهي سوئا ۽ ڪنڍا جسم ۾ ڪيترن ئي هنڌن تي ٽنبيل هوندا آهن ـ خاص ڪري ڇاتي ۽ پٺ ۾. ڪي ڪي ڪاواتي کڻندڙ ماٺهو ته اهي سوئا ڳلن، ڇپن ۽ ويندي جيڀ مان به آرپار لنگهائي هلندا آهن.

هن کان اڳ مون به رڳو پڙهيو هو ته هن پاسي ڏکڻ هندستان جا

هندو ٿائيپوسام (Thaipusam) وڏي زور شور سان ملهائين ٿا ۽ سنگاپور
۾ ان ڏينهن تي ڪاواتيون ڪڍندڙن جو جلوس سرنگون روڊ تي ٿهيل
پيرومل مندر کان نڪرندو آهي ۽ ٽئنڪ روڊ تي ٺهيل هڪ ٻئي مندر تي
وڃي ختم ٿيندو آهي. پر ڏٺو ڪڏهن به نه هوم. هن دفعي اتفاق اهڙو
ٿيو جو هڪ ڏينهن اڳ سرنگون روڊ تان هڪ مدراسيءَ جي دڪان تان
مٺائي (لڏون، کيرپڙا، ميسوپاڪ ۽ جليبيون) وٺندي اندين دڪاندار کان
سامهون آچار واري دڪان جي بند هجڻ جو پڇيو هوم ته هن ٻڌايو هو:
”آچر ڏينهن جي موڪل ڪري اسين به دڪان بند رکندا آهيون. پر اڄ
رڳو ان ڪري ڪوليو اٿم جو سڀان وري اسان جو مذهبي ڏينهن آهي
جنهن ڪري سڀان به بند رکڻو پوندو.“

پر ان وقت به مون کي ياد نه رهيو ته ٻئي ڏينهن ٿائيپوسام آهي
جيڪو سنگاپور ۽ ملائيشيا ۾ ڏياري ۽ هوليءَ وانگر وڏي پيماني تي
هندو ملهائين ٿا - خاص ڪري ٿائيپوسام جو جلوس ٿيڻ ڪري سڀ
ڏسن ٿا. اهي ماڻهو مٿي تي ڪاواتيون رکي هلندا آهن جن ۾ چڱو بار
هوندو آهي ۽ انهن جون رسيون لوهي سوئن سان جسم ۾ ڳهيڙي تتل
رستن يا مينهوڳيءَ جي صورت ۾ گپ وارن رستن تان سڄو سڄو ڏينهن
پيرين اگهاڙا هلندا آهن. وري ٻي سال جي ٿائيپوسام لاءِ ساڳيا يا نوان
ماڻهو ڪاواتي ڪڻڻ جي سڪا ڪندا آهن. نه فقط هندو پر ڪڏهن ڪڏهن
هتي جا ڪي چيني ۽ ڏاريان پڻ. جيئن واپس ملائيشيا ۾ اچي خبر پيئي
ته ڪوالالمپور ۾ هڪ آسٽريلين همراھ ڪارل بيلي، ان موقعي تي ماڻهن
جي نظرن جو مرڪز رهيو. هي همراھ 1976ع کان 1979ع تائين
ڪوالالمپور ۾ آسٽريليا جي هاءِ ڪميشن ۾ هو. اتي هڪ دفعي ماڻهن
کي باتو - چُرن (Batu- Caves) ڏي همت ۽ صبر سان اهي ڪاواتيون
کڻي ويندو ڏسي پاڻ به ڪا سڪا ڪيائين ته اها پوري ٿئي ته پنجن سالن
لاءِ، هر ٿائيپوسام واري ڏينهن تي اچي ڪاواتي کڻندو. سو اڄ ڪلهه
آسٽريليا کان خاص هلي ملي ملائيشيا ۾ اچڻ جو سندس اهو ئي سبب
هو. هتي جا غريب ڏکڻ هندستاني هندو- جسم ۾ سڪل ۽ رنگ ۾

ڪارا، پنھنجي وچ ۾ ھڪ ٿلھي متاري قداور ۽ ڳاڙھي اڇي رنگ جي ولائتي ماڻھوءَ کي ڏسي خوشيءَ مان ڪپڙن ۾ نہ پئي ماپيا. ڪنھن چرچي ۾ چيو: ”ڏاڍو سٺو ٿيو. لارڊ موروگا يا ديوتا سبرامنيم - جنھن کي ريجھائڻ لاءِ ھي ڪشت ڪشالا سَنا وڃن ٿا، اھو ريجھي يا نہ پر ھي آسٽريلين راڻو تہ سرچي، ڳاڙھو تلڪ ھٽي انگوڇو پائي، پير اگھاڙا ڪري، منجھائن ھڪ ٿيو پيو ھلي.“

مٿي تي ڪاواتي رکي ھلڻ ڪان علاوه نندڙا - منجيءَ جيڏا گاڏا (Chariot) پڻ ڇڪيا ويندا آھن. سنگاپور ۾ ان وقت براس بساح روڊ تي ھڪ ھمراھ ھڪ اھڙو گاڏو ڇڪيو پئي ويو جنھن تي سندن گنيش ديوتا ويٺل ھو. اھو گاڏو ھٿن سان نہ پر ڪاواتيءَ وانگر سنھين لوھي تارن سان ڇڪيو آھي جن تارن جو ھڪڙو پاسو تہ ان گاڏي ۾ ٻڌل ھوندو آھي ۽ ٻيو ڇڪيندڙ جي پٺيءَ جي کل ۽ گوشت ۾ ڪنڊين ذريعي ڦاٿل ھوندو آھي. اھڙا گھٽ ۾ گھٽ پنجاھ ڪن مڙيل ڪنڊيا ان ڇڪيندڙ ھمراھ جي پٺيءَ ۾ ٽنبيل ھئا ۽ منھن مٿو ۽ جسم سڄو پيوت ٿيل - چن، ميٽ يا ڪنھن ٻئي ٻوري مان. سندس اڳيان پويان ويھ پنجويھ پيرين اگھاڙا ڪفنين ۾ مرد ۽ ٽکن رنگن جي ڪاٽن جي ساڙھين ۾ عورتون ھيون. سخت گرميءَ ڪان پگھر سندن جسم تان ٽمي رھيو ھو- ۽ پان جي پڪ ڇين جي پاسن ڪان. پر 'ويل' 'ويل'-مرحبا، مرحبا جا نعرا ھڻندا ڪاواتي ڪٽندڙن کي ھمٿائي ايڏانھن ساڃي پاسي - آرمينين اسٽريٽ يا پينانگ روڊ ڏي مڙيا پئي. ھڪ ميڙ جي پويان ٻيو، ۽ ٻئي پويان ٽيون ميڙ ھو.

ائين جسم ۾ تارون ٽنبي ڪاواڊيون يا گاڏا ڪڻڻ وارا ھڪ ٻہ نہ پر ڪيترائي ھوندا آھن. سڀ ڪان گھٽا (ٻئي ڏينھن اخبار ۾ آيو تہ) ڪوالالمپور ۾ ھئا. اتي اٽڪل ٻہ ھزار ڪن ماڻھن بدن ۾ اھڙيون تارون ٽنبي باتو چرن ۾ نھيل شري موروگا مندر ۾ آيا ھئا. ھر ھڪ ڪاواتي ڪٽندڙ سان گڏ سندس مائٽ، دوست ھوندا آھن. انھن ۾ چوڪريون ديوتا سندرامنيم کي آڇڻ لاءِ ڪير يا ماکي، کنڊ، ڳني جي رس، ۽ ڏونگھين سان ڀريل لوٽا ۽ ٿالھ ڪٽي ھلنديون آھن. آسٽريلين ھمراھ ڪارل

بيليءَ سان گڏ سندس ڏيءَ ۽ زال کير جو لوٽو کڻي هليون هيون ـ جنهن کي پڻ ڪاواتي سڏين.

ملائيشيا جي هڪ ٻئي وڏي شهر اپوح (Ipoh) ۾ اٺ سؤ کن ماڻهن، پنهنجيون سڪائون پوريون ڪرڻ لاءِ اهي ڪاواتيون ڪنيون. ان شهر ۾ اهو جلوس جالان (شاهراه) سنگائي پاري تي ٺهيل مندر ماريامان تان شروع ٿيو ۽ پنجن ڪلوميٽرن جو مفاصلو طئي ڪري جالان راجا موسيٰ عزيز (پراڻو انڊرسن روڊ) تي سبرامنيم مندر تي پورو ڪيو.

انهن جلوسن ۾ نه فقط عام ماڻهو پر وڏا وڏا ماڻهو پڻ ـ مذهب يا مشهوريءَ کان اچيو نڪرن. ڪوالالمپور واري جلوس ۾ ملائيشيا جو ورڪس منسٽر ـ مسٽر سئمي ويلو پڻ هو جيڪو اصل ته ڏکڻ هندستان جو تامل هندو آهي پر سندس ابا ڏاڏا سالن کان ملائيشيا ۾ اچي رهيا ان ڪري هاڻ هو ملائيشيا جي قوميت رکي ٿو ۽ ملائيشيا جو انڊين سڏجي ٿو. ان کان علاوه هائوسنگ ۽ لوڪل گورنمينٽ جو ڊپٽي وزير ايس. سبرامنيم، صحت جو ڊپٽي وزير داتڪ. ڪي. پائمانابان ۽ ٻيا ڪيترائي ملئي انڊين سرڪاري عملدار ۽ سياستدان هئا.

ساڳيءَ طرح ان ڏينهن سنگاپور ۾ به هندو ڌرمين کان علاوه ڪيترائي ڏسڻ وارا ۽ فوٽوگرافر هئا ـ خاص ڪري يورپ، آمريڪا پاسي کان آيل همراهه تماشو ڏسڻ لاءِ قطارن ۾ بيٺل هئا. آءُ به جڏهن هڪ ٻن اهڙن ڪاواتي (Kavadi) کڻڻ وارن جي ويجهو لنگهيس ته ڪار کي بيهاري کين چتائي ڏسڻ لڳس. سوئا ۽ تارون سندن ڇاتي ۽ پٺيءَ جي کل ۽ گوشت مان ائين ٿي لنگهيا جيئن مڇيءَ جي وات مان ڪنڊو آرپار لنگهي. پر اهو واقعي صحيح آهي ته انهن ڏنڊن تان رت بنهه نٿو نڪري ـ يا اڳهين ان کي سڪايو وڃي ٿو. يا ڪي اهڙيون دوائون ۽ ديسي نسخا استعمال ڪيا وڃن ٿا. ملاڪا جي ملٽري اسپتال جي ڊينٽل سرجن ـ ميجر داس سان ان بابت ڳالهه ٿي ته هن ٻڌايو: ”سمجهه ۾ نٿو اچي. ميڊيڪل سائنس ۾ ته اهڙي ڳالهه ناممڪن آهي ته ڪنهن جي جسم ۾ ڪپ، ڪانٽو يا ڪنڊو چڀجي پر رت نه نڪري. پر اها ڳالهه آهي جو

جيڪي ماڻهو ٿائيپوسام واري ڏينهن تي ڪاواتي ڪڍن ٿا، اهي ان ڏينهن جي تياري مهينو کن اڳ کان ڪن ٿا. پوءِ انهن کي Dict ـ بک تي رکيو وڃي ٿو، يا فقط ڀاڄيون ڪارايون وڃن ٿيون ۽ ڪجھ جڙيون ٻوٽيون ۽ گلن ٻوٽن جو تت پڻ. آئون تہ ڪرسچن آهيان پر منهنجي ماءُ هندو آهي ۽ هن پڻ ڪا سُکا پوري ٿيڻ تي بہ چار سال اڳ ڪاواتي ڪنئي هئي، پر بدن مان رت ڦڙو بہ نہ نڪتو هوس.“

آئون سنگاپور جي ان مشغول روڊ تان جلوس کي پرسان ڏسڻ لاءِ گهڻي دير ترسي نہ سگهيس جو جيئن ئي اڳيان جاءِ خالي ٿي ٿي تہ رستي تي بيٺل سنگاپور جي چيني، سک، تامل ۽ ملئي ٽرئفڪ پوليس وارن سيٽي وڄائي ڪارن، لارين کي اڳيان رڙهڻ لاءِ اشارو ڪيو ٿي. ۽ هونءَ بہ آئون براس بساح روڊ جي منهن وٽ تہ پهچي چڪو هوس جتان بيڪولين اسٽريٽ شروع ٿئي ٿي. ٿوروئي اڳيان واٽرلو اسٽريٽر ۽ Queen اسٽريٽ اچڻ بعد چوٿون نمبر گهٽي وڪٽوريا اسٽريٽ آئي جنهن ۾ ڪاپي پاسي مڙي تائي ـ پان هوٽل جي هيٺان ڀري ۾ ٺهيل ڪنگس پارڪنگ ۾ ڪلاڪ کن لاءِ گاڏي پارڪ ڪري شاپنگ وچي ڪيم. پارڪنگ جي گهڙڻ واري لنگهہ وٽ انچارج ملئي ڇوڪري ڪئن تي واڪ مئن ٽيپ رڪاربر لڳائي چيغم بہ ڪائي رهي هئي تہ گاني جي ڌن تي ڌڏي بہ رهي هئي.

”بوليح سايا ليتاڪ ڪيريتا سايا ڊي سِني ـ؟“ (ڪار پلي هتي پارڪ ڪريان؟) مون ملئي زبان ۾ پڇيومانس.

”بوليح“ (پلي) هن مرڪي جهيل مان وراڻيو ۽ ڪار کي اندر ڪرڻ جو وقت ڪارڊ تي لکي ڏنو جيئن ٻاهر وڃڻ وقت ٽائيم پيٽي پئسن جو حساب ڪري سگهي.

سنگاپور ۾، اسان جي ملڪ وانگر ڪٿي بہ رستي يا دڪان هوٽل اڳيان ڪار بيهاري نٿي سگهجي. پارڪنگ لاءِ وڏين هوٽلن يا ڊپارٽمينٽ اسٽورن ۾ هيٺ (انڊر گرائونڊ) تي يا مٿين ماڙين تي خاص جايون ٺهيل ٿين جتي سوين ڪارون بيهي سگهن ٿيون. هر هڪ هنڌ جي جدا جدا پارڪنگ فِي آهي. مثال طور تائي ـ پان هوٽل جي هيٺان واري

ڪنگس پارڪنگ جي في ٻہ ڊالر (پندرهن رپيا ڪن) ڪلاڪ جا آهن جو هيءَ شهر جي وچ واري جڳهہ ايئن آهي جيئن ڪراچيءَ جي مشغول هنڌن: بوري بازار، طارق روڊ يا وڪٽوريا روڊ واري. شهر ڪان ٻاهريرو هنڌن تي مسواڙ ڪجهہ گهٽ آهي ۽ شام جو پنجين ڪان وني صبح تائين انهن سڀني هنڌن تي فِي فقط هڪ ڊالر آهي. انهن پرائيويٽ پارڪنگ وارين جڳهين ڪان علاوه جتي جتي بہ خالي پٽ آهي اتي بيهارڻ تي سرڪار پئسا وني ٿي جنهن لاءِ پارڪنگ جون سرڪاري ٽڪيٽون استعمال ڪبيون آهن جيڪي ڇهن ڊالرن ۾ ڏهہ ملن ٿيون ۽ ڪلاڪ ڪن بيهارڻ لاءِ هڪ ٽڪيٽ رکي آهي.

ڪار پارڪ ڪري ٻاهر نڪتس تہ وري ساڳي ملئي ڇوڪريءَ مرڪيو ۽ ائين تڪلف طور پڇيو: ”دي مانا اواڪ داتنغ ـ؟“ ڪٿان توهان اچو پيا.

(Dari Mana Awak Datang?)

”درپيادا نگارا اواڪ“. (تنهنجي ئي ملڪ مان).

”آئون ملائيشيا جي نہ آهيان. ملئي ضرور آهيان پر منهنجي قوميت (Nationality) سنگاپوري آهي.“ هن درستي ڪئي ۽ مون بہ ڪلندي پڇيومانس:

”سنگاپور جو ماڻهو ٿي رهڻ سٺو يا ملائيشيا جو ـ؟“

”سنگاپور جو.“ هن وڏي پروسي سان وراڻيو.

”ڇو ڀلا ـ؟“ مون پڇيومانس.

”بس ائين ئي. هتي مزو آهي. سنگاپور ملائيشيا ڪان وڌيڪ ماڊرن آهي. آئون گهٽو پڙهيل نہ آهيان تہ بہ ههڙيون نوڪريون ڪري هن عمر ۾ بہ ڪمائي سگهان ٿي. هتي گهمڻ ڦرڻ جا بہ گهڻا مزا آهن.“

”اهو تہ آهي پر سڄي عمر هن نوڪريءَ تي تہ ٻاڙي نٿو سگهجي. وڌيڪ بہ پڙهڻ ڪپي يا تہ ڪو هنر سکڻ ڪپي. هن قسم جي چوڪيداري/ رکوالي ٽائيپ نوڪري تہ سست بڻايو ڇڏي.“ مون شايد هن ملڪ ۾ رهندڙ سندن ٻي قوم ـ چينين ڪان متاثر ٿي ڪيس نصيحت

ڪئي، جيڪي ماڻھو پڙھائيءَ توڙي هنر ۽ پورهئي ۾ اهڙا مڙس ماڻھو آهن جو سڄي ملڪ جي ايڪانامي سندن هٿن ۾ اچي ويئي آهي. ۽ ملئي ماڻھو ڪٿي چئجي تہ وڏيڪ توڪلي هجڻ ڪري - يا ڪن جي چوائي، ٿوري ۾ ئي شڪر ڪري، خوش رهڻ ڪري، يا سستيءَ سبب يا وڏيڪ محنت کان لنوائڻ ڪري ان قسم جون هيٺائيون نوڪريون ئي ڪن ٿا ۽ جيڪي ڪجھ ڪمائين بہ ٿا تہ اهو چينين وٽ ئي اچيو خرچ ڪن ٿا. نتيجي ۾ ڏنو وڃي تہ چيني خوشحال ٿيندا وڃن - محنت، جفاڪشي، پورهئي ۽ خيال سان خرچ هلائڻ ڪري ۽ هي ملئي جيڪي هن ڌرتيءَ جا اصل باشندا آهن، اهي، سست، هٿ ڦاڙ هجڻ ڪري، رسم رواجن جي خرچن کي هرويرو پورو ڪرڻ، منهن مٿي رکڻ جي چڪر ۽ ٻاهريون ڏيک برقرار رکڻ ڪري معاشي توڙي علمي ۽ هنري طرح ههڙي دور ۾ بہ پٺتي پوندا وڃن. ڪين ائين پٺتي رکڻ ۾ ٿي سگھي ٿو چينين جو بہ هٿ هجي.

هڪ دفعي ملاڪا جو ڪڪڙيون وڪڻندڙ هڪ همراهہ ٻڌائي رهيو هو تہ هو سنگاپور مان چو لڏي ملائيشيا آيو. ”جيتوڻيڪ مون سنگاپور مان مڪينيڪل انجنيئرنگ ۾ ڊپلوما ڪئي،“ هن ٻڌايو، ”پر سنگاپور جي حڪومت جيڪا چينين جي هٿ ۾ آهي، اهي نٿا چاهين تہ اسين سنگاپور وارا ملئي ماڻھو بہ مٿيرا ٿيون. ان ڪري سنگاپور ۾ چڱي نوڪري هٿ ڪرڻ مون لاءِ ڏکيو ڪم ٿي پيو. ٻيو تہ سنگاپور ۾ اسان جا گھڻا ٽا ملئي هيٺاهان ڌنڌا ڪن ٿا، جهڙوڪ: ڪلارڪ، نوڪر، چوڪيدار، چانهہ وارا وغيره وغيره. ان ڪري ٻين جي نظر ۾ هر ملئي ماڻھو- چاهي وڏي نوڪريءَ ۾ هجي - نيچ لڳي ٿو. ان ڪري پڙهيل ڳڙهيل ملئي کي تہ اهو گھٽتائيءَ وارا احساس هيڪاندو تڙپائي ٿو. ان ڪري مون سوچيو تہ سنگاپور جي اهڙي آفيسريءَ کان ملائيشيا ۾ عزت جو ڌنڌو سٺو آهي - جتي ٻيا بہ منهنجا ياڻر گھڻا آهن.“

بهرحال اهي ڳالهيون تازيون ٻڌل هيون ان ڪري هن پارڪنگ واري جاءِ جو انچارج پٺو - يا چوڪيداري، هڪ ملئيءَ کي ڪندو ڏسي

ڏيان ۾ اچي ويون.

مٿي هڪ هنڌ پيرومل مندر جو ذڪر ڪيو اٿم. اهو سرنگون روڊ تي اڳيان وڃڻ تي ڪجهہ سنهين گهٽين: بفئلو روڊ، ڪربائو روڊ، هندو روڊ، ويرسوامي روڊ، برما روڊ بعد هڪ پڪو رستو: ڪچنر روڊ اچي ٿو. ان بعد پيرومل روڊ آهي. جنهن جي ڪنڊ تي اهو مندر آهي. هن مندر جي اصل بلڊنگ تہ 1855ع ۾ نهي هئي پر پوءِ وقت جي طوفانن ۾ اها ڍهندي ڍهندي پٽ ٿي ويئي. ان بعد ساڳي نموني جي نئين عمارت هن پاسي جي مشهور ۽ امير انڊين واپاريءَ: مسٽر گووندا سواميءَ ٺهرائي. ان مندر جو فقط اڳيون دروازو جنهن تي ڪئين هندو ديوتا ۽ ديويون ٺهيل آهن ـ جنهن کي راجا گوپو رام ٿو سڏجي، ان تي پنج لک ڊالر خرچ آيو هو. گووندا سوامي پلائيءَ جي اولاد جو اڄان تائين واپار سنگاپور ۽ ملائيشيا جي شهرن ۾ پکڙيل آهي جيڪو سندس پوٽا پڙپوٽا هلائين پيا ـ خاص ڪري گووندا سواميءَ جا سيڌي ۽ پسارڪي شين جا هٽ.

ٿائيپوسام کان علاوه هتي هڪ ٻيو بہ هنن جو تهوار پونگال نالي ملهايو وڃي ٿو جيڪو هولي، ڏياري يا ٿائيپوسام کان ننڍي پئماني تي ٿئي ٿو. خاص ڪري سائوٿ آفريڪا، ترنيداد، ممباسا، انگلنڊ يا ٻين اهڙن هنڌن تي جتي انڊيا جا هندو رهن ٿا. تي سگهي ٿو هي تهوار بہ ٿائيپوسام وانگر سڄي هندستان بدران فقط ڏکڻ هندستان: تامل نادو ۽ ڪيريلا رياستن ۾ مشهور هجي ۽ جيئن تہ هتي سنگاپور ۽ ملائيشيا ۾ جيڪي هندو رهن ٿا انهن ۾ نوي سيڪڙو ڏکڻ هندستان جي هندن جو آهي سو پونگال هتي پڻ ملائيشيا جي ڪن شهرن ـ خاص ڪري پينانگ ۽ ايوح ۾ ملهايو وڃي ٿو. هي جشن سٺي فصل لهڻ جي خوشيءَ ۾ هوندو آهي. هن جشن ۾ هڪ متاري ڊيگي کي هار ڪنئيون پائي، گلن سان سينگاري، پاڙي جا پريا مڙس رنگين رسين سان وٺي شهر جو گشت ڪندا آهن. پٺيان پٺيان ڪنواريون توڙي پرڻيل زالون ڳائي ۽ گلن جا ٿلهہ ڪٽي هلنديون آهن. هي راڳ روپ ۽ ڪاڏا پيتا سانده ٽي ڏينهن پيا هلندا آهن.

ڪوه اچي چتي تي آهين...

پاڪستان، دبئي، دوحا، بنگلاديش جهڙن ملڪن جيان ملائيشيا جي ماڻهن کي بہ هندي فلمن ڏسڻ جو ڏاڍو شوق آهي. بلڪ ڏينهون ڏينهن وڌندو وڃي. مثال طور بہ سال کن اڳ جڏهن اسان هتي ملاڪا آيا هئاسين تہ پر واري هڪ ننڍي ڳوٺ مسجد تاناح ۾ هندي فلمن جي ڪئسٽن جو هڪ بہ دوڪان نہ هو. پوءِ پهرين هڪ گجراتي فرنيچر واري پنهنجي فرنيچر جي دوڪان تي ڪجهہ ڪئسٽ رکيا جيڪي هو ڪوالالمپور کان پنهنجي پاءُ جي وڏي دوڪان تان گهرائيندو هو. پاڻ بہ ڏسندو هو تہ مسواڙ تي ڏيئي پئسا بہ ڪمائيندو هو. هن هر هڪ ڪئسٽ جي ٻن ڏينهن لاءِ مسواڙ هڪ ڊالر ـ يعني ڇهہ رپيا ورتا ٿي ۽ پوءِ ساڳئي مسواڙ ۾ ڏينهن جو مدو ٻن مان هڪ هفتو ڪيائين. ان بعد هڪ سيڏي جي دوڪان واري جي زال ٿورا ٿورا ڪئسٽ، پنهنجي گهر ۾ رکي مسواڙ تي ڏيڻ لڳي. ان جا ڪئسٽ سئي ڇاپي وارا هئا ان ڪري هن ڏيڍ ڊالر مسواڙ ڪئي. ان بعد هڪ تامل ۽ چيني دوڪاندار پڻ اهو ڌنڌو شروع ڪيو ۽ سال کن کان پوءِ هڪ ٻئي چيني همراهہ ماڳهين نئون دوڪان کولي منجهس فقط ڪئسٽ رکيا. هن هندي ڪئسٽن کان علاوه تامل، چيني، ملئي، انڊونيشي ۽ انگريزي فلمن جا ڪئسٽ رکيا ـ جن زبانن جون فلمون هتي عام هلن ٿيون.

مٿي ذڪر ڪيل ملڪن ۾ تہ اڙدو يا هندي سمجهڻ وارا تمام گهڻا رهن ٿا پر هتي اڙدو يا هندي ڳالهائڻ وارا آڱرين تي ڳڻڻ جيترا آهن. سڄي ملاڪا رياست ۾ جيڪا خيرپور ڊويزن جيتري مس ٿيندي، ڪل اسان پنج ڇهہ (فئملين سميت) ڪئپٽن ۽ چيف انجنيئر پاڪستاني آهيون ـ جيڪي اڙدو/ هندي سمجهون ۽ ڳالهايون ٿا ۽ اهڙيون هندستان

جون پنجاهه ڪن فئمليون هندي ۽ پنجابي ڳالهائڻ واريون ۽ ٽي چار هندو سنڌي فئمليون آهن. باقي پنج ڇهه هزار اندين فئمليون مدراس ۽ ڪيرالا پاسي (ڏکڻ هندستان) جون تامل، مليالم، ڪانادا ۽ تيلگو زبانون ڳالهائڻ واريون هتي رهن ٿيون جيڪي هندي فلمون ڏسڻ کان وڌيڪ پنهنجين زبانن جي فلمن کي ترجيح ڏين ٿيون. ملائيشيا ۽ سنگاپور جي ٽي وي ۽ ٽي به هندي فلمن کان وڌيڪ تامل فلمون اچن ٿيون يا مليالم ۽ تيلگو. ٽي وي ۽ ٽي مهيني ۾ چار پنج ڪن هندي فلمون اينديون ته ٻارهن ڪن تامل. هن سال پاڻ هندي فلمون ڪجهه وڌيڪ آيون ۽ ڪجهه آهستي آهستي جهڙوڪر وڌي رهيون آهن.

هڪ ڪئسٽ جي دوڪاندار کان پڇيم ته ڇا هندي فلمن جي ايڏي کپت آهي؟ ونئي ڪير ٿو؟

وراڻيائين: ”ملئي ماڻهن ۾ روز بروز هندي فلمون ڏسڻ جو شوق وڌندو وڃي.“

واقعي. ٽي وي تان هندي فلم هلڻ مهل گهٽين مان لنگهبو ته ويندي ڪاٺ جي ڳوٺاڻن (ڪمپونگ) گهرن مان به فل آواز تي هندي فلم جا ڊائلاگ پيا ايندا آهن. جيتوڻيڪ ملائيشيا ۾ اڄڪلهه ٽي وي ۽ جا ٽي چئنل آهن ۽ ٽنهي تان هڪ کان هڪ سٺا پروگرام اچن ٿا ته به ماڻهو پيا پروگرام ڇڏي هندي فلمون وڌيڪ ڏسڻ لڳا آهن. حڪومت جي پاليسي موجب جڏهن هڪ چئنل تي هندي، تامل يا ڪو سٺو چيني پروگرام ايندو آهي ته باقي ٻين ٻن تي ملئي جا بهترين پروگرام رکيا ويندا آهن جيئن هتي جا اصل رهاڪو- پومي پترا (ڌرتي جا پٽڙا)— يعني ملئي ماڻهن لاءِ ڌارين جي زبان بدران پنهنجي ئي زبان جا پروگرام ڏسڻ لاءِ هجن. پرگذريل ٻن سالن ۾ انديا جي هندي فلمن ملئي ماڻهن جي دل ۾ جڳهه جاءِ پئدا ڪري ورتي آهي. اها ٻي ڳالهه آهي ته ملئي ماڻهو هندي يا اڙدو سمجهن نٿا پر فلم دوران ملئي ۾ ايندڙ ترجمو پڙهي مطلب ڪڍيو وٺن. پر هنن جو مطلب سان به گهٽ واسطو ناهي. ڇو جو اها ڳالهه هجي ها ته پوءِ انديا جي ٻين زبانن جون فلمون - خاص ڪري تامل ۽ مليالم پڻ

ڪين وٽن ھا ـ جن جو پڻ ترجمو اچي ٿو. ۽ پاڪستاني اڙدو ۽ پنجابي پڻ. پر ھندي فلمن جي ڪھاڻين کان وڌيڪ انھن جا سيٽ، اداڪار، گانا، ناچ، ڪجھ ڪجھ اوگھڙ، قدرتي نظارا وغيره ڪين ٻين فلمن کان وڌيڪ پسند آھن. ان ڪري ھندي فلمن جي پرستار ـ ملئي ماڻھن جي وات تي اڪثر اميتاڀ، رشي، راج ببر جھڙن ھيرن ۽ سميتا پاٽل، جيا پرادا، رتي اگني ھوتري ۽ ريکا جھڙين ھيروئنن جا نالا آھن. گذريل سال تہ خبر ناھي ڪھڙي حساب ۽ ليکي ۾ ديوانند جھڙو پوڙھو ۽ پيو ائڪٽر ھتي جي ملئي ماڻھن ڪي سڀ کان گھٽو وڻ لڳو ھو جو ھن جي فلمن جي واڪاڻ ۾ اخبارن ۾ خط اچڻ لڳا تہ ديوانند جون گھٽي کان گھٽيون فلمون ھلايون وڃن. ۽ واقعي ھڪ ٻئي پويان لڳاتار چار مھينا ملائيشيا جي ٽي ويءَ تان سندس ئي فلمون اينديون رھيون. نوجوان ڇوڪرا ديوانند وانگر قميص جي ڳلي جو آخري بٽڻ بہ لڳائي ھلڻ لڳا.

ديوانند بعد ششي ڪپور ٽاپ تي ھو. پوءِ ڪجھ عرصي لاءِ ھتي جي ماڻھن کان رشيءَ جي بہ تعريف ٻڌيسين. ان بعد چار پنج مھينا راجيش کنا ھتي جي ماڻھن جي دلين تي راڄ ڪندو رھيو. پر ھاڻ اھو ماٺ ۽ مرتبو اميتاڀ بچن کي مليل آھي جو آفيس جون ملئي ڇوڪريون بہ چانھ تي ان جو ذڪر ڪنديون آھن. اڄ صبح بہ آفيس ٽائيم تي جھڙو ڪارڊ پنچ ڪرڻ لاءِ 'ڪلاڪ ـ مشين' وٽ ڳنڍياسين تہ اسسٽنٽ اڪائونٽ آفيسرياڻي سيتي فاطما بنتي يونس ۽ ٽائپسٽ ڇوڪري حاجا بصران (ھتي حاجاڻيءَ کي حاجا چون ٿا) اخبار لوڏيندي خوشخبري ٻڌائي تہ اڄ ٽي ويءَ تان ٻي چئنل تي اميتاڀ بچن جي ھندي فلم "قسمين وعدي" اچي پيئي.

ڪئپٽن عرفان فاروقيءَ مونکي ڪن ۾ شوڪارو ھڻندي چيو: "حاجاڻين جا ھي حال! باقي پنھنجي ملڪ ۾ ڪو دلپسند فلم ائڪٽريس جو نالو ڪٺي تہ ھرڪو مٿس اگر ڪٺي". پوءِ ٿڌو ساھ کڻي چيائين: "اھا ٻي ڳالھ آھي تہ پنھنجي تہ حسرت ئي رھجي ويئي تہ ڪڏھن پنھنجي ملڪ جي سدا بھار فلم انڊسٽريءَ جي ڪا سدا بھار فلم ائڪٽريس:

آسيہ، زمرد، انجمن، مسرت شاهين، سنگيتا ـ يا ڪا ٻي ٻئاري ڪنهن اهڙي ٿهڙي فلم ۾ بہ سٺي ائڪٽنگ ڪري تہ ڪيس ڪٽي 'فئوريٽ اداڪارا' سڏيون.

انهيءَ ئي ڏينهن شام جو هڪ پاڙيسري ملئي عورت مسز رابع بنتي بحرالدين ملي. پاڻ انشورنس ڪمپنيءَ ۾ ڪم ڪري ٿي. سندس مڙس اسان جي ئي آفيس ۾ ڊاڪٽر آهي. ڪيس پنجن سالن اندر هتي جي حساب موجب ٻارن جي فل ڪوٽا يعني پنج ٻار ڄمي چڪا آهن. هتي آدمشماري گهٽ هجڻ ڪري حڪومت ٻن ٻارن بدران پنجن ٻارن جي همٿ افزائي ڪري ٿي ۽ ايترن جي صحت ۽ پڙهائي وغيره جو ذمو پڻ کڻي ٿي. پاڻ بہ اخبار ۾ اميتاڀ جي فلم جو پڙهي آئي هئي ۽ گجراتي ڪئسٽن واري دوڪاندار جي پڻ ٻڌي گراهڪ آهي. خوشيءَ مان ڪڇيون هڻندي چيائين: "اڄ اميتاڀ جي فلم پيئي اچي. مون کي تہ اميتاڀ ايڏو ٿو وڻي جو مڙس کي چيم تہ اڄ تہ هڪ ٻيو بہ ٻار ڪريون. اميتاڀ جا فوٽو گهر ۾ هڻي ڇڏيندي جيئن ان کي ڏسڻ سان ان جهڙو ٻار ڄمي."

"ٻوءِ مڙس ڇا چئي ـ؟" ڪنهن پڇيس.

کلندي وراڻيائين: "چيائين، ڪوهہ اچي چتي ٿي آهين."

سنڌي سئيڊن ۾

هڪ دفعي ڪئپٽن بشير وسطڙو سئيڊن کان هلي ملي ملائيشيا گهمڻ لاءِ مون وٽ آيو. پاڻ Fleet Management سبجيڪٽ ۾ سئيڊن جي شهر مالمو ۾ ورلڊ - مئري ٽائيم - يونيورسٽيءَ ۾ (M.Sc:) ايم ايس سي ڪري رهيو آهي. پاڻ پهريون پاڪستاني آهي جيڪو ان سبجيڪٽ ۾ پوسٽ گرئجيوئيشن ڪندو.

سئيڊن جو اهو شهر گهڻو اتر ۾ آهي بلڪ اتر قطب جي ويجهو ئي سمجهڻ کپي جتي سال جا ڇهه مهينا ڏينهن رهي ٿو ته ڇهه مهينا رات. رات وارا ڇهه مهينا ته سخت سيءُ، جهڙ ۽ اونداهه انڌوڪار رهي ٿو. هن سال ته اهڙو سخت سي ٿيو آهي جو اتر قطب کان ڪجهه ڏورانهان ملڪ: انگلنڊ، فرانس، جرمنيءَ کان وٺي اٽلي، اسپين تائين جا ماڻهو به دانهون پيا ڪن. اهڙي سيءَ کان پڄي بشير موڪلون گذارڻ لاءِ هفتو کن هيڏانهن ملائيشيا ۾ هليو آيو- جتي ٻارهوئي هڪ جهڙي موسم آهي - نه اونهارو ٿئي نه سيارو. نه بهار نه سرءُ.

هڪ ڏينهن اسان جي اڪيڊميءَ جو پرنسپال ڪئپٽن حمزه بن نور کي چيائين ته توهان ملئي ماڻهو ڳالهه ٻولهه ڪيئن شروع ڪندا آهيو؟ هن وائڙو ٿي پڇيس: ”چو يلاـ؟“

”بس ائين ئي،“ ڪئپٽن بشير وراڻيو، ”اسان ته دوست يار توڙي مِٽ مائٽ جڏهن ملندا آهيون ته پهرين موسم جي ڳالهه ڪندا آهيو ته خيرپور کان پيو اچين موسم ڪيئن هئي. ڪراچيءَ ۾ ته رات گرمي نه هئي. حيدرآباد ۾ ڪالهه ڪافي سيءُ/ گرمي/ لڪ/ نار/ گهم هئي - وغيره.“

ڪئپٽن حمزي يڪدم ڳالهه سمجهي کلي چيو: ”ها يار. اها ڳالهه

آهي. ملائيشيا جي تہ ٻارهوئي هڪ جهڙي موسم آهي.“

ملائيشيا، سنگاپور ۽ انڊونيشيا پاسي جا ماڻهو ان معاملي ۾ اڻڄاڻ آهن تہ مٿي اتراهن ملڪن ۾ يا هيٺ ڏاکڻ ملڪن: آسٽريليا، نيوزيلئنڊ، سائوٿ آفريڪا وغيره ۾ موسم ڪيئن ڦرندي گرندي رهي ٿي.

بشير کي ملائيشيا جو ملڪ، ماڻهو ۽ موسم ڏاڍي وڻي ـ خاص ڪري هر وقت جهڙ مينهن. سنڌ ۾ مينهن گهٽ يا نہ برابر وسڻ ڪري اسان مينهن جا هيڪاندا سڪٽا تي پيا آهيون.

بشير ٻڌايو: ”يورپ پاسي جهڙُ يا مينهن سٺي ڳالهہ نٿي سمجهي وڃي جو اتي هونءَ ئي ٿڌ آهي جهڙ ۽ مينهن ڪري، ويتر سخت سيءُ ۽ اوندهہ انڌوڪار ٿيو وڃي جيڪو ماڻهن جي زندگي ۽ ڇرپر تي اثر انداز ٿئي ٿو. پر نئون نئون هجڻ ڪري مون کي اتي جو بہ مينهن ڏاڍو وڻيو پئي. ايتريقدر جو جن ڏينهن ۾ اتي پهتو هوس اهي سياري جا سخت سرد ڏينهن هئا ۽ سياري ۾ تہ يورپي ماڻهن کي مينهن بنهہ نٿو وڻي پر اسان ماڻهو سنڌ جي سِڪايل ۽ ٻوٽ زمين وانگر سياري جي مينهن مان بہ فرحت وٺندا رهياسين. هفتي ٻن بعد هڪ سئيڊن جي همراهہ سان عليڪ سليڪ ٿي. پنهنجي ملڪ بابت مون کان پڇڻ لڳو تہ سئيڊن ڪيئن ٿو لڳيم تہ مون هڪدم سنڌس ملڪ ۽ موسم جي تعريف ڪندي ٻڌايومانس تہ ’هتي جي موسم واهہ جي آهي.‘ اهو ٻڌي سئيڊش همراهہ ڪان ڇرڪ نڪري ويو. منهنجو جملو ورجائي چوڻ لڳو: ’واهہ جي آهي موسم! هفتي کان جهڙُ ۽ مينهن آهي جو بند ٿيڻ جو نالو نٿو وٺي. تون ٿو چئين تہ واهہ جي آهي موسم.‘

بشير ٻڌايو تہ پوءِ ڪيس يڪدم ڌيان ۾ اچي ويو تہ هنن ماڻهن لاءِ هيءَ موسم تہ مصيبت آهي. سو ڳالهہ ناهي ڇپائين: ”ها واقعي. هتي جي موسم ڏاڍي خراب آهي. Nasty Weather ـــ بيڪار موسم. خبر ناهي ڪڏهن ختم ٿيندي.“ جيتوڻيڪ هن ٻڌايو تہ هو دل ئي دل ۾ مينهن جون دعائون گهرندو رهندو آهي.

چيني ــ سياڻا واپاري

هڪ ڏينهن ڪئپٽن حمزو مونکي ۽ بشير کي ملاڪا جي هڪ هوٽل رامادا ـ اِن (Ramada- Inn) ۾ ڊنر لاءِ وٺي هليو. هوٽل ۾ چيني ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين کي نوڪري ڪندو ڏسي هن ٻڌايو تہ هتي ملائيشيا ۾ واپار وڙو سڄو چينين جي هٿ ۾ آهي. ڪو اڪو ڏڪو ملئي ماڻهن جي هٿن ۾ هوندو نہ تہ ڪو ملئي واپار ۾ ايترو ڪامياب نٿو رهي جيترو چيني ماڻهو. ان جا ڪجهہ سبب پڻ آهن. چينين جون جتي ڪٿي يونينون، ائسوسيئيشنون ۽ ادارا ٺهيل آهن. پنهنجي اباڻي وطن چين جي صوبن مطابق ڪي ڪئنٽونيز آهن تہ ڪي ٽيوچو، ڪي هڪا آهن تہ ڪي فوڪئين. ۽ هر هڪ چيني پنهنجي صوبائي جماعت سان ٻڌل ۽ وفادار رهي ٿو. مرڻ تائين ان جي ميمبر شپ نٿو ڇڏي. ڪو ننڍو واپاري هجي يا وڏو ـ پنهنجي وت ۽ حيثيت آهر پنهنجي يونين ۽ مندر ۾ ڪمايل ملڪيت مان حصو ڏئي ٿو. پوءِ انهن مان ڪنهن جو بہ سرڪار يا ڪو ٻيو ڌاريون نالو وٺي ٿو تہ ان جي سڄي يونين مقابلو ڪرڻ لاءِ تيار ٿيو وڃي. وينديون ڪورٽن ۾ ڪيس ڪرڻ لاءِ بہ پهچيو وڃن. پوءِ چاهي ان تي ڪيترو بہ خرچ اچي وڃي ـ يونينون پنهنجي هڙان ڏين.

چيني واپار ۾ هڪٻئي جي ڪيئن مدد ڪن ٿا؟ مثال طور ڪو چيني ـ ٽيوچو واپار شروع ڪرڻ ٿو چاهي. هن وٽ اڌ لک ڊالر آهن جن مان هو سٺي طرح واپار ڪري نٿو سگهي. اِن صورت ۾ ٽيوچو چينين جي يونين ڪيس پاڻ وٽان يا مندر مان لک ڏيڍ ڊالر ڪڍي ڏينديتہ ڪم پلي وڏي پئماني تي شروع ڪر پوءِ آهستي آهستي فائدي موجب اڌار پيو موٽائجانءِ. يا ڪو هڪئين چيني آهي. هن ڊبل روٽيءَ

جو دڪان کوليو آهي. پيو ڪو ونيس يا نہ پر گهٽ ۾ گهٽ سندس شهر ۽ اوسي پاسي جا رهندڙ هڪئين چيني پنهنجي گهرن ۽ هوٽلن لاءِ سندس ئي ڊبل روٽي وٺندا. باقي ٻين چينين جو ڪو پنهنجو ڊبل روٽيءَ وارو نہ هوندو تہ اهي بہ ڪوشش ڪري ان کان وٺندا. ملئي يا انڊين کان گهٽ وٺندا. نتيجي ۾ ڪو ملئي دڪان کولي بہ ٿو تہ هڪ تہ هن کي ڪو مالي مدد ڪرڻ وارو نہ آهي ۽ ٻيو تہ ان جي مال جي کپت بہ نٿي ٿئي.

موت کانپوءِ ملاکا کان مچر

ملاکا شهر جو هڪ رستو- جالان بنگارايا تڀي جالان منشي عبدالله تي پهتاسين تہ ڪنڌ وٽ نغارن ۽ ٻئنڊ وارن وڏن دهلن جا ڪن ڦاڙ آواز ٻڌڻ ۾ آيا. ڪئپٽن حمزي ٻڌايو تہ جتي اهي دهل وڄي رهيا آهن اتي ڪو چيني مري ويو آهي. اهي دهل هاڻ سڄي رات وڄندا رهندا جيئن آيل ڪانڌي سڄي رات جاڳن ۽ ساڳي وقت هنن جو چوڻ آهي تہ ڏونڪن جي آواز تي بد روح ڀڄي وڃن ٿا.

”پاڻ مسلمانن ۾“ حمزي ٻڌايو، ”دفن ڪفن جي رسم تمام سادي سودي آهي - خاص ڪري اسين ملائيشيا جا مسلمان - جيڪي شافعي فرقي جا آهيون، سعودي عرب جي وهابين وانگر ڪا پڪي قبر بہ نہ ناهيون ۽ نہ ڪي تعريفي ۽ تواريخي ڪتبا قبر اڳيان رکون. پر اسان جي ملڪ ۾ رهندڙ چينين جي موتي فوتيءَ جي رسم ۽ خرچ پکو شاديءَ کان بہ وڌيڪ ٿئي ٿو. چينين جو اهو عقيدو آهي تہ مري ويل، جيئرو، ۽ اجان اڻ ڄاول - ٿئي هڪ ئي فئملي جا ميمبر آهن - جيتوڻيڪ اها ٻي ڳالهہ آهي تہ ٿئي مختلف دنيائن ۾ رهن ٿا ۽ جيڪي ڪجهہ جنازي اڳيان ڪيو وڃي ٿو ان مطابق ئي ڪيس ٻي دنيا ۾ نصيب ٿئي ٿو. ان ڪري دفن ڪرڻ وقت ڪاغذن جا ڪوڙا ڇپيل نوٽ ساڙيا ويندا آهن - جن تي هزار ڊالر کان لک لک - ويندي ملين ڊالرن جو انگ لکيل هوندو آهي. جيئن مرڻ بعد کيس ايتري ملڪيت ملي ۽ جيئن هو ان سان سئو گذر سفر ڪري سگهي. نہ فقط پئسا پر ان وقت ڪاغذن جون ٻيون بہ ڪيتريون شيون ناهي ساڙين. مثال طور ڪاغذ جا ننڍا گهر، رانديڪن جيڏا ڪاغذ جا هنڌ بسترا، ڪٽون، ڪرسيون ۽ ٻيو فرنيچر، ٿانوَ ٿپا ويندي سواريءَ لاءِ ڪار (خاص ڪري مرسيڊيز يا ولوو ڪار ناهين) ۽

ڪاغذ جو هيلي ڪاپٽر يا هوائي جهاز پڻ. دفن ڪرڻ کان اڳ جنازي اڳيان ساڙيا ويندا آهن ۽ اهي ڪاغذ جون مختلف شيون ملائيشيا، سنگاپور، هانگ ڪانگ توڙي دنيا جي ٻين شهرن جي چائنا ٽائون ۾ عام ملن ٿيون. اهي گهر گاڏيون ويندي پني جا نوڪر چاڪر سستي اگهه کان وٺي اوچي ڪاغذن ۽ نموني جا ڳرن اگهن وارا ملن. ڪي ڪي پنن جا گهر ته اهڙا سهڻا ۽ مڪمل نموني جا نهيل هوندا آهن جو ويندي انهن ۾ ڇپر ۽ پينگهون، ننڍڙو بار ۽ مختلف براندن جي شراب جون پني جون بوتلون رکيل هونديون آهن.

انهن شين جي سڙڻ سان مري ويل چيني همراهه کي ٻئي جهان ۾ پهچي ڪو هڙ حاصل ٿئي يا نه پر هن جهان ۾ ڪاغذ جي واپارين ۽ اهي شيون ناهي وڪڻندڙن جو چڱو ڀلو ٿئي ٿو. ڪنهن منڊ ۾ ماڻهو پنيان ماڻهو مري ٿو ته ڪاغذن جون اهي ساڙڻ واريون شيون وڪڻندڙن جا ڀاڳ کليو وڃن.

ان کان علاوه چينين جي جنازي تي روڄ راڙو پڻ چڱو ٿئي ٿو ۽ جنازي جي هڪدم پنيان وارين قطارن ۾ سندس ويجها مائٽ ڳوڻ جا چوغا پائي پار ڪدي رئندا هلندا آهن. يا ان ڪم لاءِ ڀاڙي تي ”روئڻا“ پڻ ملن - جن جو ڪم روئڻ ۽ ڏک ظاهر ڪرڻ آهي - چاهي مرڻ وارو ڪير به هجي.

جنهن پيتيءَ ۾ چيني مرد يا عورت جو جنازو ڪڇي دفنائڻ يا ساڙڻ لاءِ هلندو آهي اهي پڻ مختلف قسمن ۽ قيمتن جون ٿين. ڪي تمام اوچي ڪاٺ جون وڏ تڪ جي ڪم واريون ٿين ۽ شڪل صورت ۾ به نمونن نمونن جون ٿين. ڪي اهي ڪفن جون پيتيون ٻيڙيءَ جي شڪل جون ٿين. ڇو جو چيني پنهنجي اباڻي وطن چين کان جڏهن سنگاپور، انڊونيشيا يا ملائيشيا آيا هئا ته ٻيڙين ۾ چڙهي آيا هئا ۽ ڪن ٻيڙيءَ جهڙي پيتيءَ ۾ دفن ڪرڻ جو اهو مطلب آهي ته متان مردو ٻئي جهان کان جيڪڏهن واپس پنهنجي وطن گهمڻ جي خواهش ظاهر ڪري ته هو ان ٻيڙيءَ ۾ چڙهي وڃي سگهي ٿو. ڇو جو پنهنجي وطن وڃڻ لاءِ هو فقط ان طريقي

جي سواري ۽ سفر ڪان واقف ھوندو جنھن ۾ آيو ھوندو.“

ڪئپٽن حمزي جون اھي ڳالھيون ٻڌڻ دوران بشير وسطڙو ڪي سنڌيءَ ۾ چيم تہ چڱو جو تون چيني نہ ٿئين نہ تہ توکي ھتي دفن ڪرڻ لاءِ اسان ڪي ھڪ تہ PIA جي ھوائي جھاز جو ڪاغذي ماڊل ساڙڻو پوي ھا جيڪو توکي ـ تنھنجي روح يا جسم ڪي ڪراچيءَ تائين ڪٽي وڃي. ان بعد اعوان بس سروس جي ھڪ ٽيپ رڪارڊر لڳل بس پڻ جي ڪئسٽن سميت ساڙڻي پوي ھا جيڪا ڪراچيءَ کان نوشھري فيروز تائين ڊوئڻ ۾ مدد ڏئي ھا ۽ پوءِ اتان تنھنجي ڳوٺ مچر رسائڻ لاءِ ھڪ مرزيل ٽانگي جو ڪاغذي ماڊل پڻ ساڙڻو پوي ھا.

اھا ڳالھہ بشير کي نہ وڻي ۽ دل ۾ ڪندي چيو: ”توکي ساڙ آھي تہ آئون ڳانن واري بس ۾ چو ٿو ھلان. ھالا مان وري ڪھڙا ھندورا ٽا ھلن. ھن دور ۾ بہ ھالا جي بس اسٽاپ تي جنازي ڪڻ جھڙيون ڪٽارا بسون بيٺل ھونديون آھن يا ٽتر ٽانگا. سچي وات تيڪون لاھيندا ھلندا آھن.“

ڪئپٽن حمزي وچ ۾ بچ بچاءُ ڪندي وڌيڪ ٻڌايو تہ ڪيترن چينين جي جنازي تي پني جو ريڊيو، ٽي وي ۽ اڄڪلھہ وي سي آر ۽ ڪئلڪيوليٽر ۽ ڪمپيوٽر پڻ ساڙڻو پوي ٿو جيئن ھو ونڊر توڙي واپار جون گھڙيون انھن ٽيڙن ذريعي آسائش ۽ سھوليت ۾ گذاري سگھي. مرڻ بعد جنازي ڪي اِڪي ڏينھن تائين گھر ۾ ئي رکيو ويندو آھي ـ يعني ھڪ، ٽن يا پنجن ڏينھن تائين. جيئن فوتيءَ جا مائٽ سنڌس منھن ڏسڻ ۽ پنھنجو منھن مٽو پٽڻ لاءِ ايندا رھن ۽ اھو عرصو خوب ماني ٽڪي ۽ شراب ھلندو آھي ۽ اوجاڳا ڪيا ويندا آھن. زال ھوندي آھي تہ مڙس ۽ جي مڙس ھوندو آھي تہ زال اخبارن ۾ سندس فوتي سان گڏ اشتھار ڏيندي آھي تہ تون ٻئي جھان ۾ ھليو وئين. پنھنجي ياد ڇڏي ويو آھين. ڏک ڪندڙن جي لسٽ ۾ پٽن، ڌيئن، ننھن نانين، پوٽن پڙ پوٽن، ڏھٽن پڙ ڏوھٽن جا نالا ھوندا آھن.

ڪو ھمراھہ وڏي ڄمار جو پٽ، پوٽن، پڙ پوٽن وارو ٿي مرندو

آهي تہ اهو خوش نصيب سمجهيو ويندو آهي ۽ ان تي گهڻو روج پٽڪو ڪرڻ ضروري نہ سمجهيو ويندو آهي جو هن جي ويجهو اچڻ تي ڪنهن بہ بد روح جي همت نٿي ٿئي ۽ سڌو سائڙيل مرسيڊيز ڪار يا هوائي جهاز رستي جنت ۾ هليو وڃي يا ڪفن واري ڪاٺ جي ٻيڙيءَ ۾ چڙهي پنهنجي اباڻي وطن: سئم ڪانگ، سنگ تائو، يا شنگهائي هليو وڃي. باقي ڪو ننڍي عمر ۾ ـ ٽيهن ورهن جي ڄمار اندر مري ٿو تہ اها ڳالهہ هن لاءِ ۽ ڪٽنب لاءِ خراب سمجهي وڃي ٿي.

موت ڪانپوءِ.....

خاص ماڻهن جي موت جي خبر فوتيءَ جا ويجها مائٽ، اسان جي ملڪ ۾ پڻ اخبارن ذريعي ڏيندا آهن ۽ ان سان گڏ دعا فاتحہ يا ٽيجهي جو اطلاع پڻ. پر ان قسم جون خبرون يا اطلاع جا اشتهار ڪڏهن ڪڏهن ايندا آهن. پر هن پاسي ـ ملائيشيا توڙي سنگاپور جي اخبار ۾ هر روز 'فوتين جو ڪالم' ائين هوندو آهي جيئن پاڻ وٽ گهرن جي خريد ۽ وڪري جو ڪالم. ان ۾ مري ويل جا مائٽ ـــ خاص ڪري زال يا مڙس، مري ويل جي عمر سان گڏ سندس نالو نوڪري ۽ آخري رهائش جي ائڊريس ۽ اولاد جي ڊگهي لسٽ ڏيندا آهن تہ هو پنيان ڪيترا پٽ، پوٽا، پڙ پوٽا؛ ڌيئون، ڏهٽا، ڏهٽيون ۽ پڙ ڏهٽا، پڙ ڏهٽيون، نائي ننهون ڇڏي ويو آهي. ڪڏهن ڪڏهن تہ انهن جي نوڪرين جي بہ لسٽ هوندي آهي. مثال طور ڪالهہ جي اخبار ۾ مئڊم سروجني ديويءَ جي موت جو اشتهار هو جيڪو سندس مڙس ڏنو هو. سروجني ديويءَ جي فوتي ۽ نالي هيٺان سندس اولاد جي فهرست هن ريت هئي.

پٽ:

1- ويرا سنگام ـ انسپيڪٽر پوليس ـ باتو پاهت شهر

2- سرڳواسي پانو دورائي ـ رٽائرڊ اسسٽنٽ اسٽيشن ماسٽر ـ تمپين.

3- تورائيسنگام ـ بي اي، ايل ايل بي ـ وڪيل ـ ڪوالالمپور.

ڌيئـون:

1- وسندرا ديوي ـ گورنمينٽ سرونٽ ـ باتو پاهت.

2- ٿاواماني ـ اسڪول ٽيچر (رٽائرڊ)

3- شرميلا ٽيوي ـ ايس ايم ڪي، بي ايم (اهي شايد خطاب آهن

جيڪي هتي جي ماڻهن کي مختلف رياستن جي سلطانن، ملڪ جي بادشاهہ ۽ حڪومت طرفان وقت بوقت ملندا آهن.)

4- ڪائو ويري.

ننهون:

1- شيوا شوبيتا.

2- پونمالار.

3- ٽئين پٽ شادي نہ ڪئي.

ناني:

1- ويلوپلائي

2- آنند راجا - اسسٽنٽ مئنيجر پرويرا حبيب بئنڪ ملاڪا.

3- گنيش راجا سنگام - هيڊ ماستر اسڪول - باتو پاهت.

4- شري برهما سنگهام - ملائيشيا شپنگ ڪارپوريشن - ڪوالالمپور.

پوٽا، پوٽيون، ڏهٽا، ڏهٽيون ۽ انهن جون زالون ۽ مڙس:

1- برهما سنگام.

2- شيوا ڪمار.

3- سٽيا سيلان.

4- وسندرا ديوي.

5- جايا پشاني.

6- ٿاوااماني.

7- گونا سيهاران.

8- شيوا پرڪاش ۽ ٻيا جملي ٻٽيهہ. ۽ ان بعد وري انهن جو اولاد يعني Grand- Grand چلڊرين - ٽڙ پوٽا، ٽڙ ڏهٽا وغيره جي لسٽ آهي.

هتي ملائيشيا ۾ مسلمانن جي موت جو اشتهار ڪو ورلي اچي ٿو سو بہ پنهنجي ملڪ وانگر مختصر تہ فلاڻي ڏينهن تي فلاڻي فوتي ڪي ثواب بخشائڻ لاءِ دعا درود يا فاتحہ قل پڙهايا ويندا. ڇو جو سيني مسلمانن جو اهوئي عقيدو آهي تہ موت بعد مري ويل سان گڏ فقط

سندس اعمال ئي رهن ٿا. مائٽ مٽ، ننڍائي وڏائي يا غريبي اميريءَ جو پوءِ سائنس ڪو ڳانڍاپو نٿو رهي. ان ڪري ڪنهن مسلمان جي مري وڃڻ بعد سندس پويان اهو سوچي اخبارن ۾ اشتهارن ذريعي سِڪ جا شعر يا پيار جا غزل نہ ڏيندا آهن تہ متان مري ويل دل ۾ ڪري تہ پوين وساري ڇڏيو. اها ڳالهہ مسلماني عقيدي، عقل ۽ اعتقاد کان پري سمجهي وڃي ٿي. جيتوڻيڪ چينين جو اهو عقيدو آهي تہ مرڻ بعد بہ سندن اهو مائٽ سائن گڏ رهي ٿو ۽ ويندي خوابن ذريعي ڪانئس هر وڏي ڳالهہ لاءِ صلاح مشورو ڪري سگهجي ٿو تہ واپار جي ڪاميابيءَ لاءِ آشيرواد پڻ وٺي سگهجي ٿي. ان ڪري ڪيترا چيني پنهنجي ويجهن مائٽن جي ياد ۾ اخبار ۾ هر سال باقاعدگيءَ سان اشتهار ڏيندا آهن خاص ڪري زال لاءِ تہ اهم آهي تہ هوءَ اشتهار ذريعي اخبار ۾ ڇپائي تہ هوءَ اڃ بہ ڪيس (مڙس کي) ياد پيئي ڪري ـ پوءِ پلي جڏهن مڙس حيات هوس تہ سجو ڏينهن موچڙن جي منهن ۾ هئي يا سجو ڏينهن پورهئي ۾ دائي جي گڏهہ وانگر رڌل هئي. پر مري وڃڻ بعد زال توڙي مڙس پنهنجي مري ويل سائيءَ جي ياد ۾ عشقيہ شعر ڏيئي مري ويل جي روح کي سڪون پهچائيندا آهن تہ ڏهہ سال گذرڻ بعد بہ مان ساڳي/ ساڳيو آهيان ۽ اجوڪي ڏينهن تي موت توکي مون کان ڌار ڪيو پر تنهنجي ياد گلاب جي تازن گلن وانگر شاداب آهي. تنهنجي غم ۾ اجان بي حال آهيان وغيره ـ جڻ ملائيشيا جي Strait- Times روزنامہ اخبار صبح سان قبرستان ۾ مرده بہ باقاعدگيءَ سان پڙهندا هجن.

چينين کان پوءِ ٻئي نمبر تي هندن ۽ سکن جا موت ناما فوٽن سميت هوندا آهن. هندن جي موت جي خبر مٿان گهٽو ڪري عنوان 'آتما شانتي پرارٿنا' (Atma Shanti Prayers) هوندو آهي ۽ پوءِ فوٽي بعد هيٺ سجو احوال تہ مسٽر رامچند نارولا (بي. اي پاس)، پي. جي. ڪي (۽ پيون بہ ڊگريون، لقب ۽ خطاب) جاين جو وڪرو ۽ ويٽ ڪنڊز ۽ نيلام هلائيندڙ، ٻاهتر سالن جي ڄمار ۾ ڪالهہ فلاڻي تاريخ تي فلاڻي وقت مري ويو. پنهنجي پويان زال ـ مئڊم رام پياري ڇڏي اٿس. ان کان

علاوه پٽ: رام ديو (لئنڊ آفيس تاپاح)، ليفٽيننٽ ڪرنل (ڊاڪٽر) رميش ڪمار (ملاڪا)، ڌيءُ: آشا ديوي (صباح اسٽيٽ لئبرري)، نُنھون: روندرا ديوي ۽ اوشا ڪماري، ناني: ڊاڪٽر انيل ڪمار ۽ پوٽا ڏھٽا: انيل ديو، واشديو، آرتي ديوي، عنوشا ۽ شائيلني.

سڄو خاندان انھن جو شڪر گذر آھي جن غم جا سنديشا ۽ گلن جا ھار موڪليا آھن. پرارٿنا آچر ڏينھن صبح جو نائين بڄي رکي ويئي آھي جنھن بعد پوڄن اپوح شھر جي مندر سناتن ڌرم سڀا ۾ ٿيندو.

ڪن ملائيشين انڊين جا مائٽ اڃان تائين انڊيا ۾ بہ آھن. جن جي موت جي خبر سندن اولاد ھتي جي اخبارن ۾ پڻ ڏئي ٿو. جيئن ان پيرسن جو ملائيشيا جي شھرن ۾ رھندڙ ڪجھہ اولاد پڻ خبر پڙھي سگھي. مثال طور ھن فوٽن جو احوال پڙھو جيڪو سندس فوٽي ھيٺان ڏنل آھي:

شريمتي لاجونتي ڌيءَ گوري شنڪر، ڳوٺ الاوالپور ضلع جالندر، عمر چوھتر سال، ھتي ملائيشيا جي شھر باتو گاجا ۾ رات مري ويئي. سندس پويان ھن پنھنجو مڙس: رام ساران پٽ نانڪ چند ڇڏيو آھي ۽ اولاد ۾ پٽ: سوھن لال، سرجيت لال ۽ ترسم لال، نُنھن ۾: ڪمليش ڪماري، درشنا، گوپي ديوي، ڌيئن ۾: ڦول راڻي، ڪرشنا پياري، پريم لتا ۽ ارمالا ۽ نائين ۾: رام گوپال باتا، گور درشن لال، جگجيت سنگھہ ۽ پوني لال ڪان علاوه پوٽاڻ ۽ ڏھٽاڻ ۾ ايڪيھہ ڇٽا ۽ پڙ پوٽاڻ ۽ پڙ ڏھٽاڻ ۾ بہ ڇٽا پنيان غم ۾ ڇڏيا اٿس. آتما شانتي پوڄا اپوح شھر جي مندر ڪرشنا ۾ نائين بڄي کان ٻارھين تائين رکي ويئي آھي. ان بعد پرٿي پوڄن ٿيندو.

سکن جي موت جي خبر مٿان عنوان پاٹ دا ڀوگ (Path Tha Bhog) لکيل ھوندو آھي تہ فلاڻي گوردواري ۾ ٿيندو. جنھن بعد لنگر ورھايو ويندو. جيئن اڄ جي اخبار ۾ سردار جنگ سنگھہ ولد سردار لوپا سنگھہ جي وفات جو اشتھار آيو آھي. جيڪو ملاڪا ۾ گذاري ويو. سندس اصل ڳوٺ مانڪ خانا ھو جيڪو پنجاب جي فريد ڪوٽ ضلع

جي هڪ شهر پاتنبا ۾ آهي. (۽ اهو سڄو احوال پڻ ڏنل آهي) سندس اولاد جو ذڪر نہ ڪيل آهي پر هڪ ٻي موت جي اشتهار ۾ اولاد جو تفصيل ڏنل آهي. هي هڪ سک عورت جو آهي. سندس فوتي بعد هيٺ لکيل آهي:

مئڊم شامڪور زال سرڳواسي سردار انوڪ سنگهہ اصل ڳوٺ مرهانا، ضلع امرتسر، پنجاب، انڊيا. ڪالهہ رات هوءَ هتي ملائيشيا جي شهر موئر ۾ گذاري ويئي. اڪنڊپاٺ جي رسم ٻئي آچر تي موئر شهر جي سک گوردواري ۾ ٿيندي. پاڻ پٺيان هيٺيون غمزده اولاد ڇڏيو اٿس. (نالن اڳيان ۽ پويان سردار ۽ سنگهہ (شينهن) ڪڍي مختصر ڪري ٿو لکان. ۽ عورتن جي نالن پٺيان ڪور (شينهڻ) جو خطاب پڻ ڪڍي ڇڏيو اٿم.)

پائر: بچن، سنتا ۽ ماتاب.

پٽ: اندر، گرچرن ۽ ڊاڪٽر سانڌو.

ڌيئون: سوارن، وير، گرچرن (ساڳيو پٽ جهڙو نالو) ۽ گيان.

ننهون: مهيندر، امرجيت ۽ ساراب جيت.

ناٺي: ناجار، ناڪر ۽ سرجيت.

پوٽا ڏهٽا: بلوندر پال، رنبير، هرجيندر، ڪشميندر، ستوندر، سنيل، راجمندر، ستيش، جگديش، راجيو ۽ وڪرم.

پوٽيون ڏهٽيون: رنجيت، سرجيت (ساڳيا نالا مردن جا بہ آهن پر مردن جي نالن پٺيان سنگهہ آهي ۽ هنن جي پٺيان ڪَور (Kaur)، هروندر، راشپال، منجيت، جاسمندر، جاسوندر، پروين، ڪرن، مانيڪا، سونيا ۽ راڻي.

پڙ پوٽاڻ ۽ ڏهٽاڻ: بلراج ۽ سمران.

چينين ۽ ڪرسچن جا ڪي ڪي موتي (مرڻ جا) اشتهار زال مڙس طرفان پنهنجي مري ويل ساٿيءَ لاءِ هوندا آهن. انهن جي مٿان عنوان In Loving Memory لکيل هوندو آهي. جيئن تہ:

"پنھنجي پياري مڙس ـ الفنسو گومبز جي ياد ۾."

"I Love and miss you, Darling, and we remember you, not just today but, everyday of our Lives."

Very, Very dearly loved and missed by wife.

ڪن ڪن ۾ تہ باقاعدي شاعري ٿيل ھوندي آھي. جيئن ھڪ مريل ويل عورت جي ياد ۾ ھر سال اشتھار ڏيندڙ مڙس ھي انون دفعو اشتھار ڏنو آھي:

"اٺ سال گذري ويا آھن تہ بہ تنھنجي ياد دل ۾ تازي آھي."

ان عنوان ھيٺ شعر ڏنل آھي:

"Your sweet memories are treasured none can steal"
Our loss is heartache none can heal.
A longing sight a silent tear for one we love so dear.

ـ تنھنجو مڙس.

يا ھڪ ٻئي اھڙي 'موت' جي اشتھاري ڪالم ۾ ھڪ زال پنھنجي مري ويل مڙس لاءِ شعر ڏنو آھي:

"Time rolls on, the shadows fall but love and rememberance out last all"

يا ست سال اڳ ھڪ مري ويل مڙس لاءِ سندس زال ۽ ٻارن جو ڏنل شعر:

We deeply love you in our Hearts,
God knows you are in our Daily Thoughts.
Though you left us seven years ago,
We can not get over it you know.
The mysteries of our Future,
Is not that easy to Gesture.

ـ تنھنجي زال ۽ ٻار.

ڪوالالمپور ۾ رهندڙ ڪجهه پاڪستاني فئمليون.

هڪ ملئي ڇوڪري پنهنجي ڏاڏيءَ سان گڏ

هتي جي هڪ تبليغي جماعت الارقم جو نشان. ۽ مذهبي وڳي ۾ ٻار.
ڏسجن



ٻہ ملئي عورتون. هڪ اسٽيج تي ڪم ڪندڙ ۽ ٻي زمين تي ڪم ڪندڙ.





ملائيشيا جي ملئي (مسلمان) ڇوڪريون پنهنجي قومي ۽ روايتي لباس ۾.

صباح ۽ سراواڪ (ايسٽ ملائيشيا) جا ماڻهو پنهنجي روايتي لباس ۾.



ملائيشيا جا مشهور "بهشتي پکي" Birds of Paradise ملائيشيا پکين ۽ جانورن کان بہ مشهور آهي.

سابق چيف منسٽر "تان سري داتڪ ڊاڪٽر محمد سعيد" سان گڏ الطاف شيخ. پاڻ ملائيشيا جو پهريو گائني سرجن هو. سندس ڪتاب "وزير اعلي جون يادگيرون" بيحد مشهور ٿيو آهي.

ملئي مسلمان ڇوڪري روايتي ملئي ڊ ـس "باجو ڪرونگ" ۾.



ڪوالالمپور ماڊرن ۽ پراڻين عمارتن ڪان پڻ مشهور آهي.

BBC جي مشهور سيريز Mind your language جي هڪ ڪردار مسٽر
برائون (ماستر صاحب) سان گڏ ڪوالالمپور ۾ الطاف شيخ



ڪوالالمپور جي هڪ مشهور روڊ جالان تنڪو عبدالرحمان تي الطاف شيخ

”نہ ڪان ڪجھ تہ سواري آهي.“ ڪجھ ملئي ڇوڪريون ڊبل روٽي ڍوئڻ واري گاڏي ۾ پيون وڃن. شايد ان ڪري فوٽو ڪڍائڻ ڪان شرمائي رهيون آهن.



پاڪستان جي نيول اٽيچي ڪمانڊر سڪندر وقار سان گڏ الطاف شيخ (1987ع)

درياھ جي ڪناري واري ڳوٺ جون ملئي زالون ٻيڙيءَ وارن کان تازيون مڇيون خريد ڪري رهيون آهن.

شهر جي هڪ ڀاڄي مارڪيٽ جنهن ۾ گهڻيون تڻيون دڪاندار عورتون آهن.

ملائيشيا جي ٽي وي ۽ فلم جون ٻہ مشهور شخصيتون: راجا ايما ۽ ليزا عثمان. (ملائيشيا ۾ عورتن جو نالو "راجا" ۽ مردن جو "راڻي" پڻ ٿئي).

کوالالمپور جو ريلوي اسٽيشن وارو روڊ.

ڪوالالمپور جون ڪجھ اوچيون عمارتون.

سنگيتا، شاهين، چڪوري ۽ آسيم
ڪي جيئڻ وٽي تيئڻ ڪن

ملائيشيا ٽي ويءَ جي ٽنهي چئنلن تان ٻين ملڪن ۽ زبانن جون فلمون پڻ ڏيکاريون وڃن ٿيون. خاص ڪري هندي، تامل، مليالم ۽ تيلگو ۾ جيڪي ڏکڻ هندستان جون زبانون آهن ۽ فلمون اتي جون ٺهيل هجڻ ڪري انهن زبانن جون فلمون انڊين سڏجن ٿيون. رات ٽي ويءَ تان پاڪستان جي اڙدو فلم ڏيکاري ويئي. فلم شروع ٿيڻ کان اڳ اعلان ۾ اناؤنسر ملئي چوڪريءَ پاڪستاني فلم چوڻ بدران پُل ۾ انڊين فلم چئي ويئي. اهو ٻڌي ڏاڍو افسوس ٿيو ۽ سوچيم ته اخبار ۾ خط ذريعي ٽي وي جي عملي ۽ ملائيشيا جي ماڻهن کي آگاهه ڪندس ته اها فلم انڊين نه پر پاڪستاني هئي. پر پوءِ خوشي به ٿي ته اهڙي بيڪار فلم جنهن کي ماڻهو ڏسي بور ٿيا ۽ گاريون ڏنائون؛ چڱو جو اسان جي ملڪ جو نالو لڪي ويو.

ميان ٿو ته اها فلم جڏهن پاڪستان ۾ ڏيکاري ويئي هئي ته هٽ هئي ۽ سيني واڪاڻ ڪئي هئي ـ پر اڄ کان ويهه سال اڳ. اڄ جڏهن دنيا جا فلم ساز فلم جي هڪ هڪ سيٽ تي اڪيا ،يا خرچين ٿا ۽ هڪ هڪ اداڪار خوبصورت ۽ Talented آڻين ٿا اتي اسان جي فلم انڊسٽريءَ جون هي پراڻيون فلمون ـ سو به ملائيشيا جهڙن ملڪن ۾ ڏيکارڻ، جتي اڳهين مقابلو سخت آهي نسورو ئي بيوقوفي ۽ ملڪ جو نالو مٽاهون ڪرڻ بدران هيٺاهون ڪرڻ آهي.

حقيقت پسند ٿي ڏسجي ته اسان جي فلم انڊسٽريءَ جو معيار اڄڪلهه صفا ختم ٿيندو وڃي بلڪ ٿي ويو آهي جنهن جو اعتراف فلم انڊسٽري وارا پاڻ به ڪن ٿا ۽ ڪيترن فلمي اداڪارن ٽي وي ۽ اسٽيج

ڊرامن ڏي ڪٽي رخ رکيو آهي. اڄ جون پاڪستاني فلمون ـ سواءِ ايڪٽر بيڪٽر جي، باقي ڪهڙي بين الاقوامي معيار جون آهن. ڪجھ هفتا اڳ هتي هڪ نئين پاڪستاني فلم بہ ڏيکاري ويئي هئي جنهن ۾ محمد علي صاحب هيرو هو.

محمد علي اسان کان گهٽ ۾ گهٽ ڇهہ ست سال وڏو هوندو. حيدرآباد ۾ فردوس سئنيما جي ساڄي پاسي وارو ٽڪرو جڏهن ميدان هوندو هو تہ اتي ڪنهن زماني ۾ (1960ع جي آسپاس) والي بال هلندي هئي. فلم ائڪٽر محمد علي، اسان وارو مائٽ نجف علي مرزا، گل (اظهر) قاضيءَ جا پائر ۽ سوٽ، سراج ميمڻ جو پاءُ عبدالحق ۽ ٻيا شام جو کيڏندا هئا. اسان سندن اڳيان ننڍا هجڻ ڪري 'لائين مئن' ٿيندا هئاسين ـــ يعني ڊر جي ڪٽڻ تي تاڙيون وڄائڻ کان علاوه پري ويل بال ڊوڙي وڃي ڪٽي ايندا هئاسين. اسان ننڍا ننڍا تہ بہ هينئر (1984ع) عمر جو چاليهون سال ٽپڻ وارا آهيون يعني محمد علي تہ پڪ هن وقت پنجاهہ جي ويجهو پهچڻ وارو هوندو. پر پاڪستان ۾ لڳي ٿو تہ فلمي هيرن جي ايڏي کوٽ آهي جو محمد علي اجا تائين فلمن ۾ هيرو جا رول پيو ڪٽي. ڪو خاص اعتراض ناهي. ڀلي هيرو ٿئي. ڪن ڪن فلمن ۾ هيرو پوڙها بہ ٿيندا آهن. پر هن عمر ۾ هيرو کي فلم ۾ ڪنهن اسڪول جو شاگرد ڏيکارڻ سراسر ناانصافي آهي. محمد عليءَ جي نئين فلم جيڪا ويجهڙائيءَ ۾ ملائيشيا ٽي ويءَ تان ڏيکاري ويئي هئي تنهن ۾ محمد عليءَ جو ڪجھہ اهڙوئي پارٽ هو. اسڪول مان اچي پنهنجي منتظر ماءُ کي ڀاڪر پائي چوي ٿو:

"امي امي مين ڪلاس ۾ اول نمبر آيا هون." ـــ هاٿي سائين ڏيو منهن. يعني حد ٿي ويئي. چيو محمد عليءَ، شرم اسان کي پئي آيو تہ ملائيشيا ۽ سنگاپور ۾ لکها پاڪستاني، هندستاني، چيني ۽ ملئي ماڻهو اهو ڏسي ڇا پاڪستاني فلمن بابت اثر وٺندا.

گهٽ ۾ گهٽ اسان جي دلپسند همراهہ محمد عليءَ کي تہ عمر جي تقاضا موجب رول ڪٽڻ کپن. نيلو، سنگيتا، آسيہ، شاهين، چڪوري ۽ زمرد جهڙين کي جيئن وٽي ٿيئن وڃي ڪن.

ڪانگ ـــ عاشقن جو فيوريٽ پکي.

وڏي پشيماني تي ڪانگن جهرڪين يا ڪوئن ڪتن کي پهرين تہ خبر ناهي ڪهڙي ملڪ ۾ حڪومت ۽ عوام گڏجي مارڻ شروع ڪيو. پر اسان اهي لقاءَ پهرين پهرين چين ۾ ڏٺا ـ مائوزي تنگ جي ڏينهن ۾. ڪين مارڻ جو سبب: اهي پکي ۽ جانور گندگي ڪن ٿا. فصل کي نقصان رسائين ٿا. بيماريون پکيڙين ٿا، وغيره. رول ڪتن کي تہ پنهنجي ملڪ ۾ بہ ميونسپل ڪاتو ماريندو رهندو آهي ـ يا گهٽ ۾ گهٽ مارڻ جي ڪوشش ڪندو رهندو آهي.

گذريل سال هتي ملائيشيا ۾ ڪانگ مارڻ جي مهم هلائي وئي. جنهن ۾ شهر جي ماڻهن هفتي اندر هزارين ڪانگ ڊيري ڪري ڇڏيا. اڄ ڪان پندرهن سال کن اڳ پڻ ملائيشيا جي ڪجهہ شهرن ۾ ڪانگ ماريا ويا هئا، ۽ فقط ڪوالالمپور واري علائقي ۾ ڪوڙڪن، بندوقن ۽ گليلن سان ڏهہ هزار کن جيترا توڙي مئل ڪانگ گڏ ڪري هڪ وڏي کڏ ۾ پوريا ويا هئا. ان بعد ڏهاڪو کن سال ڪانگن جو تعداد ان حد تائين نہ وڌيو جو ماڻهو دانهون ڪوڪون ڪن. پر هاڻ ويجهڙائيءَ ۾ ڪانگن جو آزار ايترو وڌي ويو جو هر روز اخبارن ۾ ماڻهن جون رڙيون خطن ۽ خبرن وارن ڪالمن ۾ اچڻ لڳيون هيون.

ڪانگن سڀ کان گهڻو شايد پينانگ رياست جي ماڻهن کي تپايو جو اتي جي ماڻهن جون دانهون ڪجهہ وڌيڪ ئي ٻڌڻ ۾ آيون ٿي.

”ڪانگ پلا توهان کي ڪهڙي تڪليف رسائين ٿا؟“ انهن ئي ڏينهن ۾ آئون پينانگ ۾ هوس سو هوٽل جي هڪ ٻئري کان پڇيم.

”ڪانگ ٿي وي جي انٽينائن تي ويهي، انهن کي نقصان رسائين

ٿا،" هن وراڻيو. ۽ پوءِ دريءَ اڳيان لنگهندڙ هڪ ٿلهي متارو ڪانگ ڏي اشارو ڪندي چيو: "انٽينا کي ڪيرائڻ لاءِ ههڙا بہ ڪانگ ڪافي آهن. اسان جي گهر جي انٽينا کي پڻ ڪيترا ڀيرا چهو ڪري چڪا آهن."

ملائيشيا ۾ گهٽي مينهن وسڻ ڪري گهرن جون ڇتيون پاسيريون ناهيون وڃن ٿيون جيئن پاڻي گڏ ٿي ناري مان وهڻ بدران سنئون سڌو هيٺ ترڪندو وڃي. ڳوناڻن گهرن جون اهي پاسيريون ڇتيون ڪاٺ ۽ ڪک ڪانن جون ناهين ۽ شهري گهرن جي ڇتين مٿان گهٽو ڪري ڳاڙهي رنگ جون سنهيون سرون (ڪپريل) رکيون وينديون آهن جيڪي هلڪيون ۽ ٺاڪئون ٺين ٿيون. ڪانگن جي وهڻ ڪري اهي سرون پٽ تي ڪري نہ فقط ڀڄن ٿيون پر ڪڏهن ڪڏهن ماڻهن ۽ موٽرن جي مٿان ڪري انهن کي پڻ نقصان رسائين ٿيون.

پينانگ بيٽ جي ڀئي پاسي بٽر ورٿ شهر ۾ هڪ پراڻي ملئي واقفڪار هاشم الدين جي گهر ويس. سندس پوڙهي ماءُ ڪانگن کي پٿون پاراتا ڏيندي مون کان پڇيو: "ابا توهان جي ملڪ ۾ بہ ڪانگ آهن يا اها باهہ رڳو هتي ملائيشيا ۾ پيئي ٻري؟"

ڪلي چيومانس: "ماچي! (ملئي زبان ۾ ماسيءَ کي ماچي چون) ڪانگ اسان جي ملڪ ۾ بہ ڏنگايون ڪن ٿا پر اسان سنڌين اڳيان ڪانگ جي ڳالا سوچي سمجهي ڪجانءِ. هو ڪارو آهي، ڪوجهو آهي پر اسان لاءِ بيحد پيارو آهي. هو سڪ جو سنديشو ڪٽي اچي ٿو. اسان جي پاسي هو عاشقن جو فئوريٽ پکي آهي. اسان جي ملڪ ۾ ڪانگ ڪيانتو ڏيئي انهن مهمانن جي آمد جو پڻ اطلاع ڪندو آهي جن آئي من سرهو ٿئي. اسان جي ملڪ ۾ ڪانگ پيار جو قاصد سمجهيو ويندو آهي جنهن قرب ڀري ڪانگل کي اڏائڻ بدران اسان وٽ آڌر ڀاءُ ڪيو ويندو آهي. آءُ ڪانگا ڪر ڳالهہ مون سان مون پرين جي. جيسين انگريزن ٽپال ۽ تار ڪاتو شروع نہ ڪيو هو تيسين موملون ـ خاص ڪري ڪيچ پوچ، جوڌ مڪران جون، نياپا موڪلڻ لاءِ ڪاڪ جا ڪانگ اڏائيندي هيون ۽ سدا سهٽا راٽا پنهنجي دل، جگر ۽ جيرن جا ٽڪرا ۽

آخري نشانيون موڪلڻ لاءِ ڪانگن کي Hirc ڪندا هئا. جن کي توهان هينئر Firc ڪرڻ جي موڊ ۾ آهيو:

آءُ ڪانگا تو ڏيان ڪڍي جان جگر جيرو،
تہ وڃي ڪاءُ ولايت ۾ جتي محبوبن جون ديرو،
تہ من پڇن هڪ پيرو، تہ هيءُ قرباني ڪنهن ڏني.

هاشم جي پوڙهي ماءُ کي منهنجيون ڳالهيون بنهہ نہ وڻيون. پوڙهي مائهوءَ جي ڳالهہ کي هونءَ بہ رد ڪد ڏي تہ هڪدم چڙي پوندو آهي. سو ڪانگ جي ايڏي تعريف ٻڌڻ تہ نياپا ڪٽي ايندو آهي، ڪانئس بنهہ سٺو نہ ٿيو. چڙ مان مٿي تي هٿ هٽي چيائين:

”اهو توهان وٽ عشق جا نياپا ڪٽي ايندو هوندو. هتي ملائيشيا ۾ تہ ڪانگ سڄي پاڙي جو ٻهر ۽ مئل ڪوئن ڪڪڙن جا هڏائان پيرا ڪٽيو ٿو اڇي پوءِ يا گهر گونهہ ڪندو آهي يا ڇت تي ڦتا ڪري ويندو آهي جن جي ڌپ هفتو هفتو پيئي هلندي آهي.“

سندس اها موڊ ڏسي ماٺ تي ويس نہ تہ اجان ٻڌائڻ وارو هوس تہ ڪانگ نہ فقط سنڌ ۾ پر سڄي هند ۾ پڻ ڳايو وڃايو وڃي ٿو:

”ڪاگا سب تن ڪائيو،
چُن چُن ڪائيو ماس،
دو نينا مت ڪائيو،
انهين پيا ملن ڪي آس.“

ملائيشيا جي يونيورسٽي آف سائنس جو پروفيسر جي - ڪي - چارلس ڪانگن تي مڃيل اٿارٽي آهي. هن سڄي ڄمار ڪانگن تي ڪوجنا ڪئي آهي. تنهن ٻڌايو تہ ڪانگن جي وڌندڙ ڏنگاين لاءِ ماڻهن کي ٿي ڏوهہ ڏيڻ کپي جيڪي گهر جو ٻهر ۽ ٻچيل سڇيل کاڌو پلاسٽڪ جي ٿيلهيءَ ۾ بند ڪرڻ بدران ائين ئي اڇليو ڇڏين. جن کي پوءِ ڪانگ ۽ ڪوئا هڪ طرف لوئي جيڏانهن ڪيڏانهن پکيڙين ٿا تہ ٻئي طرف ان کي کائي ٿلها متارا ٿين ٿا.

پروفيسر صاحب ٻڌايو: ”ڪانگن کي بندوق سان مارڻ مان ڪو

خاص فائدو ناهي. سنئو طريقو اهو آهي تہ ماڻهو صفائيءَ تي زور ڏين. چاڪاڻ جو گندگيءَ ڪري ڪوئن ۽ ڪانگن جي ويجهہ ۾ واڌارو اچي ٿو. خاص ڪري ڪاڏي جي اوبر سوبر کي ٿانئيڪي هنڌ تي اچلائڻ کپي جتان ميونسپالٽيءَ جي گاڏي هڪدم ميڙي وڃي.

”ڪانگن جي خاتمي جو هن ٻيو اهو طريقو ٻڌايو تہ سندن آکيرا، ڊاهي آنن يا ٻچن کي ناس ڪرڻ کپي. 1973ع ۾ پينانگ ٻيٽ تي ڪانگن جي آدم شماري ٻہ هزار کن مس هئي ۽ هاڻ ٻارهن سالن اندر چئوٽي پنجوٽي ٿي ويئي آهي. ملائيشيا ۾ ڪانگ جهڙو ڪنو پکي اصل ۾ ٻنهہ نہ هو. هن صديءَ جي شروع ۾ ڪجهہ جهازي سريلنڪا کان ڪجهہ ڪانگ ڦاسائي هيڏانهن ڪئري ٻيٽ تي ڪٺي آيا. (جيڪو ڪوالالمپور جي ويجهو آهي) ۽ پوءِ ڏسندي ئي ڏسندي سڄي ڪوالالمپور ۽ اوسي پاسي جي شهرن ۾ ٽڙي پکڙي ويا. هاڻ ملائيشيا ۾ جتي ڪٿي ڪانگ نظر اچن ٿا.“

هتي جو ڪانگ سنڌي ڪانگ کان ٿلهو ۽ ڳچيءَ جي ڪنين سوڌو ڪارو ٿئي ٿو. اهڙا ڪانگ ڪوئٽيا ۽ ايران ۾ نظر اچن ٿا.

ڪانگن کان بيزاريءَ جو ذڪر ڪجهہ عرصو اخبارن ۽ ماڻهن جي وات تي جڏهن هليو تہ سرڪار نيٺ سخت قدم کڻڻ جو فيصلو ڪيو. مختلف ميونسپالٽين طرفان هن پکيءَ کي مارڻ لاءِ ڏينهن ۽ انعام مقرر ڪيو ويو تہ ان ڏينهن تي صبح کان وٺي ڪانگن تي ٺانا ٿي وڃي. ڪٿي ٻہ وهڻ نہ ڏجين. في ٻچ جيئري يا مئل ڪانگ لاءِ ڏيڍ ڊالر (ڏهہ رپيا کن) انعام. جيئن پاڻ وٽ ڊور ڊگي ٻڪري رڍ جي ڳٽپ لاءِ ’ڪن‘ لفظ استعمال ٿيندو آهي تيئن ملئي زبان ۾ جانور توڙي پکيءَ لاءِ 'EKOR' يعني ’ٻچ‘ ڳٽبو آهي.

هن وقت منهنجي ٽيبل تي اهو دلچسپ پوسٽر پڻ رکيو آهي جيڪو ميونسپالٽيءَ وارن ڪانگن کي مارڻ لاءِ شهر جي پٽين تي هنيو هو. پوسٽر تي هڪ ڪانگ صاحب جو رنگين ڪارٽون آهي. (يعني پاڻ تہ ٽيو بلئڪ ائنڊ وائيٽ باقي ڪپڙا گنديون ۽ بئڪ گرائونڊ جون ٻيون

شيون رنگين ڏيکاريل آهن. همراهہ جيل جي لوهي تارن پويان پنهنجا ڪنپ ڪولي بالمہ تيو بيٺو آهي. پٺيان ڦاهيءَ جي سرڪڻ لڏي رهي آهي. سندس ڳچيءَ ۾ هار وانگر پيل تختي تي سندس مرڻ جي تاريخ لکيل آهي. ڳاڙهي رنگ جو ڪوٽ ۽ مٿي تي ڪاسترو ٽائيپ ٽوپي رکيل آهي. آخري وقت تي ڪيس ڳارين سان گڏ گلدستو پيش ڪرڻ واري اها عزت افزائي خبر ناهي ميونسپالٽي وارن ڏني آهي يا آرٽسٽ پنهنجي طرفان. ڪانگ بهادر جو وات ـ يعني چهنب سڄي کليل آهي. عوام اڳيان شايد آخري تقرير ڪري رهيو آهي. سندس ان تصوير مٿان وڏن اکرن ۾ لکيل آهي: HAPUSKAN GAGAK ــــ يعني ڪانگ کي ناس ڪريو. ملئي زبان ۾ ڪانگ کي گاگاڪ چئجي ٿو. ان اطلاع هيٺان سندس سر جي قيمت لکيل آهي:

BAYARAN 1.50 DOLLARS SE EKOR

في پيچ ڪانگ جي قيمت ڏيڍ ڊالر. هتي جو ننڍڙڪو ڪانگ راءِ ڏياچ تہ آهي ئي ڪونہ جنهن جي سر جي قيمت سونين گنين جو ٿالهہ رکيو وڃي. هر وقت ٽڪ بجو ڪائيندڙ هن پکيءَ لاءِ هتي ڏيڍ ڊالر بہ گهڻو ٿيو.

پينانگ شهر جي ميونسپالٽيءَ جو سيڪريٽري سردار تعبير سنگهہ نالي هڪ سک آهي جنهن جا ڏاڏا پڙڏاڏا امرتسر پنجاب کان لڏي هتي آيا هئا. تنهن پنجابي ڳاڙر اڙدوءَ ۾ ٻڌايو:

”سرڪار! هي پکي کهڙو چڱو مڙس آهي. بهرحال سندس بُڻ بُنياد تہ اسان بہ صفا چٽ ڪرڻ نٿا چاهيون. ڇو جو هن پکيءَ مان ڪجهہ فائدا پڻ آهن. جهڙوڪ: ڪوئن کي ڪائي ناس ڪري ٿو. روزانو رستن تي مئل نانگ، سانڊن، ڳوهن ۽ ڪڪڙين جي صفائي ڪري ٿو ـ جيئن هندستان پاڪستان ۾ اهو ڪمہ ڳجهون يا ڳنگياٽيون ڪن ٿيون. اسان ڪانگ جي فقط گهڻائي ختمہ ڪرڻ چاهيون ٿا. ڇو جو هاڻ هو ايترو وڌي ويا آهن جو راڄ ۾ رڙ پئجي ويئي آهي. ونين جي ڊپ کان ماڻهن وٽن هيٺان وهڻ ڇڏي ڏنو آهي. رسيس ۾ اسڪولي ٻار کا شيءِ نٿا کائيو

سگهن. ۽ ساڳي وقت هيليڪاپٽرن ۽ هوائي جهازن جي اڏام لاءِ پڻ مسئلو پيدا ڪيو اٿن...."

بهرحال مقرر تاريخ کان ملائيشيا ۾ ڪانگ جي خلاف مهم شروع ٿي ۽ ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ سرڪار توڙي عوام پوري زور شور سان حصو ورتو ۽ ڪوالالمپور جهڙن شهرن ۾ تہ پهرين ٻن ڏينهن ۾ ئي، اخباري اطلاع موجب، چوڏهن هزار ڪانگ ماريا ويا ۽ اهڙي طرح هفتي اندر ڪانگ جو تعداد ايترو گهٽ ڪيو ويو جو هاڻ آسمان تي ورلي ڪو ڪانگ نظر اچي ٿو.

نيو فيلڊس طرفان الطاف شيخ جا ڇپيل ڪتاب

1- اناميڪا
2- منهنجو ساگر، منهنجو ساحل
3- پيار جي گهٽ
4- وايون وڻجارن جون
5- سي پيڙيون رکين پاڄه سين
6- دنيا آهي ڪاڪ محل
7- سمونڊ جي ساٽيهه
8- بندر بازاريون
9- سمونڊ جي سيوين
10- سي ئي جوين ڏينهن
11- بندر ديسان ديس
12- خبرون کيڙائن جون
13- ڪويت ڪنارا
14- ڇا جو ديس، ڇا جو وديس
15- جاني ته جهاز ۾
16- جپان جن جي جيءُ سان
17- ڳالهيون تنهن جپان جون
18- خدا ڏي خط
19- جپان رس
20- سانباهو سمنڊ جو
21- موج نه سهي مڪڙي
22- الطاف شيخ جي نوٽبڪ تان
23- بهترين سفرناما
24- لنڊن تائين لفٽ
25- پارن جون آڪاڻيون
26- مس سدا بهار چنبيلي (ترڪيو جي گيشاگرل)
27- مڪليءَ کان ملاڪا تائين
28- سنگاپور ويندي ويندي
29- ڪوالالمپور ڪڄهه ڪوهه
30- ماستر هريامر جو بئنڪاڪ وڃڻ
31- ڊنگيءَ منجهه درياهه
32- ڏاهي جهرڪي ۽ پيون آڪاڻيون
33- جت جَرَ وهي تو جال
34- يادين جي اندلٽ
35- ڳالهيون آهن ڳچ
36- اي جرني ٽو ٿائليند
37- سوزيءَ سان پيار
38- *Proverbs of Far- East*
39- اوهريا جي عميق ڏي
40- اڇن جي ملڪ ۾ اسين ڪارا
41- ملير کان مالمو
42- جت برف پئي ٿي جامر
43- ڪراچي کان ڪوپن هيگن
44- ارائونڊ دي ورلڊ
45- رني آهي گهوٽ سان
46- يورپ جا ڏينهن يورپ جون راتيون
47- اي روڊ ٽُ مدينه

الطاف شيخ جا پيهر شايع ٿيل يورپ متعلق ٻه سفرناما

”اڇن جي ملڪ ۾ اسين ڪارا“

سفرنامي جي ڪجهه ڳالهين (عنوانن) جو ذڪر:

* ڪراچيءَ کان ڪوپن هيگن تائين پيش ايندڙ دلچسپ ڳالهيون * جهازن جو مالڪ ڪنڌ وٺي روئي * عقل وڏو يا پاڏو * سمنڊ ۾ هڏي مرڻ پوءِ جي ڳالهه آهي * فارينر کي کهڙي نانگ کاڌو آهي * يورپ جا ٿڌي هوا کان برف ڪوسي * هر ڳالهه ۾ اسان پاڪستاني ليٽ * ڪئپٽن ڪڏهن به رستو نه پلبو آهي * جهاز رانيءَ لاءِ ڇا ضروري آهي * سڀڏن ۾ پهرين عيد * سمهڻ ڪيي يا صفائي * ريڊ انڊين کان سبق حاصل ڪريو * حَسين حبشڻ ـ گهانا جي ايلس * گيانا جو مسٽر انگلش * آفريڪا جا شيدي * يورپ ۾ مسلمانن جو مسئلو * يورپ جو ويڪ اينڊ * ماڻهو ولايت ۾ ڇا لاءِ رهي ٿو * عرب به سستي مارڪيٽ ڳوليندا وتن * ٻار پالجي يا ڪتو * وچ واريون نوجوان ڇوڪريون * روسي اسان جا مائٽ * روزو ۽ شراب * حبشي ديوَ آدم بوءِ ڪندو ايندو * عربي ڊريس ۽ سنڌي ٽوپي * جوتن جو خيال رک * جهازن جا مالڪ فرشتا نه آهن — وغيره وغيره. تنهن ڪانسواءِ 16 صفحن تي خوبصورت تصويرون ڏنل ـ ڪمپيوٽر تي ڪمپوز ٿيل ـ صفحا 224 ـ خوبصورت ٽائيٽل ـ پڪي جلد ۾ ـ قيمت -/100 رپيا.

ملير کان مالمو

سفرنامي مان ڪنيل ڪجهه ٽڪرا:

* هتي جون گوريون رنون به هنن شيدين تي مرن ٿيون. مون ته ڪيترا دفعا ٽراءِ به ڪيو آهي پر اڃا تائين ڪا سڀڏن جي ڇوڪري ته ٺهيو پر پولينڊ جي پوڙهي به منهنجي اڳيان گاهه نٿي وجهي. سمجهه ۾ نٿو اچي ته ڪيئن حاصل ڪجي... * هنن کي گرمي واقعي لڳي ٿي. سوير يونيورسٽيءَ جي پر واري بيچ (ساموندي ڪناري) تان آئون واڪ ڪري پئي لنگهيس ته ڪيتريون ڇوڪريون ۽ وڏي عمر جون زالون چولا ۽ باڊيون لاهي ڇپر تي ليٽيون پيون هيون ۽ ... * ايشيائي ۽ آفريڪائي ڪجهه سيءُ محسوس ڪري ڪجهه وڌيڪ سيءَ جي اچڻ جي ڊپ کان سٽيٽر پائي پئي هليا. پر هتي جا يورپي ڇوڪرا ڇوڪريون، مرد عورتون شهر ۾ فقط گنجين ۽ چڊين ۾ پئي هليا. پارڪن ۽ سمنڊ جي ڪناري تي ته عورتون گنجين ۽ باڊين کي به لاهي اُس جو سيڪ وٺنديون هيون. هڙن ڏينهن ۾ هتي جي عورتن جو سمنڊ جي ڪناري تي اگهاڙو ٿي ليٽڻ پوڻ ڪو عيب يا خراب ڳالهه نه سمجهيو ويندو آهي... * سندس مئڪسيءَ جا چاڪ چيلهه کان وٺي هيٺ تائين کليل هئا. مصراعن جي وچ ۾ ميوزڪ تي نچڻ مهل جڏهن جهمر هنيائين ٿي ته مئڪسي مٿي کڄي ويئي ٿي ۽ سٿرن تائين سندس اگهاڙيون ٽنگون نظر آيون ٿي. اسان جي اڳيان ويٺل همراهن... * پوءِ سنهي See Through ٽائيپ پهريل ڊريسن ۾ ڇٽن مصري يا موراڪو جي عربيائين جيڪا ڊانس ۽ ناچ نچڪو ڪيو ان کي ته هتي جا يورپي به ڏسي ٺري پيا هوندا پر پاڪستانين لاءِ.....

صفحا 200 ـ 16 صفحن تي خوبصورت تصويرون ڏنل ـ خوبصورت ٽائيٽل ـ پڪي جلد سان. قيمت -/90 رپيا.